
# تذڪره امير خاني

سيد حسام الدين راشدي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تذڪرهٔ امير خاني

(سنڌ جي هڪ علمي ۽ تاريخي خاندان جا مفصل حالات)

مؤلف

سيد حسام الدين راشدي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2005ع

[هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ اهن]

ڇاپو پهريون    ڊسمبر 1961ع    تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو    سيپٽمبر 2005ع    تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ ستر رپيا
[Price Rs.170-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(فون ۽ فيڪس نمبر: 2633679 - 022)

**Email Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي جڳ مشهور "تاريخ رتا" ۾ جن ڪتابن کي غير معمولي اهميت حاصل آهي، تن ۾ هيءَ ڪتاب بہ شامل آهي. "تذڪرهٔ اميرخاني" جي سري هيٺ هن تحرير ۾ هڪ اهڙي علمي، ادبي ۽ تاريخي خاندان جا مفصل حالات ڏنا ويا آهن، جنهن سنڌ اندر مغل دور حڪومت ۾ ڊگهي عرصي تائين سنڌ جي ماڻهن تي راڄ ڪيو آهي. انهيءَ خاندان جي سنڌ تي حڪمراني ڪرڻ جي پوري هڪ تاريخ آهي، جيڪا انتهائي اهم واقعن ۽ معاملن سان ڀري پئي آهي. مغل حڪمرانن جي انهيءَ نمڪ خوار ۽ وفادار خاندان جي سمورن فردن جا حالات هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇپائڻ جو سهرو سنڌ جي نامور مؤرخ سيد حسام الدين راشديءَ جي سر تي سجي ٿو. راشدي صاحب وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هن خاندان جي مشهور ۽ معروف فردن جا حالات مختلف ڪتابن تان نقل ڪري "تذڪرهٔ اميرخاني" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ مان ڇپائي پڌرا ڪيا.

هن ڪتاب جي اڀياس ڪان پوءِ اڄ کان ڪي بہ - ٽي صديون اڳ ٿڌهوڪي سنڌ جي قبيلن ۽ ماڳن مڪانن سميت ان دور جي پوري سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي ريتن رسمن جو تاريخي پسمنظر اکين جي اڳيان تري بيهي ٿو.

علمي جاڪوڙ سان ڀريل هيءَ هڪ وڏو ۽ مشڪل ڪم هو، جنهن کي توڙ نيائڻ ڪنهن جهڙي تهڙي مؤرخ جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ڇو تہ هڪ ڏاريئي خاندان جا حالات مفصل انداز ۾ گڏ ڪرڻ ۽ وري انهن کي چنڊي ڇاڻي ڇپائيءَ لائق بڻائڻ، وڏو محنت طلب ڪم آهي، جنهن تي سيد حسام الدين راشديءَ جهڙو مستقل مزاج مؤرخ ئي ڪم ڪري ٿي سگهيو.

هن ڪتاب جي اهميت بابت مؤلف سيد حسام الدين راشدي ديباچي ۾ لکي ٿو تہ: "تذڪري جي سلسلي ۾ تحقيق ۽ تلاش ڪندي، مون کي سخت محنت ڪرڻي پئي آهي. پڙهندڙ، اڳتي پڙهندي، ان جو اندازو ڪري سگهندا. ڪافي ڪتاب ڏنا اٿم ۽ سوين ورق اٿلايا اٿم. رب ڪريم جي امداد شامل حال رهي، تلاش ڪندي اُهي اُهي نوشتا ميسر ٿيا ۽ اُهي اُهي ڪتاب هٿ لڳا،

جن جو ابتدا ۾ وهم گمان بہ نہ هو."

بيشڪ ان ڳالھہ ۾ شڪ نہ آهي، تہ سيد حسام الدين راشدي اڄ جي نامِ ڪَـنين محققن جيان رڳو ڪتبخانن ۾ ويهي، چانهيون پيئي بين ڪان ڪتاب ڪولرائي تحقيق جو ڪم نہ ڪرايو هوندو. هن صاحب پاڻ هُرتو پنهنجي ذاتي توڙي سرڪاري ڪتبخانن کان علاوه ڳوٺن ۽ وستين واهڻن جا سفر ڪاٽي هن رتا ڪي توڙ پهچايو هوندو.

اسان اميد ڪريون ٿا، تہ هيءُ محنت طلب ۽ تاريخي ڪتاب جنهن محنت ۽ پيار سان نئين سر ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهيون، اُن ساڳي جذبي سان ما' 'رن پڙهندڙ دوستن وٽ بہ قبول پوندو.

چام شورو، سنڌ
جمعو 14 - جمادي الثاني 1426هہ
بمطابق 22- جولاءِ 2005ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


**ديباچو ص.1 - 6**

**مير ابوالقاسم نمڪين:**

والد ۽ وطن ص. 7، ميرزا حڪيم جي ملازمت، نمڪين جو لقب ص. 8، مظفر گجراتيءَ سان معرڪو ص.10، داؤد خان جي مهم ص.10، داؤد خان سان جنگ ص.13، ميرزا حڪيم جي بغاوت ص.13، قتلو خان جي بغاوت ص.15، بلوچن جي سرڪوبي ص.15، آصف خان ص.15، ڪالو خان افغان ص.17، بکر جي جاگير ص.18، سيويءَ جي مهم ص.20، ڪشمير، بهار، سيوهڻ ص.22، سيوهڻ جي انتظامي اصلاح ص.23، ميرزا غازي ترخان ص.27، قنڌار ۽ جلال آباد، گجرات جي تيولداري ص.29، خسروءَ جي بغاوت ص.29، جلال آباد ۾ مير نمڪين ص.32، باجور جي قلعيداري ص.33، سيوهڻ ۾ دوباره آمد ص.34، قنڌار روانگي ص.36، سيوهڻ جو قيام ص.38، صفهء وفا ص.38، لکياري ساداتن سان سلوڪ ص.39، مير نمڪين جو انتظام ص.41 قنڌار جي روانگي ص.43، وفات ص.44، سيوهڻ جي جاگير ص.45، بکر جي سکونت ص.46، لطيفو ص.46، خانيءَ جو خطاب ص.48، مير صاحب جا آثار ص.48، بسيار خوري ص.49. **اولاد:**ص.50، ميرزا ڪشميري ص.51، ميرزا حسام الدين ص.51، ميرزا يدالله ص.52، مير لطف الله ص.52، مير ابوالبقا ۽ ميرڪ يوسف ص.52، ڌوهٽا: محمد رحيم ص.53، مير ابوالنصر ص.53، مير محمد اسلم ص.53، مير محمد نعيم ص.54، هلال خان خواجہ سراءِ ص.54، علمي يادگار ص.55، منشئات النمڪين ص.56، مير صاحب جي هڪ تحرير ص.57.

**مير ابوالبقا امير خان ص.59:**

سيوهڻ ۾ پيءُ جي نيابت ص.59، سميجن سان معرڪا ص.59، جوڻيجن جي پرڳڻي تي چڙهائي ص.61، سيوهڻ جي سميجن تي ڪاهه ص.62، ٻيو حملو ص.62، جهانگير آباد تي مير فتحيءَ جي چڙهائي ص.63، اوٻاوڙي ۽ گنجابي جي جاگير ص.64، سيوهڻ جي جاگير ص.66، سيوهڻ جا گدرا ص.66، ٻکيجن جي گوشمالي ص.68، باغبان تي چڙهائي ص.68، انڙن سان مقابلا ۽ مجادلا ص.69، نهمردين جي گوشمالي ص.72، ٺٽي جي صوبي ۾ جاگير ص.73، سرڪار چاچڪان جي جاگير ص.73، ڪي خاص واقعا ص.74، ڪانگڙي جي مهم ص.74، ملتان جي نيابت ص.75، ٺٽي جي صوبيداري ص.76، شاهجهان سان بدسلوڪي ڪندڙن جو

حشر ص.77، نڪامڙن ۽ ڪيهرن جو استيصال ص.77، هالن جي بربادي ص.78، شير خان افغان ص.80، هالن جي قريب ابڙيجن وارو قلعو ص.81، شڪار ص.82، جوناڳڙهہ جي نظامت ص.82، علامہ بير جي تيولداري ص.85، سيوهڻ جي نظامت ص.86، ٺٽي جي دوباره حڪومت ص.86، ٺٽي جي جامع مسجد ص.87، مسجد اميرخاني ص.88، امير آباد ص.89، محلو امير خاني ص.90، وفات ص.90، آخري آرامگاهہ ص.91، خطاب ۽ منصب ص.93، فهم و فراست ص.94، شاعري ص.94، **اولاد**: مير عبدالرزاق ص.95، مير ضياءُ الدين يوسف ص.97، عتيق الله ص.99، شمس الدين خان ص.104، ابوالقاسم ص.104، نياڻي زوجہ شاهزاده مراد بخش ص.104، امير عبدالڪريم ۽ مير ابوالمڪارم ص.105، امير خاني سادات ص.105، هڪ دستاويز ص.105.

**يوسف ميرڪ: ص.107**

باجور ص.108، منصب ۽ سيوهڻ جو قيام ص.108، شمشير خان سان دوستي ص.109، سميجن ۽ انڙن تي چڙهائي ص.110، چانڊين تي چڙهائي ص.113، باريجا بلوچ ص.114، نهمردين تي ڪاهہ ص.115، شمشير خان جو تبادلو ص.117، احمد بيگ ص.117، يوسف ميرڪ ۽ احمد بيگ ص.121، ميرڪ جو دربار ڏانهن سفر ص.124، بکر ۾ پهچڻ ص.125، ملتان ۾ رسڻ ص.125، مظهر تدبير ص.125، احمد بيگ جو تبادلو ص.126، ديندار خان ص.128، تصانيف ص.130، مظهر شاهہ جهاني ص.134، وفات ص.139، عقيدا ص.140.

**مير عبدالڪريم امير خان سنڌي:**

عالمگير جي ملازمت ص.140، حيدرآباد جي سفارت ص.142، لشڪر جي ڪروڙي گري ص.143، ملتفت خان جو خطاب ص.143، خطاب ۽ القاب ص.143، مقرب خاص ص.144، عظمت ۽ وقار ص.146، عالمگير جي وفات کان پوءِ ص.147، اڪبر آباد جي قلعيداري ص.148، فرخ سير جو عهد ص.148، انتقال ص.149، علم و فضل ۽ شاعري ص.150، **اولاد**: ابوالخير خان، مير سيد اشرف خان ص.151، رقائم ڪرائم ص.152، دلچسپ واقعو (ڪامگار خان) ص.153.

**مير ابوالمڪارم شهود:**

علم و فضل ص.154، تصانيف ص.155، متفرق ڪلام ص.155، وفات ص.159، **اولاد**: مير امين الدين خان، مير رضي الدين خان فدائي، مير حافظ الدين خان، معين الدين خان ص.159.

**مير امين الدين خان حسين:**
نثي جي ايالت ص.160، علم و فضل ص.160، تصانيف: رشحات الفنون ص.161، معلومات الافاق ص.166، تعليم ص.169، شاعري ص.169، وفات ص.170، **اولاد:** مير متين الدين خان، مير محمد گدا، مير محمد عطا ص.178.

**مير متين الدين خان:**
نٿي جي ديواني ص.171، پروانا ۽ تاريخون ص.172، عطا جو قصيدو ص.173، وفات ص.174، **اولاد:** مير محمد غوث، مير ابوالمفاخر ص.175.

**مير محمد گدا: ص.177.**
شاعري ص.178، مزار ص.178، ڪتبو ص.178.

**مير محمد عطا:** ص.178.
وفات، مزار، ڪتبو ص.179، شعر ص.179، شاهه لطيف سان دوستي ص.180.

**مير رضي الدين "فدائي":**
ديوان، شاعري، ڪلام ص.181، وفات ص.183، تاريخ وفات: مير حيدرالدين ابو تراب ڪامل ص.184.

**مير حيدر الدين ابوتراب "ڪامل":**
فضيلت علمي ص.184، شعر و سخن ص.185، تصانيف، شاگرد ص.185، مير علي شير قانع، محمد پناهه رجا ص.186، مير ابوالبقا بهرور علي ص.188، هڪ دلچسپ واقعو ص.188، فارسي ڪلام ص.189، اردو شاعري ص.193، تاريخ وفات ص.210.

**مير حافظ الدين:**
**اولاد** ، فضيلت علمي، **مير حفيظ الدين:** فضيلت علمي، هندي فارسي شاعري، ايهام گوئي ص.211، زمانہ حيات ص.211.

**مير معين الدين خان:**
صاحب حال وقال، فارسي شاعري، تاريخ وفات ص.213، ٽي امير خاني شاعر: مير ولي اعظم ص.214، مير حبيب الله ص.215، مير باقر خان اميرخاني ص.215.

**ستين جو ٿان:**
مير نمڪين جو قبرستان، تاريخ ص.؟ ،؟ قبرستان ص.216، موجوده حالت ص.218، مرڪزي ٿلهو ص.218، ڪتبا: عبدالعلي، ابوالقاسم ص.219،

عبدالرحيم ص.220، عتيق الله ص.220، مير ابوالقاسم نمڪين، عبدالرزاق ص.221، مير ابوالبقا امير خان ص.222، صحن جون قبرون ص.222، ڪتبا: مرحومہ مغفوره بيبي .... خاتم باالخير الظفر، مرحوم، عبدالواحد، عبدالفتاح، عبدالحي ص.223، چبوترا، مير اسفنديار، ابوالنصر ص.224، ميرزا محمد ....، محمد افضل ص.224، مودودالدين، مسجد ص.225، حجرا، هيٺين مسجد، ڪتبن جا سال ص.226.

**صفۂ وفا:**

سيوهڻ، تاريخ اقتباس ص.227.

**امير خاني قبرستان: ص.228**

رضي الدين ابو محمد فاضل العلوم هروي ص.228، مسجد، حجرا، مستورات جون قبرون، قبرون، "امير امير"، ڪزنس جي راءِ، ادخلي بجنتي، داخلي دروازا، امين الدين خان جي مزار، ڪتبو، متين الدين خان جي مزار، ڪتبو ص.229، مير محمد غوث جي مزار جو ڪتبو، محمد گدا جي مزار، ڪتبو ص.230، حافظ عليءَ جو ڪتبو ص.231، مير محمد عطا جي مزار، ڪتبو، حجرو، مستورات جون قبرون، قبرستان ص.231، ڪتبا، سيد ڪمال الدين امير خاني، سيد جندل شاھ امير خاني، بهشتيش ڪردند بازيب، سيد ابراهيم شاھ، سيد مراد علي شاھ بن اشرف علي شاھ، گل شاھ، موليڏنو شاھ، مطهر بانو، مير عبدالڪريم امير خان جي مزار جو تلهو، هوالڪريم ص.232.

**هاٽوڪا امير خاني سادات: ص.233**

محلي جي حالت، سيد شاهنواز شاھ، شاديءَ جو دستور ۽ لٽا ص.233، موتيءَ جو دستور، سون چانديءَ جا گل نثار ڪرڻ، عيد جي ڏينهن گهوڙي سواري ص.234، قلعہ حاڪم شين جي جاءِ ص.234، خاندان جي افرادن جا نالا (فوٽ نوٽ) ص.235، امين الدين خان ڪان پوءِ جو نسبنامو ص.236.

## تعليقات

**ٺٽي جي جامع مسجد ۾ ان جا ڪتبا:**

ڪاتب ص.239، ڪتبا ص.240، مرمت جا سال ص.245.

**امير خان سنڌي:**

سفينۂ خوشگو جو اقتباس ص.251، تذڪرۂ هميشہ بهار ص.253.

**ابوالوفا، "وفا":**

سفينۂ خوشگو ص.254، ماثر الامرا ص.255.

**ڪامگار خان:**

خاندان ص.255، خاندان جو تسلط ص.256، جعفر خان عمدة صوبيدار نٽو ص.256، نعمت خان عاليءَ جو قصيدو ص.257.

**مير ابوالمڪارم شهود:**

رباعي، متفرق ڪلام ص.257.

**مثنوي پري خانۂ سليمان:**

ڪيفيت ص.259، نالو ۽ سال تصنيف ص.260، شاهه جهان جي مدح ص.260، مثنويءَ جي تصنيف ص.264، مختلف عنوانن مان چونڊ شعر ص.266، خطي نسخي جون ڪي خاص وصفون ص.271.

**مير رضي الدين فدائي:** ص.272.

**ابوتراب ڪامل جو ڪلام:** ص.273.

**صفۂ وفا:**

سيوهڻ، يڪ ٿنبي جو غار ص.274، ڪيفيت ص.275، مظهر شاهه جهانيءَ جي عبارت، تحفة الڪرام جي عبارت ص.275، ڪزنس جي عبارت ص.276.

**متفرق معلومات:**

چمني خانم ص.277، ميرزا مشرف بيگ ص.277، مير غلام نبي امروهي ص.277، مير محمود، علوي سادات، شيخ عبدالعزيز ص.278، نسبنامو ص.278، شيخ عبدالسلام ص.279، شيخ عبدالرحمان ص.279، شيخ عبدالعزيز ثاني ص.279، شيخ محمد شفيع ص.281، شيخ محمد اعظم مؤلف تذڪرۂ تحفة الطاهرين ص.281، مير امين الدين خان ۽ خانپور ص.281.

**عقائد:**

شيعه ص.282، سني ص.282.

**رقائم ڪرائم** ص.284:

ابوالوفا ص.285، ايرانين لاءِ عالمگير جا جذبات ص.286، داراشڪوه ص.288، مثالي شعر ص.288، عالمگير جي خطن جا مجموعا ص.290.

**ضياءُ الدين يوسف ۽ ابوالمڪارم شهود:**

عالمگير جي نظامت هيٺ ص.291، سنڌ ۽ عالمگير ص.291، سنڌ اندر انتشار ص.294. عالمگير جو خط ص.294، ضياءُ الدين يوسف ۽ ابوالمڪارم ص.298، اورنگا بندر ص.299، ٺٽي جا تحفا ص.300.

# اضافو

(حسام الدين راشدي)

**شيخ عبدالعزيز ۽ سيوهڻ:**

وقايع نويسي ۽ بخشيگري ص.302، سيد محمد بلگراميءَ کي پٺي عهدا واپس ملڻ ص.302، عبدالعزيز جي چارج ڇڏڻ ص.303.

**مير امين الدين خان:**

عالمگير جي وفات جي تاريخ ص.304، سکر جي فوجداري ص.304، سکر ۾ مسجد ص.305، تاريخ تعمير از علامه عبدالجليل بلگرامي ص.305، امين الدين خان ۽ مير عبدالجليل بلگرامي ص.305.

**ماخذ:** فهرست ص.307.

**نسب ناما:**

(1) سادات قاسم خاني و امير خاني (شروع ۾) (2) امين الدين خان جو اولاد ص.236. (3) شيخ عبدالعزيز هالن وارو ص.278.

**نقشا:**

(1) جامع مسجد ٺٽي جو نقشو. (2) صفهٔ صفا جي مقبرن جو نقشو ٻه عدد. (3) مڪليءَ واري اميرخاني قبرستان جو نقشو.

**واڌارا:** (غلام محمد لاکو) ص. 309

**تصويرون:** تعداد 92. (ص. 319 - 380)

**ڏسڻي -1:** (شخصيتن، قبيلن ۽ خاندانن جي فهرست) ص. 381

**ڏسڻي -2:** (ماڳ ۽ مڪان) ص. 397

**ڏسڻي -3:** (ڪتاب، مخزن، مقالا) ص. 403

عشق از فریاد ما هنگامها تعمیر کرد
ورنہ این بزم خموشان هیچ غوغائ نداشت

(1)

"اي فرزند عزيز! از جاهلان پريشان روزگار، و از ابلهان نادان بد کردار، اجتناب بايد نمود، که آشنائ و صحبت با ايشان همچون زهر قاتل است. خانهٔ دگر را ابتر و تاريک ساز دو چراغ عقل را بي نور."

- ابوالقاسم نمکين

(2)

"هم نشينِ اهلِ علم و اربابِ دانش و صلاح بايد بود، و بکسبِ کمال بايد کوشيد."

- ابوالقاسم نمکين

# ديباچو

”هيءَ ڪنهن جي قبر آهي؟“

”بـُل قاسم جي.“

”ڪير هو بـُل قاسم؟“

”بـِن قاسم جو ساٿي، ۽ نبي سائينءَ جن جو صحابي.“

اِهي سوال جواب، 1932ع ۾، منهنجي ۽ ”سَتيـِن واري ٿانَ“ جي مجاور جي وچ ۾ ٿيا.

مان سکر، بکر ۽ روهڙيءَ جا ڏٺل ڦٽل مقبرا ۽ مزارون، زبون ٿيل در ۽ ديواريون ۽ ويران ٿيل مسجدون ۽ درگاهون ڏسندو، روهڙيءَ ۾، مهراڻ جي ڪناري سان "ستين جي ٿان" واري خوبصورت ۽ بناوٽ جي لحاظ سان غيرمعمولي حسين عمارت تي پهتو هئس.

مجاور اُهائي ڳالهه ٻڌائي، جيڪا انهيءَ گرد و نواح ۾ مشهور ۽ معتبر هئي، يعني، ”اسلام جي اچڻ کان اڳ انهيءَ ٽڪريءَ تي ست سَتيون (سَتـُر واريون) پينر رهنديون هيون، محمد بن قاسم جڏهن اروڙ تي لشڪر ڪشي ڪئي، ۽ راجا ڏاهر سان وڙهندي جيڪي چند صحابي سڳورا شهيد ٿيا، انهن کي آٿي ات دفن ڪيو ويو“. قبرن تي جيڪا ڪتبا آهن، انهن مان ڪن تي ”شهيد“ جو لفظ اُڪريل هو، ازان سواءِ هڪ قبر تي ”ابوالقاسم“ جونالو ۽ ٻيءَ تي ”امير ابوالقاسم“ جا لفظ بہ لکيل هئا. اروڙ جي ويجهڙائي، ”شهيد“ جو لفظ، ۽ ”ابوالقاسم“ جا نالا گڏجي سڏجي انهيءَ ڏندڪٿا جو ڪارڻ بڻيا هئا.

قبرستان کي ڏسڻ بعد، پنهنجي سنڌي پائرن جي ناواقفيت، بي خبريءَ ۽ بي ٻهري هجڻ تي مطلق افسوس ڪونہ ٿيو. پلا ڪهڙي لکيل پڙهيل سنڌيءَ پنهنجي ملڪ ۽ وطن جي آثارن کي اڇي ڏٺو آهي؟ ڪهڙي سياٽي ۽ سيبتي کين اصل حقيقت کان آگاهہ ڪيو آهي؟ ان حالت ۾ اڌ پڙهيا سنڌي ۽ اڻ پڙهيل

ڳوناٽا ڇو نہ هر شهيد کي "صحابي" ۽ هر ابوالقاسم کي "بل قاسم" چئي، نياز ۽ نذر ڏيئي، هِنن "صحابين سڳورن" کان هر مشڪل لاءِ امداد گهرندا!

انهيءَ ڏينهن مون فيصلو ڪيو تہ انهيءَ قبرستان ۾ جيڪي ستل مڙس آهن، انهن جي حالات جي تلاش ۽ تجسس ڪريان. سڀ کان پهريون، سنڌ جي تاريخ جو صحيفو يعني " تحفة الڪرام" اٿلايم. چند سٽون ۽ ڪي منتشر حوالا هٿ لڳا. اطمينان نہ ٿيو. ڳولا برابر جاري رهي. رفتي رفتي منهنجي اڳيان انهيءَ "بل قاسم" ۽ انهيءَ "صحابي سڳوري" جي عظيم الشان خاندان جا حالات روشن ٿيندا ويا. مون ڏٺو تہ انهيءَ گهراڻي ٽي سئو ورهيہ نہ فقط سنڌ ۽ هند جي سياست ۽ حڪومت ۾ نمايان حصو ورتو آهي، بلڪ خود سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ سندن ڇڏيل اثاثو ۽ ورثو ايترو گهڻو ۽ ايڏو بي مثل آهي، جو هوند اسان ڪيتروئي ڪٿي فخر ڪريون، تڏهن بہ ڪجهہ نہ آهي.

انهيءَ ٽڪريءَ تي انهيءَ حسين ۽ جميل عمارت جو جوڙائيندڙ، ۽ سنڌ جي اميرخاني خانوادي جو باني مباني، مير ابوالقاسم نمڪين، نہ فقط پاڻ اڪبري دور جو امير ڪبير، سنڌ جو حاڪم؛ ۽ يگانہءِ روزگار مصنف هو، بلڪ سندس پٽن ۽ پوٽن مان هر هڪ فرد، پنهنجي پنهنجي دور ۾، سلسلي اقتدار ۽ اختيار سان گڏ، بي مثل عالم، اديب، شاعر ۽ مصنف ٿي گذريو آهي.

"سرڪاري ملازمَ، سنڌ جي حاڪم، ۽ مغليہ منصبدار جي حيثيت ۾، سنڌ جي تاريخ ۾ انهيءَ خاندان جو ذڪر ضِمنن اڇي سگهيو ٿي، ليڪن مون سمجهيو تہ اِهو سراسر ظلم آهي، جو سياست ڪاريءَ جي ڪُشت و خون واري ميدان ۾ انهيءَ گهراڻي کي آڻي، انهن جو علمي ۽ ثقافتي خدمتون اکين کان اوجهل ڪري ڇڏجن. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو تہ انهيءَ گهراڻي جو جدا تذڪرو لکڻ گهرجي، جنهن ۾ سياسي پس منظر سان گڏ، سندن علمي ڪارگذاريون، ٽن صدين جي گرد و غبار ڪدي، چندي ڦوڪي اُجاگر ڪجن.

جنهَن خاندان سنڌ جي ادبي تاريخ لاءِ هينيان ڪتاب ڇڏيا—

"منشات نمکین"،

"مظهر شاهہ جهاني"،

"رقائم کرائم"،

"معلومات الافاق"،

"رشحات الفنون"،

"مثنوي پريخانہ سليمان"،

"مثنوي بديع الجمال و سيف الملوک"،

۽ اکيچار ديوان:

جنهن گهراڻي هيٺيان صاحب ديوان شاعر، اديب ۽ مصنف پيدا کيا-

مير نمکين،

ابوالبقا امير خان،

مير عبدالرزاق،

ضياءُ الدين يوسف،

عبدالکريم "ملتفت"،

اشرف خان،

ابوالمکارم شهود،

امين الدين خان،

مير "گدا"،

رضي الدين "فدائي"،

مير ابوتراب "کامل"،

مير محمد "عطا"،

مير حفيظ الدين ،

مير معين الدين،

مير ولي اعظم،

مير حبيب الله، ۽

مير باقر خان:

جنهن خانوادي سنڌ جي سرزمين تي هيٺيان ثقافتي آثار ڇڏيا—

| | |
|---|---|
| بازار عظيم الشان، | بکر، |
| جامع مسجد، | بکر، |
| جامع مسجد، | روهڙي، |
| عيدگاهه، | روهڙي، |
| صفهٔ صفا | روهڙي، |
| صفهٔ وفا | سيوهڻ، |
| امير آباد، | ضلعو ٺٽو، |
| جهانگير آباد، | ضلعو دادو، |
| جامع مسجد، | ٺٽو، |
| مسجد اميرخاني، | ٺٽو، |
| رانئڪ اميرخاني، | ٺٽو، |
| محلو امير خاني، | ٺٽو |

— اهڙي عظيم المرتبت ۽ عظيم آڪهه لاءِ منهنجو اهو فيصلو هر طرح مناسب ۽ موزون هو: ۽ هيءُ تذڪرو انهيءَ فيصلي جو نتيجو آهي.

تذڪري جي سلسلي ۾ تحقيق ۽ تلاش ڪندي، مون کي سخت محنت ڪرڻي پئي آهي. پڙهندڙ، اڳتي پڙهندي، ان جو اندازو ڪري سگهندا. ڪافي ڪتاب ڏٺا اٿم ۽ سوين ورق اٿلايا اٿم. رب ڪريم جي امداد شامل حال رهي، تلاش ڪندي اُهي اُهي نوشتا ميسر ٿيا ۽ اُهي اُهي ڪتاب هٿ لڳا، جن جو وهم گمان به ابتدا ۾ ڪونه هو. "مظهر شاهه جهاني" جهڙي بي مثل سنڌ جي تاريخ جو اهو اڪيلو نسخو هٿ آيو، جيڪو دنيا ۾ واحد آهي[1] ۽ مصنف جي

[1] "مظهر شاهه جهانيءَ" جوهڪ ٻيو نسخو به هٿ آيو آهي، جيڪو پنجاب يونيورسٽيءَ جي ملڪيت آهي.

پنهنجي ملڪيت جو هو. مير ابوالبقا امير خان جو اهو فرمان اوچتو نظر آيو، جيڪو هن ننڍي جي دوران حڪومت ۾ لکيو هو. اهڙيءَ طرح "رقائم ڪرائم" جا نسخا ۽ "منشات نمڪين" جو مخطوطو اتفاق سان برٽش ميوزم ۽ انڊيا آفيس ۾ اکين چڙهيو. اهڙيءَ طرح ڪيترا خطي بياض بہ نادانستہ ۽ بلڪل غير متوقع طور هٿ آيا، جن ۾ انهيءَ گهراڻي جا علمي آثار موجود هئا. باوجود گهڻو ڪجهہ هٿ ڪرڻ جي بہ، آءٌ هيءَ دعوا ڪونہ ٿو ڪريان تہ هن خاندان جيڪي علمي اثاثو ڇڏيو، سو سڀ مون ڏٺو يا مون کي ميسر ٿيو. خدا ڄاڻي اجا ڪيترا ماڻڪ ۽ موتي اکين کان اجهل رهيا ۽ ڪيترا هيرا ۽ لعل زماني جي اٿل پٿل گم ڪري ڇڏيا؛ ڪيترن جا ديوان ملي نہ سگهيا: مير "ڪامل" جو سڄو ادبي ورثو جيڪر ڏهن ضخيم جلدن ۾ هو، سو گم ٿي ويو يا ملي نہ سگهيو. اهڙيءَ طرح انهيءَ گهراڻي جيڪي ڪتاب لکيا، انهن سڀني جا نالا ميسر ٿي نہ سگهيا، ڪتابن ۾ ڪن تصنيفن جو ذڪر آهي، ڪن جو تہ موران نالوئي ڪونہ آيو آهي: مثلاً، "مظهر شاهجهانيءَ" جهڙي بي نظير ڪتاب ۽ ان جي مصنف جو ڪٿي بہ ذڪر ڪونہ آيو آهي، دنيا ۾ هيترا سارا عظيم الشان ڪتبخانا آهن، وس آهر سڀني جي فهرستن جي ورق گرداني ڪيم، ليڪن ڪتان بہ سراغ نہ ملي سگهيو، پوءِ ڇو نہ اهو گمان ڪجي تہ انهيءَ خاندان جا اجا بہ ڪي اهڙا ڪتاب هوندا، جن جي ڄاڻ اسان کي ڪانہ آهي!

مون ڪوشش ڪئي آهي تہ جيڪي آثار اڄ موجود آهن، انهن سڀني جا فوٽا ڪتاب ۾ ڏيان، اڄ اُهي زبون ۽ زير و زبر واريءَ حالت ۾ موجود تہ آهن، خدا ڄاڻي سڀاڻي اُهي بہ رهن يا نہ رهن. تنهنڪري تذڪري ۾ انهن جي صورت کي محفوظ ڪرڻ ازحد ضروري نظر آيو. اِهي فوٽا گهڻا مون پاڻ ڪڍيا آهن، ۽ ڪي محڪمہ آثار قديمہ وارن عنايت ڪيا آهن. "ستين جي ٿان" ۽ مسجد اميرخانيءَ جو پينسل اسڪيچ منهنجي ننڍڙي ڀاڻيجي، ميان محمد زمان، جي محنت جو نتيجو آهي- اجا پندرهن ورهين جو ٻار آهي، خدا سندس مستقبل

روشن ڪري ۽ ڪيس ذوق سليم ڏئي- سندس ڪڏيل ستين جي ٿان وارو اِسڪيچ ڏسڻ وٽان آهي. مير ابوالبقا اميرخان جي فرمان جو فوٽو منهنجي عزيز دوست ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مهيا ڪري ڏنو. جن دوستن هن ڏس ۾ مون سان ڀال ڀلايا، تن سڀني جو آءٌ شڪر گذار ۽ احسانمند آهيان.

پندرهن سالن جي تحقيق ۽ تلاش جو نتيجو پڙهندڙن جي پيش آهي. نہ مون کي صلي جي خواهش آهي، نہ شاباس جي تمنا، مقصد اهو آهي، تہ هن گهراڻي جا علمي ڪارناما زنده رهن.

ڪراچي

10 - جون 1955ع

**حسام الدين راشدي**

# مير ابوالقاسم "نمڪين"

**والد ۽ وطن:**

مير صاحب جي والد جو نالو مُلا مير سبز واري هو. بيجڪ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو، ۽ اهو ئي ڳوٺ هو جنهن ۾ ڇائو نپنيو ۽ وڏي وڏو ٿيو. "تحفة الڪرام" جي مصنف لکيو آهي تہ:

"ملا مير متولي درگاه امام موسيٰ رضا بوده، ودرفترت اوزبڪ از موضع بيجڪ من اعمال هرات نقل ڪرده در حدود قنڌهار در گذشتہ." [1]

اوزبڪن جي جنهن فتني ڏانهن اشارو آهي، اهو محمد خان سيبانيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ (سنہ 906 ھ) کان وٺي، سندس قتل ٿيڻ (سنہ 916 ھ) تائين ايران ۾ رهيو. بابر ۽ شاھ اسماعيل بہ انهيءَ دور اندر طاقت ۾ آيا. قنڌار، ان وقت، سنڌ جي فاتح شاھ بيگ ارغون جي والد امير ذوالنون ارغون جي گورنريءَ هيٺ هو. ملا مير سبزواري سنہ 906 ھ کان وٺي سنہ 916 ھ تائين ڪنهن سال ۾ "بيجڪ" مان لڏي قنڌار پهتو.

"ذخيرة الخوانين" ۽ "ماثر الامرا" ۾ مير صاحب جو ذڪر آيو آهي، ليڪن سندس والد يا ان جي وطن جي حالات ۾ بيئي تذڪرا خاموش آهن. "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"از سادات حسيني هروي است ..............." [2].

اهڙيءَ طرح "ذخيره" ۾ بہ هيءُ جملو موجود آهي:

"هروي است ............" [3]

"آئين اڪبري" جي مترجم بلاخمين جو ماخذ "ماثر الامرا" آهي،

---

[1] "تحفة الڪرام" ج: 3، ص. 127. "بيجڪ" جو صحيح تلفظ "پتچڪ" آهي- قلعہ نو علاقہ باد غيس (شمال هرات) جي جنوب ۾ آهي.

[2] "ماثر الامرا"، ج: 3، ص. 74.

[3] "ذخيرة الخوانين" قلمي.

تنهنڪري هو بہ پنهنجي وضاحتي نوٽ ۾ زياده تفصيل پيش ڪري ڪونہ سگهيو آهي.[1] اسان کي فقط "تحفة الڪرام" جي متئين اقتباس مان ئي مير صاحب جي والد ۽ ان جي وطن تي اها مختصر روشني ملي ٿي.

## ميرزا حڪيم جي ملازمت:

مير ابوالقاسم جي ابتدائي زندگيءَ بابت اسان کي ڪجهہ بہ معلوم ٿي ڪونہ ٿو سگهي. ڄائو ڪٿي، تربيت ڪٿي حاصل ڪيائين، تعليم ڪنهن وٽ ۽ ڪيتري ورتائين- اهي سڀ مسئلا منجهيل آهن. قنڌار جي زندگيءَ متعلق فقط هيترو معلوم ٿئي ٿو تہ:

"ابتداء نوڪر ميرزا محمد حڪيم بود ...... ..."[2]

"ذخيرة الخوانين" جي مصنف بہ ايترو ئي لکيو آهي، تہ اڪبر جي ڀاءُ ميرزا محمد حڪيم (المتوفي 993 هہ) وٽ انهيءَ زماني ۾ نوڪر هو، جنهن وقت هو ڪابل جو حڪمران هو.[3]

## اڪبر وٽ ملازمت:

ميرزا حڪيم وٽ ڪيترو وقت رهيو، ان جو تفصيل ڪونہ ٿو ملي. "ماثر الامرا" لکي ٿو، تہ اُها ملازمت ترڪ ڪري هتي اچي اڪبر جي امير ۾ شامل ٿيو.

"بياوريءِ طالع در ملازمت عرش آشياني انسلاڪ
گرفت .... در بهيره و خوشاب جاگير يافت ....."[4]

حقيقت ۾ طالع جي ياوري هئس، جو اڪبر وٽ اچي پهتو- زمين تان ڪِڃي آسمان تي وڃي پهتو. قابليت ۽ ڪمال سندس سجاڳ هئا، ليڪن سندس ذاتي جوهرن ۾ جِلا اڪبر وٽ اچڻ کان پوءِ آئي.

## نمڪين جو لقب:

بهيره ۽ خوشاب جي جاگير ۾ لوڻ جون کاڻيون بہ موجود هيون، ۽ لوڻ جو

---

(1) "آئين اڪبري" انگريزي، ج: 1، ص. 525.

(2) "ماثر الامرا"، ج: 3، ص. 74.

(3) ميرزا حڪيم کي 963 هہ ۾ همايون ڪابل جو گورنر مقرر ڪيو. ان وقت هو تقريباً ٻن سالن جو هو (961 هہ ۾ ڄائو، ۽ 16 شعبان 993 هہ مطابق 16 جولاءِ 1585ع تي فوت ٿيو) . مير نمڪين 980هہ کان اڳ اها ملازمت ڇڏي. اڪبر جي اميرن ۾ اچي شامل ٿيو.

(4) "ماثر الامرا"، ج: 3، ص. 74.

وڏو واپار ٿيندو هو، جنهن جي محصول مان مير صاحب کي ڪافي آمدني ٿيندي هئي. "ماثر الامرا" ۾ آهي ته:

"نمڪسر ڪوهي ست بدرازيءَ بيست ڪروه، (ڪه مابين بهت و سنده بدين موسوم است) مضافات صوبهءِ پنجاب در دوآبه سنده ساگر، ازان پارچهاري نمڪ بريده جدا سازند و براشته بڪنار آرند، و آنچه حاصل شود سه حصه از ڪنند گان و يڪ حصه دست مزد برآرندگان، سوداگر از نيم دام تا دو دام مني خريده بدور دستها برند، و در هفده من يڪ رپيه بسرڪار دهند..." [1]

مير ابوالقاسم کي جڏهن اها جاگير ملي، تڏهن هُن هڪ پيالو ۽ هڪ رڪابي لوڻ ۾ ٺهرائي، بادشاه جي خدمت ۾ موڪلي. انهيءَ پيشڪش موڪلڻ مان سندس مراد ۽ اشارو پنهنجي نمڪ حلاليءَ يا نمڪ خوريءَ ڏانهن هو. بادشاه کي سندس اها ادا پسند آئي، ۽ انهيءَ عيوض کيس "نمڪين" جو لقب عنايت ٿيو. "ماثر لامرا" ۾ آهي ته:

"رڪابي و پياله از نمڪ تيار ڪرده پيشڪش فرستاده، به "نمڪين" ملقب گرديد." [2]

اهو لقب اڳتي هلي سندس نالي جو جُزو بڻيو. "تحفة الڪرام" جو قول آهي ته "مير ابوالقاسم کي اڪبر جي دربار ۾ ان وقت باريابي حاصل ٿي، جڏهن بادشاه لاهور ۾ منزل انداز هو، [3] ۽ انهيءَ ئي وقت کيس چار هزاري منصب عطا ٿيو." انهيءَ فوري چار هزاري منصب ملڻ جي تصديق ٻيءَ ڪنهن تاريخ مان ڪانه ٿي ٿئي. "ماثر الامرا" سڀ کان پهريون نمڪسر جي جاگير ملڻ طرف اشارو ڪيو آهي، چار هزاري منصب جو ذڪر هُن ڪٿي به ڪونه ڪيو آهي. "ماثر" جي منصف البت اهو لکيو آهي ته "مير صاحب جو اڪبر وٽ وڏو قدر ۽ منزلت هئي":

---

(1) ماثر الامرا"، ج: 3، ص. 74.
(2) "ماثر الامرا" ج: 3، ص. 73.
(3) تحفة الڪرام" ج: 3، ص. 137.

"مير در پيشگاه اڪبري، قرب و منزلتي داشت ـ" [1]

"اڪبر نامہ" ۾ مير نمڪين جو ذڪر 980 ھ کان شروع ٿئي ٿو، جنھن مان اندازو ٿئي ٿو تہ مير صاحب انھيءَ سال کان ضرور ڪجھہ ورھيہ اڳ ملازمت ۾ اچي داخل ٿيو ھوندو، ڇاڪاڻ تہ انھيءَ سال ۾ مظفر گجراتيءَ جي خلاف جيڪو شاھي لشڪر ويو، ان ۾ مير صاحب اھم حيثيت سان شامل ھو.

**مظفر گجراتيءَ سان معرڪو:**

ابوالفضل لکي ٿو تہ "7 رجب 980 ھ (17 سال اڪبري) جو، بادشاھہ سلامت صوبي احمدآباد جي ڳوٺ جونانہ (چوريانہ) ۾ رونق افروز ھو، جو ڪيس معلوم ٿيو، تہ مظفر گجراتي شيرخان فولاديءَ کان جدا ٿي انھيءَ علائقي جي آسپاس ۾ ڦرندو وتي ٿو، بادشاھہ مير خان يساول، ۽ فريد خان قراول ـکي لشڪر ڏيئي، سندس پنيان موڪليو، ۽ ..."

"و از عقب آنها ابوالقاسم نمڪين و ڪرم علي را رخصت فرمودند ڪہ تفحص نموده آن سرگردان باديہ حيران را بدرگاه والا آورند."

شير خان انھيءَ ڪُمڪَ ھٿان گرفتار ٿي، بادشاھہ جي حضور ۾ پيش ٿيو.[2] اھو پھريون اطلاع آھي، جيڪو "اڪبر نامہ" مان اسان کي مير صاحب لاءِ ملي ٿو.

**دائود خان جي مھم:**

سال 982 ھ (19 سال اڪبري) ۾ مير نمڪين اسان کي بنگال طرف دائود خان ڪرانيءَ جي خلاف معرڪن ۾ مصروف نظر اچي ٿو. ابوالفضل لکي ٿو تہ 'دائود خان جڏھن بنگال ۾ خان خانان ۽ توڏرمل ھٿان شڪست کاڌي، تڏھن سڌو سات گام طرف فرار ٿيو، خان خانان ۽ توڏرمل اچا اتي ئي انتظام ۾ مشغول ھئا، جو کين اطلاع پھتو تہ جنيد ڪراني بادشاھہ جي دربار مان ڀڄي، گجرات ۽ دکن مان ڦرندو گھرندو، جھاڙ کنڊ اچي پھتو آھي، ۽ سخت

---

[1] "ماثر الامرا" ج: 3، ص. 74.
[2] "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 9.

فتني فساد جي گهيري ۾ آهي ۽ دائود خان بہ اُتي موجود هو. ويتر جنيد بہ اچي رسيو. جنهنڪري گهٽائي خطرا اچي پيش ٿيا. خان خانان في الحال جنيد جي مقابلي ڪي ضروري سمجهي، راجا توڊرمل، قبا خان، نظر بهادر ۽ ابوالقاسم نمڪين ڪي ڪيترن بين بهادرن سميت انهيءَ مُهم تي موڪلي ڏنو'-

"راجہ تودرمل و قبا خان و نظر بهادر و ابوالقاسم نمڪين، و طائفہ از غازيان شهامت انديش، بدفع اين شوريده بخت همت گماشتند." (1)

مٿين عبارت مان اندازو ڪري سگهجي ٿو، تہ ابوالقاسم نمڪين جي شخصيت ابوالفضل جي نگاهن ۾ بہ اهم ۽ قابل ذڪر هئي، ورنہ انهيءَ طبعيت جو مؤرخ راجا توڊرمل جهڙن عظيم المرتبت سپهہ سالارن سان گڏ سندس نالو ونئي ذڪر نہ ڪري ها، بلڪ "طائفہ از غازيان شهامت انديش" جي ڏُمري ۾ ڪيس بہ وجهي ڇڏي ها. بهرحال انهيءَ مهم جو نتيجو اهو نڪتو، جو:

"بتائيد آسماني، فرستادها مصدر خدمات شائستہ شدند، و مخالفان دولت خايب و خاسر روي بہ دشت ادبار نهادند." (2)

يعني شڪست کائي، جنيد ڪرراني، پهاڙي علائقي ڏانهن ڀڳو، جتي وڃي دائود ڪرراني‌ءَ سان مليو. سندس ارادو هو تہ بيئي گڏجي منظم بغاوت شروع ڪن، ليڪن بقول "اڪبر نامہ"، ٻنهي جي پاڻ ۾ هم آهنگي ڪانہ ٿي سگهي، جنهنڪري جنيد وري اچي جهاڙ ڪنڊ ۾ داخل ٿيو. موٽندي، اوچتو، سندس مقابلو شاهي لشڪر سان ٿيو. شاهي لشڪر واٽ ورتي، ٿي ويو، نظر بهادر، ابوالقاسم نمڪين، محمد خان ولد سلطان آدم گکهر، امام قلي چولڪ ۽ پارومل ڪتري فوج ڪان ٿورو اڳيرو ٿي ويا. جنيد اوچتو اچي باز وانگر مٿن جهٽ هنيو. لڙائي دست بدست شروع ٿي، ليڪن ايتري ۾ توڊرمل جي ڪمڪ بہ اچي پهتي، جنهنڪري جنيد تاب نہ جهلي، پٺي هليو ويو.

خواجہ نظام الدين، "طبقات اڪبريءَ" ۾ انهيءَ واقعي ڪي هن ريت

(1) "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 119.
(2) "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 119.

قلمبند ڪيو آهي:

"جاسوسان خبر آور دند، ڪہ جنيد ابن عم دائود، ڪہ ميان افغانـان بشـجاعت و مردانگـي علـمِ روزگـار بـود، و از گجرات بہ بنگالہ آمده، ميخواهد ڪہ بہ دائود ملحق شود، راجہ تو درمل بصلاح و استصواب امرا، ابوالقاسم نمڪين و نظر بهادر را بجنـگ جنيـد فرسـتاد. ابوالقاسـم و نظـر بهادر مقابلہ اورا سهل پنداشتہ در جنگ احتيـاط و حزم از دسـت دادنـد، واز پيـش او گريخـة بـي ناموسـي لاحـق ساختند." [1]

"مـاثر رحيمي" جي مصنف بہ انهيءَ واقعي ڪي تقريباً ساڳيءَ طرح قلمبند ڪيو آهي.[2] ملا عبدالقادر انهيءَ واقعي ڪي بيان ڪندي، آخر ۾ لکيو آهي تہ:

"راجہ تودرمل و ميرزا خان (خان خانان)، ابوالقاسم نمڪين را باتفاق نظر بهادر بہ جنگ او فرستاد، ايشـان هر دو در جنگ هزيمت يافتہ مهار گسستہ نزد راجہ آمدند. راجہ خود مقابلہ او رفتہ، و جنيد تاب نياورده پناه بجنگل برد". [3]

بنگال جي انهن مهمن ۾ توڊرمل ۽ خان خانـان سـان جيڪـي جرنيـل سـاڻ هئا انهن جي فهرست "ماثر رحيمي" جي مصنف ڏني آهي، جنهن مـان معلـوم ٿئي ٿـو تہ مير ابوالقاسـم نمڪيـن سـان گڏ بيـا هينيـان انهيءَ دور جا بهــادر موجود هئا: قبا خـان ڪنـگ، خان عـالم، خواجہ عبداللہ، سـيد عبـداللہ، ميرزا علي، اشرف خان مير منشي، راجا توڊرمل، لشڪر خان، مظفر علي مغـل، يـار محمد ارغون، شاهم خان جلاير، پاينده محمد خان، قتلق قدم خان، قنبـر علي خان توقيائي، سيد شمس الدين بخاري.[4] اهي سيئي مشهور ۽ معروف بهـادر سپاهي ۽ نامور امير، مير ابوالقاسم جا ساٿي ۽ سنگتي هئا.

---

[1] "طبقات" ج: 2، ص. 303.
[2] "ماثر رحيمي" ج: 1، ص. 827.
[3] "منتخب التواريخ" ج: 2، ص. 193.
[4] "ماثر رحيمي" ج: 1، ص. 828.

**دائود خان سان جنگ:**

دائود خان جو معاملو اجا اڌ ۾ هو. پهرينءَ شڪست بعد هو هيڏي هوڏي فرار ٿيندو رهيو، ۽ شاهي لشڪر سندس پٺيان وتيو ٿي پيرو ڪنيو. سندس سوئٽ جنيد سان انهيءَ وچ ۾ معمولي معرڪا ٿيا، جن جو بہ ڪو خاطر خواهہ نتيجو ڪونہ نڪتو. دائود خان قسمت آزمائڻ لاءِ آخري دفعو سهي سنبري ميدان ۾ آيو. عظيم الشان لشڪر گڏ ڪري هر پور (بنگال ۽ اوڙيسا جي درميان) اچي پهتو. شاهي لشڪر بہ يلغار ڪندو اتي اچي رسيو. طرفين ۾ نڪروهي ("طبقات"- ج 1، ص 304- جي قول مطابق ٿاندي وٺ) خونريز جنگ لڳي. ابوالفضل شاهي لشڪر جي ترتيب جو نقشو ڏيکاريندي، مير صاحب کي جرانغار ۾ ڏيکاريو آهي، جتي ساڻس گڏ هينيان جنگي جوڌا هئا:

"وجرانغار، بديده وري ثبات پائي، اشرف خان، و راجہ تودرمل، و مظفر مغل، و يارمحمد قراول، و ابوالقاسم نمڪين، و چندي ديگر از مبارزان خدمت دو دست منضبط شد." [1]

"طبقات اڪبري" جي مصنف، جرانغار[2] جي بجاءِ اسان جي جرنيل کي برانغار ۾ لڙندو ڏيکاريو آهي (ج 3، ص 305). اها جنگ نهايت هولناڪ ۽ قيامت خيز هئي. ملا عبدالقادر لکيو آهي تہ:

"آن چنان جنگي عظيم افتاد ڪہ زبان قلم را از ڪيفيت و ڪميت آن قاصر باشد." [3]

جنگ جو نتيجو دائود خان جي خلاف نڪتو، يعني ڪيس شڪست فاش نصيب ٿي. اها فتح شاهي لشڪر کي جمعي ڏينهن 20 ذوالقعد 982 هہ (19 سال اڪبري) جو حاصل ٿي. [4]

**ميرزا حڪيم جي بغاوت:**

مير نمڪين جي سلسلي ۾ سنہ 982 هہ کان سنہ 989 هہ تائين تاريخ

---

(1) جرانغار ۽ (ميسره = کابو پاسو) برانغار (ميمنہ = ساڄو پاسو) چئبو آهي.

(2) "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 123.

(3) "منتخب تواريخ" ج: 2، ص. 194.

(4) "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 122. "طبقات اڪبري" مهينو ذوالحج لکيو آهي- ج: 2، ص. 305.

خاموش آهي. ڇهن سالن جو طويل عرصو هن ڪٿي گذاريو، ڪهڙيون خدمتون ڪيائين، ۽ ڪهڙن ڪهڙن معرڪن ۾ شريڪ رهيو- اهو پتو ڪونہ ٿو پوي. 989 هہ ۾ تاريخ جي صفحن تي هو وري نظر اچي ٿو.

ميرزا حڪيم اڃا تائين ڪابل جو گورنر هو. 989 هہ ۾ هن اتان ويهي، اڪبر جي خلاف بغاوت شروع ڪئي. بادشاهہ، شهزادي محمد مراد کي لشڪر ڏيئي، سندس مقابلي لاءِ اماڻيو، ۽ هلندي وقت کيس هدايت ڪيائين تہ:

" ڪہ ازان آب عبور ڪرده بہ آهستگي، متوجهہ پشاور گردد. اگر ميرزا (حڪيم بيدار شده، راه فرمان پذيري سپرد، بگونا گون نوازش اميدوار سازد، و گر نہ بڪابلستان شتابد." [1]

انهيءَ فوج ۾ مير صاحب، بقول صاحب "اڪبر نامہ"، جرانغار ۾ شريڪ هو، ۽ ساڻس گڏ ٻيا هي جرنيل هئا: سيد حامد بخاري مخصوص خان، سيد مهدي قاسم، سيد حسين، حسن قلي بيگ، ۽ عبدالله بلوچ.

دائود خان بنگاليءَ جي جنگ وقت، ابوالقاسم جي گهر مان هڪ طلائي زنجير، جيڪو شاهي فيل خاني جو هو، نڪتو، جنهنڪري سندس منصب ۽ مرتبي ۾ ڪي قدر گهٽتائي ٿي: "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"در جنگ دائود خان ڪراني، زنجير طلائي فيل از خانہ اش برآمد، در رتبہ انحطاطي واقع شد." [2]

ساڳئي واقعي کي "ذخيره الخوانين" جي مصنف بہ لکيو آهي:

"در جنگ دائود افغان، زنجير ڪہ، از طلا بود، از خانۂ او بر آمد، در قرب تفاوت افتاد..." [3]

"اڪبر نامہ" ۾ انهيءَ واقعي ڏانهن ڪوبہ اشارو ڪونہ آهي. "طبقات" ۽ "رحيمي"، خواهہ "بدايوني" بہ خاموش آهن. مٿينءَ مبهم عبارت مان ڪوبہ اندازو ڪونہ ٿو ٿئي تہ مير صاحب جي مرتبي ۽ منصب ۾ ڪهڙي قسم جو

---

(1) "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 353.
(2) "ماثرالامرا" ج: 3، ص. 75.
(3) "ذخيرة الخوانين" ص. 118.

انحطاط ٿيو. بهرحال جيڪي ڪجهہ ٿيو، سو 982 ھ کان 989 ھ تائين مير صاحب پوڳي چڙهيو، ۽ پوئين سال ۾ ميرزا محمد حڪيم جي خلاف ويندڙ شاهي لشڪر ۾ اسان ڪيس ساڳئي مانَ ۽ مرتبي سان ويندو ڏسون ٿا.

**قتلو خان جي بغاوت:**

سال 991 ھ (28 سال اڪبري) ۾ قتلو خان جي بغاوت جي سلسلي ۾، ابوالفضل نمڪين جو بہ ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو تہ قتلو خان مخالفت جي دوران طرح طرح جون چاليون ڪيڏيو. هڪ دفعو بادشاهہ ڏانهن عرض ڪرائي موڪليائين تہ:

"قرة العين خود را بدرگاه والا روانہ مي سازم، صادق خان جريده از اردو بر آيد، و من نيز با چندي بيرون مي شوم، تابديدن يڪ ديگر دل بہ آرامش گرايد، و خلاصہ زندگي را بدو سپارد." [1]

- يعني، صادق خان اڪيلي سر شاهي لشڪر مان نڪري اوري اچي، مان بہ تنها ٻاهر نڪري اچي ساڻس ملان ٿو، هڪٻئي کي ڏسي، دل چڪ ڪائيندي، ۽ مان پنهنجو نور نظر (بطور يرغمال) سندس سپرد ڪندس. صادق خان سمجهدار ماڻهو هو، هن سمجهيو تہ قتلو خان جي اها چال آهي، تنهنڪري هو نہ ويو، شيخ فريد بخشي موڪليو ويو، جنهن کي پهچڻ شرط قتل ڪيو ويو- ساڻس گڏ حسين خان، ابوالقاسم نمڪين، عبدالهادي، ۽ محمود خان خواص بہ ويا. ليڪن هو ڪنهن ترڪيب سان جان بچائي موٽي آيا.[2]

**بلوچن جي سرڪوبي:**

994 ھ ۾ مير نمڪين کي اسان بلوچن جي سرڪوبيءَ لاءِ شاهي دربار مان رخصت ٿيندو ڏسون ٿا. "اڪبر نامہ" جو مصنف لکي ٿو تہ:

"وهم درين سال (994 = 30 اڪبري) اسماعيل قلي خان بہ بلوچستان رخصت شد، چون آگهي آمد (کہ اين گروه را

---

[1] "اڪبرنامہ" ج: 3، ص. 406.

[2] "اڪبر نامہ" ج: 3، ص. 406.

ناسپاس مي سپرند. و پر ستاري بجاءِ نمي آرند) آن گزين خدمت را نامزد فرموند. راءِ راي سنگ، ابوالقاسم نمڪين، و بسياري مبازران ڪار طلب را همراه ڪردند." [1]

ڪابل جي حڪومت انهيءَ سال ڀڳونت داس جي سپرد ٿي. هو اوڏانهن ويندي واٽ تي بيمار ٿي پيو. ۽ واپس هليو آيو. سندس جاءِ تي اسماعيل قلي نامزد ٿيو. جيڪو ان وقت بلوچستان ۾ هو. "اڪبر نامہ" جو مصنف لکي ٿو تہ:

"اسماعيل قلي خان جي دماغ ۾ خوءِ اڇي پيدا ٿي، ۽ هيٺ مٿي ڳالهيون ڪرڻ لڳو. جنهنڪري بادشاهہ جي نظرن مان ڪري پيو. ۽ حڪم ٿيو. تہ ڪيس اتان معزول ڪري موٽايو وڃي. ۽ بکر ڪان بيڙيءَ ۾ چاڙهي ڪيس حجاز ڏانهن روانو ڪيو وڃي. جڏهن اهو حڪم پهتو. تڏهن هن ڪي هوش آيو. سخت پڇتاءُ ڪيائين. جنهنڪري ملڪ نيڪاليءَ ڪان ڪيس نجات ملي. ۽ حڪم ڪيو ويو تہ هو اُتي رهي يوسف زئي قبيلي جي گوشمالي ڪري." [2]

ڪنور مانسنگ ڪابل موڪليو ويو. اسماعيل قلي سان گڏ مير صاحب پڻ سندس مدد لاءِ اُتي رهيو. ۽ ماڌو سنگ، سيد خان گکهر ۽ راجا ڀڳونت داس جا ماڻهو بہ بطور ڪمڪ جي ڏانهنس موڪليا ويا.

**آصف خان سان:**

996 هہ (33 اڪبري) ۾ بہ اسان مير نمڪين کي يوسف زئي قبيلي جي گوشماليءَ لاءِ بلوچستان ۾ ڏسون ٿا. هن دفعي انهيءَ لشڪر جي ڪمان آصف خان کي هئي. "اڪبر نامہ" جو صاحب لکي ٿو. تہ جڏهن اتان جو ڪم پورو ٿيو. تہ آصف خان شاهي دربار ڏانهن واپس وريو. مالاڪند مان اڪيلو ٿي آيو. ڪجهہ سپاهي ساڻس گڏ هئا. واٽ تي اوچتو يوسف زئي قبيلي جا ماڻهو سندس منهن پيا جيڪي فراري هئا. ٿوري مقابلي بعد هو پنهنجو سمورو سازو

---

(1) "اڪبر نامہ" ص. 475/3.

(2) "اڪبر نامہ" ص. 492/3.

سامان ڇڏي وني ڀڳا. آصف خان انهيءَ سامان جي سنڀال مير ابوالقاسم ۽ شير خان جي سپرد ڪئي، جن سموري مالِ غنيمت کي منزل تائين پهچايو. [1]

**ڪالو خان افغان:**

انهيءَ ساڳئي سال ڪالو خان افغان جي سرزنش مير نمڪين جي سپرد ٿي. ڪالو خان شاهي مهربانين جي باوجود، دربار مان فرار ٿي ويو هو، ۽ پنهنجي قبيلي کي گڏ ڪري ڪوهه مهريءَ ۾ ويهي بغاوت ڪرڻ تي آمادو هو. زين خان ڪوڪلتاش به انهيءَ مهم جو سرڪردو هو. "اڪبر نامہ" جو مصنف انهيءَ معرڪي لاءِ لکي ٿو ته:

> "ڪوڪلتاش (زين خان) آگهي شبگير نمود. پيشدستان هراول نقاره نواختند. و غنودگان بي خبري آگاهي يافته. در پراگندگي تگاپو نمودند. اگرچه آن نافرجام (ڪالو خان) بدر رفت، ليڪن بيش از هفتاد گزيده مرد را روزگار سپري شد. و هم درين اثنا. محمد بحري، و ملڪ اصغر بر سر وي ريختند. مير ابوالقاسم بڪارزار درآمد. و شير خان ڪه بسر غنجي شده بود، بهنگام. تاخت. و فيروزي روي داد. نزديڪ چهار حصه افغانان بخاڪدان نيستي غبار آلود گشتند. و هنگام فرومايگان لختي از هم پاشيد." [2]

سال 997 هه (34 اڪبري) ۾ اڪبر ڪشمير کان موٽي ٿي آيو، واٽ تي خواجه صندل جي مزار وٽ قيام پذير هو، جو مير ابوالقاسم ڪالو خان کي وٺي اچي حاضر ٿيو- ابوالفضل لکي ٿو ته:

> " درين ولا، مير ابوالقاسم نمڪين، از سواد آمده بسجده نيايش روشن پيشاني گشت. ڪالو افغان را (ڪه گريخته شورش يوسف زئي را سرمايه شده بود) همراه آورده، چون فيروزي سپاه آن ڪوهسار را گرد گرفت، وڪار بر

(1) "اڪبر نامہ" ص. 532/3.
(2) "اڪبر نامہ" ص. 533/3.

سرڪشان آن سر زمين تنگ شود، هر گروهي، بيڪي از امرا پناه برد، ابن بد گهر (ڪالو خان) مير را دستاويز رستگاري گردانيد، گيتي خداوند، آن نيستي سزاوار را بزندان دبستان فرستاد." [1]

ڪالو خان ۽ سندس ساٿي جڏهن مقابلي کان مايوس ٿي ويا، تڏهن منجهانئن هر هڪ ڪنهن امير کي وسيلو بڻائي، شاهي حضور مان معافي ورتي، ڪالو خان مير ابوالقاسم کي پشت پناهه ڪري اچي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو، ۽ مير صاحب جي سفارش سبب ڪيس جان جي امان ڏيئي بنديخاني ۾ موڪليو ويو.

## بکر جي جاگير:

سنڌ جي مهم تي، اڪبر جڏهن خان خانان کي لاهور مان روانو ڪيو، ان وقت بکر جو صوبو، ڪيس اخراجات لاءِ بطور جاگير ڏنو ويو. اهو فرمان شوال 998 هه کان ڪجهه ڏينهن اڳ نڪتو.

خان خانان، اها مهم پوري ڪري، مرزا جاني بيگ ۽ سنڌ جي ٻين اميرن سميت، 24 جمادي الثاني (8 فروردين) 1001 هه جو، آگري جي شاهي دربار ۾ پهتو. انن ڏينهن بعد، يعني 1-2 رجب (15 فروردين) جو، ابوالفضل لکيو آهي ته 'مير ابوالقاسم نمڪين بہ پنهنجي تيولداريءَ تان موٽي اچي بادشاهه جي سلامي ٿيو.'

"شاهم خان جلاير و مير قاسم خان نمڪين ازتيولداري آمده دولت بار يافتند، و بخسرواني نوازش سر بر افراختند" [2]

ڪتان جي تيولداريءَ تان مير صاحب موٽي آيو، ان جي وضاحت ٿيل ڪانہ آهي ۽ نہ وري اهو اشارو ملي ٿو، تہ ان کان پوءِ مير صاحب ڪاڏي ويو ۽ ڪهڙي خدمت سندس سپرد ٿي. جنهن ڏينهن مير صاحب دربارشاهيءَ ۾ رسيو، ان ڏينهن ڪيترن اميرن جون تبديليون ۽ مقرريون ٿيون، مثلاً ٺٽي جو نئون فتح ٿيل صوبو،

---

(1) "اڪبر نامہ" ص. 559/3.
(2) "اڪبر نامہ" ص. 637/3.

جنهن سال (998 هہ) خان خانان ڪي بکر جو صوبو مليو هو انهيءَ ئي سال بلڪ ساڳئي وقت، مير معصوم جيڪو پڻ سالن پڇاڙيءَ بادشاهه ڪان موڪل وٺي وطن واپس ٿي رهيو هو. تنهن ڪي بکر جي صوبي جا ڪي علائقا جهڙوڪ: دربيلو، ڪاڪڙي ۽ چاندڪو ڏنا ويا. تنهنڪري 1003 هہ ۾ جڏهن مير صاحب ڪي اهو صوبو مليو،[1] ان وقت بہ اهي علائقا سندس جاگير مان خارج سمجهڻ گهرجن، ڇاڪاڻ مير معصوم انهيءَ وقت تائين انهن علائقن تي قابض ۽ بکر ۾ ئي موجود هو. جتان هو گڏجي مير نمڪين سان سيويءَ ويو.

**سيويءَ جي مهم:**

ابوالفضل لکي ٿو تہ سبيءَ جو قلعو ڪنهن وقت بکر جي ماتحت هوندو هو، ليڪن گهڻي وقت کان وٺي، ان تي پنيءَ جا پناڻ قبضو ڪري وينا هئا، بادشاهه ان جي بازيافت لاءِ حڪم موڪليو، جنهن تي مير ابوالقاسم ۽ ٻيا روانا ٿيا.

> "سيوي استوار قلع ايست نزد قندهار، در پاستان زمان مرزبان بکهر داشت، واز دير باز افغان پسي[2] برو چيره دست، سيد بها ء الدين بخاري تيوالدار اچ، و بختيار بيگ اقطاع دار سيوستان، و مير ابوالقاسم جاگيردار بکهر، و مير معصوم (بکهري)و ديگر سپاه صوبہ ملتان را فرمان شد کہ بدان جا شده انداز گوئي راستمايہ بگوشهايش برسانند، و اگر نمي نيوشند بسزا برمالند." [3]

ابوالفضل جي قول مطابق، شاهي لشڪر ڪي انهيءَ مهم ۾ ڪاميابي

---

[1] نمڪين ڪي بکر واري جاگير ملڻ واري سال تي مؤرخن جو اختلاف آهي، مثلاً
1-"ذخيرة الخوانين" جو مصنف لکي ٿو تہ 1004 هہ ۾ پهريون دفعو ڪيس بکر مليو. (ص. 118).
2-"طبقات اڪبري" 1002 هہ ۾ ختم ٿيو. ان ۾ آهي "درزمرهٔ امراست و حڪومت بکهر دارد" ص. 3/746، يعني 1002 هہ ۾ بکر جو حاڪم هو.
3- "ماثر الامرا" جو مصنف لکي ٿو تہ 1007 هہ ۾ پهريون دفعو ۽ 1015 هہ ۾ ٻيو دفعو ڪيس بکر مليو.
4- "لب تاريخ سنڌ" جي مصنف بکر جي حڪومت جو سال 1004 هہ ڄاڻايو آهي.
ليڪن صحيح قول "اڪبر نامہ" جو آهي تہ 1003 هہ ۾ مير صاحب بکر ۾ حاڪم هو ۽ اتان سيويءَ ويو.

[2] ڪن مؤرخن "افغان پني" لکيو آهي. ممڪن آهي تہ اهو لفظ "پشين" يا "پسني" هجي.

[3] "اڪبر نامہ" ص. 3/366. "مظهر شاهه جهاني" ص. 2/295.

ميرزا شاهه بدخشيءَ جي حوالي ڪيو ويو، ۽ ميرزا جاني بيگ کي ملتان بطور جاگير مليو. اهڙيءَ طرح جن اميرن ۽ سپاهين سنڌ جي فتح ۾ حصو ورتو هو، انهن سيني کي بہ انعامن، جاگيرن، منصبن ۽ صوبيدارين سان نوازيو-

"درين روز (15 فروردين- 1-2 رجب 1001 هہ) ولايت تهتہ، در اقطاع ميرزا شاه رخ دادند، و ميرزا جاني بيگ[1] را منصب سہ هزاري و صوبہ ملتان عنايت شد، و هر ڪدام از خدمت گزينان سندهہ باداش نڪوڪاري برگرفت." [2]

مير صاحب جي فرزند، ميرڪ يوسف، جي تصنيف "مظهر شاهہ جهانيءَ" مان معلوم ٿئي ٿو، تہ بکر جو علائقو، جيڪو خان خانان جي حوالي هو، سو سندس والد کي جاگير طور ڏنو ويو، ۽ انهيءَ زماني ۾ مير صاحب شاهي حڪم تي سيويءَ تي چڙهائي ڪئي-

"فتح قلع سيوي را از دست افاغنہ پني در زمان حضرت عرش آشياني، بعنايت الاهي و باقبال بي زوال بادشاهي، پدر غلام ڪرده بود، زماني ڪہ ' ' بکهر از تغير خان خانان عبدالرحيم در جاگير او نموده بودند." [3]

"مظهر شاهہ جهانيءَ" سنہ سال ڪونہ ڏنو آهي تہ ڪهڙي وقت بکر مير صاحب کي مليو ۽ ڪهڙي سال ۾ سيويءَ تي لشڪر ڪشي ٿي. "اڪبر نامہ" مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سيويءَ تي اهو حملو 1003 هہ ۾ ٿيو، جنهن ۾ مير معصوم، اُچ تيولدار سيد بهاءُ الدين بخاري، سيوهڻ جو جاگيردار بختيار بيگ، ۽ ملتان جو لشڪر مير ابوالقاسم سان گڏ هئا. "مظهر شاهہ جهاني" جي مٿئين اقتباس جي لفظ "زماني" مان معلوم ڪجي ٿو، تہ بکر انهيءَ سال مير صاحب کي مليو ۽ بکر جي چارج وٺڻ بعد ئي هن سيويءَ تي ڪاهہ ڪئي.

---

[1] ميرزا جانيءَ انهيءَ حڪم کي ناپسند ڪيو، ۽ خان خانان جي ذريعي ڪوشش ڪري، ٺٽي جو صوبو پاڻ حاصل ڪيائين. ميرزا جاني بادشاهہ وٽ رهي پيو، پنهنجي اميرن کي انتظام لاءِ ٺٽي موڪليائين، جن ميرزا غازيءَ جي نيابت هيٺ مملڪت جو ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو.

[2] "اڪبر نامہ" ص. 3/638.

[3] "مظهر شاهہ جهاني" ص. 2/248.

حاصل ٿي، ۽ سيويءَ جي فتح ٿيڻ سبب، ڪيچ ۽ مڪران تائين جو علائقو اڪبري قلمرو ۾ اچي ويو.

"و ازين فيروزي تا قندهار و ڪيچ و مڪران بقلمرو آمد."

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ سيويءَ جي فتح بعد، سندس والد (مير نمڪين) بادشاهہ جي خدمت ۾ لکي موڪليو تہ جيڪڏهن ڪيس حڪم ملي تہ ڪيچ مڪران جو علائقو بہ فتح ڪري شاهي سلطنت ۾ شامل ڪري، ليڪن سياسي مصلحتن سبب بادشاهہ ڪيس اجازت نہ ڏني.

"از حضرت عرش آستاني استدعا ڪرده بود ڪہ اگر حڪم شود ملڪ ڪيچ و مڪران را در قبضہ تسخير اوليأ قاهره در آرم. حضرت بادشاه ابا نمودند، و فرمودند ڪہ چون ڪيچ و مڪران بر سرحد ولايت شاه عباس است، و درميان ما و ايشان اخلاص ميگذرد، بيوجہ دست بآن ملڪها ڪردن خوب نيست." (1)

انهيءَ مهم ۾، مير نمڪين سان گڏ مير معصوم بکري، سيد بهاءُ الدين بخاري، ۽ بختيار بيگ بہ شامل هئا، ليڪن جنهن صورت ۾، سيوي بکر جي صوبي جو مدتن کان جزو رهندي ٿي آئي، تنهنڪري، بحيثيت حاڪم بکر جي، اها فتح ۽ فيروزمندي مير نمڪين جي نالي منسوب ٿي، ۽ بيا امير فقط امداديءَ طور ساڻس گڏ هئا. فتح بعد، مير نمڪين اتان جي باشندن تي اجارو ۽ ڍل وغيره بست ڪئي، جيڪا انهيءَ دستور تي "مظهر شاهہ جهانيءَ" جي تصنيف واري سال (1044 هہ) تائين وصول ٿيندي ٿي آئي، بکر مان ئي هر سال ان جي وصوليءَ لاءِ ڪاردار موڪليا ويندا هئا.

"تا حال هما اجاره ڪہ پدر غلام بر مردم افاغنہ سيوي از نقد و جنس بربستہ، منظور شده مي آيد. سر فصل مردم تعنات ملڪ بکر يا احشام رعيت رفتہ مقطعي را ازان مردم ميگيرند." (2)

---

(1) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 247/2.

(2) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 247/2.

**ڪشمير، بهار، سيوهڻ:**

"طبقات اڪبريءَ"، 1003هه[1] ۾، مير نمڪين کي بکر جو حاڪم بيان ڪيو آهي. ابوالفضل اهو ڪونه ڄاڻايو آهي، ته خان خانان کان بکر جي جاگير منتقل ٿي مير صاحب جي قبضي ۾ ڪهڙي سال آئي. نه وري ميرڪ يوسف ئي ان تي ڪا روشني وڌي آهي، هن فقط اهو اشارو ڪيو آهي، ته جنهن زماني ۾ خان خانان کان بکر جي حڪومت (جاگير) ڦري سندس والد جي حوالي ٿي، انهيءَ وقت سبيءَ تي هن لشڪر ڪشي ڪئي. "اڪبر نامہ" ۾ انهيءَ لشڪر ڪشيءَ جو سال 1002 هه بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري پائنجي ٿو ته 1002هه ۾ مير بکر ۾ آيو، ۽ 1003 هه ۾ سبيءَ ويو. اتان فتح ڪري بکر ڪڏهن موٽيو ۽ ڪيتري وقت تائين بکر جو جاگيرار ٿي رهيو، ان جي وضاحت ٿيل ڪانہ آهي. اسان کي 1006 هه (43 اڪبري) ۾ مير صاحب ڪشمير ۾ نظر اچي ٿو. ابوالفضل جو قول آهي ته بادشاهه سلامت لاهور مان جڏهن جنوبي هند ڏانهن ڪوچ ڪري پهرينءَ منزل تي رونق افروز ٿيو، ان وقت مير نمڪين ڪشمير کان موٽي اچي بازياب ٿيو-

"سي ام (30 ماه ابان- 43 اڪبري) در نخستين منزل ابوالقاسم نمڪين از ڪشمير آمد و دولت باريافت..."[2].

ڪشمير وڃڻ جو سبب ڏيکاريل ڪونہ آهي، قياس اهوئي آهي ته 1005هه تائين مير نمڪين بکر ۾ رهيو ۽ ان کان پوءِ ڪنهن خاص ڪم سان ڪشمير ويو، 1006 هه ۾ موٽي اچي پهرينءَ منزل تي بادشاهه جي حضور ۾ بارياب ٿيو، جتان ساڻس گڏيو جنوبي هند ويو. بادشاهه جنوبي هند پهچي، ابوالفضل جي قول موجب، مير نمڪين کي بهار جو علائقو عطا ڪيو.

"ابوالقاسم نمڪين را در بهار اقطاع دادند و بپاسباني آنجا دستور يافت."[3]

---

(1) "طبقات اڪبريءَ" جو مصنف خواجہ نظام الدين احمد 45 ورهين جي ڄمار ۾ 23 صفر 1003 هه جو لاهور ۾ فوت ٿيو. "طبقات" هن انهيءَ سال ختم ڪيو. ۽ ان ۾ هن مير نمڪين کي بکر جو حاڪم ڄاڻايو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته مير صاحب 1003 هه کان اڳ بکر ۾ پهتو.

(2) "اڪبر نامہ" ص. 746/3.

(3) "اڪبر نامہ" ص. 748/3.

"ماثر الامرا" جو قول آهي تہ مير صاحب کي 1007 هہ ۾ پهريون دفعو بکر بطور جاگير مليو. ۽ 1015 هہ ۾ دوباره جهانگير اهو صوبو سندس حوالي ڪيو. اسان جو قياس اهو آهي تہ 1002هہ کان وٺي 1005 هہ ۾ ٿوري وقت لاءِ ڪشمير وڃي وري موٽي اچي شاهي سفر ۾ شامل ٿيو. 1006 هہ ۾ "اڪبر نامہ" جيڪو بهار ملڻ جو واقعو لکيو آهي سو درحقيقت بهار نہ بلڪ بکر آهي. جيڪو مطبوعہ نسخي ۾ ٽائيپ جي غلطيءَ سبب "بهار" ٿي ويوآهي. ڇاڪاڻ تہ "مظهر شاهہ جهانيءَ" مان معلوم ٿئي ٿو جڏهن مير صاحب کي سيوهڻ جو صوبو مليو ان وقت هو بکر جو جاگيردار هو ۽ اتان ئي هو سيوهڻ آيو. سيوهڻ ۾ اچڻ جو زمانو 1008 هہ - 1009 هہ جي لڳ ڀڳ آهي.

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ، 'سيوهڻ جو صوبو ڪيتري عرصي کان زبون رهندو ٿي آيو. انتظامي خواهہ آمدنيءَ جي لحاظ کا ويران ٿي چڪو هو. هڪ عرصي کان جيڪي جاگيردار ايندا ٿي رهيا، تن سواءِ ظلم ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ستائڻ جو ٻيو ڪو ڪم ڪونہ ٿي ڪيو. جنهنڪري رعيت ۽ راڄ- ڀاڳ سڀ لڏي پلاڻي هيڏي هوڏي منتشر ٿي ويا هئا. بک ۽ بدانتظاميءَ سبب عام ڌاڙا، خون ۽ ڦريون ٿينديون ٿي رهيون. ۽ امن امان ختم ٿي چڪو هو ۽ آمدرفت جا رستا بہ بند ٿي ويا هئا. شيخ موسيٰ گيلاني ۽ قره بيگ جي جاگيرداريءَ جو دور تہ انتهائي خراب رهيو. جنهنڪري مجبور ٿي بادشاهہ مير ابوالقاسم کي بکر مان ڦيرائي سيوهڻ جو صوبيدار ڪيو. ۽ ڪاهان، جوڻيجا، ۽ خطي جي اڌ پرڳڻي کان سواءِ ٻيو سمورو صوبو سندس حوالي ڪيو ويو.'

## سيوهڻ جي انتظامي اصلاح:

صوبي جي حالت جيئن تہ انتها درجي تائين خراب ٿي چڪي هئي. تنهنڪري مير نمڪين اچڻ سان سڌاري ۽ انتظامي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويو. درهم برهم ٿيل ملڪ جي حالت ڏنائين. سڄي ملڪ جي حالتن جو جائزو ورتائين. ۽ ان کان پوءِ قانون گوين کي گهرائي حڪم ڏنائين تہ هر پرڳڻي جو عنوان هيٺ، ڳوٺن، زمين، زراعت ۽ آباديءَ جي فهرست تيار ڪن. جڏهن اهي فهرستون تيار ٿي ويون، ان وقت هو پاڻ ملڪ جي دوري تي نڪتو. ۽ جنهن جنهن ڳوٺ جا ماڻهو جتي جتي لڏي وڃي وينا هئا، انهن سڀني کي گهرائي،

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سندن اصلوڪن ڳوٺن ۾ آباد ڪندو ويو. ۽ ڪين وڏن وڏن رعايتن جا دلاسا ڏيئي، ڪين قيام ۽ زراعت تي آماده ڪندو ويو-

"و اين ڪاغذ را بدست گرفتہ مردم رعيت مواضعات ويران
شده را از هرجا تجسس و تفحص نموده آورده درجا و مقام
آنها نشانده دلاساي بخشي يا مساعدت و تخفيف حصہ
هريڪ را نوشتہ دادشي." [1]

"مظهر شاهہ جهانيءَ" مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو، تہ ڪمزور ۽ پرپٽڙين صوبيدارن، خسيس طبقي جي ماڻهن مان چغلخورن جو هڪ وڏو تعداد پيدا ڪري ڇڏيو هو. جن رعيت ۽ راعيءَ جي وچ ۾ نفاق پيدا ڪرائي، حاڪمن کان محڪومن تي ظلم ڪرائي، ملڪ جو خانو خراب ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ طبقي جي پيدا ٿيڻ جو شايد خاص سبب هيءُ بہ هو تہ صوبيدار هميشہ ڌاريا ايندا هئا. جن کي نہ ملڪ جي خبر نہ مُلڪين سان ڪا همدردي هئي، خبرن چارن پڌائڻ لاءِ هو اَهڙي قسم جي وچ - نوڪين کان ڪم وٺندا هئا. جنهنڪري انهيءَ طبقي هڪ طرف پنهنجا جاوا ڪيا، ٻئي طرف حاڪمن کي ورغلائي پنهنجو اثر انهيءَ حد تائين پيدا ڪيو، جو سڄو ملڪ پيو ڪانئن ڪنبندو هو. ميرڪ يوسف جو قول آهي تہ 'سيوهڻ جي صوبي کي زياده تر برباد انهيءَ طبقي جي غرض گوئين ۽ چُغلين چواتن ڪيو.' راڄ ۽ رعيت تي، جاگيردار چغلخورن جي چئي تي سختيون ڪندا هئا. حقي ناحقي اجارا، ڍلون ۽ چٽيون چُوريون وصول ڪندا هئا. عوام آخر حاڪم جي خلاف جدوجهد شروع ڪري خونريزيون ڪرڻ شروع ڪيون، سرڪاري ماڻهن سان مقابلا ڪيائون، ۽ جڏهن مجبور ۽ لاچار ٿيا تڏهن ملڪ ڇڏيون هليا ويا. ڪن وجي سنڌ جي بين صوبيدارين ۾ پناهہ ورتي ۽ جيڪي گهڻو آزاريل هئا. تن تہ مرگو قلات، مڪران ۽ بلوچستان وجي وسايو.

مير نمڪين جنهن صورت ۾ سنڌ کي پنهنجو وطن بڻائي چڪو هو، تنهنڪري ملڪ ۽ ملڪ جي ماڻهن سان کيس محبت ۽ همدردي هئي. اهوئي

[1] "مظهر شاهہ جهاني" ص. 300/1.

ڪارڻ هو، جو سيوهڻ جون نازڪ حالتون ڏسي بادشاهه مير صاحب کي اتي موڪليو. جنهن اچڻ سان هر شيءِ کي اچي درست ڪيو. چغلخورن جو پڙ بنياد ڪڍي ڇڏيائين، ۽ انهيءَ قسم جي ماڻهن کي پاڻ وٽ ڪڏهن اچڻ نه ڏنائين-

"و حرف هيچ غرض گوئي را از مردم چغل در حق رعيت بسمع نياورد." [1]

لڏي ويل ماڻهو موٽي اچي ماڳئين ٿيا. قحط ۽ بک سبب جيڪي ڌاڙا ۽ خونريزيون ٿينديون هيون، تن کي بند ڪري، سرحدن تي چوڪيون ۽ ٿاڻا نئين سر قائم ڪيائين. وقت نا وقت سرحدي علائقن ڪان ڌاڙيل اندر گهڙي اچي جيڪا ڦر ڪندا هئا، اها پڻ بند ٿي ويئي. رستا کلي ويا. امن امان اهڙو ٿيو، جو آمدرفت ۽ وڙو واپار جاري ٿي ويو.

سميجا ۽ انڙ قبيلا انهيءَ دور ۾ سخت خودسر هئا. هو سنڌ جي مختلف حصن مان اچي سيوهڻ جي ماڻهن کي ستائيندا هئا. ڪيترا دفعا مختلف صوبن جي حاڪمن سنڌس گوشمالي به ڪئي، ليڪن هو پنهنجي حرڪتن ڪان باز نه آيا. سيوهڻ جو صوبو خاص طرح سندن ترڪتازين جو آماجگاهه هو. هڪ دفعي جو ذڪر ڪندي ميرڪ يوسف لکيو آهي ته مير صاحب جو هڪ ملازم، بايزيد، سندس پرڳڻي ۾ شُقدار هو. سميجا قبيلي جا ڦورو ٻن پهرن جي وقت سن جي سامهون ڪجران(؟) جي ڳوٺ ۾ اچي نڪتا، ۽ لاکن جو مال متاع، ڍور ڍڳا لٽي راهي ٿيا. بايزيد اطلاع پهچڻ تي غصي ۽ غيرت مان اڪيلي سر اٿي ڪڙو ٿيو، ۽ پنيانئن ڪاهي پيو. واٽ تي درياءُ ٽپي، جڏهن وجي ڌاڙيلن جي مٿان پيو، تڏهن هنن سندس گهوڙي کي زخمي ڪري، ڪيس ان تان ڪيرائي، قتل ڪري ڇڏيو.

اهو اطلاع شام ڌاري مير نمڪين کي پهتو. پاڻ فوراً تيار ٿي نڪتو، ليڪن ان کان اڳ جو هو واردات تي رسي، ته سندس سپاهي وجي پهتا، جي سميجن جا ڌاڙا ڪڍي ڇڏيا. انهيءَ معرڪي ۾ سميجن جا ڪيترا ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪيترا سردار به گرفتار ٿيا. مير نمڪين به درياءُ ٽپي، خطي پرڳڻي جي

---

[1] "مظهر" 2/300.

مهراڻ ڳوٺ ۾ اچي پهتو. جو سندس سپاهي مقتولن جون منديون ۽ گرفتار ٿيل ذاڙيل وٺي اچي حاضر ٿيا. انهيءَ شڪست سميجن جا تاڪ ڪڍي ڇڏيا. صبح جو سندن ڪي چڱا مڙس ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي ۽ چڪ ۾ گاهه ڪري، توبهون پرينبدا اچي پيش پيا. مير صاحب مٿن ڳرا ڏنڊ وڌا ۽ جرماني طور ڪانئن سَگ وٺي لاڪن ڪي عيوض طور ڏنا. سميجن جي وچ ۾ "ويجهڙو" نالي هڪ ڳوٺ هو، جتي مير صاحب هڪ مستحڪم قلعو ٺهرايو. ساڳيءَ طرح "ديهه ڳوٺ" (پرڳڻو حويلي) ۾ درياءَ جي ڪناري ٻيو قلعو بہ ٺهرايائين. انهن ٻن قلعن ٺهڻ بعد سميجن ۽ انڙن وري سر مٿي نہ ڪنيو ۽ عام رعيتي ٿي رهڻ لڳا. مال گذاري ۽ اجارا وغيره بہ وقت سر ادا ڪندا هئا.

اهڙيءَ طرح باغبان جا سميجا ٿيبا بہ مدتن ڪان دنگي فساد، چوريءَ ۽ رهزنيءَ تي ڪريل هئا. هڪ دفعي چاندين سان گڏجي سرڪشيءَ تي سنبريا. مير صاحب پاڻ لشڪر ڪشي ڪري، وجي ڪين اهڙي تنبيهه ڪئي جو هميشه لاءِ نري ويا. هڪ فعي پرڳڻي حويليءَ جا نمردي سيوهڻ تي ڪاهي آيا، ۽ خوب اچي لٽ ڦر ڪيائون. سيوهڻ جو ٺاٽيدار، قلي جان، مٿن حملو ڪري ويو، ۽ ڪانئن مال متاع ڇڏائي، ڪين اهڙيءَ طرح تباهه ڪيائين، جو سيني لاءِ سبق ٿي ويو. گرفتار ٿيلن ڪي مير صاحب بہ عبرتناڪ سزائون ڏيئي، هميشه لاءِ ڪين ختم ڪري ڇڏيو.

انهن ٽن واقعن بعد هيبت پئجي ويئي، ۽ سرڪش ماٺهو دبجي ويا. اوري پري جا ڏوهي ماڻهو اچي پيش پيا، ۽ معافيون وٺي، قول قرار ڪري، آئينده لاءِ پنهنجي بدعملن ڪان توبهہ تائب ٿيا.

اهڙيءَ طرح مير صاحب مدتن جي پيدا ٿيل بدامنيءَ ڪي ختم ڪري، ملڪ ۾ نئين سر ملڪي انتظام ڪي جاري ڪري، امن امان آندو. تجارتي قافلا جيڪي بند ٿي ويا هئا، سي ٻيهر چالو ٿيا ۽ سيوهڻ جي بازار ۾ جابلو واپارن جي خريد فروخت عام جام شروع ٿي ويئي. دستور هو تہ جابلو قافلا پنهنجي ملڪ جو مال ڪٺي، سيوهڻ ۾ اچي نيڪال ڪندا هئا، ۽ اتان جو اَنُ خريد ڪري موٽي ملڪ ويندا هئا. هڪ قافلو ڇئن پنجن هزارن اٺن جو هوندو هو. هر هڪ قافلي تي اٺن ۽ رڍن جو مقرر تعداد صوبيدار طرفان بطور اجاري تي رکيل

هوندو هو. جيڪو پهچڻ سان هو ڏيندا هئا. اها آمدني جيڪا مدت کان بند ٿي چڪي هئي، سا وري چالو ٿي.[1]

**ميرزا غازي ترخان:**

ميرزا جانيءَ جي انتقال بعد، اڪبر سندس پٽ ميرزا غازي بيگ کي ٺٽي جي مستقل صوبيداري عطا ڪئي. ميرزا عمر جو ننڍو هو. تنهنڪري پراڻن اميرن ڪوشش ڪئي ته ڪيس فقط شاهه شطرنج بڻائي ملڪي ڪاروبار پاڻ هلائين. ميرزا ابتدا ۾ ته خاموش رهيو، ليڪن اميرن جو اقتدار جڏهن حد کان متجاوز ٿيندو ڏنائين، ان وقت پراڻن اميرن کي عهدن تان هٽائي نون ماڻهن کي آندائين، جنهنڪري اميرن ۽ سندس وچ ۾ نفاق پيدا ٿيو، ۽ ميرزا وڏيءَ ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويو. اڪبر جي ذهن تي ويهاريو ويو ته ميرزا آزاد ٿيڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪرڻ وارو آهي، ۽ سندس دماغ ۾ خودسري ۽ سرڪشيءَ جي خوءِ بوءِ اچي ويئي آهي. بادشاهه ڪيس دربار ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ حڪم ڪدي، بابا طالب اصفهانيءَ کي ڏانهنس موڪليو. ميرزا جنهن صورت ۾ ملڪي اميرن جي سرڪشين ختم ڪرڻ ۾ مصروف هو، تنهنڪري بابا طالب جي پهچڻ کان پوءِ جلد روانو ٿي نه سگهيو، ۽ پورو هڪ سال شاهي قاصد کي ٺٽي ۾ ويهي ٿي ويو. بادشاهه جي انتظار ڪرڻ بعد سعيد خان چغتائيءَ کي ويهن هزارن سوارن سميت سنڌ ڏانهن روانو ڪيو،[2] ۽ اخراجات لاءِ ملتان ۽ بکر جو صوبو سندس حوالي ڪيائين. "اڪبر نامه" جو قول آهي ته بادشاهه ساڳئي وقت مير ابوالقاسم نمڪين ڏانهن به فرمان جاري ڪيو ته ميرزا غازيءَ کي وٺي اچي دربار ۾ پيش ڪري. سعيد خان جي آمد ۽ ابوالقاسم ڏانهن فرمان جو اجراء 1011 هه ۾ ٿيو.

"(1011 هه - 47 سال اڪبري) با ابوالقاسم نمڪين فرمان نافذ گشت ڪه ميرزا غازي را با خسرو خان غلامي ڪه

---

[1] "مظهر شاهه جهاني" ص. 2/300 - 302.

[2] "ماثر الامرا" ص. 2/404. "ماثر رحيمي" 2/350. ميرڪ يوسف لکيو آهي ته بکر ۽ سيويءَ جو علائقو ڪيس بطور جاگير ڏنو ويو.

معتمد اوست روانہ درگاه والا سازد." [1]

ميرڪ يوسف بہ ساڳئي طرح لکيو آهي:

"پير غلام را فرمان صادر شد ڪہ خود رفتہ ميرزا غازي را سزاولي ڪرده از تتہ بر آورده بحضور فرستد." [2]

مير صاحب کي اهو فرمان سيوهڻ ۾ پهتو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1008هہ کان وٺي 1011 هہ تائين مير صاحب سيوهڻ ۾ هو.

سعيد خان چغتہ دربيلي ۾ اچي منزل انداز ٿيو. مير صاحب چند سپاهي ساڻ ڪري سيوهڻ مان نڪري اچي نصرپور ۾ پهتو. ۽ اتان پنهنجو خاص ايلچي، مير عطاءُ الله مشهدي، جيڪو نهايت عقلمند، سليقہ شعار، شاعر ۽ خطاط هو، ميرزا غازيءَ ڏانهن اماڻيائين. ميرزا انهيءَ ايلچي ذريعي مير نمڪين ڏانهن چورائي موڪليو تہ 'اوهان هلي سيوهڻ ۾ ٿيو، مان اتي اچي اوهان سان ملندس، ۽ گڏجي سعيد خان وٽ پهچي، سڌو دربار ۾ هلنداسين' [3]

مير صاحب سيوهڻ ۾ واپس رسيو ۽ مٿان ميرزا بہ اچي پهتو. پيئي گڏجي سعيد خان وٽ ويا، جتي چند ڏينهن رهي، دربار ڏانهن راهي ٿيا. دربار ۾ سندن پهچڻ جو اطلاع اسان کي "اڪبر نامہ" جي ذريعي ملي ٿو:

"چهار دهم ماه مهرالاهي (1013 هہ) سعيد خان باپور خود، و مير ابوالقاسم نمڪين ملازمت نمود، و ميرزا غازي پور ميرزا جاني ترخان از تتہ آمده جبين بسجود آستان اقبال نوراني ساخت، و گزيده پيشڪش بہ نذرانہ گزرانيد- هيژ دهم بميرزا غازي و ابوالبقا اوزبڪ گوهر مرصع و بہ عابدي خواجہ جمدهر مرحمت شد." [4]

1013 هہ تائين سيوهڻ مير صاحب جي حوالي رهيو. بکر جي متعلق معلوم نہ ٿي سگهيو تہ 1007 هہ ۾ جڏهن مير صاحب سيوهڻ آيو، تہ بکر جو

---

(1) "اڪبر نامہ" ص. 816/3.

(2) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 302/2.

(3) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 303/2.

(4) "اڪبر نامہ" ص. 839/3.

صوبو پوءِ ڪيترو وقت سندس قبضي ۾ رهيو. 1011هه ۾، متي معلوم ڪري آيا آهيون تہ سيويءَ يا ملتان سميت بکر سعيد خان کي مليو.

### قنڌار ۽ جلال آباد:

مير يوسف جو قول آهي تہ اڪبر بادشاهہ، مير صاحب کي دربار ۾ پهچڻ شرط، قنڌار جي صوبيداري عنايت ڪئي، ۽ ساڳئي وقت بکر، سيوي ۽ سيوهڻ بہ تنخواہ طور سندس جاگير ۾ ڏنائين:

"صوبہ قنڌهار را بہ پير غلام قرار داند، ڪہ ار تغير شہ بيگ خان باو حوالہ نمايند، و ملڪ بکر، سيوي و سهوان بوي تنخواہ ڪنند." [1]

اجا انهيءَ حڪم تي عمل ئي ڪونہ ٿيو، تہ بادشاهہ اوچتو بيمار ٿي پيو، جنهنڪري سموريءَ دربار جو ڪم ڪار بند ٿي ويو. بادشاهہ 13 جمادي الثاني 1014 هہ (25 آڪٽوبر 1605ع) تي انتقال ڪيو، ۽ جهانگير تخت نشين ٿيو. ميرڪ يوسف لکيو آهي تہ نئين بادشاهہ اڳيون حڪم رد ڪري نئون فرمان ڪڍيو، جنهن موجب توختہ بيگ کي سردار خان جو خطاب ڏيئي، ڪابل مان بدلي ڪري، قنڌار رکيو ويو، ۽ سبي، بکر ۽ سيوهڻ بہ سندس حوالي ڪيا ويا. مير نمڪين کي جلال آباد جي خاص مهم تي مقرر ڪيو ويو.

### گجرات جي تيولداري:

جلال آباد جي مهم جي نوعيت ۽ تفصيل ڪونہ ڏنو ويو آهي، ليڪن هينئين واقعن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مير نمڪين کي جلال آباد جي مهم تي موڪلڻ سان گڏ، گجرات خورد (پنجاب) جي تيولداري بہ ڏني ويئي هئي، ۽ مير صاحب قياس آهي تہ ذي القعد 1014 هہ ڌاري آگري مان گجرات پهچي، انتظام ۾ مصروف ٿيو، ۽ اجا جلال آباد طرف روانو ٿيو ئي ڪين هو، تہ جهانگير جي پٽ شهزادي خسروءَ جي بغاوت در پيش آئي.

### خسرو جي بغاوت:

جهانگير کي تخت نشين ٿئي اجا پنج ڇهہ مهينا مس گذريا، تہ سندس

---

[1] "مظهر شاهجهاني" ص. 303/2.

خلاف شهزادي خسرو بغاوت شروع ڪئي، ۽ 8 ذي الحج 1014هه جو، هو آگري مان فرار ٿي، واٽ سان لُٽ ڦُر ڪندو، سڌو لاهور پهتو. جهانگير سيد فريد بخاريءَ ۽ چند ٻين اميرن کي سندس پٺيان موڪليو، سنت ئي پاڻ بہ اوڏانهن روانو ٿيو.

خسرو لاهور پهچي، شهر جي ناڪيبندي شروع ڪري ڏني. جڏهن سيد فريد بخاري سلطان پور[1] ۾ اچي پهتو، ان وقت خسرو ناڪيبندي ڪٽي، بيا[2] پهتو. جتي فريقين ۾ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ خسرو کي شڪست آئي، ۽ بقول صاحب "ماثر الامرا"، تباهہ حال ٿي، حيرت ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ اتان ڀڳو. ڪيس اها سڌ ڪانہ ٿي پئي تہ هو ڪهڙي طرف وڃي. جيڪي چند افغان ساٿس گڏ هئا، تن ڪيس صلاح ڏني تہ دوآبي ٿيندو آگري هلجي، جيڪڏهن دارالسلطنت تي قبضو ٿي وڃي تہ واهہ، ورنہ اتان مشرقي صوبن ڏانهن هلجي- اهو ملڪ وسيع آهي، ۽ گهٽي تائين اتي مقابلو جاري رکي سگهبو. حسن بيگ بخشيءَ انهيءَ راءِ سان اختلاف ڪندي چيو تہ 'اسان کي ڪابل هلڻ گهرجي'. شهزادي جو مٿس اعتماد هو، جنهنڪري ان جي صلاح تي لڳي ڪابل ڏانهن روانو ٿيو."[3]

بادشاهہ سيني صوبيدارن، جاگيردارن ۽ ملڪ جي مکيہ ماڻهن ڏانهن حڪم جاري ڪري ڇڏيو هو، جنهنڪري سيئي ماڻهو خبردار هئا تہ جتي ڪيس خسرو ملي تہ کيس گرفتار ڪن. خسرو پنهنجي چند ساٿين سميت گجرات جي سوڌرن[4] واري گهيڙ وٽ چناب ٽپڻ لاءِ اچي پهتو. ٻيڙي ٻيئل ڪانہ هئي. پري کان هڪ ٻيڙي گاهہ سان ڀريل آئي ٿي، جنهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائون، ۽ اُن کي زوريءَ ڪناري تي آڻي، ان ۾ سوار ٿيا. انهيءَ وچ ۾ دانهن ۽ ڪوڪن تي اوسي پاسي خبر پئجي ويئي. ۽ سوڌرن جو چوڌري پنهنجي

---

(1) ڪپور ٿلي جي قريب سلطان پور تحصيل آهي.

(2) بياس ندي.

(3) "ماثر الامرا" ص. 3/77.

(4) 'سوڌرهہ' گجرانوالہ ضلعي جو هڪ قديم شهر آهي. گجرات جو ڳوٺ ۽ سوڌرهہ هڪٻئي جي آمهون سامهون آهن، وچ ۾ چناب ندي وهي ٿي.

ماڻهن سميت اچي پهتو. جيئن شهزادو ڪناري تي لهي نہ سگهي. صبح ٿيندي، ابوالقاسم نمڪين، جيڪو ان وقت گجرات ۾ تيولداري هو، اچي پهتو، ۽ اچڻ سان، بقول "ماثر الامرا":

"آن غريق بي راه روي را بقبضہ آورده نظربند نمود" [1]

جهانگير پنهنجي "تزڪ" ۾ انهيءَ واقعي کي مفصل لکيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ابوالقاسم پنهنجي پٽن سميت فوراً اچي واردات تي پهتو، ٻنهي طرفن کان تيربازيءَ هلي، ۽ چئن ڪوهن تائين شهزادي جي ٻيڙي درياءَ جي سير ڏيئي هلندي رهي. ابوالقاسم نمڪين، هلال خان جي ذريعي درياءَ جي هڪ پر کي مضبوط ڪيو، ۽ ٻي پر سوڏرن جي چوڌري ڪمال خان جي ڄاڻي جهلي. مقابلو هلندو رهيو. آخر ۾ هاٿيءَ جي ذريعي ماڻهو شهزادي جي ٻيڙيءَ تائين پہ تا، ۽ ڪيس گرفتار ڪري ڪناري تي وٺي آيا. اهو آچر جو ڏينهن ۽ 24 محرم جي تاريخ (1015 هہ) هئي. ابوالقاسم شهزادي کي گجرات ۾ پنهنجي جاءِ تي وٺي آيو.

انهيءَ واقعي کي "منتخب اللباب"، "اقبال نامہ جهانگيري" ۽ "ذخيرة الخوانينْ" جي مصنفن تفصيل سان لکيو آهي[2] ۽ هر هڪ مصنف مير صاحب جي همٿ ۽ بهادريءَ جي ساراهہ ۽ واکاڻ ڪئي آهي. "ذخيري" جي مصنف جا الفاظ هي آهن:

مير ابوالقاسم نمڪين راڪہ پر گنہ گجرات خورد[3] بود،
خبردار ساختند - او در خدمت سلطان رسيده، بهزار حيل و تذ
وير او را با حسن بيگ و عبدالرحيم با پنج و شش کس ديگر
را بگجرات برده، اينها لا علاج شده... بقضا دادند...."

آگري کان هلي بادشاهہ بہ 9 محرم 1015 هہ جو اچي لاهور رسيو. 24

---

[1] "ماثر الامرا" ص. 3/77.

[2] "منتخب اللباب" ص. 252. "اقبال نامہ جهانگيري" ص. 15-16. "ذخيرة الخوانين" ص. 80.

[3] "آئين اڪبريءَ" جي مترجم بلاخمن لکيو آهي تہ سوڏرا جو پٽڻ جتان خسرو گرفتار ٿيو، وزير آباد جي اتر اولهہ جي ڪنڊ تي آهي. جناب کي انهيءَ زماني ۾ اتان اڪريو هو، ۽ گجرات جو شهر بہ وزير آباد جي قريب هو. ص. 1/456.

محرم جو امير ابوالقاسم خسرو کي گرفتار ڪيو، ۽ ڏهين يعني 3 صفر 1015ھ جو کيس وٺي اچي لاهور ۾ بادشاھ جي اڳيان پيش ڪيائين.

خسرو جي سلسلي ۾ 9-محرم جو جيئن بادشاھ لاهور پهتو، تيئن سندس قول مطابق،[1] کيس اطلاع پهتو تہ قنڌار جي پسگردائيءَ وارن قبيلن بغاوت ڪري، قنڌار تي حملو ڪيو آهي، ۽ اتان جو صوبيدار شاھ بيگ قلع بند ٿي ويهي رهيو آهي. بادشاھ کيس اڳ ئي بدلي ڪري چڪو هو، ۽ نئون صوبيدار سردار خان اوڏانهين لاءِ روانو ٿي، ملتان وٽ پهچي چڪو هو. بادشاھ مٿين حقيقت معلوم ڪري، ميرزا غازي ترخان کي پڻ لشڪر ڏيئي، قره بيگ سميت روانو ڪيو تہ ملتان وٽ سردار خان سان ملي، اوڏانهن روانا ٿين.

قنڌار جي بغاوت جو بادشاھ کي تمام گهڻو اونو هو. ويتر خسروءَ جي بغاوت سبب اهو خطرو ٿيو تہ اندروني بغاوت جون خبرون پڌي، متان قنڌار جا باغي زيادھ سرڪش نہ ٿين. ليڪن چند ڏينهن بعد خسرو بہ گرفتار ٿيو ۽ سندس وڏي ۾ وڏو مددگار گُرو ارجن[2] بہ گرفتار ٿي پيش ٿيو. جنهن کي قتل ڪيو ويو. ۽ اهڙيءَ طرح اندروني خلفشار جيتوڻيڪ ختم ٿي چڪو، ليڪن بادشاھ قنڌار جي مهم جو اڃا بہ منتظر هو، تنهنڪري انتظار ۾ لاهور ترسي پيو.

12 شوال 1015 ھ جو، ميرزا غازي فاتحاڻي انداز ۾ قنڌار داخل ٿيو، جنهن جو اطلاع 22 ذي القعد 1015 ھ جو بادشاھ کي لاهور ۾ پهتو.

**جلال آباد ۾ مير نمڪين:**

"ماثر الامرا" جو قول آهي تہ خسرو جي گرفتار ڪرڻ ۾ مير نمڪين جنهن همٿ کان ڪم ورتو، ان تي خوش ٿي بادشاھ کيس بکر جو صوبو جاگير طور ڏنو، ۽:

"اين حسن خدمت در پيشگاه خلافت باعث مجرا گشته
از اصل و اضافہ بمنصب سہ هزاري ترقي نموده." [3]

"ماثر" جي انهيءَ قول جي بئي ڪنهن هنڌان تصديق ڪانہ ٿي ٿئي.

---

[1] ڏسو "توزڪ جهانگيري"
[2] سکن جو پنجون گُرو ارجن - قتل ٿيڻ کان اڳ هن پنهنجي پٽ هرگوبند کي ڇهون گرو نامزد ڪيو.
[3] "ماثر" ص. 3/77.

جهانگير بہ انهيءَ طرف اشارو ڪونہ ڪيو آهي: پهرئين سال جي روزنامچي ۾ هن هڪ هنڌ هيترو لکيو آهي تہ "... اسان ابوالقاسم نمڪين جي منصب ۾ 15 سون جو اضافو ڪيو. هو منهنجي والد جو پراڻو خادم آهي." [1] جلال آباد جي مهم تي تقرر بعد کيس گجرات جو تيولداري ملي. انهيءَ وچ ۾ خسروءَ جو واقعو درپيش آيو. ممڪن آهي تہ بادشاهہ کيس بکر جو علائقو تنخواه ۾ ڏنو هجي، ۽ خسرو جي بغاوت ختم ٿيڻ بعد جلال آباد جي انهيءَ مهم تي کيس موڪليو ويو. جنهن تي هو اڳ ئي مقرر ٿيو.

اسان جو خيال آهي تہ مير صاحب جلال آباد 1015 هہ جي آخر ڌاري روانو ٿيو. ڏهن مهينن بعد، 22 ذي القعد 1015هہ جو، قنڌار جي فتح جي خبر بادشاهہ کي پهتي. مقامي حالتن کي سازگار ڏسي، بادشاهہ ڪابل ڏانهن وڃڻ جو خيال ڪيو، ۽ ذي الحج جي ابتدا يا وچ ڌاري، لاهور کان روانو ٿيو. 28 محرم 1016 هہ جو، بادشاهہ جڏهن درهٔ خيبر جي قريب علي مسجد وٽ منزل انداز ٿيو، ان وقت مير ابوالقاسم جلال آباد کان موٽندي اچي بادشاهہ جي سلامي ٿيو. جهانگير "توزڪ" ۾ لکيو آهي تہ "... هتي ابوالقاسم نمڪين جلال آباد جي جاگيردار منهنجي لاءِ خوبانيون آنديون، جيڪي ڪشميري خوبانين کان خوبصورتيءَ ۾ گهٽ هيون." [2]

انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾، اڳتي هلي، 3 صفر جي روزنامچي ۾ لکي ٿو تہ "... جلال آباد جي جاگير مير ابوالقاسم نمڪين کان ڦيرائي، اسان عرب خان کي ڏني..." [3]

جلال آباد جي سلسلي ۾ اسان کي فقط اهي اطلاع ملي سگهيا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڏينهن گهٽ ٻارهن مهينا مير صاحب جلال آباد ۾ گذاريا.

## باجور جي قلعيداري:

مير نمڪين کي جلال آباد جي عيوض کهڙي جاگير ڏني ويئي، ۽ کيس ڪيڏانهن موڪليو ويو. گجرات خورد جي تيولداري، جيڪا کيس جلال آباد

---

(1) "توزڪ" بيورج ص. 31.
(2) "توزڪ" بيورج ص. 102.
(3) "توزڪ" بيورج ص. 103.

جي مهم ڪان اڳ ملي هئي، سا وٽس رهي يا ويئي- انهن سيني ڳالهين جي وضاحت ٿيل ڪانہ آهي، نہ وري جهانگير يا ٻئي ڪنهن مؤرخ انهيءَ طرف اشارو ڪيو آهي. ميرڪ يوسف جي تاريخ مان فقط ايترو اشارو ملي ٿو تہ مير 1016 هہ ۾ باجور جو قلعيدار هو. جتان ڪيس بدلي ڪري ٻيو دفعو سيوهڻ موڪليو ويو. جنهن جو تفصيل هيٺ اچي ٿو.

اسان جو خيال آهي تہ علي مسجد جي منزل تي، 3 صفر 1016 هہ جو، جيئن بادشاهہ جلال آباد جو حڪم عرب خان لاءِ ڪيو، تيئن ئي مير صاحب جو آرڊر بہ باجور جي قلعيداريءَ لاءِ ڪيو ۽ مير صاحب گهٽو ڪري اتان ئي باجور هليو ويو. [1]

## سيوهڻ ۾ دوباره آمد:

سردار خان (توختہ بيگ)، قنڌار ويندي، سيوهڻ جي نيابت پنهنجي هڪ ملازم درويش بيگ جي سپرد ڪيو ويو.

درويش بيگ جي ڏينهن ۾ سيوهڻ جي حالت وري خراب ٿي ويئي. جن قبيلن کي مير نمڪين زير ڪري پر امن شهري بڻايو هو، تن وري انتظامي ڍلائيءَ سبب، فساد ۽ لٽ ڦر شروع ڪري ڏني.

خبر نہ ٿي پوي تہ درويش بيگ سيوهڻ ۾ ڇا ڇا ڪيو، ليڪن اسان کي ميرڪ يوسف جي ذريعي فقط هيترو معلوم ٿئي ٿو، تہ سيوهڻ جي سميجن تي، سندن بدڪردارين ڪري، درويش بيگ لشڪر ڪشي ڪئي. ويراون (؟) جو ڳوٺ ۾ درويش بيگ جي منزل هئي، رات جو سميجن شبخون هڻي، سندس لشڪر کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو. ماڻڪ چند جيڪو سندس لشڪر جو مکيہ عهديدار هو، سو پنجن سپاهين سميت مارجي ويو ۽ خود درويش بہ زخمي ٿي پيو.

صبح جو درويش بيگ شڪست خوردگيءَ جي حالت ۾، زخمن سان چور ٿي، سيوهڻ اچي پهتو، ۽ اتي انتقال ڪري ويو.

ميرزا غازي فتح ڪري، سردار خان جي حوالي ۾ ڏيئي، پاڻ موٽي اچي بکر ۾ ٻئي حڪم تائين ويهي رهيو. بادشاهہ ڪابل جو دورو ختم ڪري،

---

[1] باجور، دير، سوات ۽ چترال ايجنسيءَ جو هڪ شهر آهي، جنهن ۾ قلعو بہ آهي.

جڏهن موٽي لاهور آيو، ان وقت غازيءَ کي دربار ۾ پهچڻ جو حڪم موڪليائين. چنانچہ ميرزا 12 شعبان 1016 ھ ۾ لاهور پهچي، دربار شاهيءَ ۾ آستانہ بوسي ڪئي. هڪ مهيني بعد، 10 رمضان 1016 ھ جو، بادشاهہ کيس قنڌار جي حڪومت جو پروانو ڏنو، ۽ ميرزا غازي اوڏانهين وڃڻ جي تيارين ۾ مصروف ٿيو. 11 مهينا کن غازيءَ تياريءَ ۾ ورتا. 14 رجب 1017 ھ جو، کيس بادشاهہ جلد قنڌار وڃڻ لاءِ ٻيو حڪم موڪليو، جيئن تہ جهانگير پاڻ لکي ٿو تہ:

"در 14 ماه مذکور (رجب 1017 هـ) حڪم ڪر دم ڪہ ميرزا غازي متوجهہ قنڌار شود- اتفاقات حسنہ بمجرد آنڪ مرزاي مشاراليہ از بکهر روانہ ولايت مذکور گردد، خبر فوت سردار خان حاڪم آنجا مير سد، سردار خان از ملازمان مقرر و روشناس ميرزا محمد حڪيم عم من بود، توختہ بيگ اشتهار داشت." [1]

مٿين اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو تہ سردار خان جي زندگيءَ ۾ ئي بادشاهہ ميرزا غازيءَ کي قنڌار جي حڪومت سپرد ڪري چڪو هو، ۽ جڏهن قنڌار وڃڻ لاءِ بادشاهہ ٻيو حڪم (14 رجب 1017 هـ) ڪڍيو، ان وقت کيس سردار خان جي انتقال جي خبر پيئي.[2]

درويش بيگ جي رسوا ڪن شڪست ۽ انتقال جي خبر، وقايع نويس جي ذريعي جيئن بادشاهہ کي پيئي، تيئن هن مير نمڪين ڏانهن سيوهڻ وڃڻ لاءِ فرمان جاري ڪيو. اسان جو خيال آهي، تہ درويش بيگ جو انتقال 10 رمضان 1016 ھ کان اڳ ٿيو هوندو، ۽ 10 رمضان 1016 ھ تي، جيئن قنڌار لاءِ ميرزا غازيءَ جو فرمان نڪتو، تيئن ئي بادشاهہ سيوهڻ بہ سردار خان کان واپس ڪري مير نمڪين جي سپرد ڪيو هوندو. جيئن هيٺ معلوم ٿيندو.

ميرڪ يوسف لکي ٿو، تہ درويش بيگ جي انتقال جي جڏهن بادشاهہ کي

---

(1) "توزڪ" ص. 73، بيورج ص. 151.

(2) "ماثر الامرا" لکيو آهي تہ 1016 ھ ۾ توختہ بيگ انتقال ڪيو. (ج: 1، ص. 482) انتقال جي تاريخ لکيل ڪانہ آهي، ليڪن جهانگير جي "توزڪ" مان اندازو ٿئي ٿو، تہ توختہ بيگ 1016 ھ ۾ نہ بلڪ جمادي الثاني 1017 ھ ڌاري فوت ٿيو، جو جهانگير 14 رجب جي روزنامچي ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي.

خبر پهتي، تڏهن سيوهڻ سردار خان جي جاگير مان ڦيرائي سندس والد مير نمڪين کي ڏنو ويو.

"چون اين خبر از نوشتهاي واقع نويسان بسمع حضرت جنت مڪاني رسيد، باز از تغير سردار خان ملڪ سهوان را در جاگير پير غلام مرحمت ڪردند".

مير صاحب، جيئن اسان متي چاڻائي آيا آهيون. جلال آباد ڪان موٽندي، صفر 1016 هـ باجور جي قلعيدار ٿي ويو. انهن مهينن بعد، رمضان 1016 هـ ۾، جيئن ڪيس سيوهڻ لاءِ حڪم پهتو. تيئن پنهنجو پٽ (ميرڪ يوسف) باجور ڪان سيوهڻ ڏياري موڪليائين ۽ پاڻ به پنيان جلد ئي اچي پهتو.

"دوران وقت تهانه باجور حواله او بود، و از انجا اين خانه زاد راقم حروف را پيشتر با جميعت خوب سهوان فرستاد و متعاقت خود نيز رسيده آمد." (1)

ميرڪ يوسف لکي ٿو ته والد سيوهڻ ۾ اچي پهتو، ۽ ملڪ جي درستگيءَ لاءِ از سرنو ڪوشش شروع ڪيائين. انهيءَ زماني ۾ سردار خان جي فوت ٿيڻ جي به خبر قنڌار کان اچي پهتي.

"ملڪ ويران برهم خورده را ديده، باز درپي دلاساي رعيت بر ريخته ملڪ شده ملڪ را فراهم آورد. درين اثنا سردار خان قندهار جان بحق تسليم ڪرد." (2)

**قنڌار روانگي:**

مير نمڪين ٻيو دفعو ڏهه مهينا ڪن سيوهڻ ۾ رهيو (شوال 1016هـ تا رجب 1017 هـ)، ۽ ميرڪ يوسف جي قول مطابق، سيوهڻ جي انتظامي درستي ڪندو رهيو. 14 رجب 1017 هـ جو، جيئن ميرزا غازيءَ لاءِ قنڌار وڃڻ جو حڪم صادر ٿيو، تيئن ساڳئي وقت مير نمڪين ڏانهن به فرمان پهتو ته هو به ڪمڪ طور ميرزا غازيءَ سان قنڌار گڏيو وڃي، ۽ تيسين اتي رهي جيسين ميرزا قنڌار جي انتظام تي پوريءَ طرح حاوي ٿئي.

---

(1) "مظهر" ص. 304/2.
(2) "مظهر" ص. 304/2.

درويش بيگ جي ڏينهن ۾، سنڌ جي لاکن تي سميجن ۾ انڌن سخت ظلم ڪيا هئا. درويش بيگ ڪمزور ۽ بيڪار هو، تنهنڪري مظلومن جو داد فرياد نہ ڪري سگهيو، جنهن تي مايوس ٿي لاکن جا پريا مڙس جهانگير جي دربار ۾ دانهين ويا. بادشاهہ کين مير نمڪين ڏانهن فرمان ڪڍي ڏنو تہ هو چڱيءَ طرح سميجن جي گوشمالي ڪري، لاکن کي سندن ٿيل نقصان پرائي ڏئي. ميرڪ يوسف انهيءَ فرمان جو مطلب هنن اکرن ۾ بيان ڪيو آهي:

"در عملهاي سابق مردم لاکہ را سميجہ انر مخذول العاقبت زده، و تاراج ڪرده ملڪهاي آنها را در تحت خود برده بوند- بنابران جماع از مردم لاکہ بدربار عالم مدار مستغاثي شده فرمان حضرت جنت مڪاني بنام پير غلام حالي ڪرده آوردند، باين مضمون کہ ملڪ مردم لاکہ را از دست سميجہ بدبخت گرفتہ بمردم لاکہ بدهد و سميجہ تاديب خوب نمايد کہ ازين شيوه متمردي منزجر شوند."

يوسف لکيو آهي تہ فرمان ۾ اهو بہ لکيل هو تہ:

"و اگر عهده اين خدمت نمي تواند بر آمد، بدرگاه والا عرضداشت ڪند، کہ بجاي او ديگري را باين خدمت تعين ڪنيم تاحق مظلوم گرفتہ و جدا ڪرده حوالہ مظلوم نمايد." (1)

ميرزا غازيءَ سان گڏجي وڃڻ ۽ سميجن جي گوشمالي ڪرڻ وارو فرمان ٻيئي هڪٻئي پنيان گڏ پهتا. ميرزا غازي ان وقت قنڌار اُسهڻ جي تيارين لاءِ بکر ۾ مقيم هو. مير نمڪين بہ وٽس اتي وڃي پهتو.

"پدر غلام از سهوان بر آمده حسب الحڪم دربکر رفتہ ميرزا غازي را ملاقات ڪرد."

مير صاحب کي ٻنهي فرمانن پهچڻ بعد اهو خيال ٿيو تہ پاڻ سنڌ ۾ رهي، لاکن واري حڪم جي تعميل ڪري ۽ پنهنجي بجاءِ پنهنجي وڏي فرزند مير

(1) "مظهر" ص. 305/2.

ابوالبقا امير خان ڪي مضبوط لشڪر ڏيئي ميرزا غازيءَ سان قنڌار اماڻي.
جڏهن ميرزا سان مشورو ڪيائين، تڏهن هن انڪار ڪيو-

"ميرزا غازي قبول نڪرد، و گفت شما بجاي پدر من ايد.
همراه من باشيد ڪہ مرد دانا ڪارڪرده و رسا ايد، يڪ
مرتبہ بقنڌهار رسانيده در ضبط و ربط ملڪ قنڌهار با من
شريڪ بوده باز بجاگير خود بيايند." [1]

مير نمڪين مجبور ٿي پيو، ۽ بجاءِ ان جي جو پاڻ هتي رهي، سميجن
جي سرزنش ڪري، پنهنجي پٽ ابوالبقا کي نائب طور سيوهڻ تي مقرر ڪري،
ملڪي انتظام ۽ سميجن جي گوشماليءَ لاءِ پنيان ڇڏيائين.

**سيوهڻ جو قيام:**

ميرڪ يوسف پنهنجي والد لاءِ لکي ٿو تہ هو بہ دفعا سيوهڻ جو صوبيدار
ٿيو، ۽ ڪم و بيش ڇهہ ورهيہ انهيءَ علائقي ۾ رهيو. [2]

"و عمل پير غلام در هر دو مرتبہ قريب شش سال بود".

انهيءَ حساب جي پيش نظر پائنجي ٿو تہ پهريون دفعو مير صاحب
1009هہ کان 1013هہ تائين تقريباً 4 ورهيہ رهيو، ٻئي دفعي شوال 1016 هہ کان
1019هہ ۾ سندس وفات تائين تقريباً اڍائي ورهيہ سيوهڻ سندس قبضي ۾
رهيو. اهڙيءَ طرح ساڍا ڇهہ ورهين کن هن انهيءَ صوبي ۾ گذاريا.

سيوهڻ ۾ جيڪي مير صاحب انتظامي خواه ملڪي بهبوديءَ جا ڪم
ڪيا، ان جو مفصل ذڪر تہ ميرڪ يوسف ڪونہ ڪيو آهي، البتہ اشارن ۽
ڪتابن ۾ جن واقعن جو اجمالي تذڪرو ڪيو اٿائين، ان مان ڪي اسان متي
ڏيکاري آيا آهيون ۽ ڪن جو هن هيٺ ذڪر ڪريون ٿا.

**صفہ وفا:**

مير صاحب جيئن بکر ۾ پنهنجي نشست لاءِ "صفہ صفا" نالي درياءَ جي
ڪناري هڪ خوش نما عمارت نهرائي هئي، تيئن سيوهڻ ۾ بہ "صفہ وفا" نالي

---

[1] "مظهر" ص. 305/2.
[2] "مظهر" ص. 310/2.

انهيءَ قسم جي جاءِ هن جوڙائي، جنهن جو ذڪر جدا عنوان هيٺ اسان ڪتاب جي آخر ۾ مفصل ڪري رهيا آهيون.

**لکياري سادا تن سان سلوڪ:**

دادو ضلعي ۾ آمري ۽ لکي ڳوٺن ۾ لکياري ساداتن جو خاندان صدين کان آباد آهي. ميرڪ يوسف جو قول آهي تہ شاهہ حسن ارغون جي دور ۾ جڏهن همايون سنڌ (947 - 950 ھ) ۾ آيو، ان وقت شاهہ حسن سمورو ملڪ ويران ڪرائي ڇڏيو، جيئن بادشاهہ کي گاهہ ۽ ان ملي نہ سگهي. انهيءَ زماني ۾ لکيءَ ۽ آمريءَ جي ساداتن، جي مالدار ۽ وڏي اثر رسوخ وارا هئا، ۽ بقول ميرڪ يوسف نهايت ئي صحيح نسب هئا، [1] بادشاهہ جي بيحد خدمت ڪئي.

"خدمت خوب از دست سادات لکعلوي در حق عساکر ظفر ماثر آمده بود..... ابن جماعہ سادات بجا و مقام خودنشستہ بودند- و از دانہ و ڪاه و بز و گوسفند وغيره اشيائي کہ بمردم سپاه درڪار مي شد، خبرداري مي گرفتند- و حضرت جنت نشاني (همايون) خدمتهاي اين جماعہ را ديده خوشحال شدند. و فرمان عالي شان در باب سيور غال ديهہ ايشان عنايت ڪردند." [2]

ميرڪ يوسف لکي ٿو، تہ ڪيتري زماني کان وني، ملڪي مصيبتن ۽ ذاتي تباهين سبب اهي سادات بلڪل تباهہ حال ٿي ويا هئا، ۽ پنهنجا ۽ ڳوٺ گهر گهاٽ ڇڏي، ڪاهان جي پرڳڻي ۾ وڃي وينا هئا. منجهن اها طاقت ڪانہ هئي، جو وري موٽي اچي پنهنجي ڳوٺ ۽ گهرتڙ وسائين. جڏهن مير نمڪين پهريون ڀيرو سيوهڻ ۾ وارد ٿيو، ان وقت انهن ساداتن سان هن حد کان وڌيڪ سلوڪ ڪيا، ڪين ڍلن جون معافيون ڏنائين، لڏائي آڻي ڳوٺن ۾ ويهاريائين، ۽ ويران ٿيل زمينون ڪين آباد ڪرائي ڏنائين، همايون جا وٺن فرمان ڏسي، ڪين اها صلاح بہ ڏنائين تہ دربار ۾ وڃي، انهن فرمانن تي جاگيرن جا نوان پروانا

---

(1) "سادات لکعلوي بسيار صحيح النسب اند"- "مظهر" ص. 374/2.

(2) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 2/74-275.

ڪيرائي اچن. سادات سنبت ۾ هئا، جو بدقسمتيءَ سبب اوچتو لڪيءَ ڪي باهه لڳي، جنهن ۾ سندن سيڪجهه سڙي ويو ۽ فرمان به باهه جو بک ٿي ويا. [1]

ساداتن تي مٿي ذڪر ڪيل تباهي جو آئي، هنن گهر گهاٽ ڇڏي، ڇو ڳوٺ ۽ زمينون ويران ڪري ڇڏيون- ان جي مفصل حقيقت ميرڪ يوسف ڪانه لکي آهي. البت هڪ هنڌ ضمناً ذڪر ڪيو اٿائين، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سيوهڻ علائقي جي سميجن ۽ ٺاڪرو ڏاڙيلن سندن ڳوٺن کي بار بار لٽيو، ۽ ڪيترا دفعا سندن مال متاع هٽي ويا. آمريءَ ۽ ٺٽي ولي محمد کي انڙن لٽي ڦري ويران ڪري ڇڏيو هو، ۽ ڪيترا سيد ۽ سندن ماڻهو قتل ٿي چڪا هئا. ميرڪ يوسف لکي ٿو ته جڏهن شمشير خان قنڌار بدلي ٿي ويو، ان کان پوءِ انهن ڳوٺن تي تباهي آئي-

"رفته رفته از دست سميجه و مردم کوهي خراب ضايع شده. چناچه از مواضع سادات دو موضع، يک کوه آمري و ديگر موضع تتي ولي محمد ويران مطلق شدند. و اکثر سادات اين مواضع را مردم کوهي و سميجه بدرجه سادات رسانيدند. ورعيت متفرق شده رفت." [2]

شمشير خان جي هجڻ تائين اهو علائقو نهايت آباد ۽ شاداب هو. آمري ۽ ٺٽي ولي محمد جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ ميرڪ يوسف لکي ٿو ته:

"تا انقراضي شمشير خان اوزبک نهايت آبادان و معمور بودند. و گذشت عمل او اکثر سادات اين هرد و موضع از دست مردم نهمردي و سميجه اونر. بدرجهٔ شهادت رسيدند. و قليل ماندند. متصرف شده بهرجا رفتند." [3]

دينار خان، پنهنجي دور ۾، آمري، سن جي ارباب سيد يوسف کي جاگير ۾ ڏني، ۽ ٺٽي ولي محمد، سيد حسن لڪياريءَ جي حوالي ڪيائين. ساداتن انهيءَ دور ۾ انهيءَ علائقي کي خوب آباد ڪيو. لڪيءَ جي ڳوٺ ۾ جيڪي

---

(1) "مظهر شاهه جهاني" ص. 2/74-275.
(2) "مظهر شاهه جهاني" ص. 2/276.
(3) "مظهر شاهه جهاني" ص. 2/386.

سادات هئا. انهن سان پڻ ديندار خان اُهي ئي رعايتون ڪيون هيون- يعني، هڪ حصو سيد ابوبڪر جي اولاد ڏي ويندو رهيو ۽ هڪ حصو باقي ساداتن ۾ تقسيم ٿيندو رهيو ۽ ٻه حصا رعيت جي حوالي رهيا. اهوئي سبب هو، جو ديندار خان جي دور ۾ ٻه ملڪ جو اهو حصو اهڙو ئي آباد ۽ شاد رهيو، جهڙيءَ طرح مير نمڪين جي زماني ۾.

**مير نمڪين جو انتظام:**

سن، آمري، لڪيءَ ۽ ننڍي ولي محمد جي آباديءَ جو ذڪر مٿي ٿي چڪو. ميرڪ يوسف جو قول آهي تہ سندس والد سيوهڻ جي سموري صوبي کي چڱيءَ طرح آباد ڪيو. ماڻهن سان سٺا سلوڪ ڪيائين. واپارين کي سهولتون ڏيئي، تجارتي مال جي خريد و فروخت کي وڌايائين. امن امان اهڙيءَ طرح ڪري ڇڏيائين، جو رن زال رات جو زر ۽ زيور ترىءَ تي رکيون ويندي هئي تہ ڪيس ڪو خوف خطرو ڪونہ ٿيندو هو. سرڪش قبيلا زير ڪيائين ڪڙمين ۽ مسڪين ۽ غريب رعايا کي مطمئن ڪيائين. ڪڙمين سان خاص مروتون ڪري، زرعي پيداوار کي اهڙيءَ طرح واڌاريائين، جو دستوري ڏڪار جو ملڪ مان نالو نشان ئي مٽجي ويو.

اهو مؤرخ سيوهڻ جي هڪ ڳوٺ ڪاهي معجوئي (؟) (مواجبي) جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ اهو ڳوٺ لڪيءَ واري لَڪَ تي آهي، جتي رستو تمام خوفناڪ آهي- هيٺيان درياءُ وهي ٿو، ۽ رستو سنهو ۽ انهيءَ حد تائين خطرناڪ آهي، جو ٿوريءَ بي احتياطيءَ تي ماڻهوءَ جي جان وڃڻ جو امڪان آهي. سياري جو البت اهو رستو ڪليل هوندو آهي، پاڻيءَ جي چڙهہ ۾ درياءَ جي زور سبب آمدر رفت بند رهندي آهي. سانوڻيءَ جو تَڪَرَ جا ڌاڙيل ۽ سميجن جا رهزن انهيءَ رستي کي اُڪري اچي ڪاهي ڳوٺ کي تباهہ برباد ڪندا هئا، ۽ ماڻهن کي ماري ڇڏيندا هئا. ترخانن جي دور ۾ بہ انهيءَ ڳوٺ سان اهائي عقوبت هوندي هئي، جنهن تي هميشہ ترخاني سلطان انهيءَ رستي تي سخت چوڪسي رکندا هئا. ماڻهن کي مواجب ڏيئي، وقت بوقت جيڪي نقصان ٿيندا هئا. انهن جو پورائو ڪندا هئا، ۽ جيڪا بہ زراعت رعيت ڪندي هئي، اها ڪين ٻنهي سرين ڏني ويندي هئي، جنهنڪري ڳوٺ تي نالوئي "مواجبي" پئجي ويو هو.

بختياربيگ ترڪمان کان پوءِ، اهو ڳوٺ خود جاگيردارن جي ظلم ۽ بيداد سبب تباهه برباد ٿي ويو- رعيت لڏي وڃي ٻين ڳوٺن ۾ رهي هئي، ۽ زمينون ويران ٿي ويون هيون.

مير نمڪين جڏهن جاگيردار ٿي آيو، تڏهن هن ڪوشش ڪري رعيت کي وري آڻي آباد ڪيو، ۽ ساڻن رعايتون ڪري، نئين سر زراعت ڪرايائين-

"چون پير غلام در سهوان آمد رعيت اين موضع را از ملڪ بکر دلاسا ڪرده طلبيده، مساعدت داده در جاي و مقام آنها نشاند، وسيم حصہ از محصول زراعت آنها ميگرفت. و خبرداري نصف راه لکي را کہ بطرف سهوان واقعہ است، بعهده آنها گذاشت، و راه ديگر کہ بطرف پرگنہ سن است بمردم بلوچ نوبت بنده کہ در موضع لڪعلوي ساڪن اند سپرد، و خود ڪاشتہ آنها کہ در موضع مذڪور مي ڪردند، انعام ڪرد."[1]

انهيءَ ڳوٺ جي حالت شمشير خان جي زماني ۾، ۽ ان کان پوءِ بہ رفتہ رفتہ خراب ٿيندي ويئي. تڪر جي ڏاڙيلن ڳوٺ جي اڪثر ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو، سندن مال متاع ڪاهي ويا، ۽ ٻار ٻچا بہ قيدي ڪري وٺي ويا، جن ٻچي جان بچائي، سي اچي سيوهڻ ۾ پناهہ گزين ٿيا.

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ اهو ڳوٺ سيوهڻ جي قلعي کان ٻن ڪوهن تي، ۽ لڪيءَ جي جبل کان هڪ ڪوهہ تي آهي. سميجن ۽ جابلو ماڻهن جڏهن انهيءَ ڳوٺ کي اُجاڙ ڪيو، تڏهن وري سيوهڻ شهر ڏانهن رخ رکيائون، ۽ انهيءَ حد تائين دست درازي شروع ٿي، جو وچ شهر ۾ بہ مال رزق ۽ ڍور ڍڳي جي حفاظت ڪرڻ مشڪل ٿي پئي. هڪ دفعي تہ نواب ديندار خان جا خاص اُٺ سندس ماڻهوءَ کان زوريءَ کسي هليا ويا. حالت انهيءَ حد تائين اچي پهتي، جو آخر شهر جي حفاظت لاءِ سيوهڻ جي چوڌاري ديندار خان کي ڪوٽ ڪيرائڻو پيو.

ڪاهي ڳوٺُ، ديندار خان، ميرڪ يوسف جي چوڻ تي پنهنجي زماني ۾

---

(1) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 386/2.

دوباره آباد ڪرايو، ۽ هُن سيد جلال ڪي جاگير ۾ ڏنو، جنهن پنهنجي پٽ جي نالي تي ان جو نالو بدلائي ڪمال پور رکي ان جي چوڌاري ديوار ڪڍرائي، ان کي محفوظ ڪري ڇڏيو.[1]

مير نمڪين جي ڏينهن ۾ انهيءَ قسم جون بربادين ۽ خرابيون ڪونه ٿيون، بلڪ اڳين پوين خرابين کي هن پنهنجي دور ۾ درست ڪيو، ۽ ملڪ کي مضبوط انتظام هيٺ آڻي، رعيت جي مال رزق، جان ۽ عزت کي محفوظ ڪيو. پٺهنس لکي ٿو، تہ پوئين دفعي جيتوڻيڪ سيوهڻ جو سمورو صوبو سندس حوالي ٿيل ڪونہ هو، تڏهن بہ حسب عادت هن سموري صوبي جي نگهباني تي ڪئي، ۽ لشڪري نظام کي هُنَ اِنهيءَ حد تائين درست ۽ مضبوط ڪيو، جو مقامي ضرورت لاءِ تہ سندس سپاهہ ڪافي هو، بلڪ ضرورت پوڻ تي ٻين ملڪن ۽ صوبن ڏانهن بہ امداد طور لشڪر موڪليندو هو.

"تمام سرڪار سهوان در جاگير پير غلام نبود، هم ملڪ سيوان را چنانچہ شايد و بايد در ضبط و ربط آورد، و هم لشڪر اين ملڪ بخدمت ملڪ ديگر بڪار بادشاهي آمد".[2]

## قنڌار جي روانگي:

جيئن اسان مٿي لکي آيا آهيون، مير نمڪين، ميرزا غازيءَ سان گڏ، 14 رجب 1017 هه کان پوءِ ستت ئي قنڌار روانو ٿيو، ۽ پاڻ سان گڏ چار پنج سؤ مغل سوار بہ ورتيون ويون. پنيان سيوهڻ جي نيابت پنهنجي وڏي فرزند مير ابوالبقا امير خان جي سپرد ڪري، ڪيس تاڪيد ڪيون ويون، تہ بادشاهہ جي حڪم موجب، سميجن جي سرڪوبيءَ جو چڱيءَ پر تدارڪ ڪري:

"پير غلام لا علاج همره چهار صد پانصد جوان مغل قديمي رفاقت ميرزا غازي را اختيار ڪرد و برادر ابوالبقا را بجائ خود در سهوان گذاشت، و فرمان بدست او داد ڪہ آنچہ ازدست توبيايد بقوم سميجہ روسياه بڪن، و حق مردم

(1) "مظهر" ص. 82-383.
(2) "مظهر" ص. 309.

لاڪ را از آنها گرفتہ بز بمردم لاڪ بده." [1]

**وفات:**

مير صاحب، يوسف ميرڪ جي قول مطابق، ٻارنهن مهينا قنڌار ۾ رهيو. جنهن کان پوءِ ميرزا کان موڪل وٺي، وطن واپس وريو ٿي، جو واٽ تي اجل سان همڪنار ٿي آخرت جو سفر اختيار ڪيائين:

"پير غلام تا يڪسال در خدمت قندهار، پيش ميرزا غازي بود، و بعد ازان برخصت ميرزا غازي روانہ جاگير خودشد. در اثنائ راه قندهار بقضاي الـهي برحمت حق پيوست." [2]

ميرڪ يوسف پنهنجي والد جي انتقال جي مفصل احوال ڪونہ لکيو آهي، نہ وري وفات جو سال ۽ تاريخ ئي ڄاڻائي اٿائين. 'ستين جي ٿان' واري قبرستان ۾ مير صاحب جي مزار تي ٻہ ڪتبا اڪريل آهن، جن مان هڪ تي 1018هه ۽ ٻئي تي 1019 هه آهي. جيڪڏهن ميرڪ يوسف جي ٻارهن مهينن واري قول کي نظر ۾ رکبو تہ انهيءَ حالت ۾ شعبان 1017 هه کان رجب 1018 هه تائين پورا ٻارنهن مهينا ٿين ٿا، ۽ مير صاحب رجب يا شعبان 1018 هه قنڌار کان موٽيو ٿي، جو واٽ تي فوت ٿيو.

سندس وفات جو ٻئي ڪنهن تذڪري ۾ ذڪر ڪونہ آهي، البتہ "تحفة الڪرام" جي مصنف فقط هيترو لکيو آهي:

"آخر در جنگ قندهار مقتول شده، بر ڪوه لوهري مدمن يافت." [3]

مير علي شير جو اهو قول، تہ قنڌار جي جنگ ۾ مير صاحب قتل ٿيو، ميرڪ يوسف جي مٿي ڏنل اقتباس سبب غلط ثابت ٿئي ٿو.

مير نمڪين جي مزار ستين جي ٿان (صفہٴ صفا) تي، مرڪزي ٿلهي مٿان آهي، جنهن تي هيٺيان ٻہ ڪتبا موجود آهن:

(1) سرانديءَ کان هڪ اڇي پٿر تي:

---

(1) "مظهر" ص. 5-306.
(2) "مظهر" ص. 309.
(3) "تحفة الڪرام"، ص. 127/3.

ميــر ابوالقاســم آن يگانــۀ عـــصر،
ڪہ بجز تخم دين و داد نہ ڪشت،
ملــڪ و اقبــال در تــصرف داشـت،
چـون اجـل در رسيد جملہ بهشت،
ديــدۀ دل ڪشـــاد برگيريـــد،
عبـرت اي عــاقلان پــاڪ سرشت،

(2) ساڳئي بتر تي اندرئين پاسي ڪان:

گـر بـود بستر از حرير چہ سود،
چون نهد مرگ زير بالش خشت،
خلفِ خير او ز "داغ ابي"، سن 1018 هہ
چونڪ تـاريخ سـال فوت نوشـت،
گفـت ملهـم مرا بگـوش ضميـر،
سال فوتش ڪہ "باد جا شد بهشت". سن 1018 هہ

(3) هي ڪتبو قبر جي پيرانديءَ ڪان آهي:

خـانِ زمانہ ميـر ابوالقاسم آنڪہ او،
لـوحِ وجـود از رقـم غيـر ساده ڪرد،
.... دودمـــان... گلبـــن حيــا،[1]
سال وفات او طلب از "داغ داده" ڪرد. سن 1019 هہ

## سيوهڻ جي جاگير:

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ 'جڏهن بادشاهہ (جهانگير) کي والد مرحوم جي انتقال جي خبر پهتي، تڏهن شمشير خان اوزبڪ کي سيوهڻ جو صوبو، مير ابوالبقا جي شرڪت سان ڏيئي، روانو ڪيائين، ليڪن مير ابوالبقــا، شمشير خان جي شرڪت ۾ رهڻ گوارا نہ ڪيو، ۽ پنهنجي سموري قبيلي کي وٺي آگري شاهي دربار

[1] انهيءَ سٽ جا ڪي اکر پڙهڻ ۾ نہ ٿا اچن، خانبهادر مولوي محمد شفيع لاهوريءَ انهيءَ سٽ کي هيٺينءَ طرح پڙهيو آهي:

نبراس دودمان وفا گلبنِ حيا
(اورينٽل ڪاليج ميگزن، آگسٽ 1937ع)

طرف روانو ٿي ويو. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ پيءُ جي فوت ٿيڻ ۽ پاڻ جي رواني ٿي وڃڻ بعد هن بہ پنهنجو منصب ڇڏي، سيوهڻ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. [1]

## بکر جي سڪونت:

مير نمڪين جيئن ميرزا حڪيم جي ملازمت ڇڏي، اڪبري اميرن ۾ اچي شامل ٿيو. تيئن پاڻ جي ٿو تہ سنڌ ۾ مستقل رهائش جو هن خيال ڪيو. "ماثر الامرا" جو قول آهي تہ مير صاحب کي بکر بيحد پسند هو. اتي ئي هن مختلف عمارتون ٺهرايون. انهيءَ نواح ۾ ئي هن باغ رکرايا. ۽ آخري آرامگاهہ بہ هن کي پنهنجي انهيءَ نشست گاهہ تي نصيب ٿيو. جتي زندگيءَ جي چانڊوڪي راتين ۾ مجلسون آراستہ ڪندو هو. سندس مٽ مائٽ ۽ اولاد بہ بکر ۾ ئي رهيو. سندس نالي پٺيان سندس اولاد جيڪو بکر ۾ مقيم ٿيو، سو "سادات قاسم خان" سڏيو ويندو هو.

## لطيفو:

980 هہ کان وٺي 1014هہ تائين پورا 34 ورهيہ مير نمڪين اڪبر جي حضور ۾ اهڙيءَ طرح ملازمت ڪئي، جو هميشہ سندس مان مرتبي، عزت ۽ آبروءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو. ڪڏهن بہ ان ۾ پستي نہ آئي، ۽ نہ وري بادشاهہ کي ڪو ناراض ٿيڻ جو سبب مليو. اسان کي 34 ورهين جي انهيءَ طويل عرصي ۾ فقط بہ واقعا اهڙا ملن ٿا، جن جي ڪري مير صاحب جي عزت يا منصب ۾ فرق پوڻ جو احتمال پيدا ٿيو هو. ليڪن ٻنهي ۾ سِتت ئي خير ٿي ويو: هڪ واقعو طلائي زنجير جو هو. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، ۽ ٻيو بکر جي رعايا سان بدسلوڪيءَ ڪرڻ جو هو. جنهن کي مير صاحب پنهنجي عقلمندي، اثر رسوخ سبب آخر ۾ لطيفو بڻائي ڇڏيو.

پهرئين دفعي جڏهن مير صاحب بکر ۾ جاگيردار ٿي آيو، ان وقت مقامي اربابن سان ڪن معاملن تي سندس اختلاف ٿي پيو، [2] جنهن ڪري بکر جا

---

(1) "مظهر" ص. 2/310.

(2) "ذخيرة الخوانين" جا الفاظ هي آهن: "... با اربابان و رعايا سلوڪ خوب نڪرده." "ماثر الامرا" جي مصنف جو ماخذ بہ اهوئي ڪتاب آهي: "... با رعايا و سڪنہ آنجا بدسلوڪي و ناهنجاري پيش گرفت". ص. 3/75.

ارباب فرياد ڪٺي شاهي لشڪر جي قاضيءَ، مولانا عبدالحئي، وٽ پهتا. دستور مطابق قاضي صاحب مير صاحب تي حاضر ٿي سبب پيش ڪرڻ لاءِ سمن ڪڍيو، جنهن تي نہ فقط عدالتي ڪاروائيءَ جي مير صاحب پرواھ نہ ڪئي، بلڪ مقرر ڪيل تاريخ تي جوابدهيءَ لاءِ بہ ڪورٽ ۾ حاضر نہ ٿيو. تنهن تي قاضي عبدالحئي بادشاھ جي حضور ۾ شڪايت لکي تہ: "فلاڻي، شاهي حڪم ۽ عدالت خانہ الاهيءَ جي تعميل ڪرڻ ۾ ڄاڻي واڻي قاصر رهي، سخت جرم ڪيو آهي." بادشاھ حڪم ڪيو تہ مير نمڪين کي هاٿيءَ جي پير ۾ ٻڌي، سڄي شهر ۾ ڦيرائي، ڪانئس حقدارن جو حق وصول ڪيو وڃي-

"حڪم شد ڪہ او را (نمڪين) بہ پاي فيل بستہ تمام شهر گرداننده حق بحقدار رسانند."

انهيءَ وچ ۾ مير صاحب کي خبر پئجي ويئي. جنهن تي هُنَ شيخ معروف بکري (شيخ فريد بکري مصنف "ذخيرة الخوانين" جي والد) جي ذريعي سيني فريادين کي ناهي، کين حق رسي ڪري موٽائي ڇڏيو، ۽ ان ڪان پوءِ بادشاھ کي رپورٽ ڪيائين تہ قاضي صاحب بلڪل غلط رپورٽ ڪئي آهي، وٽس ڪوبہ فريادي پيش ڪونہ ٿيو آهي. بادشاھ حڪم ڪيو تہ قاضي صاحب فريادين کي حاضر ڪري. قاضيءَ غريب کي وچ جي خبر ئي ڪانہ هئي. گهڻي ڪوشش ڪيائين تہ فريادين مان ڪيس ڪو هٿ اچي، پر ڪوبہ پيش ڪونہ ٿيو-

"قاضي دست و پا را بسيار زد، ڪسي فرياديان حاضر نگشت" [1]

قاضي شرمندو ٿيو، ۽ اهڙيءَ طرح مير صاحبن پنهنجو پاڻ شاهي عتاب کان بچائي ورتو. بادشاھ آئينده لاءِ حڪم ڪيو تہ هن کي پوءِ فريادين جي شناخت لاءِ سندن شڪل شباهت بہ نوٽ رکي وڃي—

"ازان روز قرار يافت ڪہ قاضي چهرۀ مستغيث نوشتہ بہ پيشگاه بادشاهي يستاده نمايد." [2]

---

(1) "ذخيره" ص. 119.

(2) "ماثر الامرا" ص. 75/3.

**خانيءَ جو خطاب:**

مير صاحب جي منصب ۾ ڪيستائين ترقي ٿي، ان جي وضاحت ٿيل ڪانہ آهي. اڪبر جي دور ۾ جيڪو ڪيس منصب حاصل هو، جهانگير ان تي پندرنهن سوَن جو اضافو ڪيو. ۽ ساڳئي سال ۾جڏهن هُنَ خسروءَ کي گرفتار ڪري بادشاهہ وٽ پيش ڪيو، ۽ ان وقت ڪيس سہ هزاري منصب جو اضافو ٿيو- اهو اضافو ڪيتري منصب پنيان ٿيو ان جو تفصيل ڏنل ڪونہ آهي، مگر گمان غالب آهي تہ جهانگير جي زماني ۾ اصل تي اضافو ٿي سندس منصب پنج هزاري ٿيو هوندو. "ماثر الامرا" مان معلوم ٿئي ٿو تہ متي ذڪر ڪيل قاضي عبدالحئي واري معاملي ڪان پوءِ اڪبر ڪيس "خان" جو خطاب بہ ڏنو هو. "نمڪين" جو لقب ابتدائي دور ۾ اڪبر ڪيس ڏنو هو.

غرض مير نمڪين 34 ورهيہ اڪبر جي ملازمت ڪئي، ۽ 5 ورهين جهانگير وٽ رهيو. اهڙيءَ ريت جملي 39 ورهيہ مصروف زندگيءَ جا خيرخوبيءَ سان ختم ڪري، طبعي عمر کي پهچي، انتقال ڪيائين، ۽ پنهنجي وطن بکر ۾ اچي دفن ٿيو.

**مير صاحب جا آثار:**

بکر، روهڙيءَ ۽ سيوهڻ ۾ مير صاحب ڪيئي يادگار آثار ڇڏيا، جن مان هڪ بہ اڄ سلامت ڪونہ آهي، سواءِ "صفہٴ صفا" (ستين جي ٿان) جي جيڪو محڪمہ آثار قديمہ جي طفيل هن وقت تائين قائم رهجي ويو آهي. "صفہٴ صفا" جو ۽ سيوهڻ واري "صفہٴ صفا" جو احوال آخر ۾ جدا لکي رهيا آهيون. هيٺ اسان ڇڙو انهن آثارن جو ذڪر ڪريون ٿا، جن جو فقط نالو تاريخ ۾ رهجي ويو آهي.

"ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"مسجد عالي قصبہ بکر اساس گذاشتہ او ست." [1]

اها مسجد هُن پهرئين دفعي واري قيام وقت بکر ۾ ٺهرائي. "ذخيرة الخوانين" جو مصنف جنهن جو والد، شيخ معروف بکري، مير صاحب جو

---

[1] "ماثر الامرا" ص، 3/75.

گھاٽو دوست ھو، زيادہ تفصيل سان لکي ٿو:

"مسجد عالي جامع در قصبہ سکر در عين رسيده، بازار بنا نمود کہ اساس او در سالھاي دراز خواھد بود، و در قصبہ لوھري و قصبہ سکر مسجد عيد گاھ ھم بنا کرده است." [1]

مٿينءَ عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ ھيٺيون عمارتون مير صاحب ٺھرايون:

(1) جامع مسجد، نھايت عاليشان بکر ۾ تعمير ڪرايائين،

(2) عاليشان، مضبوط ۽ پائدار بازار بکر ۾ جوڙايائين،

(3) ھڪ عيد گاھ سکر ۾، ۽

(4) ھڪ عيد گاھ روھڙيءَ ۾ راس ڪرايائين.

اھي سڀ جايون زماني جي الٽ ڦير ۾ ناس ٿي ويون. بکر جو سڄو شھر اڄ صفا پٽ نظر اچي ٿو. قلعي جون ڪجھ ديوارون، مخدوم نوح بکري ۽ شيخ ابوالمغيث جي روضي کان سواءِ ٻي ڪابہ عمارت انھيءَ سر زمين تي موجود نہ آھي.

**بسيارخوري:**

مير صاحب جي ذاتي اوصافن مان سڀ کان زيادہ عجيب و غريب وصف سندس بسيارخوري آھي، جنھن کي تاريخ پنھنجي ورقن ۾ محفوظ ڪري، رھندڙ دنيا تائين شھرت ڏيئي ڇڏي آھي. لکيو ويو آھي تہ ھو کائڻ جو تمام شوقين ھو. ميوو خاص طرح گھڻو ۽ ڏاڍي ذوق سان واپرائيندو ھو. ھن پنھنجا خاص باغ سنڌ جي قديم دارالسلطنت اروڙ جي ويجھو رکرايا ھئا، جتان روزانو وڻس ميوو پھچندو رھندو ھو. "ماثر الامرا" ۾ آھي تہ:

"گويند اشتھا بسيار داشت، ھزار انبہ و ھزار سيب شکري، و دو خربوزه يک يک مني مي خورد." [2]

يعني ھڪ وقت تي ھزار انب، ھزار صوف ۽ ٻہ خربوزه، ھر ھڪ ھڪ مڻ

---

[1] "ذخيرة الخوانين" ص. 118

[2] "ماثر الامرا" ص. 77/3.

جو، ڪائي ويندو هو. "ذخيرة الخوانين" جي مصنف بہ ان جي تصديق ڪئي آهي.[1] سندس فرزند، ميرڪ يوسف، لکي ٿو تہ:

"خرپزهاءِ نيہ بدره [2] (؟) راڪہ در چار ڪروهي اين صفہ (قبرستان) واقع است بغايت خرپزهاي ولايتي آنجا خوب مي شوند، صرف مي ڪرد، و خرپزهاي سرآمد را بخدمت حضرت عرش آشناني، ميفرستاد، و حضرت بادشاه خوش ڪرده تناول ميفرمود".[3]

-يعني، سندس قبرستان کان 4 ڪوهہ (ڏکڻ ۾) نيہ بدره جي ڳوٺ ۾ سندن باغ هئا، جتان جا خربوزا بيحد مٺا ۽ خوش ذائقي ٿيندا هئا. پاڻ بہ مجلسون ڪري اُهي کائيندو هو ۽ بادشاهہ سلامت ڏانهن بہ سوکڙي ڪري اماڻيندو هو، ۽ اهي اهڙا تہ لذيذ هئا، جو بادشاهہ بہ نهايت چاهہ سان واپرائيندو هو.

**اولاد:**

"ذخيرة الخوانين" جي مصنف، مير صاحب جي بيسارخوريءَ جو ذڪر ڪندي، اهو بہ لکيو هي تہ هو ڪثيرالاولاد هو:

"و پسران نيز بسيار بهم رسانيد ..." ص 119.

"ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"ڪثير الاولاد بود، و بيست و دو پسر داشت." [4]

جهانگير "توزڪ" ۾ سندس پٽن جو تعداد ٿيهہ لکيو آهي، ۽ چوي ٿو تہ "انهيءَ قسم جا ڪثير الاولاد ماڻهو تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ جيڪڏهن سندس نياڻين جو تعداد ڪيو وجي تہ اهو بہ پٽن جي اڌ جيترو ٿيندو" [5] -يعني تقريباً پندرنهن.

مؤرخن، سندس چئن پٽن جا نالا ڏنا آهن:

---

(1) "ذخيرة" ۾ آهي "در قصبہ الورسہ ڪروهي شهر تبہ پدره خربوزه اول چهل آثار، و دوم و سيوم سي و بيست آثار علي العلوم ڪاشتہ او ميشد" ص. 119.

(2) "ذخيره" ۾ "شهر تپہ پدره" نالو آهي، اروڙ سان متصل هو.

(3) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 229.

(4) "ماثرالامرا" ص. 3/77. "ذخيره" بہ اهوئي تعداد لکيو آهي.

(5) "توزڪ" بيورج ص. 13.

(1) مير ابوالبقا امير خان،

(2) ميرزا ڪشميري،

(3) مير حسام الدين، ۽

(4) ميرزا يدالله.[1]

پانئجي تو، تہ مؤرخن انهن فرزندن جا نالا لکيا آهن، جن کي هنن کنهن نہ کنهن لحاظ سان قابل ذڪر سمجهيو، ۽ باقي نالا حذف ڪري ويا. "مظهر شاهہ جهاني" جو مصنف، ميرڪ يوسف، بہ سندس قابل ذڪر ۽ قابل قدر پٽ هو ليڪن کنهن بہ مؤرخ سندس نالو ڪونہ لکيو ۽ نہ سندس ڪتاب جو ڪتي حوالو ڏنو. ۽ انهيءَ ڪتاب جي ذريعي اسان کي هن جي ٻن وڌيڪ پٽن جا نالا مليا آهن:

(5) ميرڪ يوسف، ۽

(6) مير لطف الله.[2]

هيٺ سندس پٽن جو اسان مختصر ذڪر ڪريون ٿا.

## ميرزا ڪشميري:

مير صاحب جي هن پٽ لاءِ لکيو ويو آهي تہ خسرو جي بغاوت وقت هو سندس همر رفيق هو. خسرو جڏهن گرفتار ٿيو، تہ ميرزا ڪشميريءَ کي خصي ڪرايو ويو. "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"آلت رجوليت او را حسب الحڪم بريدند."[3]

اهو واقعو 1015 هہ جو شروع ۾ ٿيو هوندو.

## ميرزا حسام الدين:

"ذخيره" ۾ فقط هن لاءِ هيترو لکيل آهي:

"ترقي بسيار ڪرد و در جواني در گذشت."[4]

"ماثر" بہ ساڳي عبارت نقل ڪئي آهي:

---

[1] "ماثر الامرا"، "ذخيرة الخوانين"، بلاخمن.

[2] "مظهر شاهہ جهاني" ص. 253-254.

[3] "ماثرالامرا" ص. 3/77.

[4] "ذخيره" ص. 120.

"ترقي ڪرده، در جواني گذشت." (1)

**ميرزا يدالله:**

هن کي ڪوبہ سرڪاري منصب حاصل نہ ٿيو. خان جهان لوڌيءَ جي ملازمت ۾ زندگي بسر ڪيائين. پنهنجا ڏينهن عزت ۽ آبرو سان گذاري ويو. "ذخيره" ۾ آهي:

"بغاوت معزز بود، اما قابليت نداشت." (2)

**مير لطف الله:**

مير جو مفصل ذڪر ڪونہ ٿو ملي. ميرڪ يوسف "مظهر شاهہ جهانيءَ" فقط سندس نالو ڪنيو آهي.

**مير ابوالبقا ۽ ميرڪ يوسف:**

هنن ٻنهي صاحبن جو ذڪر اسان جدا بابن ۾ اڳتي هلي ڪندا، ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي اهم شخصيتون ٿي گذريون آهن. (3)

مير صاحب کي پٽن وانگر نياڻيون بہ گهڻيون هيون، ليڪن قديم تاريخ نويسيءَ جي رسم رواج موجب سندس نياڻين جي اولاد جو ڪٿي بہ ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي. "ذخيرة الخوانين" ۾ فقط سندس هڪ ڇاٽي جو ذڪر ملي ٿو:

"جميل بيگ ولد ناش بيگ ڪابلي داماد مير ابوالقاسم
نمڪين بود، در جنگ راج باسو ڪانڪره شهيد شد." (4)

صاحب "ذخيره الخوانين" سندس سلسلي ۾ هڪ عجيب روايت لکي آهي. چوي ٿو تہ:

"مردم معتبر حڪايت از و دارندڪہ بعد از مردن بهيئت
اصل بخانۀ خود مي آمد، با منڪوحہ خود چنانچہ در حين

---

(1) "ماثرالامرا" ص. 3/33.

(2) "ذخيره" ص. 120.

(3) مير صاحب جي نرينو اولاد، صاحب "ذخيره" جي قول مطابق-
"غرض بيست و دو پسر داشت، همہ از عالم رحلت ڪردند." ص. 120.
"ذخيره جي تصنيف 1061 ھ ۾ ٿي، گويا انهيءَ سال کان اڳ سندس سڀئي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري چڪا هئا.

(4) "ذخيره" ص. 420.

حيات خروج و دخول بود، مي ڪرد. درين باب مقبول دلها
بسيارند. والعلم عندالله." [1]

شهادت بعد سندس والد. تاج خان (تاش بيگ ڪابلي). "ڪلان نور" ۾ سندس خوبصورت مقبرو نهرايو. ۽ مٿس پنهنجي هٿ سان ڪتبو لکي لڳايائين. پاڻ بہ مرحوم فوت ٿيڻ بعد ان ۾ دفن ٿيو.

**ڏوهٽا:**

مير ابوالقاسم جي انتقال بعد، بکر ۾، سندس عزيز، ڏوهٽا ۽ پوٽا قيام پذير رهيا. ۽ مير علي شير "قانع" جي زماني (1181 هـ) تائين بہ ڪي افراد موجود هئا. "تحفة الڪرام" ۾ مير صاحب لکي ٿو تہ:

"بني اعمام ايشان (امير خان) الموسوم بہ قاسم خانيان، خانداني بوفور لياقت گذشتہ. بيشتر بہ ذي منصبداران زيستند." [2]

انهن مان ڪن جا نالا مير "قانع" ڏنا آهن-

**مير محمد رحيم:** نمڪين جو ڏوهٽو هو، ڪيس هڪ پٽ هو، مير محمد ڪريم، جنهن لاءِ "قانع" لکي ٿو تہ:

"بقدم ابا متصف، بہ اخلاق حسنہ گذشتہ. آثاري نماند." [3]

**مير ابوالنصر:** نمڪين جو ڏوهٽو هو، بزرگاڻي وضع قطع سان رهيو، سندس مزار خانداني قبرستان (صفۂ صفا) ۾ موجود آهي، جنهن تي ڪتبو آهي:

"وفات يافت چو مغفور ....... ميرزا ابوالنصر بتاريخ
..... شهر ذي الحج 1045 هـ."

ڪيس مير شيرافگن نالي هڪ پٽ هو، جنهن پڻ پنهنجي والد وانگر بزرگاڻي زندگي بسر ڪئي. ان کي هڪ پٽ، مير محمد عابد هو، جيڪو لا ولد فوت ٿيو.

**مير محمد اسلم:** مير نمڪين جو ڏوهٽو، جنهن لاءِ مير "قانع" جو قول

---

[1] "ذخيره" ص. 420.
[2] "تحفة الڪرام" ص. 209/3.
[3] "تحفة الڪرام" ص. 209/3.

آهي تہ:

"بڪما انسانيت زيست ڪرده.......

ان جو پٽ، مير محمد قابل، نيڪ زندگي گذاري لاولد فوت ٿيو.

**مير محمد نعيم**: مير نمڪين جو ڏوهٽو، جنهن لاءِ "قانع" جو قول آهي تہ:

"دروقت خود بقدم اسلاف گذشتہ."

سندس پٽ، مير محمد صالح عرف مير قلندر، "قانع" جي زماني ۾ موجود هو. مير "قانع" لکي ٿو تہ:

"... اڪنون يادگار تمام خاندان است و بس..."

مير علي شير "تحفة الڪرام" سال 1181 هہ ۾ لکي ختم ڪيو، گويا انهيءَ زماني ۾، قاسم خاني ساداتن مان فقط اهو هڪ بزرگ بطور يادگار باقي هو.

**هلال خان خواجہ سراءُ:**

هن خواجہ سراءُ جو ذڪر خسروءَ جي گرفتاريءَ جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي. اڪبري دور جو امير ڪبير هو. ابتدا ۾ "مير توزڪ" جي عهدي تي فائز ٿيو، جنهن بعد رفتہ رفتہ اعليٰ منصب تي وڃي رسيو. آگري جي قريب سندس مستقل جاگير هئي، جنهن جي "رنگتہ" ڳوٺ ۾ هن هڪ مضبوط قلعو ۽ پڪي سراءِ بطور يادگار جي جوڙائي، ان جو نالو "هلال آباد" رکيو- اهو ڳوٺ آگري کان ڇهن ڪوهن جي مفاصلي تي هو.

هلال خان خواجہ سراءُ ابتدا ۾ مير ابوالقاسم جو غلام هو، بعد ۾ ترقي ڪري اڪبري اميرن ۾ وڃي شامل ٿيو. "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"خواجہ هلال نام خواجہ سرائي ڪہ در ابتدا غلام قاسم خان نمڪين بود، وبس در ملازمت جنت مڪاني انسلاڪ يافت"[1].

"ذخيره" ۾ سندس ذڪر سعيد خان جي ضمن ۾ (ص 115) بہ آيو آهي، ۽ جدا بہ سندس سراغ (ص 429 تي) ڏنو ويو آهي. مصنف سندس ڏاڍي تعريف ڪئي آهي: بيحد خرچائو ۽ ڪشاده دل امير هو، دعوتن ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جو شوقين هو. ۽ هڪ عاليشان محل تيار ڪرائي هئائين، جنهن ۾ فقط دوستن

---

[1] "ماثرالامرا" ص. 2/407.

جون دعوتون ڪندو هو. هڪ دفعي دعوت ڪارائي، سمورو محل سڄي سامان سميت سعيد خان چغتہ کي ڏيئي ڇڏيائين.[1]

**علمي يادگار:**

مير صاحب جي علمي لياقت ڇا هئي، ان لاءِ اسان کي ڪابہ مفصل حقيقت دستياب نہ ٿي سگهي آهي. ميرڪ يوسف جي تاريخ ("مظهر شاهہ جهاني") مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مير صاحب عالم، فاضل، اديب، علم دوست ۽ علم پرور هو. هميشہ سندس مجلس ۾ اهل علم ۽ اهل ڪمال رهندا هئا، جن کي پاڻ وظيفا، روزينا ۽ ٻيا انعام اڪرام ڏيندو هو. ميرڪ يوسف هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

> "بمردم علماء و فضلا دوست مي داشت. چنانچہ روش مدد معاش درين ملڪ او پيدا ڪرد، ڪہ اڪثر علم و اهل افضل اين ديار را در دور عرش آستاني از طرف خود روزيانہ ڪرده، و بار برداده، همراه خود برداشتہ. بخدمت مغفرت پناه ميران صدرجهان رسيده، تجويز هر ڪدامي را فرا خور دانش او، فرامين درست ڪنانيده، خرچي راه داده، بسهوان، مرخص نمود."[2]

بکر واريءَ عمارت "صفہ صفا" تي چانڊوڪين راتين ۾ اديبن ۽ عالمن سان مجلس آرائي ڪرڻ جو ذڪر ميرڪ يوسف بہ ڪيو آهي، ۽ "ماثر الامرا" بہ ان جي تصديق ڪئي آهي:

> در شبهاي ايام بيض اڪثر در آنجا ميگزرانيد و با اهل فضل مجلس داشتہ."[3]

جڏهن سيوهڻ ويو، تہ اتي بہ ساڳيءَ طرح "صفہ صفا" نهرائي، ان تي مجلسون منعقد ڪيائين:

> "در شبهاي ايام بيض اڪثر آنجا ميگزرانيد، و خربزهاي

[1] "ماثرالامرا" ص. 2/407-408.
[2] "مظهر" ص. 2/310.
[3] "مظهر" ص. 2/229.

موضع نار را با مردم علما و فضلا و سپاه بزم ميداشت" [1].

سندس خاص ملازمت ۾ بہ ڪي ئي ماڻهو اهڙا هئا، جيڪي علم ۽ ادب ۾ برک هئا- مير عطاءُ الله مشهديءَ جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، هيءَ سندس خاص ماڻهو هو، ۽ اديب، شاعر ۽ خطاط هو.

علم دوستيءَ ۽ ادب پروريءَ جي گڏ ڪان سواءِ اسان کي اهو بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ مير صاحب پاڻ بہ نظم خواهہ نثر ۾ استاد ۽ ڪامل هو، انشاءَ ۽ خط ۾ بہ ڪيس انتهائي ڪمال حاصل هو- چنانچہ ءِذخيرة الخوانينءِ جو مصنف شيخ فريدي بکري نظم ۽ خط ۾ سندس شاگرد هو. هو پاڻ لکي ٿو تہ جنهن وقت مرحوم مير صاحب بکر ۾ منصبدار هو، ان وقت هُن نظم ۽ خط ۾ وٽانئس تعليم ورتي:

ءِدر جاگيرداري بکهر تعليم نظم و خط راقم اين مسوده ازان مرحوم کرده.ءِ [2]

انهيءَ اشاري ڪان سواءِ اسان کي ٻئي ڪنهن بہ تاريخ ۾ مير صاحب جي علم و فضل متعلق ڪجهہ ڪونہ ٿو ملي. نظم خواهہ نثر جو نہ ڪو نمونو ڏنل آهي، ۽ نہ ڪٿي سندس ڪنهن تصنيف جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.

اتفاق سان هڪ دفعو انديا آفيس جي فارسي مخطوطات جي فهرست [3] ڏسندي، فن انشاءَ ۾ مير صاحب جي هڪ ضخيم تصنيف جو پتو پئجي ويو، جنهن جو مفصل ذڪر هيٺ ڪريون ٿا:

**منشئات النمڪين:**

هيءَ ڪتاب انديا آفيس ۾ 1535 نمبر تي موجود آهي. ڪتاب ۾ 412 ورق آهن، هر صفحي تي 23 سٽون آهن. تقطيع **103/4x7** آهي. سرورق طلا ۾ ميناڪاريءَ سان مزين آهي. ڪاتب جو نالو ءِابن موريہ عثمانءِ جنهن 14 جمادي الاول 1012 هہ (20 آڪٽوبر 1603ع) جي ڪتابت ختم ڪئي. اهو نسخو اصل مصنف جي ذاتي نسخي تان نقل ٿيل آهي، ۽ پهريون دفعو ان جو مقابلو قاضي جعفر ۽ مولانا اسماعيل مفتيءَ 17 جمادي الثاني 1012 هہ مطابق 22 نومبر 1603ع تي ڪيو. خط نسخ ۾ ان جي ڪتابت ڪئي وئي آهي.

مير نمڪين ڪتاب 23 شعبان 1006 هہ (44 سال اڪبري) (31 مارچ 1598ع) ۾ ختم ڪري، پنهنجي ولي نعمت اڪبر بادشاهہ جي نالي تي معنون ڪيو. ڪتاب اٺن بابن ۽ هڪ خاتمي تي مشتمل آهي، ۽ هر هڪ باب جا عنوان هي آهن:

(1) در ابتداي صنعت ڪتابت و ذڪر ابتداي مڪاتيب باسماءِ الله تعاليٰ (بہ فصل).

(2) در ترقيم فرامين و مناشير سلاطين عدالت آئين و اَجُوبَہ

---

(1) "مظهر" ص. 267/2.

(2) ص. 120.

(3) "انديا آفيس ڪيٽلاگ"- ايٿي ج: 1، ص. 1141/1142.

لطائف تزئين آنحضرات (15 فصل).

(3) در تحرير ادعيہ و صفاتيہ و آئينہ و فرديہ و صحائف و مڪاتيب (13 فصل).

(4) در ترسيم عرائض (سواليہ و جوابيہ ) (2 فصل).

(5) در تسطير صحائف مرشد و مسترشدين و والدين، و اساتيذ و اخوة و اخوات و اواد، و در گلہ مندي و شڪايت از عدم مراسلہ و مايتعلق بها (3 فصل).

(6) در تنميق صحائف تياني و تعازي (2 فصل).

(7) در تصدير قبالات و تمسڪات و نڪاح و طريق بستن نڪاح و سجلات شرعيہ و غيرآن (2 فصل).

(8) دربيان ارتسام صحائف قبل الملاقات و بعديہ و مطايبا مضحڪ و متفرقات (3 فصل).

خاتمہ- در تنميق مسائل بناي مسلماني و سبب وجوب نماز و نيت آن و آداب و قرات آن و ڪيفيت نماز عيدين و خطبات جمع و عيدين و نماز استسقا و خطبہ و ادعيہٴ ڪسوف و خسوف، الخ.

ڪتاب جو آغاز هن طرح ٿئي ٿو:

"زيبا ترين نگاري ڪہ منشيان فصاحت التما خال چهرهٔ صحيفہ سخن گردنند و خوبترين نقشي ڪہ مترسلان بلاغت انتساب زيب رخسار مجموعہ انشا ڪنند، الخ.

مير صاحب اها تصنيف انتقال کان 12 سال اڳ لکي. انديا آفيس وارو نسخو تصنيف کان 6 سال پوءِ ۽ مير صاحب جي انتقال کان 6 سال اڳ نقل ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر ايٿي "نمڪين" جي لقب کي محض تخلص سمجهيو آهي، ۽ ان جي معنيٰ the witty يعني "ظريف" سمجهي آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر مير صاحب جي؟ تحقيق نہ ڪئي آهي.

**مير صاحب جي هڪ تحرير:**

منهنجي عزيز ۽ فاضل دوست ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مون کي هڪ بياض ڏيکاريو، جنهن ۾ مير ابوالقاسم نمڪين جي نالي سان هڪ تحرير درج آهي. بياض جي ڪاتب، ٺٽي جي مشهور شاعر ميان غلام علي "مداح"، اها تحرير مير صاحب جي ڪنهن مسودي تان نقل ڪئي آهي. ميان "مداح" جي بياض جو نالو "گوهر منظوم" آهي. تحرير جي عبارت هيٺينءَ طرح آهي:

نقل مسوده نواب غفران پناه سيادت ماب ميرابوالقاسم نمڪين ......

صلواة الله عليہ اعظم اسماءِ عليم حليم- بسم الله الرحمان الرحيم- بعد حمد الذي لا مقصد الاهو- والصلوة والسلام عليٰ نبيہ الذي لا نبي بعد- اي فرزند عزيز-از جاهلان پريشان روزگار، و از ابلهان نادان بدڪردار،

اجتاب بايد نمود، ڪہ آشنائي و صحبت با ايشان همچون زهر قاتل است، خانہ دگر را ابتر و تاريڪ سازد و چراغ عقل را بي نور.- فرد،

هم نشين تو، از توبہ بايد
تا ترا عقل و دانش افزايد

و همنشين اهل علم و ارباب دانش و صلاح بايد بود، و بڪسب ڪمال بايد ڪوشيد. - فرد،

ڪسب ڪمال ڪن ڪہ عزيزي جهان شوي
ڪس بي ڪمال هيچ نيزد عزيز من

وترڪ تن پرستي و ڪاهلي نموده امر معروف و نهي منڪر بجا بايد آورد، و از اوقات گذشتہ ضايع ڪرده خود متاسف و متلهف و پشيمان بوده، توبہ نصوح بايد ڪرد، ڪہ "التائب من الذنب ڪمن لا ذنب لہ و از سر انصاف تامل بايد ڪرد ڪہ از مدن برين عالم مقصود چيست ڪہ- وَ مَا خلقت الجن والانس الاليعبدون" اي يعرفون - و از ڪجا آمده شده و باز بڪجا رفتني و بہ ڪہ ڪار افتادَنيست، و نيز ببايد دانست ڪہ حڪومت ڪار عظيم و خطرست، داد مظلومان داده بزيرستان ترحم بايد ڪرد، ڪہ "ڪلڪم راع و ڪلڪم مسئول عن رعيتہ" ...... و بفقراءِ و مساڪين نموده، صلۂ رحم و حق همسايہ رانگاه بايد داشت، و حتي الامڪان در خلا و ملا و صحبت و خلوت از ذڪر خداي جل و علا غافل و واهل نبايد بود، "افحسبتم انما خلقنا ڪم عبثا و انڪم الينا لا ترجعون". - فرد،

نقد عمري ڪہ نداري بدلش صرف مڪن
جز بسوداي نگاري ڪہ ندارد بدلي

و همنشين مرگ را درپيش نظر بايد دانست، چراڪہ ...... يعني ڪہ غدار ناپائدار آدمي را مست لا يعقل مي سازد، و شيطان يعني بوسوسہ براه بد مي برد . پس، بالضرورت خود را بابت (؟) بايد گذاشت، ڪہ از شر آن مغشني (؟) ثابت مانده بڪار آخرت توان پر داخت، ڪہ آن ذڪر برد وام و حضور قلب است.- فرد،

امروز روز فرصت، فرادست روز غوغا
عاقل ڪسي ڪہ سازد امروز ڪار فردا

والسلام عليٰ من اتبع الهديٰ!

مٿيون قيمتي اقتباس معلوم نہ آهي تہ ميان غلام علي "مداح" مير صاحب جي ڪهڙي مسودي تان نقل ڪيو. انهيءَ اقتباس ۾ جيڪي بزرگاڻيون نصيحتون موجود آهن، سي نہ فقط هر هڪ انسان لاءِ مفيد آهن. بلڪ انهن مان خود مير صاحب جي بلند اخلاق ۽ طبعيت جي پاڪ صاف رحجان ۽ فطرت جي ميلان جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

# مير ابوالبقا امير خان

مير ابوالبقا، مير نمڪين جو وڏو فرزند هو، جنهن جهانگير ۽ شاهه جهان جي دور ۾ وڏي ترقي ڪري، بلند ترين منصب حاصل ڪيا. "ماثرالامرا" جو مصنف لکي ٿو ته:

> "رشيد ترين پسران قاسم خان نمڪين است، بڪار شناسي و معامله داني سر آمد برادران بود، و به ارجمندي و بختياري ممتاز رضوان."

پيءُ جي دور ۾ پنج صدي منصب تي پهتو. ان ڪان پوءِ ترقي ڪندي بقول "ماثرالامرا" بلند مرتبن تي وڃي فائز ٿيو. جهانگير جي دور ۾ پندرهن سوَن جو منصب ۽ پندرهن سوَن سوارن جي ڪمان حاصل ٿي. شاهه جهان جي زماني ۾ انهيءَ ڪان به ترقي ڪري مٿانهين منزلن تي رسيو.

**سيوهڻ ۾ پيءُ جي نيابت:**

اها سڌ ڪانه آهي ته 1017 هه ڪان اڳ هو ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙن ڪهڙن عهدن تي رهيو. تاريخ جي ورقن ۾ ڳوليندي، پهريون دفعو اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته مٿئين سال ۾ جڏهن مير ابوالقاسم نمڪين ميرزا غازيءَ سان گڏ قندار اُسهيو، ان وقت مير ابوالبقا کي پنهنجو نائب مقرر ڪري سيوهڻ ۾ ڇڏي ويو.

**سميجن سان معرڪا:**

"مظهر شاهه جهانيءَ" مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو، ته مغل دور ۾ سنڌ جا سميجا نهايت سرڪش هئا. سڄيءَ سنڌ ۾ سندن شاخون پکڙيل هيون. جتي هئا اتي ڪين ايتري قوت حاصل هئي، جو نه ڇڙو بين راڄن ۽ قبيلن کي خاطر ۾ نه آڻيندا هئا، بلڪ مغل حڪومت جي ڪارندن ڪان وٺي صوبي جي حڪمرانن تائين سيني لاءِ سندن قوم مٿي جو سور هئي. فرمانبرداري ته خير بلڪ اجارن ۽ ڍلن ڏيڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيندا هئا. وقت بوقت حڪومت جا نمائندا، لشڪر وٺي، وڙهي، مقابلا ۽ مجادلا ڪري ٿي ڪانئن سرڪاري رقمن جي وصولي ڪندا هئا.

"مظهر شاهه جهانيءَ" جي مصنف سميجن جي قبيلي ۾ هينيان پاڙا شمار

ڪيا آهن، جيڪي سيوهڻ جي صوبي ۾ نٿي جي صوبي اندر اڪثريت ۾ هئا:
بڪيا - اُنڙ - دَل - ساند - جوڻيجا - ٿيبا - ابڙا - پنهور - ڪوريجا - ڪيبر(؟) - ڪير (ڪيريا) (؟) - بريه (پريا) (؟)

سميجن مان سنڌ جي ڪيترن اميرن به سڳ ورتا هئا، خود ترخاني حڪمرانن جي گهرن ۾ به سميجون بيبيون هيون. ترخاني دور جي هڪ امير ڪبير شاهه قاسم خان زمان [1] جو تقريباً سمورو خاندان سميجن سان مٿيءَ مائٽيءَ ۾ ڳتيل هو. سيوهڻ جي مغل صوبيدار، عاقل خان، سميجن مان ڪيترا سڱَ ورتا. سڱابنديءَ جي انهيءَ پشت پناهيءَ ۾ انهيءَ قبيلي کي وڏي هٿي ڏني هئي. زياده تر اهو به وڏو سبب هو، جنهن جي بناءَ تي هو نه ڇڙو حڪومت لاءِ مٿي جو سور هئا، بلڪ ٻين قبيلن ۽ سڄي راڄ رعيت لاءِ به مستقل آزار بڻيل هئا. لٽ ڦر، ڌاڙا ۽ خون خرابا، سندن رات ڏينهن جو مشغلو هو. جنهن زماني ۾ مير نمڪين قنڌار سنڀريو، انهيءَ زماني ۾ صوبي سيوهڻ جي سميجن، لاکن کي ايترو ستايو، جو هو مجبور ٿي جهانگير جي دربار ۾ پهتا. جتان مير نمڪين جي نالي تي فرمان ونئي آيا ته هو سميجن تي چڙهائي ڪري، لاکن جو مال متاع کانئن وصول ڪري، ۽ ٿيل نقصان جو معاوضو کين ونئي ڏئي. بادشاهه لاکن جي فرياد کان ايترو متاثر هو، جو فرمان ۾ هن اهو به لکيو ته جيڪڏهن مير نمڪين سميجن تي لشڪر ڪشيءَ جي همت نه ساري سگهيو، ته بادشاهه کي خاص لشڪر هندستان مان موڪلڻو پوندو، جيڪو انهيءَ فتني جو سد باب اچي ڪندو.

> "و اگر از عهدهٔ اين خدمت نمي تواند برآمد، بدرگاه والا عرضداشت کند، که بجاوي او (نمکين) ديگري را باين خدمت تعين کنيم تا حق مظلوم گرفته و جدا کرده حواله مظلوم نمايد." [2]

مير نمڪين کي ساڳئي وقت اهو به حڪم رسيو ته هو ميرزا غازيءَ سان بطور مددگار جي قنڌار وڃي، جنهنڪري وڃڻ وقت هو پنهنجي پٽ مير ابوالبقا کي نه فقط نيابت ڏيئي ويو، بلڪ کيس اهو به تاڪيد ڪيائين ته سڀ کان

---

(1) احوال لاءِ ڏسو "چنيسر نامه" جو مقدمو
(2) "مظهر" ص. 305/2.

پهريائين شاهي فرمان جي بجا آوري ڪندي، سميجن جي گوشمالي ڪري. اهو فيصلو بکر ۾ ٿيو انهيءَ سلسلي ۾ مير ابوالبقا ميرزا غازيءَ کي عرض ڪيو تہ "سميجن تي جڏهن سيوهڻ ۾ زور پوي ٿو تہ هو پڇي وڃي نصرپور ۾ پناهہ وٺن ٿا، جتي شاهہ قاسم خان زمان وينو آهي، ۽ متيءَ مائٽيءَ سبب هو سندن جائز ناجائز امداد ڪندو رهي ٿو. هن وقت بہ ساڳي حالت ٿيندي. جڏهن آءٌ مٿن هتي چڙهائي ڪندس، تہ هو ڊڪي وڃي نصرپور پهچندا. نصرپور ڇاڪاڻ تہ اوهان جي حد ۾ آهي، تنهنڪري اوهان پڻ مون کي فرمان لکي ڏيو تہ جيڪڏهن ضرورت ٿئي تہ آءٌ اوهان جي حدن اندر بہ يلغار ڪري سگهان." چنانچہ ميرزا غازيءَ انهيءَ وقت ئي انهيءَ قسم جو پروانو مير ابوالبقا کي پنهنجي مهر خاص سان ڪري ڏنو.

### جوٽيجن جي پرڳڻي تي چڙهائي:

بکر کان پنهنجي والد ۽ ميرزا غازيءَ کي قنڌار روانو ڪري، مير ابوالبقا جيئن سيوهڻ موٽيو تي، تيئن واٽ تي پرڳڻي جوٽيجا جا ڪارپرداز ساڻس مليا، جن شڪايت ڪئي تہ پرڳڻي جا سميجا، بڪيا، باغي ٿي پيا آهن ۽ سموري پرڳڻي ۾ شورش برپا ڪري ڇڏي اٿن، سمورو انتظام درهم برهم ٿي ويو آهي ۽ سڄي رعيت آزار ۾ آهي. اهو پرڳڻو ان وقت ميرزا غازيءَ جي حوالي هو. مير صاحب کي ميرزا جي طرفان پروانو مليل هو، چنانچہ هن انهيءَ وقت پنهنجي لشڪر جو رخ بڪين جي ڳوٺ ڪجره (؟) ڏانهن ڦيرايو.

سميجن پنهنجي ڳوٺ کي چوڌاري خندق هٽي، ان ۾ خاربندي ڪري، سيئي رستا بند ڪري ڇڏيا هئا. مير صاحب پهريائين تہ خندق کان ٻاهر بيهي مقابلو ڪيو، ليڪن ڪيس ڪاميابي ڪانہ ٿي. سندس بہ خاص گهوڙا ۽ ڪيترا سپاهي مارجي ويا. مير صاحب آخري وڏيءَ جدوجهد بعد پنهنجي لشڪر کي خاربنديءَ ۽ خندق مان اندر ٽپايو. جنهن بعد تمام سخت لڙائي لڳي، ٻنهي طرفن کان ڪيترائي سپاهي مئا. ۽ وڏيءَ ڪوشش ۽ خونريزيءَ بعد بڪين آڻ مڃي.

انهيءَ دور ۾ دستور هو تہ آڻ مڃڻ بعد ڇڳا مڙس ڳچيءَ ۾ پلاند پائي، چڪ ۾ گاهہ ڪري، اڳيان پيش پوندا هئا. چنانچہ شڪست کائڻ بعد سميجن جي ڇڳن مڙسن بہ انهيءَ صورت ۾ پاڻ کي مير اڳيان اچي پيش ڪيو.

مير صاحب، پرڳڻي جو انتظام درست ڪري، ميرزا غازيءَ جي عامل کي

پرڳڻي جون واڳون ڏنيئي، پاڻ سيوهڻ روانو ٿيو.

### سيوهڻ جي سميجن تي ڪاهه:

سيوهڻ ۾ چند ڏينهن رهي، مير صاحب، شاهي فرمان جي بجاآوريءَ ۾، سميجن جي گوشماليءَ لاءِ ٻاهر نڪتو. سيوهڻ جا سميجا اڳ ئي خبردار ٿي، سيوهڻ جون حدون اُڪري، مختلف شهرن ۾ منتشر ٿي ويا. ڪي جيسلمير هليا ويا، ۽ گهڻن وڃي نصرپور ۾ پناهه ورتي.

مير صاحب يلغار ڪندو هالين پهتو، جيڪو ان وقت نصرپور سرڪار جي حد ۾ هو. پهچڻ سان ڪيس معلوم ٿيو تہ اُنڙن جو سردار طالب پنهنجي قبيلي سميت سانڪرو درياءُ ٽپي، نصرپور جي پِٺُن ڏانهن وڃي رهيو آهي. مير صاحب گهوڙي تان لٿو ئي ڪين. سڌو لشڪر وٺي ان جي پٺيان پيو. طالب پٺن تائين پهچي ڪونہ سگهيو، جو مير وڃي پٺيانئس پهتو. هن فوراً "صد گرم" قلعي[1] ۾، جيڪو شاهه قاسم خان زمان جي ڄاڻي شيربيگ جي حوالي هو، اندر گهڙي وڃي پناهه ورتي. مير صاحب محاصرو ڪيو، ليڪن قلعي اندران لشڪر تي بي پناهه تيربازي ٿي، جنهنڪري سندس ڪافي نقصان ٿيو. آخر ٻي صورت نہ ڏسي، هُن هاٿي قلعي جي دروازي تائين آندا، ۽ هڪ دفعي حملو ڪري هاٿين جي ذريعي قلعي جو دروازو ڀڃائي، سمورو لشڪر اندر داخل ڪيائين. "مظهر شاهجهانيءَ" جو مصنف لکي ٿو تہ ڪشت خون ايترو ٿيو، جو ٻارنهن سؤ سميجا پنهنجي طالب سميت گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ قتل ٿيا، ۽ آخر قلعي تي فتح حاصل ڪري، مير صاحب باقي بچيل سميجن کي گرفتار ڪيو.

مير صاحب قلعي مان موٽندي، مسابہ، وينجره، ڪاتره، ويراون، ۽ جکره[2] جي ڳوٺن ۾ سميجن جون صفايون ڪندي، سيوهڻ جي قلعي وٽان منديجيءَ جو گهيڙ ٽپي، سيوهڻ پهتو.

**ٻيو حملو:** خون ڪرڻ، خون ٿيڻ، مارڻ مارجڻ، شڪست کائي توبهہ ڪرڻ ۽ ان بعد وري شورش برپا ڪرڻ، سميجن جو رات ڏينهن جو دستور هو. چنانچہ "صد گرم" قلعي واريءَ شڪست، مٿن ڪوبہ اثر ڪونہ ڪيو، ۽ چند

---

[1] قلعي جو نالو غالباً "سيد ڳڙهہ" هو. ڪتاب جي غلطيءَ سبب "صد گرم" ۽ "صيد گر" لکيو ويو آهي.

[2] انهن ڳوٺن جا صحيح نالا معلوم ٿي نہ سگهيا، معلوم ٿئي ٿو تہ نصرپور جي آسپاس ۾ اهي ڳوٺ ان وقت آباد هئا.

ڏينهن وري قبيلي وارن کي گڏ ڪري، هنن خطي پرڳڻي کي اچي تاراج ڪيو. مير صاحب کي رپورٽ پهتي، هن تياري ڪري بظاهر باغبان ڏانهن رخ رکيو، ۽ وچينءَ جي وقت پاٽ ۾ پهچي، هو مهره من (؟) جي گهيڙ تان درياءُ اُڪريو. سانجهيءَ جي نماز وقت سميجن جي ڳوٺن تي پهتو، ليڪن تي ڪاريءَ وارا ڪک هئا! سميجا لڏي پلاڻي روانا ٿي چڪا هئا. مير صاحب اها رات، سڄو ڏينهن ۽ ورندي رات، سندن پنيان پنڌ ڪيو. ورندي صبح سٺ ڪوهه ڪري ويراون (؟) ڳوٺ ۾ وڃي ڪين هٿ ڪيائين. انهيءَ ڳوٺ ۾ جيڪو مقابلو ٿيو، ان ۾ پنج سئو سميجا قتل ٿيا، ۽ سوين ٻاندي ٿيا، مال متاع، ڍور ڍڳا بي انداز مير صاحب جي قبضي ۾ آيا.

**جهانگير آباد:**

ويراون واري معرڪي مان واندو ٿي، مير صاحب ڪجرن (؟) جي ڳوٺ ۾ پهتو، انهيءَ ڳوٺ ۾ لاکن جو قبيلو آباد هو، جن کي سميجن وقت بوقت حملا ڪري تهس نهس ڪري ڇڏيو هو. مير صاحب لاکن جي خواهش تي، شهر کي قلعو ڪيرايو ۽ "جهانگير آباد" نالو رکي، ان ۾ مضبوط چوڪي ويهاري، پنهنجي والد جي هڪ قديم ملازم، فتح عليءَ، کي قلعيدار مقرر ڪري، پاڻ سيوهڻ هليو آيو.

**جهانگير آباد تي مير فتحيءَ جي چڙهائي:** "صد گرم" قلعي ۾، شاهه قاسم خان زمان جي نياڻي، مير علي شير، کي جيڪا شڪست آئي ۽ سميجن جو جيڪو جاني نقصان ٿيو، ان شاهه قاسم کي سخت غصي ۾ آندو. انتقام وٺڻ لاءِ هن تياري ڪري، سميجن ۽ سوڍن جو هڪ هزار لشڪر گڏ ڪري، پنهنجي ٻن پٽن: مير جندائي ۽ مير فتحيءَ، جي ڪمان هيٺ، جهانگير آباد جي قلعي تي ڌياري موڪليو.

جهانگير آباد جي قلعي جو هڪ معزز سيد، ابراهيم شاهه افغان، شڪار لاءِ قلعي کان ٻاهر هو. جنهن وقت مير فتحيءَ جو لشڪر اچي قلعي تي پهتو، سيد ابراهيم، فتح علي قلعيدار کي قلعي اندر اطلاع پهچائي، پاڻ قلعي جي خارينديءَ اندران ٿي بيٺو. قلعي مان قلعي بند لشڪر تير بازي ڪئي ۽ خارينديءَ منجهان سيد ابراهيم جنگ جوٽي. ٻنهي طرفن کان مقابلو گهڻيءَ دير تائين هليو. ڪافي خونريزي ٿي. آخر مير فتحي قلعي تائين پهچڻ ۾ ناڪامياب ٿيو ۽ پنتي وريو

هليو ويو. سندس لشڪر جا جيڪي سپاهي قتل ٿيا هئا، انهن جا سر وڍي فتح علي قلعيدار مير ابوالبقا ڏانهن سيوهڻ موڪليا.

اهو واقعو 1018 هه جي آخر يا 1019 هه جي شروع جو آهي، ڇاڪاڻ ته شاهه قاسم خان زمان، جنهن نصرپور کان اهو لشڪر موڪليو، ان جو انتقال 1019 هه جي رمضان ۾ ٿيو.[1]

ميرڪ يوسف لکي ٿو، ته انهيءَ شڪست کان بعد سميجا بلڪل نابود ٿي ويا ۽ وري هنن شورش ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. لاکن جي برباد ٿيل قبيلي کي موٽائي سندن اصلي ماڳن تي وسايو ويو. جيڪو سندن نقصان ٿيو هو، سو به کين پري ڏنو ويو.[2]

## اوٻاوڙي ۽ گنجابي جي جاگير:

مير نمڪين قنڌار ۾ هڪ سال رهي، 1019 هه ۾ وطن واپس ٿي رهيو هو، جو واٽ تي سندس انتقال ٿيو. بادشاهه کي جڏهن اهو اطلاع پهتو، تڏهن شمشير خان اوزبڪ[3] کي هن سيوهڻ تي موڪليو، ۽ مير ابوالبقا کي ساڳئي صوبي جي ڪن حصن جو جاگيردار مقرر ڪيائين. ليڪن مير صاحب شمشير خان جي شرڪت پسند نه ڪئي ۽ پاڻ سڌو بادشاهه جي دربار ڏانهن هليو ويو.

ميرڪ يوسف جو قول آهي ته جڏهن مير صاحب بادشاهه جي خدمت ۾ پهتو، ان وقت بادشاهه سيوهڻ جو سمورو صوبو شمشير جي حوالي ڪري، ۽ سيوهڻ واريءَ جاگير جي بجاءِ مير صاحب کي اوٻاوڙي ۽ گنجابي جي جاگير مرحمت ڪئي.

اهو تقرر 1019 هه جي آخر يا 1020 هه جي شروع ۾ ٿيو. جنهن وقت مير

---

[1] شاهه قاسم خان زمان جي قبر تي جيڪو ڪتبو آهي، ان تي سندس وفات جي تاريخ "14 رمضان 1019 هه روز دوشنبه وقت عصر" لکيل آهي. ڏسو "چنيسر نامه" جو مقدمو.

[2] "مظهر شاهه جهاني" ص. 306/309.

[3] ارسلان بيگ جو نالو. شمشير خان اوزبڪ لقب. 1019 هه سيوهڻ آيو. ميرزا غازيءَ جو انتقال (1021هه) بعد، ميرزا رستم ٺٽي آيو، جنهن جي امداد لاءِ شمشير بيگ سال کن ٺٽي ۾ رهيو. ميرزا رستم 11 محرم 1022هه جو ٺٽي پهتو، ليڪن جلد ئي ڪاروبار کي چڱيءَ طرح نه هلائڻ سبب معزول ٿي ويو، ۽ بڪر مان تاش بيگ تاج خان کي ٺٽي بدلي ڪيو ويو. شمشير خان، تاج خان جي اچڻ بعد، موٽي سيوهڻ آيو. ٺٽي ۾ تاج خان 1023 هه ۾ انتقال ڪيو، جنهنڪري شمشير خان وري عارضي طرح ٺٽي ويو. ۽ سيوهڻ مير ابوالبقا کي مليو، جنهن جو ذڪر متن ۾ ڪيو ويو آهي. ٺٽي ۾ شمشير خان اوستائين رهيو، جيسين مير عبدالرزاق مظفر خان معموريءَ اچي ڪانئس چارج ورتي. شمشير خان لاهور ۾ وفات ڪئي. (ڏسو "ذخيرة الخوانين" ص. 355، "ماثر الامرا" ص. 77/1، 233/1 "مظهر شاهه جهاني")

صاحب پنهنجي جاگير تي پهتو. ان وقت بکر جو صوبيدار، تاج خان [1] هو. سيويءَ جو علائقو ايامن کان وٺي بکر جي صوبيدار جي ماتحت رهندو هو. مير ابوالقاسم نمڪين بدانتظاميءَ سبب جيڪا سيويءَ تي فوج ڪشي ڪئي هئي، ان کان پوءِ ڪيتري وقت تائين انتظام درست هلندو تي آيو. تاج خان جي دور ۾ فوج علي ڪُرد جڏهن سيويءَ تي فوجدار مقرر ٿيو، ان وقت فوجي انتظام جي ڪمزوريءَ سبب سيويءَ جي قبيلن شورش برپا ڪئي. فوج علي پنهنجي نالي جي مناسبت جي ساک قائم نہ رکي سگهيو ۽ قلعي بند ٿي ويهي رهيو.

بادشاه کي جڏهن انهيءَ واقعي جو اطلاع پهتو، تڏهن هن مير ابوالبقا ڏانهن اوباوڙي فرمان موڪليو تہ هو پنهنجي فوج وٺي يڪدم سيويءَ پهچي. سيويءَ تي چڙهائي ڪرڻ حقيقت ۾ بکر جي صوبيدار جو ڪم هو. ليڪن بادشاه ذاتي طرح مير جي دانشمنديءَ، بهادريءَ ۽ فوجي ڪاڪردگيءَ جو معترف هو. تنهنڪري بکر جي صوبيدار کي نظر انداز ڪري، هن اها اهم مهم مير صاحب جي سپرد ڪئي. بکر جي صوبيدار کان فقط فوجي مدد وٺڻ جي اجازت ڏنائين.

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ مير صاحب بکر پهچي تاج خان کان سپاهي ورتا ۽ پڻ پنهنجي قديم سپاهين، عزيزن وغيره کي گڏ ڪري، سڌو سيويءَ ڏانهن راهي ٿيو. مير صاحب جي والد کن سيويءَ جا باغي افغان واقف هئا. مير صاحب جي خود پنهنجي سورهيائيءَ کان بہ هو نا واقف ڪونہ هئا. تنهنڪري سندس پهچڻ شرط افغانن قلعي تا محاصرو کڻي. پاڻ کي اچي مير صاحب جي اڳيان پيش ڪيو.

"جميع افاغنہ گلو بستہ آمده رو را ديدند.
و فوج علي را از قلعہ خلاص ساخت" [2]

واقعات جي ترتيب مان معلوم ٿئي ٿو تہ اوباوڙي ۽ گنجابي جي جاگير مير صاحب وٽ 1020 ھ کان 1022 ھ تائين رهي، ۽ انهيءَ زماني ۾ ڪنهن

---

[1] 1020 ھ ۾ بکر آيو. "تاش بيگ" نالو ۽ "تاج خان" لقب هوس. سيد زادو هو. بکر مان ٺٽي جو صوبيدار ٿي ويو. جتي 1023 ھ ۾ انتقال ڪيائين. ڏسو "تحفة الڪرام". "لب تاريخ سند". "ماثرالامرا" ص. 483/1. ۽ "ذخيرة الخوانين" 397.

[2] "مظهر" ص. 247/2.

وقت اها سيويءَ جي مهم پيش آئي. 1023 هه ۾ اوباوڙي مان مير صاحب جو تبادلو سيوهڻ ٿيو.

## سيوهڻ جي جاگير:

1021 هه ۾، ميرزا غازيءَ قندار ۾ انتقال ڪيو. ميرزا رستم صفوي ڪانئس پوءِ ٺٽي جو صوبيدار ٿي آيو. جنهن کي جهانگير خاص هدايتون ڏيئي موڪليو، ته هو ٺٽي پهچي، ماڻهن جي ۽ خاص طرح ترخان ۽ ارغون گهراڻي جي اميرن جي تاليف قلب ڪري، جيئن رعيت اهو نه سمجهي ته هوءَ اجنبي ۽ ڌاريءَ حڪومت جي ماتحت آئي آهي، ۽ ارغون ترخان اهو محسوس نه ڪن ته سندن خاندان جي عزت ۽ اقتدار ختم ٿي ويو آهي.

ميرزا رستم پهريون ڌاريو حڪمران هو، جو سنڌ فتح ٿيڻ کان ايڪيهه سال پوءِ، هندستان جي مغلن جي طرفان سنڌ تي آيو، ۽ اهوئي سبب هو، جو جهانگير کيس اهي هدايتون ڏنيون، جن تي، سنڌ ۾ پهچڻ بعد، هو ٿورو وقت به هلي نه سگهيو، ۽ راڄ رعيت ۽ ارغون ترخان ڪانئس شاڪي ٿي پيا. چند مهينن ۾ بعد آخر بادشاهه مجبور ٿي کيس پاڻ وٽ گهرائي ورتو،[1] ۽ ٺٽي ۽ بکر جي صوبيدار تاج خان کي موڪلي ڏنو. تاج خان 1023 هه ۾ ٺٽي ۾ انتقال ڪيو، جنهنڪري سيوهڻ جي صوبيدار شمشير کي انهيءَ جاءِ تي آندو ويو.

مير ابوالبقا انهيءَ زماني ۾ اوباوڙي جي جاگير تي هو. سيوهڻ مان شمشير بيگ جي بدلي ٿيڻ تي، بادشاهه کيس سيوهڻ ڏانهن موڪليو ۽ ساڻس گڏ ميرزا دوست بيگ کي به شريڪ ڪرڻ جو حڪم ڪيو. ميرزا دوست بيگ اڃا سيوهڻ پهتوئي ڪون، جو کيس ٻيو حڪم مليو، جنهن جي تعميل ۾ کيس ملتان جو خزانو کڻي قندار وڃڻو پيو. جيتوڻيڪ هن سيوهڻ پنهنجا ماڻهو موڪلي ڏنا، ليڪن حقيقي قوت ۽ انتظامي اختيار سڀ مير صاحب جي سپرد رهيو.

## سيوهڻ جا گدرا:

سيوهڻ جي ڪن ايراضين گدرن جي پوک نهايت سني ٿيندي هئي، ۽ اتي جا گدرا نهايت لذيذ، مٺا ۽ غير معمولي وزن جا ٿيندا هئا. مير نمڪين

---

[1] انهيءَ سلسلي ۾ "ذخيرة الخوانين" جي عبارت هيءَ آهي: "اما بأنها سلوک خوب نکرد. اکثر مردم جلاوطن شدند..... اين خبر بمسامع عليه جهانگيري رسيد. ميرزا را تغير کرده حضور طلبيده. روزي چند بار ندادند. بعده بسعادت کورنش مستفيد گرديد." ص. 58.

پنهنجي دور ۾ انهن جي پوک جو خاص اهتمام ڪيو هو، ۽ اهي ملڪان ملڪ سوڪڙيءَ طور موڪليندو رهندو هو. بادشاهه ڏانهن بہ ڪيترا مرتبا موڪليا هئائين، جنهن ولايتي گدرن جي مقابلي ۾ هنن کي هر لحاظ سان پسند ڪيو. جهانگير تہ اتان جي گدرن جي مقابلي ۾ هنن کي هر لحاظ سان پسند ڪيو. جهانگير تہ اتان جي گدرن تي ايترو اکن ڇڪن ٿيو، جو آخري اِراضيءَ جا اهي ٽڪرا ئي "خالصي" ۾ آڻي ڇڏيائين.

مير ابوالبقا جڏهن سيوهڻ آيو، تہ هن بہ گدرن جي ڪاشت ۾ غير معمولي دلچسپي وٺي ان کي وڌايو. پيءُ وانگر پاڻ بہ استعمال ڪندو هو ۽ هيڏي هوڏي دوستن احبابن ڏانهن بہ موسم اچڻ تي سوڪڙي پاڪڙي ڪري موڪليندو هو.

هڪ دفعي نارلر[1] ڳوٺ (؟) ۾ گدرن جو فصل نهايت سٺو ٿيو. مير محمد يوسف لکي ٿو تہ مير ابوالبقا بيڙي پرائي ٺٽي جي صوبيدار شمشير خان ۽ مظفر خان معموريءَ ڏانهن، پنهنجي خاص ماڻهوءَ، محبت، ذريعي ڏياري موڪلي. خسائي شوري (؟) جي ڳوٺ وٽ جڏهن بيڙي پهتي، تہ دائود شوري جي ماڻهن نہ فقط بيڙي لُٽي، بلڪ مير صاحب جي ماڻهوءَ، محبت، کي جيڪو ايلچيءَ طور سوڪڙي کڻي وڃي رهيو هو، تنهن کي بہ قتل ڪري ڇڏيو.

مير صاحب کي انهيءَ اطلاع سيخپا ڪري ڇڏيو. شام ڌاري سيوهڻ مان نڪري، بيڙيءَ ۾ سوار ٿي، راتو رات سيوهڻ جي گهيڙ وٽان لهي، خسائي

---

[1] ميرڪ يوسف ان ڳوٺ جو نالو ڪٿي "نار" ۽ ڪنهن جاءِ تي "نارلر" لکيو آهي. ڳوٺ جو جغرافيو هن طرح لکي ٿو: "اهو ڳوٺ سيوهڻ جي قلعي کان ست ڪوهہ پري هو. انهن جا گدرا ۽ هنداڻا خاص طرح مٺا ۽ لذيذ ٿيندا هئا. ڳوٺ نهايت چڱيءَ ۽ پر فضا جاءِ تي آهي. اتي هڪ چشمو بہ آهي، جنهن ۾ پاڻي هڪ پهاڙ جي ڪاريز مان اچي ٿو. جنهن جبل مان پاڻي اچي ٿو، اهو ڳوٺ کان ٻن ڪوهن جي فاصلي تي آهي، ۽ ٽڪر جي پاڙ ۾ هڪ چشمو آهي، جنهن مان پاڻي اڀڙڪي ٻاهر نڪري ٿو ۽ هڪ ڪسيءَ جي ذريعي اهو پاڻي نار واري چشمي ۾ اچي پوي ٿو. ميرڪ پاڻ بہ بہ دفعا انهيءَ پاڻيءَ تي نيل ۽ فاليز پوکين ٿا. جيڪا بياني واريءَ نيل جهڙي سٺي ٿئي ٿي. پاڻيءَ جي پوري انتظام نہ هئڻ سبب فقط اڍائي سو کن جريب پوک ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن پاڻيءَ جو انتظام ڪجي تہ هوند ويهہ هزار جريب آباديءَ هيٺ اچي وڃن. نار ڳوٺ کان مني ڪوهہ جي پنڌ تي حضرت آريءَ شينهاڻيءَ جي مزار آهي. اهو بزرگ شينهن تي سواري ڪندو هو، تنهنڪري انهيءَ نسبت سان مشهور ٿيو. انهيءَ ڳوٺ جا گدرا ايتريقدر مشهور آهن، جو جهانگير انهيءَ سبب جي ڪري انهيءَ ڳوٺ کي پنهنجي 'خالصي' ۾ آڻي ڇڏيو. ڪجهہ وقت شاهي وڪيل ان جي نظر اندازي ڪندا هئا، ۽ ان کان پوءِ ڪو عرصو اهو ڳوٺ نواب آصف جي قبضي ۾ رهيو." ص. 379/2.

شوري جي ڳوٺ تي وجي پهتو. دائود شوري سمجهيو تي تہ آفت اجهو ڪي ايندي، سو اڳئين ڏينهن تي ئي تپڙ تاڙي ڪٺي، ٻارن ٻچن سميت ڳوٺ ڇڏي، ٽڪر ٽپندو، سنڌ جي سرحد مان نڪتو هليو ويو. مير صاحب وجي خالي وٿاڻن تي بيٺو. اندر جي تــوَ ڪان، هن شهر ڪي باهہ ڏياري، هوسڙن ۽ شورن مان جيڪي هٿ آيس تن ڪي قتل ڪري، مال متاع ڪنيو، سيوهڻ هليو آيو.[1]

**بڪيجن جي گوشمالي:** ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ سيوهڻ جي صوبي ۾ درياءَ جي اندرينءَ پر ٽي پرڳڻا هئا: هڪ جوڻيجن جو، ٻيو خطو، ۽ ٽيون پرڳڻو لاڪاڻ. جوڻيجن جي پرڳڻي ۾ ڪوريجا، پنهور، ۽ شيخ آباد هئا، ۽ سميجن جي قبيلي مان بڪيجا. بيان ڪيل ٽن قبيلن ڪان زياده تعداد ۾ رهندا هئا. بڪيجن جو سچو قبيلو ڏوهاري هو، خون، ڦر ۽ ڌاڙا هڻڻ سندن رات ڏينهن جي ڪرت هئي، ۽ منجهائن نہ ڇڙو رعيت ڏکويل هئي، بلڪ خود سرڪاري ماڻهو بہ آزاريل هئا. ماڻهن جو مال ملڪيت تہ ڪائي ڪپائي ڇڏيندا هئا، پر سرڪاري اجارو بہ هضم ڪري ويندا هئا. اڳيان جاگيردار جيئن تيئن پنهنجو وقت گذاري ويا، ليڪن مير صاحب اهو برداشت ڪري نہ سگهيو. جنهنڪري هن اچڻ سان ئي بڪيجن جي گوشمالي اهڙيءَ طرح ڪري ڇڏي، جو سچي راڄ تان سندن آزار لهي پيو، ۽ سرڪاري خزانو بہ هر وقت جي نقصان ڪان بچي ويو.[2]

**باغبان تي چڙهائي:** باغبان پرڳڻي جا بہ حصا ميرزا دوست بيگ جي جاگير ۾ هئا، ۽ باقي سچي پرڳڻي تي مير صاحب جو قبضو هو. انهن ٻن حصن ۾ دوست بيگ جي طرفان عامل رهندا هئا، جيڪي بندوبست بہ رکندا هئا ۽ ڍلون وغيره بہ وصول ڪندا هئا.

اهڙي دور ۾، جڏهن تہ جيڪي جاگيردار پاڻ حد ۾ وينا هوندا هئا، اهي بہ ڍلون وصول ڪري نہ سگهندا هئا ۽ انتظام رکڻ لاءِ ڪين باربار ڪن قبيلن ۽ قومن تي فوج ڪشي ڪرڻي پوندي هئي، اتي دوست بيگ جهڙي غير حاضر جاگيردار جي ڪارندن کي ڪٿي ئي ڍل وصول تي سگهي ۽ ڪهڙيءَ طرح هو انتظام رکي ٿي سگهيا! ٿوري وقت ۾ ئي حالتون خراب ٿي ويون، خود سر قبيلن ڍل ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو. ۽ نہ فقط عام رعيت انهيءَ حد جي چانڊين ۽

---

(1) "مظهر" ص. 2/258.

(2) "مظهر" ص. 2/276.

تيہن جي آزار کان تائجي پيئي، بلڪ خود جاگيردار جي ڪارندن کي بہ اڇي سر جي لڳي. ميرڪ يوسف لکيو آهي تہ آخر دوست بيگ جي عاملن ہيو ڪو چاڙهو نہ ڏسي، مير ابوالبقا وٽ داد رسيءَ لاءِ اڇي دانهن ڪئي. مير صاحب ڪجهہ سپاهي ساڻ ڪري سيوهڻ مان صبح جو پاڻ نڪتو، ۽ سڄو ڏينهن هلي ٻئي ڏينهن صبح جو اڪبر آباد پهتو. ڏينهن اتي گذاري، وري شام جو سوار ٿيو ۽ ٻئي صبح تي چاندين کي وڃي وهٽي جبل (؟) وٽ هٿ ڪيائين. ميرڪ يوسف جو قول آهي تہ مير صاحب سندن اهڙي سرزنش ڪئي، جو انهيءَ معرڪي بعد وري چاندیا ايري نہ سگهيا.[1]

**انڙن سان مقابلا ۽ مجادلا:** ميرڪ يوسف جي تاريخ مان اسان کي پهريون دفعو معلوم ٿئي ٿو تہ مغل گورنرن جوسنڌ ۾ گهڻو عرصو هتان جي ٺي ماڻهن سان مقابلي ۽ مجادلي ڪندي گذريو. تاريخ ۾ انهن فوج ڪشين جو سبب اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ڪي قبيلا سخت سرڪش هئا، تنهنڪري سندن سرڪوبي ٿيندي رهندي هئي. جيڪڏهن سرڪاري ڏلون ۽ اجارا نہ ڏيندا هئا تہ ساڳئي وقت عام رعيت کي بہ منجهانئن آزار هو. اهي قبيلا سرڪش چو ٿيا، ڏلن ڏيڻ کان حڪومت جهڙيءَ قوت کي هنن ڇو ٿي انڪار ڪيو، خون خرابي، چوريءَ چڪاريءَ ۽ ذاتي ڦر جي انهن ۾ ڇو عادت هئي، انهيءَ جا سبب شايد ڪنهن بہ مؤرخ ڪونہ سوچيا، تنهنڪري انهن مان ڪنهن لکيا بہ ڪونہ، ۽ غالب ملڪي مصلحتن کين سوچڻ بہ ڪونہ ڏنو، ۽ انهن ئي مصلحتن ۽ دوراندیشين کين تصوير جي ٻئي رخ پيش ڪرڻ جي اجازت ڪانہ ڏني. بهرحال جيڪي لکيو ويو آهي، ان مان اسان کي هڪ طرف تصوير اهائي نظر اچي ٿي تہ سميجن جي سمورو قبيلو نهايت ئي سرڪش، قاعدي قانون کي بي پرواهہ ۽ حڪومت جي خوف کان عاري هو. ۽ انهيءَ ئي ڪري مغلن حڪمرانن متن بار بار لشڪر ڪشيون ڪيون، کين قتل و غارت ڪري نيست نابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون، ليڪن مستقل طرح کين نہ راهہ راست تي آڻي سگهيا، ۽ نہ کين پر امن شهري بڻائي سگهيا.

اسان کي ميرڪ يوسف جي تاريخ ۾ ڪيئي اهڙا مثال ملن ٿا، جو انهن

(1) مظهر ص. 312/2.

قبيلن جي هٿان راڄ وارا تنگ اچي شاهي دربار تائين بہ دانهين وجي ويا. ۽ اتاهون انهن قبيلن جي سرڪوبيءَ لاءِ فرمان ڪيائي. جاگيردارن ۽ صوبيدارن وٽ ڪٽي آيا. جهانگير جي هڪ اهڙي فرمان جو ذڪر گذريل صفحن ۾ اسان پيش ڪري چڪا آهيون.

مير ابوالقاسم نمڪين گهڻي ڪوشش ڪئي تہ جن قبيلن خلاف انهيءَ قسم جون شڪايتون هجن، تن جي اصلاح ڪري، ۽ ڪنهن حد تائين هو ڪامياب بہ ٿيو. ليڪن سندس سيوهڻ مان نڪرڻ بعد، ۽ بين جاگيردارن جي اچڻ تي، وري اهي ساڳيون حالتون پيدا ٿي ويون ٿي. مير ابوالبقا جي دور بہ اسان کي انهيءَ قسم جي جدوجهد ۾ گذرندو نظر اچي ٿو. ڪڏهن سختي ڪڏهن نرمي. بهرحال هو رات ڏينهن قبيلن جي ئي پنيان رهندو هو.

ميرڪ يوسف جي سموري تاريخ انهيءَ قسم جي اندروني خلفشار جي آئينيدار آهي. مغل حڪومت جي ڌارين صوبيدارن جي نااهل جاگيردارن ملڪ خواهہ ملڪ جي ماڻهن سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ ٿي رکي، جنهنڪري انهيءَ قسم جون بدانتظاميون ٿيون ٿي، جيڪي نہ ڇڙو سندن لاءِ خلفشار جو باعث هيون، ليڪن پر امن رعيت لاءِ بہ وڏي آزار ۽ عقوبت جو سبب ٿيون ٿي. هيترن سارن صوبيدارن جون پيدا ڪيل انتظامي خرابيون، مير نمڪين ۽ ابوالبقا جهڙا همدرد جاگيردار ڪٿي ٿي دور ڪري سگهيا، جڏهن تہ سيوهڻ ۾ سندن قيام جو عرصو قليل ۽ پيدا ڪيل خرابين جو سلسلو طويل هو.

مير ابوالبقا ملڪي انتظام خاطر هڪ دفعي جهانگير آباد جي ٿاڻي تي پنهنجي هڪ خاص ملازم، جمال، کي مقرر ڪيو، ۽ ساڳئي ٿاڻي جي لاڪن وري ٽپي تي منظور نالي ٻئي هڪ ملازم کي ڏياري موڪليو. پوئين ٽپي ۾، انهيءَ زماني ۾، انڙن سخت فساد شروع ڪري ڏنو، جنهنڪري منظور کي مٿن لشڪر ڪشي ڪرڻي پيئي. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ انڙن کي جڏهن ڪڙڪ پيئي، تڏهن هو ڳوٺ خالي ڪري، لشڪر جي اچڻ واري رستي تي لڪي ويهي رهيا. منظور جيئن ئي الڪو آيو پئي، تيئن ئي مٿس اوچتو حملو ڪيائون. منظور انهيءَ اوچتي حملي لاءِ تيار ڪين هو. تنهن هوندي بہ هن گهڻي ڪوشش ڪئي، ليڪن شڪست ڪائي، ڪيترا سپاهي مارائي، نقارو عَلم ڪسائي، موٽي اچي جهانگير آباد پهتو.

میر ابوالبقا پاڻ ان وقت بیمار هو. تنهنکري اطلاع پهچڻ تي هن پنهنجي وڏي پٽ، عتیق الله، کي پنهنجن ٻين پٽن ۽ عزیزن سمیت لشکر ڏیئي روانو ڪیو. جهانگیر آباد جي قلعي ۾ جڏهن میر عتیق الله اچي منزل انداز ٿیو، ان وقت انڙن جا ماڻهو بہ معافيءَ جا خواستگار ٿي، ۽ نقارو، علم ۽ هٿ آیل هتیار کڻي اچي پهتا. هنن هر طرح جو جرمانو ڏيڻ بہ قبول ڪیو. لیکن میرڪ یوسف لکي ٿو تہ میر عتیق الله کي تجربو گهٽ، جوش ۽ غصو زیاده هو. تيئن صلح جي آڇ کي نکرائي، مقابلي جي تیاري شروع ڪري ڏني.

سابہ ڍنڍ (؟) جي میدان تي میر عتیق الله مقابلي لاءِ پهتو. سمیجن پنهنجو مال، ڍور ڍڳا، ۽ ٻار ٻچا اڳ ئي ڪڍي میدان خالي ڪري ڇڏیو هو. باقي نوجوانن جو هڪ انبوهہ ڪثیر ٻن ڪوهن جو فاصلو وچ ۾ ڪري مقابلي لاءِ تیار ٿي ویهي رهیو. میر عتیق الله پنهنجي سوٽ، میر ڪامل، کي ٻاویهن سوارن جو دستو ڏیئي، اڳواٽ اماڻیو. ۽ پاڻ پويان هلڻ لڳو. اجا مقابلي واري میدان تائین پهتائي ڪین، تہ واٽ تي ئي سمیجن اچي ڪین ورایو. مقابلو ٿیو. ٻنهي طرفن جا ماڻهو مئا. جیتوڻیڪ سمیجن جا مکیہ ماڻهو مارجي ویا، جن ۾ میرزا عیسیٰ ترخان جي سهري، پرئي سمیجي، جو پٽ لاکو بہ هو. لیکن ٻئي طرف وارن مان میر ڪامل جي ڪمڪ جا ٻاویهہ ڄڻا ۽ میر عتیق جي لشکر جا ڪیئي سپاهي پڻ مارجي ویا. ۽ آخر ۾ میر عتیق الله شکست کائي، جهانگیر آباد اچي رسیو.

میر ابوالبقا کي انهيءَ شکست جي خبر سیوهڻ ۾ پهتي. هو جیتوڻیڪ اجا بخار ۾مبتلا هو، لیکن ان هوندي بہ پاڻ سوار ٿي نکتو. جتان جهانگیر آباد ٻارنهن ڪوهہ پري هو. انهيءَ پهرينءَ منزل تي ئي، سمیجا انڙ پنهنجا پريا مڙس وٺي اچي پیش ٿیا. میر صاحب مقابلي جي ضرورت نہ سمجهي ڪین معافي ڏني، ۽ جیڪي مٿن سرڪاري بقایائون یا راڄ مهاڄڻ جون چٽیون چوریون هیون، سي سڀ وصول ڪیون.

انهيءَ منزل تي، ذاریجن ۽ مناهجن جا چڱا مڙس بہ اچي پیش پیا ۽ آئینده لاءِ قول قرار ڏیئي آجا ٿیا. سندن بہ سردار، ڏنو ۽ طیب، میر صاحب جي هم رڪابيءَ لاءِ وٽس ئي ترسي پیا.

راهوجا، فروجا (؟) ۽ منگواڻا، میر صاحب جي آمد جو ٻڌي، نہ فقط

مهراڻي ۾ اچي حاضر نہ ٿيا، بلڪ هو ملڪ ئي ڇڏي، ٻيءَ حد ۾ هليا ويا، مير صاحب انهن جي پنيان مهراڻي مان منزل ڀتي، روانو ٿيو. ڏينهن جو سخت جهولو لڳي رهيو هو. تنهنڪري وچينءَ جو وينجهڙي ڳوٺ ۾ ترسي پيو. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ انهن جي جهنگ جهر مان لشڪري ٽي هزار ڳئون ضبط ڪري آيا. جيڪي ڏوهاري قبيلن جي ملڪيت هيون. مير صاحب ٽئي هزار ڳئون تهہِ تيغ ڪرائي ڇڏيون.

ٻئي ڏينهن بہ ٻپهريءَ جي نماز پڙهي، مير صاحب اتان ڪوچ ڪيو. اها شام ۽ سڄي رات گهوڙن جي پنيءَ تي پنڌ ڪري صبح جو ڪناهر ڊنڊ (؟) تي پهتو. اها حد هالن جي پرڳڻي جي هئي، ۽ اتي ئي اچي راهوجا ۽ منگواڻا لڪا وينا هئا. مير صاحب صبح جي نماز ادا ڪري، مٿن حملو ڪيو. جنهن ۾ ٻاويهہ منگواڻا قتل ٿيا. ۽ ڪيترو مال ملڪيت مير جي قبضي ۾ آيو. جنهن ڪي هن مظفر خان معموريءَ ڏانهن نٽي ڏياري موڪليو. ڇاڪاڻ تہ مير صاحب اها يلغار نٽي جي حڪومت ۾ ڪئي هئي، تنهنڪري هن ڪي ائين ئي ڪرڻو هو.

ڪناهر ڊنڊ مان مير منزل ڀتي، جهانگير آباد پهتو. جتي چند ڏينهن رهي، هن سميجن ڪان بقاياڻون بہ وصول ڪيون ۽ ڪين پر امن طريقي سان زندگي گذارڻ جي بہ هدايت ڪئي.[1]

**نهمر دين جي گوشمالي:** نهمردي (نومڙيا) هميشہ ڪان سيوهڻ جي شهر ۾ اوري پري ڪان وٽج واپار ڪرڻ ايندا هئا. ۽ دستور مطابق واپار جي محصول طور. ڪانئن مقرر تعداد ۾ چوپايو مال جاگيردار وصول ڪندو هو. ڪجهہ عرصي ڪان هنن اهو ڏنڊو ڇڏي، لٽ ڦر ۽ چوري ڌاڙي جو مشغلو شروع ڪري ڏنو هو. هڪ دفعي هنن سيوهڻ جي حد مان ايتري قدر لٽ ڦر ڪئي، جو مير صاحب مجبور ٿي، پاڻ سندن گوشماليءَ لاءِ سوار ٿي، پنيانئن پيو. ۽ ڪين هٽ ڪري، منجهانئن ڪيترن ڪي قتل ڪري ۽ ڪيترن ڪي گرفتار ڪري، سمورو مال ملڪيت هٽ ڪيائين. مال ياڳين ڪي ڏيئي، قيدين ڪي ساڻ وٺي، مير صاحب جڏهن سيوهڻ پهتو، تڏهن نهمردين جا ارباب بہ اچي معافي حاصل ڪرڻ لاءِ پهتا. ميرڪ يوسف لکي ٿو، تہ مير صاحب ڪين معافي ڏيئي، قيدي سڀ آزاد ڪيا، ۽ آئنده لاءِ ڪانئن چڱيءَ چال سان رهڻ ۽ وري واپار شروع ڪرڻ

[1] "مظهر" ص. 315/2.

جو قول قرار ورتو. جنهن کان پوءِ هنن نئين سر واپار وڻج شروع ڪيو ۽ پر امن شهري ٿي پيا.

### ٺٽي جي صوبي ۾ جاگير:

شمشير خان، جيڪو تاج خان جي انتقال بعد ٺٽي جو صوبيدار ٿي ويو هو، تنهن کي، بقول جهانگير، 11 سال جهانگيريءَ (1025 هـ) ۾[1] وري سيوهڻ موڪليو ويو، ۽ ٺٽي ۾ مظفر خان معموريءَ کي، جيڪو اتي ئي بخشي هو، صوبيدار ڪري رکيو ويو.

جنهن وقت اهو حڪم مليس، ان وقت سندس ڪيتري ئي بقايا، ماڻهن تي رهيل هئي. هن جوٽيجن مان منزل پٽي، خطي پرڳڻي جي رفيعان ڳوٺ (؟) ۾ اچي وصولي شروع ڪئي. جتان نقد نہ ٿي مليس، اتان چوپايو مال عيوضي ۾ ٿي ورتائين. اهڙيءَ طرح هن گهٽيءَ حد تائين پنهنجي رقم وصول ڪري ورتي. رفيعان ڳوٺ ۾ ئي شمشير خان جا ماڻهو بہ اچي پهتا. سميجن ڏانهن سندس ڪافي بقايا هئي، ۽ بدليءَ واريءَ حالت ۾ جيڪڏهن وصول ڪرڻ کان اڳ هن ملڪ تي چڙهيو، ان جو اڳرڻ ناممڪن هو. تنهنڪري هن اُتان هلي، وري اچي سميجن جي ڳوٺ ۾ منزل ڪئي. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ اتان ڪيس بہ ٽي هزار ڳائو مال بقايا ۾ مليو.

انهيءَ وصوليءَ بعد مير صاحب سيوهڻ آيو، جتي شمشير خان جو انتظار ڪرڻ لڳو، ۽ ان جي پهچڻ تي، صوبي جي چارج ڏيئي، پاڻ پنهنجي نئينءَ جاگير ڏانهن روانو ٿيو.[2]

**سرڪار چاچڪان جي جاگير:** اسان کي اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ مير صاحب کي ٺٽي جي صوبي ۾ ڪهڙا ٽڪرا جاگير طور ڏنا ويا. ميرڪ يوسف انهن جو تفصيل ڪونہ ڏنو آهي. هڪ هنڌ اشارتاً هن لکيو آهي تہ انهيءَ زماني ۾ چاچڪان پرڳڻي جو بدين وارو علائقو ۽ سرڪار چاڪر هالي جون نيرن ڪوٽ ۽ شال وارو حصو، مير صاحب کي بطور جاگير جي مليل هو. فقط

---

[1] بقول جهانگير (تزڪ 157)، 15 ربيع الاول 1025 هـ سال 11 جلوس جي، شمشير خان سيوهڻ ويو، ۽ مظفر خان معموري ٺٽي تي مقرر ٿيو. امير ابوالبقا 1025 هـ ۾ بدين ويو. "ماثرالامرا" (633/2) 9 سال (9 صفر 1023هـ تا 7 صفر 1024هـ) ۾ جيڪو معموريءَ جو تقرر لکيو آهي، سو غلط آهي.

[2] "مظهر" ص. 316/2.

هي ٿي ٽڪرا سندس جاگير ۾ هئا. يا انهن سان گڏ ڪي ٻيا بہ حصا ڪيس مليل هئا. ان جي وضاحت ٿيل ڪانہ آهي.

**ڪي خاص واقعا:** انهيءَ زماني ۾ بہ مير صاحب جا ٺٽي جي حد اندر ڪن قبيلن سان معرڪا ٿيا. جن جو اجمالي تذڪرو ميرڪ يوسف ڪيو آهي.

چاچڪان پرڳڻي جي مندرا قبيلو، ترخانن جي زماني کان ئي، سرڪش رهندو ٿي آيو. مير ابوالبقا پنهنجي جاگير ۾ پهچڻ سان انهن جي اهڙي گوشمالي ڪئي، جو ان کان پوءِ هو نهايت مطيع ۽ فرمانبردار ٿي ويا. ۽ سرڪاري طلبون، جيڪي هميشہ متن رهنديون ايندين هيون، سي آئنده لاءِ وقت سر ڏيڻ لڳا.[1]

مظفر خان معموريءَ، ٺٽي جي حڪومت ملڻ بعد، سپ کان پهرين، شال دلن تي لشڪر ڪشي ڪئي. مظفر خان وڏي شان شوڪت سان اجا منزل مقصود ڏانهن اڃي رهيو هو، جو واٽ تي ئي مناهي دلَ متس حملو ڪيو، ۽ سندس ڪافي سپاهي ماري، پاڻ سلامت نڪتو هليو ويو. مظفر خان معموريءَ سندس پٺ ڪانہ ورتي، بلڪ اتي ئي منزل رکي ويهي رهيو، تاڪ آئنده جي مقابلي جي تياري ڪري. مير ابوالبقا ان وقت بدين ۾ پنهنجي جاگير تي هو. مظفر خان معموريءَ جي انهيءَ معرڪي جو حال ٻڌي، راتو رات اچي، اتي رسيو. ٻيءَ رات جو پنهنجا سپاهي ساڻ ڪري مير صاحب سوار ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن سج اپرڻ سان دارو بند جبل وٽ وڃي سميجن تي ڪڙڪيو. ميرڪ لکي ٿو تہ 322 دل انهيءَ لڙائيءَ ۾ مارجي ويا. جن جون سسيون ڪٽي، ٻئي ڏينهن تي اچي، هو مظفر خان وٽ پهتو. دلن انهيءَ مار کان پوءِ وري دنگو ڪونہ ڪيو. انهيءَ معرڪي ۾ مير صاحب جو ڀاءُ مير نوراللّٰه بہ قتل ٿيو.

ٻيو دفعو بہ مير صاحب مناهي دل ۾ حميد شوري جي ماڻهن تي لشڪر ڪشي ڪئي، ۽ اهڙي گوشمالي ڪيائين، جو آخر ٻنهي اربابن پيش پئي معافي ورتي.[2]

**ڪانگڙي جي مهم:** ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ مير صاحب بدين واري جاگير تان ڪانگڙي جي مهم تي هليو ويو. کهڙي سال ۾ مير صاحب ويو،

---

(1) "مظهر" ص. 2/251.
(2) "مظهر" 2/258-260.

مهم جي نوعيت ڇا هئي، ان جي وضاحت ٿيل ڪانہ آهي. ليڪن هيئين واقعي مان اندازو اهو آهي تہ مير صاحب 1024 هہ جي آخر يا 1025 هہ جي شروع ۾ انهيءَ طرف روانو ٿيو. ڇاڪاڻ تہ مظفر خان معموري اجا نئين ۾ ئي هو، جو مير صاحب جي وڃڻ بعد اسماعيل شوري وري شورش ڪئي، جنهن کي مظفر خان جي پاءَ، ميرزا احمد، نئين مان اچي زير ڪيو.[1]

**ملتان جي نيابت:**

ڪانگڙي جي مهم کان پوءِ مير صاحب ڪاڏي ويو، ڪٿي رهيو، ڇا ڪندو رهيو، ان لاءِ تاريخ جي ڪا گواهي اسان وٽ موجود نہ آهي. 1025هہ کان وٺي 1036 هہ تائين جو دور تاريڪيءَ ۾ آهي. جهانگير جي آخري دور ۾ جڏهن ملتان جو صوبو يمين الدولہ جي سپرد ٿيو، ان وقت مير صاحب، يمين الدولہ طرفان ملتان جو نائب ٿي پهتو. "بادشاهہ نامہ" جو قول آهي تہ کيس اها نيابت جهانگير جي پوئين زماني ۾ ملي.[2]

جهانگير، 28 صفر 1037 هہ تي وفات ڪئي. قياس آهي تہ 1035هہ جي آخر يا 1036 هہ جي شروع ۾، مير صاحب ملتان آيو هوندو. شاهہ جهان 8 جمادي الثاني 1037 هہ جي تخت نشين ٿيو، ان وقت نئين بادشاهہ جن صوبيدارن يا عهديدارن کي معزول ڪيو يا بدلي نہ ڪيو، انهن مان هڪ مير صاحب بہ هو، ۽ ٻئي سال شاهہ جهانيءَ (1037 هہ) تائين سندس ملتان جي نيابت تي موجود رهڻ ثابت آهي.

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ مير ابوالبقا جنهن وقت ملتان ۾ هو، ان وقت سيوهڻ جو صوبيدار احمد بيگ هو، ٺٽو مرتضيٰ خان حسام الدين جي حوالي هو، ۽ محمد علي بيگ بندري ۽ حڪيم محمد صالح بکر ۾ هئا.

انهيءَ زماني ۾، سيوهڻ جو پرڳڻو جوڻيجن جو مير ابوالبقا جي جاگير ۾ هو، ۽ باقي سمورن پرڳڻن تي احمد بيگ قابض هو.[3]

ميرڪ يوسف احمد بيگ جي ايام ڪاريءَ ۾ سيوهڻ ۾ مقيم هو. احمد بيگ سيوهڻ جي باشندن تي بي پناهہ ظلم ڪيا، جيڪي ميرڪ يوسف

(1) "مظهر" ص. 260.
(2) "بادشاه نامہ" ص. 2/341.
(3) "مظهر" ص. 2/341.

پنهنجي اکين سان ڏٺا. سندس اهي ڪارناما ئي "مظهر شاهه جهانيءَ" جهڙيءَ مستند تاريخ جي وجود ۾ اچڻ جو سبب ٿيا. ميرڪ يوسف سيوهڻ مان نڪري ملتان ياءُ وٽ پهتو ۽ خيال هئس ته ياءُ سان صلاح مشورو ڪري واقعات کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ لکي، پوءِ شاهي دربار ۾ پهچي، داد رسيءَ لاءِ التجا ڪري.

**ٺٽي جي صوبيداري:**

جنهن وقت مير ابوالبقا ملتان جو نائب هو، تنهن وقت ٺٽي جو صوبيدار مير مرتضيٰ خان حسام الدين بن مير جمال الدين حسين هو. شاهه جهان جي ٻئي سال (1037هه - 1039 هه) ۾ مير مرتضيٰ ڪان جو اوچتو دل ٽٽڻ (شادي مرگ) سبب انتقال ٿيو. شاهه جهان کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن هن مير ابوالبقا کي ٺٽي جو صوبيدار مقرر ڪري، ڏانهس ملتان ۾ فرمان موڪلي ڏنو.

جڏهن اهو فرمان ملتان پهتو، ان وقت ميرڪ يوسف ياءُ وٽ ملتان ۾ پهچي چڪو هو. ياڻس پنهنجي بدليءَ ٿيڻ سبب في الحال کيس ٺٽي وٺيو آيو، ۽ شاهي دربار ۾ وڃڻ نه ڏنائينس.[1]

"ماثر الامرا" جي مصنف جو قول آهي ته مير صاحب کي، ٺٽي جي صوبيداريءَ ڏيڻ سان گڏ، بادشاهه سندس منصب ۾ پڻ اضافو ڪيو. ان کان اڳ گويا اڍائي هزاري ذات ۽ ٻه هزاري سوار جو کيس منصب حاصل هو، ۽ ٺٽي وڃڻ وقت ٻنهي ۾ پنجن پنجن سون جو اضافو ڪري، بادشاهه کيس ٽه هزاري امير بڻايو.

> "خان مزبور باضافهٔ پانصدي ذات و پانصدي سوار، بمنصب آن صوبہ مامور شد."[2]

"بادشاهه نامي" جي مصنف به انهيءَ اضافي جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

> "چون بعرض رسيد ڪہ مرتضيٰ خان ولد مير جمال الدين حسين خان انجو صوبيدار تتہ، رخت هستي ازين جهان بربست، امير خان ولد قاسم خان نمڪين را ڪہ نيابت يمين الدولہ بحڪومت ملتان مي پرداخت، بنظم آن صوبہ، و بہ اضافہ پانصدي ذات و پانصدي سوار، بمنصب سہ

---

(1) "مظهر" ص. 342/2.
(2) "ماثرالامرا" ص. 137/1.

هزاري، دوهزار سوار، سرفراز گردانیده" [1]

شاهہ جهان جو ٻیو سال I جمادي الثاني 1308 ھہ جي شروع ٿئي ٿو. "بادشاهہ نامہ" جي مصنف مٿیون ذکر ٻئي سال جي آخري مهینن وارن واقعن ۾ کیو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ میر صاحب جو تبادلو ننٽي طرف 1039 ھہ جي شروعات ۾ ٿیو هوندو.

**شاهہ جهان سان بدسلوکي کندڙن جو حشر:** "تحفة الکرام" جو مصنف راوي آهي تہ شاهہ جهان کیس خاص هدایت ڏیئي ننٽي موکلیو هو، تہ هو اتي پهچي انهن سیني ملازمن، منصبدارن ۽ زمیندارن کي سزائون ڏئي، جن شریف خان گورنر ننٽي جي چٽي لڳي، شاهہ جهان سان ننٽي ۾ اچڻ واري موقعي تي بدسلوکي کئي هئي. چنانچہ میر ابوالبقا پهچڻ شرط سڀ کان پهریائین انهن ماڻهن جو صفایو کیو، جن ۾ ککرالي جو چام بہ هو. ڏاراج جي راڻي ۽ میان حمل جت کي هن وڏي مان ۽ عزت سان شاهي دربار ڏانهن اماڻیو، ڇاکاڻ تہ انهن ٻنهي نیک مرد شاهہ جهان سان سٺو برتاءُ کیو هو، ۽ دربار ۾ پهچڻ سان کین وڏا انعام اکرام ملیا. [2]

**نکامڙن ۽ کیهرن جو استیصال:**

میرک یوسف جي تاریخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ننٽي جي رعیت تمام نیک، مسکین ۽ مرنجا مرنج هئي. زور وارا قبیلا سندن شرافت ۽ نیکيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، همیشه مٿن حملا کندا هئا. عام جام ڌاڙا هڻي، سندن مال، ملکیت ۽ ڍور ڍڳا کاهیو هلیا ویندا هئا. کیهر ۽ نکامڙا خاص طرح مٿن ترکتاز کندا هئا. ترخاني دور ۾ بہ سندن اهي کاروایون رهندیون هیون، لیکن ترخان ٻنهي قومن جي سردارن کي مواجب ڏیئي پنهنجي قبضي ۾ رکندا تي آیا، جنهنکري البت رعیت جو بچاءُ هو. اکبر جڏهن مسند تي قبضو کیو، ان وقت هن گورنرن بہ ترخانن واري پالیسي اختیار کئي، ۽ ٻنهي قومن

---

[1] "بادشاهہ نامہ" ص. 287/1.

[2] "تحفة الکرام" ص. 94/3، میر علي شیر میر صاحب جي آمد جو سال 1037 ھہ لکیو آهي. ازان سواءِ ننٽي جي نوابن واريءَ فهرست ۾ میرزا عیسیٰ ثانيءَ کان پوءِ کیس شمار کیو اٿائین. حالانک مٿین مصنفن جو قول ان جي ابتڙ آهي ۽ بلکل صحیح آهي. ساڳيءَ طرح میر ابوالبقا جو اچڻ میر شیر فقط هک دفعو ڄاڻایو آهي، حالانک هو بہ دفعا آیو. اهڙيءَ طرح منصف کان کیئي انهيءَ قسم جون غلطیون ٿیون آهن.

جي سردارن، ڄام هالي ۽ راڻي عمر، کي وظيفا ڏيئي، هموار رکندا ٿي آيا.

جهانگير جي آخري دور ۾ پنهي قومن وري خود سري اختيار ڪئي، جنهنڪري ٺٽي جي صوبي ۾ سخت هيجان پيدا ٿي ويو. شاهه جهان مير ابوالبقا کي جڏهن ٺٽي موڪليو، ان وقت کيس خاص هدايت لکي موڪليائين تہ ڪيهرن جو وجهڻ سان استيصال (بيخ ڪني) ڪري. چنانچہ مير صاحب پهچڻ شرط ڪيهرن جي سردار ڄام هالي جي پوريءَ طرح سرزنش ڪئي. نڪامڙن لاءِ ڪو خاص حڪم ڪونہ هو. جنهنڪري مير ابوالبقا انهيءَ قوم ۽ انهن جي سردار، راڻي عمر، کي هٿ ڪونہ لاتو، ليڪن ڪيهرن جو حشر ڏسي، اهي بہ چپ ٿي ويا، ۽ سندس دور ۾ انهن ڪڏهن بہ ٺٽي جي راڄ ۽ رعيت کي ڪونہ ڏڪويو.[1]

**هالن جي بربادي:**

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ مظفر خان معموريءَ جي دور ۾ هالن جو پرڳڻو يارنهن هزار خرار اَنَ سرڪاري جمع بنديءَ ۾ ڏيندو هو. ۽ منجهانئس ويهہ لک دام ڍل اڳڙندي هئي: ليڪن ميرزا حسام الدين مرتضيٰ خان جي ڏينهن ۾ انهيءَ پرڳڻي جي سخت بربادي ٿي، ۽ سميجا انڙ. جن جو مٿي بار بار ذڪر ٿي چڪو آهي، انهن جي لٽ ڦر آبادگار رعيت کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. امن و امان جي نہ هجڻ سبب، ڪڙمي ڪاري، راڄ ۽ رعيت لڏي پلاڻي، پنهنجا وٿاڻ ڇڏي، ٻين صوبن ۾ هليا ويا هئا. جنهنڪري زمينون ويران ۽ ڳوٺ ڀڙيانگ لڳا پيا هئا. ۽ آمدنيءَ جو انگ لهي اچي صفر تائين پهتو هو.

مرتضيٰ خان تنگ ٿي هڪ دفعو پنهنجي پٽ صمصام الدولہ کي سندن سرزنش لاءِ چاڙهي موڪليو. ليڪن اهو بہ ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيو. بلڪ مار کائي موٽي آيو. صمصام الدولہ لشڪر وٺي هالن کان اڌ ميل تي "ٺٽي ڳوٺ" ۾ اچي منزل انداز ٿيو. ۽ چوڌاري خندق هٽائي، خاربندي (لوڙهو) ڪري ويهي رهيو. هالن جي ٿاڻيدار، موسيٰ خان افغان، کي ڪجهہ لشڪر ڏيئي، هن انڙن تي موڪليو. انڙن کي جاسوسن ذريعي سڄي قصي جي خبر پئجي ويئي هئي، جنهنڪري هو پنهنجا ڳوٺ خالي ڪري، پاڻ لشڪر جي رستي تي لڪي ويهي

[1] "مظهر" ص. 2/251.

رهيا هئا. لشڪر جيئن بي خبريءَ ۾ سميجن جي ڳوٺن ۾ پهتو، تيئن سميجن جهنگ مان نڪري اچي لشڪر جي پنيان گهيرو ڪيو. ۽ سرڪاري سپاهين کي ڏڏري رکيائون. جيڪي سپاهي جان بچائي سگهيا، سي پڇي اچي صمصام الدولہ جي ڪئمپ ۾ پهتا.

يوسف سميجو ڪيبر پرڳڻي جو ارباب هو. ڪنهن ڳالهہ تان سرڪاري شقہ دار سان اختلاف ٿيس. ڳوٺ مان نڪري، اچي انڙن جو لشڪر تيار ڪري، ڪيبر ڳوٺ تي ڏينهن ڏٺي جو حملي آور ٿيو. اهو ڳوٺ هالن کان ڇئن ڪوهن جي پنڌ تي هو. حاجي محمد شقہ دار پنهنجي زال کي ماري پاڻ اچي يوسف جي مقابلي ۾ بيٺو، ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويو. ارباب يوسف سميجو جيئن وٺيس تيئن شهر کي برباد ڪري هليو ويو. اهو واقعو بہ صمصام الدولہ جي ويٺي ٿيو. صمصام الدولہ بيو تہ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهيو، ليڪن هالن ۽ سماواتي پرڳڻي جي سيني اربابن کي قيد ڪري، سڌو پيءُ وٽ نئي وٺي آيو.

مرتضيٰ خان انهن اربابن تي تمام ڳرا ڏنڊ وڌا، جيڪي هو بروقت ڀري نہ سگهيا، ۽ شرعي قبالا لکي سردست پنهنجي جان ڇڏاياٿون. صمصام الدولہ جڏهن نٽيءَ مان ڪوچ ڪري نٽي ويو، ان وقت سميجن انهيءَ ڳوٺ کي بہ اچي ڪيبر ڳوٺ وانگر ويران ڪري ڇڏيو. ڳوٺ مان جيڪي ماڻهو بچي نڪتا، سي اچي هالن ۾ پناهہ گزين ٿيا. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ اهو ڳوٺ، جنهن وقت مير ابوالبقا نٽي آيو، ان وقت بہ ويران هو ۽ پوءِ بہ ڪيترو وقت (1044هہ) ويران رهيو خالي جايون، برباد ٿيل پاڻ، قتل وتاڻ ڏسي، حيرت ۽ حسرت وٺيو ٿي ويئي!

مير ابوالبقا جنهن وقت نٽي پهتو، ان وقت انهيءَ ملڪ جي اها حالت هئي. هالن جي آمدني گهٽجي وڃي نالي ماتر رهي هئي، جن اربابن تي مرتضيٰ خان ڏنڊ وڌا هئا، سي وصول نہ ٿي سگهيا هئا، ۽ جڏهن اربابن تي زور پيو ٿي، تہ هنن پاڻ ڀرڻ بجاءِ غريب رعيت کان وصول ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو هو، جو رهيو کهيو راڄ بہ لڏپلاڻ ۾ هو.

مير ابوالبقا نٽي پهچڻ شرط، انهن افسوسناڪ حالتن جو معائنو ڪيو. ۽ ضروري ڪمن مان فراغت حاصل ڪري، سڀ کان پهريائين انهي علائقي طرف توجهہ ڏنو. پهرين لشڪر ڪشيءَ ۾ هن ڪيترن سميجن سردارن کي قتل ڪيو، ۽ وينجهڙي (؟) ڳوٺ ۾ وڏو قلعو نهرائي، ان کي پنهنجو مرڪز بڻائي، وڏيڪ

معرڪن لاءِ تيار ٿي ويهي رهيو. پنهنجي پٽ مير ضياء الدين يوسف کي فوجي دستو ڏيئي، هن دربيلي پرڳڻي ڏانهن اماڻيو. جيتوڻيڪ اهو پرڳڻو بکر جي حد جو هو، ليڪن جيئن تہ سميجا اتي وڃي لڪا هئا، تنهنڪري ضياء الدين لاءِ اوڏانهن وڃڻ ضروري ٿيو. دربيلي جا ڪيترا سميجا قتل ٿيا ۽ ڪيترا سميجا گرفتار ٿيا، جن کي هن حڪيم محمد صالح [1] ڏانهن بکر موڪلي ڏنو.

مير ابوالبقا ٻيو دستو پنهنجي وچئين پٽ مير ابوالقاسم کي ڏيئي، هالہ ڪنڊيءَ جي سميجن تي موڪليو، جنهن پڻ وڃي ساڻس خوب معرڪا ڪيا، ۽ آخر ايترو کين پريشان ڪيائين، جو هنن مجبور ٿي سيوهڻ جي صوبيدار، سيد دينار خان، کي وچ ۾ آڻي شفاعت حاصل ڪئي.

**شير خان افغان:**

مغل دور ۾، سيويءَ جي ولايت گهڻو ڪري بکر جي صوبيدار جي ماتحت رهندي هئي. جنهن وقت ميرزا حسيني (1038 هہ جي آخر يا 1039 هہ جي شروع ۾) بکر آيو، ان وقت بہ گندا واه ۽ سيوي سندس ماتحت هئا.

---

(1) حڪيم محمد صالح، محمد علي بندريءَ سان گڏ، بکر جو عامل هو. 1037 ھ ۾ بکر نواب آصف جاه کي جاگير طور مليو، ۽ سندس طرفان محمد علي بيگ اصفهاني، جيڪو پهرياتين لاهري بندر جو حاڪم هو ۽ ان ڪري بندريءَ جي نسبت سان مشهور هو، بکر ۾ لاهري بندر مان نائب ٿي آيو. ساڳئي وقت حڪيم محمد صالح بہ آيو. اڳتي هلي، محمد علي بدانتظاميءَ سبب معزول ٿيو، ۽ ان جي جاء تي ميرزا حسيني بن فدائي خان 1039 ھ ۾ آيو. حڪيم انهيءَ جي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ بہ ڪيترو وقت بکر ۾ رهيو. 1042ھ تائين سندس بکر ۾ قيام معلوم ٿئي ٿو (ضميمہ "تاريخ معصومي" مؤلف محمد بن زنده علي بيگ). "ذخيرة الخوانين" جي مصنف هڪ دلچسپ واقعو حڪيم محمد صالح جي سلسلي ۾ لکيو آهي: لکي ٿو تہ مصنف پاڻ (شيخ فريد بکري) دولت خان لوڌيءَ جي سرڪار ۾ ملازم هو. جڏهن دولت خان جو زوال آيو، ان وقت شيخ فريد بکري بہ پنهنجي وطن بکر ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ ميرزا حسينيءَ کيس پنهنجي ڪم ڪار ۾ رکيو. چونڪ ڪم نهايت ايمانداريءَ سان ڪندو رهيو، تنهنڪري انتظامي يا مالي معاملن ۾ فرق ظاهر ٿيو، جا ڳالهہ حڪيم محمد صالح کي ڪانہ وڻي. انهيءَ زماني ۾ شير خان ترين سيويءَ تي حملو ڪيو هو، ۽ حڪيم محمد صالح وجهہ ونئي، مانسنگ واقع نويس جي ذريعي، دربار مان رپورٽ لکرائي موڪلي تہ شيخ فريد هتي رهي، دولت خان لاء، جيڪو ان وقت سرونج ۾ هو، افغانن جو لشڪر گڏ ڪري رهيو آهي، ۽ شير خان سيويءَ تي جيڪو حملو ڪيو آهي سو بہ انهيءَ منصوبي جي هڪ ڪڙي آهي. دربار مان حڪم پهتو تہ شيخ فريد کان معتبر ضامن وٺي، کيس دربار ڏانهن اماڻيو وڃي. ميرزا حسينيءَ جي بہ بدلي ٿي، جنهن تي ٻيئي گڏجي دربار ڏانهن ويا. اتفاق جي ڳالهہ، جو دولت خان (خان جهان لوڌي) برهانپور ۾، هنن جي رسڻ کان اڳ، شهيد ٿي پيو (1040 ھ: تاريخ آهي "آه و نالہ از افغان بر آمد"- "آه" ۽ "نالہ" جا عدد "افغان" جي عدد مان ڪڍبا تہ 1040 ھہ برآمد ٿيندو). جنهن شيخ فريد ۽ ميرزا حسيني شاهي عتاب کان بچي ويا. ("ذخيرو" ص. 502.)

شير خان ترين، جيڪو پشنگ جو رهاڪو هو، [1] انهيءَ زماني ۾ اتان هلي اچي، سيويءَ ۾ گنجابي (گندا واه) تي نازل ٿيو ۽ خوب ڦر ڪرڻ لڳو. سيويءَ جو ڇاڪاڻ ته انتظام قابل اطمينان نہ هو. تنهنڪري شاهي دربار مان فرمان پهتو تہ بکر جو حاڪم، سيوهڻ ۽ ٺٽي جي صوبيدارن کان مدد وٺي، سيويءَ جو بچاءُ ڪري.

اهو حڪم ان وقت پهتو، جڏهن مير ابوالبقا وينجهڙي ڳوٺ ۾ مرڪز ڪيو وينو هو، ۽ چوڌاري سميجن تي ترڪتازن ۾ مشغول هو. حڪم پهچڻ تي، مير ابوالقبا ٽي سؤ سوار ۽ ڏيڍ سو برق انداز ۾ تير نداز وينجهڙي جي قلعي ۾ ڇڏيا، جن سميجن جي سرڪوبيءَ واري مهم جاري رکي، ۽ پاڻ فوراً اچي ٺٽي پهتو. شاهي حڪم جي بجا آوريءَ مير صاحب پنهنجي پاءُ کي ڪافي فوج ڏيئي، دينذار خان ڏانهن موڪليو، جتان دينذار خان جي لشڪر کي ساڻ ڪري، سيويءَ جي بچاءَ خاطر بکر ويا.

اهي واقعا 1039 هه جي وچ ۽ 1040 هـ جي شروع جا آهن. دينذار خان انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ ۾ هو. شير خان 1040 هـ ۾ اهو حملو سيويءَ تي ڪيو، ۽ ميرزا حسين 1040 هه ۾ بکر ڇڏي، دربار ڏانهن ويو. [2]

## هالن جي قريب ابڙيجن وارو قلعو:

وينجهڙي ڳوٺ واري قلعي کان سواءِ مير صاحب هالن جي قريب ابڙيجن جي ڳوٺ ۾ ٻيو بہ هڪ قلعو ٺهرايو، جنهن جي ٺهڻ ۽ ان ۾ قلعيدار مقرر ٿيڻ بعد، سميجن جو گهڻو زور گهٽجي ويو. ميرڪ يوسف "مظهر شاهه جهانيءَ" ۾

[1] شير خان افغان ترين قبيلي جو پٺاڻ ۽ قنڌار ۽ بکر جي درميان پشتڪ (پشنگ) ڳوٺ جو رهواسي هو. شاهه عباس صفويءَ جي دور کان کيس قول حاصل هئي. لٽ ڦر ڪرڻ ۽ قافلا لٽڻ سندس ڪم هو. شاهه عباس جي زندگيءَ تائين ان جو تابعدار رهيو. ان کان پوءِ، شاهه صفيءَ جي دور ۾، هن ان جي تابعداريءَ کان انڪار ڪيو، ۽ حاضر ٿيڻ کان گسائيندو آيو، تاآنڪ جڏهن حالتون ناسازگار ٿيون، تڏهن بکر ۾ اچي، اُتان جي صوبيدار حسينيءَ (برادر باقر خان نجم ثاني) وٽ پناهه گزين ٿيو. ڪجهہ وقت بعد بکر مان نڪري گنجابي ويو، جتي خوب وجي لٽ ڦر ڪري، اُتان جي رهاڪن جا ٻار ٻچا سڀ بند ڪيائين. انهيءَ وقت بکر مان مغل فوج سندس مقابلي لاءِ رواني ٿي. ايتري ۾ گنج عليءَ، قنڌار جي حاڪم، شاهه صفيءَ جي حڪم تي پشتڪ اچي، شير خان جا ٻار ٻچا گرفتار ڪيا، جنهن بعد مجبور ٿي وري اچي مغلن جي دربار ۾ پناهه ورتائين. شيخ فريد بکري سندس دوست هو- هو سندس جوانمرديءَ، زبان دانيءَ ۽ ڪارڪردگيءَ جي ڏاڍي تعريف ڪري ٿو. خان بهادر خدا داد خان مؤلف "تاريخ لب سنڌ" انهيءَ شير خان جي اولاد مان هو. (احوال "ذخيرة الخوانين" ص. 502 ۾ ڏسڻ گهرجي).

[2] "مظهر" ص. 2/254.

ملڪي انتظام کي درست ڪرڻ لاءِ بادشاهه اڳيان جيڪي تجويزون پيش ڪيون آهن، انهن مان هڪ اها به تجويز آهي ته سنڌ جي فسادن کي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ خطري جي وقت بر وقت مقابلي ڪرڻ لاءِ، سنڌ ۾ فلاڻن فلاڻن هنڌن تي ٿاڻا قائم هجن ۽ انهن ۾ هيتري فوج مقرر ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾، هو ابڙيجن جي قلعي جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو ته پرڳڻي هالا ڪنديءَ ۾، جيڪو نصرپور سرڪار ۾ آهي، فساد هميشه مٿي جو سور ٿي پوندا آهن، تنهنڪري ابڙيجن جي ڳوٺ ۾ مير ابوالبقا جيڪو قلعو ٺهرايو آهي، ان ۾ به سئو سوار ۽ هڪ سئو برق انداز مستقل طرح مقرر ڪيا وڃن، تاڪه فسادن کي اپرڻ جو موقعو نه ملي.[1]

**شڪار:**

انهيءَ قلعي جي چوڌرد شڪار به انهيءَ زماني ۾ گهڻو هو- ڦاڙها، تتر ۽ بدڪون بڪثرت هيون. مير صاحب کي به شڪار جو تمام گهڻو شوق هو: چنانچه ميرڪ يوسف لکي ٿو ته هڪ دفعي مير صاحب خسائي شوري جي ڳوٺ تي حملو ڪيو، اتان موٽي اچي سن جي گهيڙ کان درياءُ اُڪري، وينجهڙي جي قلعي ۾ اچي مقيم ٿيو. قلعي جي مرمت به ڪرائيندو رهيو ۽ روزانو شڪار به ڪندو رهيو. چنانچه خريف جي ختم ٿيڻ تائين مير صاحب اهو مشغلو جاري رکيو ۽ بيحد و حساب شڪار ڪيائين. خريف جي ختم ٿيڻ بعد، مير ڪامل کي قلعي ۾ رهائي، پاڻ وري پرڳڻي جوٺيجي ڏانهن هليو ويو.[2]

**جونا ڳڙهه جي نظامت:**

مير ابوالبقا ٺٽي جي صوبيداريءَ تي 1041هه تائين رهيو. ۽ "ماثر الامرا" مان معلوم ٿئي ٿو ته 1041 هه ۾ يوسف محمد تاشڪنديءَ اچي ڪائنس چارج ورتي.[3] "بادشاهه نامه" جي مصنف لکيو آهي ته 22 شوال 1041هه جو مير عبدالرزاق، "امير خان صوبيدار ٺٽي" جي پٽ شاهه جهان جي خذمت ۾ اچي نذرانو پيش ڪيو.[4] جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته مٿين تاريخ تائين مير صاحب ٺٽي جو صوبيدار هو. ۽ ان کان پوءِ هن ساڳئي سال جي

---

(1) "مظهر" ص. 2/371.
(2) "مظهر" ص. 2/310.
(3) "ماثر الامرا" ص. 3/424 "تحفة الڪرام" جي مصنف لکيو آهي ته مير صاحب کان ٺٽي جي چارج مظفر خان معموريءَ ورتي. جيڪا ڳالهه غلط آهي.
(4) "بادشاهه نامه" ص. 1/424.

ڪنهن مهيني ۾ چارج ڇڏي.

يوسف ميرڪ جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مير صاحب نئي مان بدلي ٿي، سڌو جونا ڳڙهہ جي نظامت تي ويو. ميرڪ جونا ڳڙهہ وڃڻ جو واقعو پهرئين جلد ۾ "صوبيدارن جي تربيت" واري باب (باب ٽيون، فصل ٽيون) ۾ مثال طور شاهہ جهان کي مخاطب تي پيش ڪيو آهي. صوبيدارن جي تغير ۽ تبديل جي سلسلي ۾ ميرڪ جيڪي مشورا پيش ڪيا آهن، سي نهايت دلچسپ آهن، ۽ انهيءَ دور جي نظام حڪومت تي روشني وجهن ٿا. لکي ٿو:

1: صوبيدار کي صوبي مان بدلي ان وقت ڪجي، جنهن وقت خريف جو فصل سائو ٿي وڃي. نئين صوبيدار کي بہ سائي فصل ۾ ئي پهچي وڃڻ گهرجي، تاڪہ هو بيئل فصل تي پنهنجا ماڻهو مقرر ڪري، ڍلون وغيره وصول ڪري سگهي.

2: خريف جي فصل لهي وڃڻ بعد صوبيدار کي بدلي ڪرڻ ۾. ملڪ، صوبيدار خواه سرڪار جو نقصان آهي ڇاڪاڻ ، تہ بدليءَ جي خبر ٻڌڻ بعد پراڻو صوبيدار ايندڙ فصل ڪرائڻ ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ وٺندو، ۽ جنهن وقت نئون صوبيدار چارج وٺندو، ان کي پوري خبر ملڪ جي حالتن، زمين جي پوک، ۽ ڪڙمين ڪارين جي ڪانہ هوندي- تنهنڪري هو زراعت جو ڪوبہ واڌارو ڪري ڪونہ سگهندو. جنهنڪري هڪ طرف سرڪاري خزاني کي نقصان رسندو، تہ ٻئي طرف صوبيدار جي آمدني گهٽ ٿيندي، ۽ ٽئين طرف ملڪ ويران ٿي ويندو. ۽ اها حالت هڪ صوبي ۾ نہ بلڪ ٻنهي صوبن ۾ ٿيندي.

3 بدلي ٿيندڙ صوبيدار جي سلسلي ۾ سڀ کان پهرئين ڏسڻ گهرجي تہ سندس صوبي جي آمدني ڪيتري آهي، سندس پنهنجي جاگير مان ڇا ٿو پيدا ٿئي ۽ سندس لاءِ لشڪر ڪيترو آهي، جنهن جو خرچ صوبيدار جي ذمي تي آهي. انهن سيني ڳالهين کي نظر ۾ رکي، نئون صوبو ۽ جاگير ڪيس اهڙي ڏجي، جنهن مان سندس ۽ سندس لشڪر جو خرچ پورو ٿي سگهي، جيئن هو پنهنجي نئين صوبي ۾ دلجمعيءَ سان ڪم ڪري سگهي. جيڪڏهن نئين صوبي ۾ جاگير گهٽ پيداوار واري هجي، تہ ان حالت ۾ سندس پراڻي جاگير قائم رکي وڃي، جيئن هو خرچ جو پورائو اتان ڪندو رهي.

بطور دليل جي، ميرڪ يوسف نئي مان پنهنجي پاءُ جي تبادلي جو واقعو

بيان ڪندي، لکيو آهي ته:

"چنانچه اين خانه زاد در تغير صوبه تته احوال برادر ابوالبقا را مشاهده نمود ڪه بطرف جونه گره حڪم شد ڪه برود. قريب هزار و پانصد جوان ڪار آمدني ڪه بڪار خوب شهنشاهي بيايند در تته نوڪر داشت، و احوال گراني و ويرانئ ملڪ سورٺهه رشينده، پانصد جوان در همين تته از وي جدا شدند، و پانصد جوان قديمي ده ساله و بيست ساله خود را در علوفه ده بيست و ده سي زياده ڪرده، دو ماهه پيشگي داده همراه ضياء الدين يوسف پسر ڪلان خود نموده پيش فرستاد، و خود متعاقب به بدين آمد. چون ضياء الدين يوسف از جو نه گره بطرف اونه (؟) روانه شد، چهار صد و پنجاه جوان ديگر از و فرار نموده، به تته آمدند، و پنجاه جوان ڪه ابا عن جد همراهي ڪرده آمده بودند، از جماع خويشان و مردم حصاري قدم ثبات داشته جدا نه شدند، و لشڪري ڪه همراه برادر مومئ اليه بود، بسبب آن بيدل شد و محنت زور برسر برادر مذڪور آمد. او بود ڪه هنوز باهفصد هشتد جوان خوب ديگر از برادران و خويشان و مردم قديمي خود، روانه ملڪ سورٺهه شد، و اين خانه زاد از موضع رحمان ڪه برڪنارهٔ دشت ڪچ واقع است از او رخصت شده بوطن اختياري خود (سيوهن) آمد.

و اگر جاگير هاي قديم او ڪه در ملڪ تته داشت، برقرار مي بودند، و اين خدمت بدو حڪم مي شد، بر وجهه احسن در انصرام آن مي ڪوشيد، چرا ڪه لشڪر قديم از و جدا نمي شد و خرچ اوهم بزيادتي نمي ڪشيد، زيراڪ مردم سپاه بسبب جاگيرهاي قديم ز حاصل خاطرها جمع ميداشتند، و اهل و عيال خود را، در آنجا گذشته باندڪ اضافه از وي راضي شده، خدمتهاي خوب بجا مي آوردند. الحال هم اميد وارم ڪه بعنايت الاهي و به اقبال بي زوال

شهنشاهي ڪار خوب ڪند.[1]

مٿين اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو تہ:

(1) مير ابوالبقا ٺٽي ۾ بدلي ٿي جونا ڳڙهہ ويو.

(2) سندس ذاتي لشڪر ٺٽي ۾ 15 سو ڪن هو، جن جونا ڳڙهہ جي ڏڪار جون خبرون ٻڌي، اوڏانهن وڃڻ کان ڳُس ڳساءِ ڪئي، حالانڪ اهو لشڪر مير صاحب سان جتي ڪٿي ڳڏ ويندو هو.

(3) ٺٽي جي صوبي ۾ جيڪي سندس جاگيرون (غالباً بدين وغيره) هيون سي پڻ تبديل ڪيون ويون. جنهنڪري لشڪر جو اعتماد ٽٽي پيو. جيڪڏهن اهي جاگيرون برقرار رهن ها، تہ لشڪر ائين نہ پڇي ها، ۽ هنن کي وقت سر تنخواهن ملڻ جي خاطري هجي ها.

(4) مير ضياءُ الدين يوسف مير صاحب سان اوڏانهن ويو ۽ ميرڪ يوسف واٽ تان پاءِ کي اماٽي، موٽي سيوهڻ آيو.

(5) لشڪر جي پڇي وڃڻ سبب، مير صاحب کي پنهنجي پيائن، عزيزن قديمي تعلقدارن کان سپاهي وٺي، پنهنجو نئون جٿو تيار ڪرڻو پيو.

**علائقہ بير جي تيولداري:**

جونا ڳڙهہ ۾ مير صاحب ڪيترو وقت رهيو، ان جو اطلاع مير يوسف بہ ڪونہ لکيو آهي. مٿئين اقتباس جي پوئين فقري- "الحال هم اميد وارم ڪہ بعنايت الاهي، و بہ اقبال بي زوال شهنشاهي، ڪار خوب ڪند"- مان معلوم ٿئي ٿو تہ "مظهر شاهہ جهانيءَ" جي تصنيف وقت (1044 هہ). مير صاحب اڃا جونا ڳڙهہ هو.

شاهہ جهان جي نائين سال (45- 1046 هہ). "مآثر الامرا" جي ذريعي، اسان کي معلوم ٿئي ٿو، تہ مير ابوالبقا جي سپرد دولت آباد (دکن) جي علائقي بير جي تيولداري ٿي.

"هنگام معاودت شاهزاده از دولت آباد بدار الخلافہ بہ تيولداري سرڪار بير مضاف صوبہٴ دکن تعين شده، چندي در ڪمڪيان آن ولايت انتظام داشت.... [2]

---

[1] "مظهر" ص. 1/90-92.

[2] "ماثر الامرا" ص. 1/173.

1041هہ جي آخر کان محرم 1044 هہ ("مظهر شاهہ جهاني" جي تصنيف جي وقت) تائين جونا ڳڙهہ ۾ مير صاحب جو مقيم هجڻ مٿي بيان ڪيل واقعن مان ثابت آهي. ان کان پوءِ هو ڪيترو وقت اتي رهيو، ان جو پتو ڪونہ ٿو پوي، تان جو شاهہ جهان جي نائين سال (45- 1046 هہ) ۾ بير ۾ ويو. ۽ ان کان پوءِ وري 1051 هہ ۾ ڪيس اسان سيوهڻ ۾ ڏسون ٿا. [1]

## سيوهڻ جي نظامت:

چوڏهين سال شاهہ جهانيءَ (1051 هہ) ۾ مير صاحب کي سيوهڻ جو ناظم مقرر ڪيو ويو. "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"از تغير قزاق خان، بضبط الڪائي سيوستان رخصت يافت. [2]

"بادشاهہ نامہ" 4 ربيع الاول 1051 هہ جي واقعات ۾ لکي ٿو تہ:

"امير خان ولد قاسم خان نمڪين، بخلعت و اسپ و خدمت ضبط سيوستان از تغير قزاق خان سر برافراخت... [3]

## ٺٽي جي دوباره حڪومت:

مير ابوالبقا هڪ سال سيوهڻ ۾ مس رهيو، جو وري ڪيس ٺٽي جو گورنر ڪري اوڏانهن موڪليو ويو. 15 سال شاهہ جهاني (1052 هہ) ۾ شاد خان جو تبادلو ٿيو-

"از تغير شاد خان، بار دگر بصاحب صوبگيءِ تتہ اختصاص گرفت." [4]

"شاهہ جهان نامہ" انهيءَ تغير جي تاريخ 4 ربيع الاول 1052 هہ لکي آهي-

"چهارم ربيع الاول امير خان ولد قاسم خان نمڪين، بمرحمت خلعت و صوبہ داري تتہ از تغير شاد خان، ڪہ نظم سيوستان بدو مفوض شد، نوازش يافت... [5]

---

(1) اسان وٽ هڪ پروانچي (نقل پروانن جي مملوڪہ قاضي علي محمد ٺٽوي، نمبر 49) جو حوالو آهي، جيڪو مير صاحب 1048 هہ ۾ ٺٽي جي مولانا ابوالقاسم ولد مخدوم عثمان صديقي القريشيءَ کي مدد معاش جي سلسلي ۾ ڏنو. بظاهر تہ اهو پروانو ٺٽي جي صوبيداريءَ واري زماني جوهجڻ گهرجي. ممڪن آهي مير صاحب انهيءَ زماني ۾ بہ ٺٽي ۾ هجي.

(2) "ماثر الامرا" ص. 173/1.

(3) "بادشاهہ نامہ" ص. 234/2.

(4) "ماثرالامرا" ص. 173/1.

(5) "بادشاهہ نامہ" ص. 303/2. "لب تاريخ" ۾ سال 1054 هہ لکيو ويو آهي، جو غلط آهي.

## ٺٽي جي جامع مسجد:

ٺٽي جي شهرهٔ آفاق، جامع مسجد، مير ابوالبقا پنهنجي هن ٻئي دور ۾، بادشاهه جي حڪم تي، ٺهرائڻ شروع ڪئي. مسجد 1054 ھ جو ٺهڻ شروع ٿي، ۽ 1057 ھ ۾ ختم ٿي. مير صاحب جي زماني جو ڪتبو اڄ بہ منجهس موجود آهي-

نديد چشم فلک مسجدي بدين خوبي،
ڪہ آمدند ملايڪ براي ديدن فيض،
بجستم از خرد و عقل سال تعميرش
بديده ڪرداشارت ڪہ 'هست معدن فيض'.
1054 ھ

ٻيو مسجد جي جڙي راس ٿيڻ جو ڪتبو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1057 ھ ۾ مسجد مڪمل ٿي-

چون ز صاحب قران شاهجهان،
يافت ترتيب مسجد اعلي،
هاتفم گفت سا اتماش
'گشت زيبا چو مسجد اقصي'
1057 ھ

اهوئي سال مير صاحب جي انتقال جو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب 1052 ھ جو ٺٽي ۾ آيو، ۽ 1054 ھ ۾ مسجد ٺهرائڻ شروع ڪيائين، تقريباً 4 سال ڪم هليو، ۽ جنهن سال مسجد مڪمل ٿي ، انهيءَ سال مير صاحب جي مستعار زندگي بہ تڪميل تي پهتي.

محڪمہ آثار قديمہ وارن پنهنجي رپورٽ (نمبر 8- بمبئي، 1879ع) ۾ لکيو آهي تہ مسجد تي 9 لک رپيا خرچ ٿيو. مسجد جي ڪرسي پٿر جي آهي، ۽ ديوارين پڪين سرن سان نهايت ئي مضبوط مسالو ڏيئي جوڙيون ويون آهن. ڇت ۾ ننڍا وڏا جملي 92 گنبذ آهن، جن مان 3 وڏا ۽ مرڪزي آهن. مسجد جي ديوارين ۽ مرڪزي گنبذن تي ميناڪاري سرن جي جوڙجڪ اهڙيءَ خوش مذاقيءَ سان بيهاري ويئي آهي، جو مسجد جي ڇت باغ و بهار جيان پيئي معلوم ٿئي. آثار قديمہ جي ماهرن جو متفقہ فيصلو آهي تہ انهيءَ قسم

جي خوبصورت ٽائيلس ۽ سرن جي جوڙجڪ جو دنيا ۾ اهوئي واحد نمونو آهي. ايران ۾ اهڙي نازڪ ٽائيلسن جو مثال پيش ڪري نه ٿو سگهي. مسجد جو رقبو 170 x 3.5 فوٽ آهي.

**مسجد امير خاني:**

جامع مسجد جي مغربي طرف کان ٻه سوء قدم اتر طرف هڪ ٻي مسجد گنبذ نما، "مسجد امير خاني" جي نالي، ٺٽي ۾ موجود آهي. "تحفة الڪرام" ۾ آهي ته اها مسجد مير ابوالبقا [1] محلي ڀائي خان ۾، چوڻڪ عبدالغني ۽ چوڻڪ ملڪ امان جي وچ تي نهرائي. اتي اصل ۾ هندن جو معبد هو، جنهن کي ڊهرائي مير صاحب مريد قانون گو جي گهر سان متصل هئي.[2] اها مسجد اڄ به شڪسته حال ۾ موجود آهي. چئن ديوارين تي هڪ گنبذ آهي، ۽ اوپر کان هڪ ننڍو دروازو اٿس، جنهن جي اترئينءَ ۽ اولاهينءَ ڪنڌ تي ٻن پٿرن تي ڪتبا لڳل آهن. اندر جي ويڪر 8 قدم ٿيندي. مسجد جي اندران خواه ٻاهران ڪاشيءَ جو ڪم هو، جيڪو هن وقت ڳري ويو آهي، تعمير سرن ۽ پٿرن جي آهي، دروازي جو چوڪاٺو ڦڪي پٿر جو آهي. مسجد ۾ هيٺينءَ طرح ڪتبا پٿر جي سرن تي اڪريل آهن:

1. دروازي جي ٻاهران، اتر جي بازوءَ تي-

اين مسجدي بهشت نشان را بنا نهاد
مهرِ سپهر دولت و اقبال امير خان

2. دروازي جي ٻاهران ڏکڻ واري بازوءَ تي-

چون ختم بود درهمه اوصاف فيض و لطف
سالي تمام گشتن او نيز "ختم" دان

1040 هه

مسجد جي اندران ٻه ديوارين تي هر طرف ڪتبا لڳل آهن، جن مان ڪي ڊهي ويا آهن ۽ ڪي موجود آهن. جنوبي ديوار تي هڪ ڪتبو آهي:

همي ڪردم طلب سال بنائش

---

[1] "مقالات الشعرا" ص. 165/ ۾ مصنف غلطيءَ کان ان کي مير عبدالڪريم امير خان ڏي منسوب ڪيو آهي.
[2] "تحفة الڪرام" ص. 95/3.

خــرد گفتـــ کـــ بیـــت اللہ ثـــاني

1039 ھ

مشرقي ديوار تي ٽي ڪتبا قرآني آيات جا موجود آهن. شمال طرف بہ ڪتبا ڳري ويا آهن. محراب جي مٿان جو ڪتبو ديوار مان نڪري پيو آهي، جنهن کي محراب وٽ فرش تي رکيو ويو آهي، ان تي طغرائي خط ۾ ڪلمو طيب اڪريل آهي. مسجد جي حالت هن وقت ازحد زبون آهي، ۽ شايد ٽي چار سال مس هلي.[1]

مٿين ڪتبن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسجد 1039 ھ ۾ نهڻ شروع ٿي، ۽ 1040 ھ ۾ ختم ٿي. تعمير جي پڄاڻيءَ جو سال "ختم" مان برآمد ڪيو ويو آهي، جيڪو نوادرات مان آهي. مير صاحب ملتان جي نيابت مان تبديل ٿي 1037 ھ ۾ پهريون دفعو ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. اها مسجد هُن اُن زماني ۾ تعمير ڪرائي.

**امير آباد:**

مير صاحب ٺٽي جي پهرئينءَ صوبيداريءَ واري زماني ۾ ٺٽي جي پسگردائيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ٻڌايو، جنهن جو نالو "امير آباد" رکيائين. "تحفة الڪرام" انهيءَ ڳوٺ ٻڌائڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو تہ

"... وجهہ آن کہ سابق بران کہ هنوز بہ امارت نرسيده بود، روزي ازان گوشواره گذشتہ. ميان صحرا جماعت شبان خدمت موخوره کرده بودند. راضي شده استفسار حال ايشان نمود. معلوم شد کہ آن زمين خارج جمع و ويران است، و آن مردم آنجا مويشي را مي چرانند. و اوقاف بعسرت مي گذارند. مکافات احسان را درين ايام کہ ناظر تتہ شده، و ضابطہ آن زمين گرديد، زمين مذکور بنام مردم مقرر کرده، گفت تا آباد کردند، و دهہ بستند. حالا جاي عام نشين پرگنات بتوره و بهرام پور، و

[1] هن مسجد جي مون 23-24 تاريخ جنوري 1955ع تي زيارت ڪئي ۽ ڪتبا بہ نقل ڪيا. اهي ڪتبا خان بهادر خدا داد خان پنهنجي "لُب تاريخ سنڌ" ۾ نقل ڪيا آهن.

درڪ و پليجا است." [1]

گويا امير آباد جو شهر مير "قانع" جي زماني (متوفي 1203 هـ) تائين موجود هو، ۽ بنوري، بهرام، درڪ ۽ پليجن جي ديهن يا پرڳڻن جي عامل جو صدر مقام هو.

**محلو امير خاني:**

جامع مسجد جي اوڀارينءَ ديوار سان متصل، اڄ تائين اميرخاني ساداتن جو محلو موجود آهي، جنهن جي اڄ تائين انهيءَ عظيم الشان خانوادي جا پسمانده رهن ٿا. ڀانئجي ٿو تہ ابوالبقا اميرخان، جامع مسجد جي تعمير سان گڏ، ان جي ئي لڳو لڳ پنهنجي قيام لاءِ بہ جايون جوڙايون، جنهن جو نالو اڳتي هلي يا انهيءَ ئي وقت "محلو امير خاني" پيو. "تحفة الڪرام" مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انهيءَ محلي ۾، ترخانن جي دور ۾، ميرزا جانيءَ جي امير، سلطان احمد بيگ، جو اولاد رهندو هو. مير شرفو ۽ مير منون جي نالي هو محلو منسوب هيو، انهن کان پوءِ اتي جي امير خاني محلو آباد ٿيو.[2] بکر ۾ جيڪي سادات رهيا، اهي "قاسم خاني" جي نالي سان مشهور ٿيا. ابوالبقا امير خان کان پوءِ انهيءَ شاخ جو نالو جيڪا سندس اولاد مان نئين ۾ رهي، اُها "امير خاني ساداتن" جي نسبت سان مشهوّر ٿي. هن وقت انهيءَ محلي جي بہ نئين جي ٻين محلن وانگر زبون حالت آهي.

**وفات:**

مير صاحب تمام ڊگهي عمر ماڻي. "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ سؤ سالن کان بہ مٿي جو عرصو جيئرو رهيو-

"زياده بر صد سال عمر داشتہ....." [3]

سندس سموري زندگي صحتمنديءَ ۾ گذري، جيئن تہ "ذخيرة الخوانين" جو مصنف لکي ٿو:

"در قوت دست، و رجوليت، وشنوائي، و بينائي، فتوري

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 95/3.
[2] ايضاً ص. 93/3.
[3] "ماثر الامرا" ص. 173/1.

واقع نہ شده ...." [1]

جيئن اسان متي ڇاڻائي آيا آهيون، مير صاحب پويون دفعو ٺٽي ۾ سال 1052 هه ۾ صوبيدار مقرر ٿي آيو، ۽ انهيءَ کان پوءِ مير صاحب ٺٽي ۾ ئي رهيو، تان جو پنجن ستن سالن بعد اتي ئي 1057 هه ۾ سندس انتقال ٿيو.

"ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"در سال بيستم سن 1057 هه پيمانہ حياتش بہ آسود." [2]

"بادشاه نامہ" سندس وفات جي واقعي کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

"هزدهم ربيع الاول (1057 هه مطابق سال دهم دور دوم شاه جهاني) چون بعرض رسيد ڪہ امير خان صوبہ دار تتہ رخت هستي ازين جهان بربست، مغل خان پسر زين خان را ڪہ از خانہ زادان معتمد لائق ترتيب است، و در دکن بخدمت قلعہ داري اودگر مي پرداخت، ناظم آن صوبہ گر دانيدند، و با اضافہ پانصدي ذات بمنصب سہ هزاري ذات و دو هزاري سوار بر نواختند." [3]

ٻئي هنڌ ساڳيو مصنف لکي ٿو تہ:

"امير خان سہ هزاري، دو هزار سوار، ماه ربيع الاول سال دهم از دور دوم در تتہ بگذشت". [4]

18 تاريخ ربيع الاول 1057 هه تي بادشاه کي اطلاع پهتو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ربيع الاول جي پهرئين ڏهاڪي ۾ مير صاحب انتقال ڪيو، ۽ ستن اٺن ڏينهن بعد قاصد خبر کڻي دربار ۾ پهتو.

**آخري آرامگاه:**

"ماثرالامرا" جو بيان آهي، تہ مير صاحب پنهنجي والد جي پهلوءَ ۾، پنهنجي خانداني قبرستان "صفہٴ صفا" (ستينءَ جو ٿان روهڙي) ۾ دفن ٿيو، ليڪن "تحفة الڪرام" غلطيءَ وچان لکيو آهي تہ سندس مزار مڪليءَ جي پهاڙ

---

[1] "ذخيره" ص. 120.
[2] "ماثر الامرا" ص. 1/73.
[3] "بادشاه نامہ" ص. 2/641.
[4] ايضاً ص. 2/723.

تي آهي.[1] مسٽر هينري ڪزنس (Cousins) "تحفة الڪرام" جي سند تي پنهنجي ڪتاب "Antiquities of Sindh" ۾ بہ ساڳيءَ طرح لکيو آهي:

"نواب خليل جي مقبري ڪان ٿورو پري اوپر طرف، هڪ شڪستہ حال قبرن جي رانئڪ آهي، محراب جو اڌ حصو ڪري پيو آهي، ليڪن ان هوندي بہ ان جي خوبصورتي، ۽ ڪاشيءَ جي سرن جو نقش و نگار ڪي قدر موجود آهن- اتي ئي امير خان ابوالبقا جي قبر آهي. مقبري جي تعمير جو سال 1627ع (37- 1038 ھ) آهي."[2]

انهيءَ قبرستان کي اسان پاڻ وڃي ڏٺو آهي، حقيقت ۾ انهيءَ ذخيري ۾ امير ابوالبقا امير خان جي قبر ڪانہ آهي، سندس پٽ امير عبدالڪريم خان امير خان جي مزار ۽ ٻين امير خانن جون قبرون آهن، جن جو ذڪر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٿيندو. قبرن تي ڪتبا صاف آهن، خبر نہ آهي مير علي شير ۽ ڪزنس کان غلطي ڪيئن ٿي آهي. مسٽر ڪزنس انهيءَ قبرستان جي تعمير جو سال 1627ع ڏنو آهي، جيڪو هجري سال 37- 1038ھ جي برابر ٿئي ٿو. اسان کي اهو سال ڪنهن بہ جاءِ تي ڏسڻ ۾ نہ آيو. جيڪڏهن واقعي اهو سال مسٽر ڪزنس ڏنو آهي، تہ پوءِ ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ امير ابوالبقا پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد لاءِ مڪليءَ تي اهو قبرستان نهرايو. قرين قياس بہ اهوئي آهي، ڇاڪاڻ تہ مير صاحب جو زياده تر قيام ٺٽي ۾ رهيو، موتيءَ وقت لاش کي روهڙيءَ واري خانداني قبرستان ۾ پهچائڻ البت ڏکيو هو. تنهنڪري هُن مڪليءَ تي زمين جو ٽڪرو هٽ ڪري قبرستان تعمير ڪرايو هوندو. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي عزيز قريب فوت ٿيا، سي هُن تي دفن ڪرايا هوندا. البت سندس پنهنجو مٽيءَ پنوڙو اتي جاءِ لهي نہ سگهيو. "ماثر الامرا" جي قول مطابق ڪيس پنهنجي پيءُ جي پهلوءَ ۾ "صفہٴ صفا" تي جاءِ نصيب ٿي، چنانچہ اڄ تائين سندس مزار مرڪزي تلهي تي تمام چڱيءَ بلڪ اصلوڪيءَ حالت ۾ موجود آهي، ۽ سيرانديءَ جي طرف کان هڪ وڏي پٿر جي پليٽ تي هي ڪتبو اڪريل اٿس:

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 95/3.

[2] "ڪزنس" ص. 117.

مصــدر خلــق امیــر خــان کــہ بســي
خـَــلقِ عـــالم بخـــُــلق او آســود
تـا دریـن رضـاي خـداي خـود مـي بـود
کـــوس رحلـــت چـــو زد ز دار فنـــا
رخـــت آســـودگي بخلـــد کشـــود
ســال نقلــش بگفــت هــاتف غیــب
'هادي دین امیر خـان آسـود'- 1057 هـ

**خطاب ۽ منصب:**

میـر صـاحب ٽـن بادشـاهن جـو زمـانو ڏٺو. اکبـر جـي زمـاني ۾ هـن کـي کهڙو سـرکاري عهـدو منصـب هـو، ان جـو تفصيـل موجـود نـہ آهـي. البـت "ماثرالامرا" مان معلوم ٿئي ٿو تہ پيءُ جي جيئري ئي هو پنج صدي منصب تـي فائز هو. سندس حقيقي ترقي جهانگير ۽ شاهہ جهان جي زماني ۾ ٿـي. ٻيئـي بادشاهہ هميشه مٿس راضي رهيا. جهانگير جـي دور ۾ 15 سوَن جـو منصـب ۽ 15 سوَن جي کمان حاصل ٿيس، شـاهہ جهـان جـي زمـاني ۾ جـڏهن انتقـال کيـائين ۽ ان وقـت، "بادشـاهہ نامـہ" جـي قـول مطـابق، 'سـہ هـزاري ذات ۽ دوهزاري سوارن' جي درجي تـي پهتـل هـو. اهـڙيءَ طـرح، وقـت بوقـت ٻيئـي بادشاهہ سندس منصبن ۾ اضافا کندا رهيا، سچي زندگي عزت ۽ آبروءَ سـان بسـر کيـائين ۽ کڏهن بـہ ٻنهي بادشاهن جي نـازک مزاج تـي مـلال اچـڻ نـہ ڏنائين: جهانگير کيس "مير خان" جو خطاب عنايت کيو، ۽ شاهہ جهان ان تـي "امير خان" جو اضافو فرمايو. "ماثر" لکي ٿو تہ:

> "اعليٰ حضرت بہ افزائش الف بخطابش، يک لک روپيہ ازو پيشکش گرفتہ يا 'امير خان' نامي فرمود." [1]

مٿئين فقري مان مير صاحب جي مالي پوزيشن جي بہ خبر پوي ٿي: هو انهيءَ حد تائين مالدار ۽ سکيو ستابو هو، جو بادشاهہ کي هک دفعي سان ئـي لک روپيا نقد نذر ۾ پيش کيائين.

[1] "ماثر الامرا" ص. 173/1.

**فهم و فراست:**

مير صاحب جي عقلمنديءَ، فراست ۽ فهم جي سيني سوانح نگارن تعريف ڪئي آهي. مير علي شير قانع "مقالات الشعرا" ۾ خاص طرح مير صاحب جي انهن وصفن کي ساراهيو آهي: انهيءَ سلسلي ۾ هڪ دلچسپ واقعو بہ ڏنو اٿائين، ۽ لکي ٿو، تہ هڪ دفعي مير صاحب آئينو ڏسي رهيو هو، ۽ ان ۾ پنهنجو عڪس ڏسي ان کي جهڪي سلام ڪيائين. جنهن واقعي جو اطلاع خبر رسان فوراً بادشاهہ جي حضور ۾ پهچايو. مير صاحب عمر رسيدو هو. جنهنڪري خبر ڏيندڙ حاشيہ آرائي ڪندي اهو بہ لکيو تہ مير صاحب جو هاڻي عقل سلامت نہ آهي، تنهنڪري مناسب ٿيندو جيڪڏهن ڪيس عهدي تان رخصت ڪيو وڃي. مير صاحب کي بہ اهو اطلاع مليو، جنهن تي هن عرض ڪيو تہ 'آءٌ آئيني ۾ پاڻ کي سلام ڪونہ ڪري رهيو هوس، بلڪ مون کي جڏهن چهري تي اڇا وار ڏسڻ ۾ آيا، تڏهن خوشيءَ مان انهن جي آجيان ڪندي، کين سلام ڪيم، چاڪاڻ تہ:

"غلام در ظل عاطفت و سايہٴ ترتيب حضرت جهان پناه پير شده." [1]

بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اهڙيءَ طرح مير صاحب پنهنجي عقل ۽ فراست جي ڪري، غرض گوين جي چغليءَ کان بچي ويو.

**شاعري:**

مير صاحب جي علم ۽ فضل جي تفصيل کان اسان واقفِ نہ آهيون، البت ايترو معلوم ٿئي ٿو، تہ مير صاحب شعر و سخن جو چاڻو هو. "مقالات الشعرا" جي مصنف انهيءَ سلسلي ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. ۽ سندس هڪ شعر بہ نموني طور ڏنو اٿس:

"فلڪ بسوختگان بيشتر همي سوزد،
ببين زغال ڪ مخصوص بهر سوختن ست."

**اولاد:**

مير صاحب جي اولاد جو صحيح تعداد معلوم نہ ٿي سگهيو، البت

---

[1] "مقالات" ص. 13 ۽ "تحفة الڪرام" ص. 95/3.

"ماثرالامرا" مان معلوم ٿئي ٿو تہ پنهنجي والد وانگر ڪثيرالاولاد هو. شهزادي دارا شڪوه جي تذڪري، "سڪينة الاوليا" مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مير صاحب کي چند نياڻيون بہ هيون، ۽ حضرت ميان مير جي پيڻ، بيبي جمال خاتونءَ (وفات 1057 هہ)، جي دعا کان پوءِ کيس مسلسل پنج فرزند ڄاوا. عبارت جا لفظ هي آهن:

"نيز ڪهتي هين ڪہ امير خان حاڪم ٺٽہ ڪي گهر مين در چند لڙڪيان پيدا هوئين، اس لئي اس ني بيبي جيو (بيبي جمال خاتون- متوفي 27 ربيع الاول 1057 هہ) ڪي خدمت مين حاضر هو ڪر لڙڪي ڪي لئي التماس ڪي، اور بهت منت سماجت ڪي. بيبي جيو ني فرمايا ڪہ اس ڪي "بعد اب لڙڪي هي هونگي، چنانچہ آپ ڪي فرمان ڪي برڪت سي متواتر تلي اوپر پانچ لڙڪي پيدا هوئي [1]

تاريخ مير صاحب جي ستن فرزندن جا نالا محفوظ رکيا آهن. معلوم نہ آهي تہ فقط اهي ست پٽ کيس بيبي صاحبا جي دعا سان ٿيا، يا ڪي پيا بہ. بهرحال، اسان کي سندس ستن پٽن ۽ هڪ نياڻيءَ جا حالات ملي سگهيا آهن، جن کي هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو:

**مير عبدالرزاق:**

شاهہ جهان جي زماني ۾ نو صدي [2] منصبدار هو. 26 سال شاهہ جهانيءَ (1063 هہ) ۾ وفات ڪيائين. "مقالات" جي مصنف جو بيان آهي تہ هو "جامع علوم عقلي و نقلي" هو. زبان ۾ اٽڪ هيس: ڪي اکر زبان تي اچي اٽڪي پوندا هئس، ۽ پوريءَ مخرج سان ادا ڪري ڪونہ سگهندو هو. ليڪن کيس لغت تي ايتري قدرت هئي، جو جڏهن ڪو اکر ادا ڪري نہ سگهندو هو تہ فوراً ان جو متبادل اهڙي تسلسل ۽ رواني‌ءَ سان آڻيندو هو، جو ٻڌندڙ کي محسوس ئي نہ ٿيندو هو. صاحب "مقالات الشعراء" لکيو آهي تہ:

"قوت در ڪہ و حافظہ لغت و جامعيت علوم برين قياس

---

[1] "سڪينة الاوليا" اردو ترجمو ص. 102. بيبي صاحبا جو احوال "سفينة الاوليا" ۾ پڙهڻ گهرجي.

[2] "بادشاهہ نامہ" مان معلوم ٿئي ٿو تہ "هشت صدي و دو صد سوار" جو منصب هوس- ص. 2/741.

توان ڪرد..." [1]

مسٽر ڪزنس زبان جي اٽڪ جو قصو مير ابوالبقا ڏانهن منسوب ڪيو آهي، حالانڪ سندس ماخذ "تحفة الڪرام" آهي، جنهن ۾ صفائيءَ سان اُهو مير عبدالرزاق جي نالي درج آهي.

مير عبدالرزاق ڪي، "مقالات" جي تصنيف شاعرن جي ذُمري ۾ داخل ڪندي، سندس هيٺيان شعر نموني طور ڏنا آهن:

"مي فروزد جان ما چون دست سوي مي برد،
مي فزايد حال ما چون لب بسوي ني برد.
مخفيم در جوهر معنيٰ چو معنيٰ در سخن،
ديدن من هر ڪ خواهد ڪو بمعني پي برد.
دردمندم قطره خوئي خواهم از زلف ڪجت،
خواهش مبروص باشد تا ز افعي قي برد.

انهيءَ ساڳئي زمين ۾ سندس ڀاءُ مير ابوالمڪارم "شهود" بہ غزل چيو آهي، جنهن جو مطلع آهي:

مست نوش لعل او ڪي دست سوي مي برد،
نغم ساز عشق او ڪي دست سوي ني برد.

22 شوال 1041 ھ جي واقعات ۾ "بادشاھ نام" جي مصنف لکيو آهي ت عبدالرزاق بادشاھ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ۽ جواهر، هڪ هزار مهرون ۽ ٺٽي جا نهيل ڪپڙا بطور نذر جي اڳي پيش ڪيائين-

"(22 شوال 1041 ھ) عبدالرزاق ولد امير خان صوبيدار تت. سعادت زمين بوس دريافت. لختي جواهر و اقمش آن ديار و هزار مهر نذر ڪ از قبل پدر اورده بود. از نظر مقدس گذرانيد." [2]

مير عبدالرزاق جو انتقال 26 سال شاھ جهانيءَ (1062 ھ) ۾ ٿيو. جيئن اسان مٿي ڄاڻائي آيا آهيون. سندس مزار "صفۂ صفا" (ستين جي ٿان) تي،

---

[1] "مقالات" ص. 172.
[2] "بادشاھ نام" جلد اول، حص اول، ص. 424/1.

سندس ڏاڏي ابوالقاسم "نمکین" ۽ والد ابوالبقا امیر خان جي وچ ۾ آهي.

میرزا جي سيرانديءَ کان پٽر جي وڏي پليٽ تي هي ڪتبو اڪريل آهي:

"عبدالرزاق کـه روحش قرين
باد ز ايزد بهزار آفرين
سني و شيعه چو درافتاده ديده
تيغ شجاعت ز ميان بر کشيد
همت عاليش عنان گرم تاخت
جام شهادت ز قضا نوش يافت
ترک ازين عالم فاني گرفت
ملک بقا آل حسيني گرفت". 1062 هه

میر ابوالبقا 1057 هه ۾ فوت ٿيو. پنجن سالن بعد میرزا عبدالرزاق به هيءَ جهان ڇڏيو. مٿئين ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته سني شيعن جي ڪنهن فساد ۾ هن وڙهندي شهادت حاصل ڪئي، جنهن لاءِ تاريخ اسان کي ڪوبه اطلاع ڪونه ٿي ڏئي.

**میر ضياءُ الدين يوسف:**

میر ابوالبقا جو هيءُ فرزند، شاهه جهان جي آخري دور ۾، هڪ هزاري منصب تي فائز ٿيو، ۽ ڇهه سئو سوارن جي هڪ ڪمان ڪيس حاصل ٿي. علاوه ازين "خان" جو خطاب مليس. "تحفة الڪرام" لکيو آهي ته سيوهڻ جي فوجداريءَ تي به فائز هو.[1]

شهزادي اورنگزيب کي جنهن زماني ۾ ملتان جي نظامت مليل هئي، انهيءَ زماني مان میر ضياء الدين يوسف سيوهڻ ۾ موجود هو. ان وقت سنڌ جي جوکين ۽ نومڙين ڪجهه شورش برپا ڪئي هئي، جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ اورنگزيب ملڪ حسين فوجدار کي مقرر ڪيو. شهزادو نٿي جا حالات بيان ڪندي، پنهنجي والد کي هڪ خط ۾ لکي ٿو ته:

"... ستا هاله ولد زميندار ڪڪراه، ڪه برهنمونيءُ توفيق ملڪ حسين را ديده بود. درين وقت ڪه بجهت اصلاح حال

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 95/3.

خود روانہ ملتان شد. گاهيہ مقهور برادر اوڪہ در سرحد ڪڇهہ بسرمي برد، از روي حسد و اغواي زميندار آنجا جمعيت فراهم ڪرده بہ پرگنہء مذڪور در آمده، مي خواست ڪہ دست اندازي نمايد. بندهاي درگاه والا، خصوصاً پسران امير خان، ضياء الدين يوسف و ابوالمڪارم جمعي از سپاه ڪہ ملڪ حسين براي احتياط شهر گذاشتہ بود، باغرابها و توپخانہ بقصد دفع آن مخذول شتافتند. و او تاب نياورده، راه ادبار پيش گرفت. بمومیٰ اليہ تاڪيد نموده شد ڪہ در قلعہ مادۀ فساد آن مقهور اهتمام تمام بڪار برد...“ [1]

مير ضياء الدين پنهنجي والد جي زماني ۾ بہ سندس دست راست هو. ”مظهر شاهہ جهانيءَ“ جي ذريعي ان جي تصديق ٿئي ٿي.

مير صاحب جي علم و فضل جي تفصيلي ڪيفيت جيتوڻيڪ معلوم نہ ٿي ٿئي، ليڪن قريني ۽ قياس جي ذريعي يقين ٿئي ٿو تہ خانداني روايات مطابق سندس ۽ ڪمال بہ ڪا ڪوتاهي ڪانہ هوندي، سندس پيا پائر بہ پنهنجي زماني جا يگانا هئا. تنهنڪري اهڙي ماحول ۾، مير صاحب ڪيئن علم ۽ ادب جي ذوق ۽ شوق کان بيگانو رهيو هوندو. ”مظهر شاهہ جهاني“ جي ٻاهرئين ورق تي اسان کي هينئين نوٽ مليو آهي، جنهن لاءِ اسان جو خيال آهي تہ مصنف جي پنهنجي خط ۾ لکيل آهي، جيڪو پڻ مير ضياء الدين جي علمي ذوق ۽ مرتبي تي قدري روشني وجهي ٿو:

**هو الفياض**

قد و قفت علي بيد اڪبر بناء الاخ الڪبير ابي البقا الملقب بامير خان سلمہ لله تعاليٰ، بل افضلهم بتحقيق ضياء الدين يوسف في شهور ثانية و اربعين و الف من الهجرة النبويہ عليہ افضل الصلواة ... (باقي حاشيءَ ۾ ڪٽجي ويو آهي.)

ضياء الدين جي اولاد جي سلسلي ۾ فقط سندس هڪ نياڻيءَ جو پتو پوي

[1] ”رقعات عالمگيري“، نجيب اشرف، ص. 3/1.

ٿو. البت سندس هڪ ڏوهٽي جا ڪجهہ حالات ملن ٿا، جنهن جو نالو میر ابوالوفا هو، ۽ اورنگزیب جي آخري زماني ۾ "داروغہ جاءِ نماز" جي عهدي تي فائز هو. "ماثر الامرا" ۾ آهي تہ:

"ضمیمہ خدمات دیگر داشت و بہ حدت فهم و دوستيءِ استعداد روشناس بادشاه قدر شناس بود...." [1]

سندس فهم و فراست، علم ۽ فضل جي تعریف ڪندي، ساڳئي مصنف هيٺيون واقعو لکيو آهي:

"چنانچہ روزي عرضداشت بادشاهزاده بهادر شاه بخط رمز از نظر گذشت. چون رمز معلوم نمي شد، بادشاه بیاض خاص خود بمیر مذڪور حوالہ نمود ڪہ ما در سہ رمز واضح نوشتہ گذاشتہ ایم، آن را بہ این سنجیده استنباط مطلب نماید. مشار الیہ بیاوري دقت نظر و سر هت فڪر رموز مستورۂ مسطوره بہ استخراج آورده، مضمون عرضداشت را نوشت گذرانیده و درجہ استحسان یافت ......" [2]

**عتيق الله:**

میر عتيق الله جو نالو فقط "مظهر شاهہ جهانيءَ" جي ذریعي اسان تائين پهتو. جيتوڻيڪ سندس مزار "ستين جي ٿان" تي موجود آهي، تاهم اها خبر ڪانہ ٿي پئي تہ انهيءَ بزرگ جو امير خاني خاندان سان ڪهڙو سلوڪ آهي.

"مظهر شاهہ جاني" مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير ابوالبقا جو اهو وڏو فرزند هو، ۽ هر هنڌ کيس "پسر ڪلان" لکيو ويو آهي.

مير ابوالبقا جڏهن 1023 ھ ۾ سيوهڻ آيو، ان وقت سميجن جي معرڪن ۾ سڀ کان پهريون عتيق الله جو نالو نظر اچي ٿو. مير صاحب جي خذمتگار، منظور، جنهن کي جهانگير آباد جي قلعي تي مقرر ڪيو ويو هو، سميجن انڙن وڙهي، کيس شڪست ڏني. ان وقت مير ابوالبقا پنهنجي پٽ عتيق الله کي سيوهڻ مان روانو ڪيو، تاڪہ سميجن کان وجي انتقام وٺي: مير عتيق الله وٽ سميجا معافيءَ جا خواستگار ٿي آيا، ليڪن کيس انتظام جو ايترو جوش

---

[1] "ماثر الامرا" ص. 183/1.

[2] "ماثر الامرا" ص. 310/1.

هو، جو هن کين معافي ڪانہ ڏني. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ:

"عتيق الله چون غـرور جوانـي در سـر داشـت، صلـح قبـول نڪرد."[1]

نتيجو اهو نڪتو، جو سميجن سان مقابلو ڪيائين، ۽ پـاڻ شڪسـت کائي، جهانگيرآباد ۾ پهچي، قلعي بند ٿيو. آخر مير ابوالبقا پاڻ پهچي، سميجن سان حساب ڪتاب چڪايو.

مير ابوالبقا کان پوءِ سيوهڻ تي وري شمشير بيگ آيو. انهيءَ جي دور ۾ خانہ بدوش نهمردين از حد زور ورتو. ميرڪ لکي ٿو تہ انهن جو نہ ڪو گهر هـو نہ گهاٽ، وس چرو ماڻهو هئا، جتي ساوڪ ٿي، اتي وڃي ويٺا، ۽ اتان مال جو چرڻ بس ٿيو، تہ وري ڪنهن ٻئي ٽڪري ۾ ويا. اهڙيءَ طرح، سڄو سال گذاريندا هئا، چوري، ڦرلٽ، ڌاڙو سندن ڌنڌو هو، جنهنڪري منجهانئن سيوهڻ جو سمورو ملڪ خائف هو:

"قـوم نهمردي ڪـہ آنهـا را جـا و مقـام معيـن نمـي باشـد، هرجا درڪو هسار چراگاه خوب است همان جا ساڪن مي شوند، وچون آن چراگاه چريده شد، جي ديگري ڪہ چراگاه بسيار است رفتہ مي نشينند و مواشي خود را مي چرانند، و زراعت جاي نمي ڪنند، و ڪار و پيشہ آنها دزدي و تـاخت است."[2]

شمشير بيـگ، پنهنجي ڪمزوريءَ سـبب، بجـاءِ ان جـي، جـو هنـن جـي گوشمالي ڪري ۽ کين سيکت ڏئي، الٽو انهيءَ قبيلي سان نرميءَ جو برتاءُ ڪرڻ شروع ڪيو. چنانچہ انهيءَ قبيلي جي هڪ چڱي مڙس مريد نهمرديءَ کي بوبڪن جي پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ، ننئي، جنهن جـي ٻہ - ٽـي هزار آمدنـي هئـي، جاگير طور ڏيئي ڇڏيو. ميرڪ لکي ٿو تہ انهيءَ قسـم جي ڪمزوري ۽ انهيءَ قسم جي بدعت سبب کان پهريائين شمشير بيگ شروع ڪئي-

"و اين اول بدعت درين ملڪ پيدا شد ڪہ بمردم متمر دان سرڪش حاڪم از روي زبوني جاگير داد."

---

(1) "مظهر" 2/313.

(2) "مظهر" ص. 325.

— اها مروت نہ هئي، بلڪ پنهنجي ڪمزوريءَ ۽ بزدليءَ ڪي لڪائڻ لاءِ شمشير خان اهو طريقو ڪديو هو. ليڪن ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ نڪتو. نهمردي اڳي کان اڳرا ٿي ڦرلٽ ڪرڻ لڳا. شمشير خان جي اها روش ڏسي، سميجن بہ ايرڻ شروع ڪيو، ۽ سيوهڻ صوبي ۾ هڪ طرف نهمردين ۽ ٻئي طرف سميجن تاراج ڪٽي ڪيو. شمشير خان پوءِ تہ گهٽائي ساٽن مقابلا ڪيا ۽ مجادلا ڪيا، پر ڏٺي ڪٽي تي ٽٽين پوي. الغرض، ڪيس سخت ڏکيائيون ٿيون. انهيءَ وچ ۾، پاڻ شاهي حڪم تي، بهادر خان اوزبڪ جي مدد ۾ قنڌار هليو ويو، ۽ پنيان ملڪ پنهنجي هڪ ملازم، عزيز قنبر خواجہ، جي سپرد ڪري ويو. انهيءَ جي انتقال بعد، وري قنڌار مان ئي پنهنجو پيو عزيز، خوشم بيگ اتڪ، ڏياري موڪليائين.

خوشم بيگ اتڪ پهچڻ سان گهريو تہ فسادين جو مقابلو ڪري، ڪين ختم ڪري. بقول ميرڪ يوسف "مردي ناڪرده ڪار" يعني اڻ تجربيڪار هو، تنهنڪري سواءِ ڪنهن خاص بندوبست ۽ سنبت جي، ٿورن ماڻهن ڪي ساڻ ڪري، سڀ کان اول سميجن ۽ انڙن تي چڙهائي ڪيائين. ۽ سيوهڻ مان نڪري درياءَ جي پرتي ڪاڪ (ڪاڪ) ڳوٺ ۾ خار بندي ڪري ويهي رهيو. هڪ ڏينهن اوچتو شام جي نماز جي وقت، سميجن مٿن حملو ڪيو. ڪيترا ماڻهو اوزبڪ جا مارجي ويا: ملا راجو، شمشير خان جو ديوان، بہ قتل ٿي ويو، ۽ سميجا مال متاع ۽ سوين گهوڙا لٽي ڦري هليا ويا. خوشم بيگ باقي بچيل همراهہ گڏ ڪري، ڪاڪ جي قلعي ۾ وڃي، قلعي بند ٿي ويهي رهيو. اندر قلعي ۾ خوشم بيگ، ۽ ٻاهران سميجن جي هڪ وڏي ڪٽڪ ڪٽي محاصرو ڪيو.

ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ مير ابوالبقا جو وڏو پٽ، عتيق الله، انهيءَ زماني ۾ هندستان کان بادشاهہ جي حڪم تي سندس لاءِ سَرهنِ ۽ گڏن جي شڪار ڪرڻ لاءِ سيوهڻ پهتل هو. سيد بايزيد بخاري ان وقت بکر جو حاڪم هو. شاهي حڪم تي هن بہ پنهنجي پٽ سيد باقر کي سيوهڻ موڪليو هو تہ عتيق الله سان گڏجي بادشاهہ لاءِ گڏن جو شڪار ڪري. جنهن ڏينهن مٿي ذڪر ڪيل جنگ لڳي، انهيءَ جي شام جو عتيق الله، سيد باقر ۽ "مظهر شاهہ جهاني" جو مصنف، ميرڪ يوسف، پنهنجي سپاهين سميت اچي ڪاڪ (ڪاڪ) قلعي ۾، خوشم بيگ وٽ پهتا. اهو نٺون لاءِ لشڪر ڏسي، سميجا

قلعي جو محاصرو ڪٽي پٺي هليا ويا، ۽ ٻئي ڏينهن تي پنهنجا پريا مڙس موڪلي، معافيءَ جا دستگار ٿيا. خوشم بيگ، ميرڪ يوسف وغيره جي صلاح تي سميجن کي معافي ڏني، اڳئين ڏينهن تي ڦريل مال سڀ هنن واپس ڪيو، ۽ جرمانو پڻ ادا ڪيائون.

مٿئين ذڪر مان معلوم ٿئي ٿو تہ عتيق الله انهيءَ عرصي ۾، هندستان جي شاهي دربار ۾ وڃي پهتو هو، جتان بادشاھ جي لاءِ خاص طرح شڪار ڪرڻ جي خيال سان سيوهڻ ۾ آيو هو.

شڪار جي سلسلي ۾ ميرڪ يوسف سيوهڻ سرڪار جي ٻن ڍنڍن جو خاص طرح ذڪر ڪري ٿو. لکي ٿو تہ بوبڪن جي پرڳڻي ۾ ٻہ چشما آهن: هڪ ڪائي ٻيو نئنگ. انهن ٻنهي کي دفتر ۾ هڪ موضع ڪري لکيو ويندو آهي. انهن چشمن جي چوڌاري نوحاڻي بروچ رهن ٿا، ۽ اُهي ئي اُتي زراعت ڪندا آهن. ٻين رعيتن وانگر هُو محصول جاگيردار کي ڪونہ ڏين ٿا، بلڪ ان جي عيوض هو مقرر ٿيل تعداد رڍن ۽ ٻڪرين جو ڀرين ٿا. اهو طريقو بختيار بيگ ۽ مير نمڪين جو ڏينهن کان شروع آهي، ۽ شمشير خان جي زماني تائين ائين ئي دستور رهيو. نوحاڻي بروچ جاگيردار جي لشڪر ڪشيءَ وقت ٻہ مدد ڪندا آهن، ۽ هر چڙهائيءَ ۾ سندن وڏو تعداد گڏجي هلندو آهي. مٿين ٻنهي چشمن جي وچ ۾ هڪ ڪوھ مفاصلو آهي، ۽ سيوهڻ کان اهي ٻيئي چشما ڏھ ڪوھ پري ٿيندا. انهن ڍنڍن جي آسپاس وارن جبلن ۾ سَرهَڻ ۽ گڊن جو شڪار تمام گهڻو آهي. ميرڪ يوسف لکي ٿو تہ سندس پيائٽيو مير عتيق الله جڏهن بادشاھ لاءِ شڪار ڪرڻ سيوهڻ آيو، تڏهن ان سان گڏجي پاڻ ٻہ انهيءَ چشمن واريءَ اراضيءَ ۾ خوب شڪار ڪيو هئائين.

> "شڪار رنگ وقوچ بر پشتهاي ڪوههاي اين چشمها بسيار است. مؤلف بهمراه مرحوم عتيق الله پسر ڪلان برادر ابوالبقا ڪہ حضرت جنت مڪاني براي شڪار رنگ فرستاده بودند. درين ڪوهها شڪار رنگ وقوچ بسيار ڪرده." [1]

مير عتيق الله جي سلسلي ۾ مٿي بيان ڪيل واقعن کان سواءِ، ميرڪ

---

(1) "مظهر" ص. 384/2.

يوسف ٻيو ڪجھ ڪونہ لکيو آھي. 'ستين جي ٿان' تي سندس قبر موجود آھي، جنھن جي ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير عتيق الله جي زندگيءَ جي انتھا 1037ھ ۾ شھادت سان ٿي. سندس قبر مير ابوالقاسم "نمڪين" جي پھلوءَ ۾ اوڀر ڪان ھڪ ڇڏي ٻي آھي. ھيٺيان ڪتبا مزار تي اُڪريل آھن:

عتيــق الله ميــرزا ڪــز فراقــش
محبــان را جــگر ھــا چــاڪ آمــد
چــو درخيــل شــھيدان شــد خرامــان
فلــڪ را ديــدۂ نمنــاڪ آمــد
ز روي درد گفتــا ســال تــاريخ
"عتيق الله شـھيدِ پاڪ آمد"- 1037 ھـ

اھو ڪتبو سيرانديءَ کان پٿر جي اندرئين پاسي اُڪريل آھي. ساڳئي پٿر جي ٻاھران ھيءُ ڪتبو آھي:

يڪتــاي روزگــار عتيــق الله آن جــواد
ڪاندر جھان جو دنبودش ڪسي عديل
نگذاشــت آسمــان..... ازانڪــہ بــود
مشــتاق ..... او فــردوس سلســبيل
ســال شــھادتش چوشــتم بصفحــہ بــر
از غم بريخت آب ز چشم چو رود نيل
لا الــٰـــہ الا الله محمــــد رســـول الله

پيرانديءَ کان ھيٺيون ڪتبو آھي، جنھن مان شھادت جي تاريخ معلوم ٿئي ٿي:

بتاريخ روز پنج شنبہ چھارم شھر رجب المرجب سنہ 1037ھ
بدرجہ شھادت رسيد.

انھيءَ سال ۾ سندس والد مير ابوالبقا، يمين الدولہ طرفان، ملتان ۾ نائب ھو. شاھہ جھان انھيءَ واقعي کان 25 ڏينھن کن اڳ، 8 جمادي الثانيءَ جو، تخت نشين ھو. ٻانئجي ٿو تہ مير عتيق الله سميجن جي ڪنھن لڙائيءَ ۾ سنڌ اندر شھيد ٿيو. ڇاڪاڻ تہ اھو پورو دور سنڌ جي گورنرن ۽ مغلن جي اميرن جو سنڌ جي قبائلي آميزشن کي منھن ڏيندي گذريو ٿي.

**شمس الدين خان:**

شمس الدين جو نالو مير علي شير قانع، لکيو آهي، ان جو احوال ڪنهن بہ تاريخ ۾ نظر ڪونہ آيو.

**ابوالقاسم:**

"مظهر شاهہ جهانيءَ" مان معلوم ٿئي ٿو تہ (ص 235) هيءَ بہ ابوالبقا امير خان جو فرزند هو. ڀانئجي ٿو تہ هيءَ ڏاڏي جي وفات کان پوءِ ڄائو، جنهنڪري مٿس ان جو نالو رکيو ويو. هن جي وفات سان 1045 هہ ۾ ٿي، سندس قبرستان جي قبر 'ستين جي ٿان' ۾ مرڪزي ٿلهي تي آهي، ۽ مٿس هيءَ ڪتبو آهي:

(1) لا الـــــه الا الله محمـد رسـول الله
فغـان از گـردش گـردون بـد عهـد
دريغـان زيـن جهـان عمـر فرمـا
ڪہ از بـاد اهـل نـا گـاه بشڪست
بباغسـتان جـان سـرو دل آرا
گـل و گـلزار اقبـال و جوانـي
ابوالقاسـم فـروغ بخـت والا
سـزد گـر در فـراق او بـگريد
بجـاي آب خـون چشـم احبـا
چـو دلهـا داغ شـد از فرقـت او
نوشـتم سـال فوتـش "داغ دلهـا"- 1045 هـ

**نياڻي:**

مير ابوالبقا جي هڪ نياڻيءَ جو بہ ذڪر تاريخ ۾ آيو آهي، جنهن جو عقد شهزادي مراد بخش سان 1066 هہ ۾ ٿيو. ليڪن والد جي وفات (1057هہ) کان 9 سال پوءِ.

شهزادي جي پهرئين شادي شاهنواز خان [1] صفويءَ جي نياڻيءَ سان ٿي هئي،

---

[1] شهزادي جو نالو ميرزا بديع الزمان هو. 'شاهنواز خان' خطاب هوس. ميرزا رستم صفوي، جيڪو ميرزا غازيءَ کان پوءِ ٺٽي جو گورنر ٿيو، سندس والد هو. ميرزا شاهنواز خان جي ٻي نياڻي دلرس بانو اورنگزيب جي نڪاح ۾ (1046 هہ) آئي.

ليڪن شهزادي کي ان مان اولاد ڪونہ ٿيو، جنهنڪري بقول "ماثر الامرا" ....

"اعليٰ حضرت در سال سیم (1066 هـ) آن غفيفہ (مير صاحب جي نياڻي) را کہ شائستگي ازدواج شاهزاده داشت، يک لک روپيہ از جواهر و ديگر اشيا بطريقہٗ جهاز عنايت فرمـوده، بہ احمد آباد فرستاد، کہ در عقد نکاح شاهزاده کہ دران وقت صاحب صوبہ آن ولايت بود، در آند."[1]

## امير عبدالڪريم ۽ مير ابوالمڪارم:

امير عبدالڪريم پنهنجي ڏاڏي ۽ والد وانگر، پنهنجي دور جو نامور امير ٿيو، ان جو ذڪـر هـن ڪـان پـوءِ سـان جـدا بـاب ۾ ڪنداسـين. اهـڙيءَ طـرح مير ابوالمڪارم "شهود" جو حال بہ علحدي باب ۾ بيان ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هو بزرگ بہ علم ۽ شعر سخن ۾ پنهنجي زماني جو يگانو هو.

## امير خاني سادات:

ميـر ابوالقاسـم جـو اولاد، جيئـن اسـان متـي ڏيڪـاري آيا آهيـون، ڪـانئس پوءِ، "قاسم خاني سـاداتن" جـي نـالي سـان مشـهور ٿيـو. سـندس ڏهـٽـاڻ بڪـر ۾ مقيم رهيا. جڏهن امير ابوالبقا امير خان جي جدا گاڏي شخصيت قـائم ٿـي، ۽ ٺٽـي ۾ بـودو بـاش اختيـار ڪـئي ويـئي، ان ڪـان پـوءِ سـندس اولاد "اميـر خـاني ساداتن" جـي نسـبت سـان مشـهور ٿيـو، چنانچہ جامع مسجد جي لڳـو لـڳ اڄ تائين سندس نالي تي "امير خاني محلو" موجود آهي. بڪـر وارا "قاسـم خـاني" گهٽـو زمـانو ٿيـو جـو ختـم ٿـي ويـا، ٺٽـي جـي "اميـر خـانين" جـون بہ فقـط چنـد نشانيون موجود آهن، جن جي متعلق جدا نوٽ ڪتاب جي آخر ۾ ايندو.

## هڪ دستاويز:

خوش قسمتيءَ سان، اسان کي مير ابوالبقا امير خان جو هڪ پروانو مليـو آهي، جيڪـو سندس مُـهر سان مزين آهي- پروانو 14 شعبان 1054 هـ جو جـاري ڪيل آهي، جنهن وقت مير صاحب ٺٽي جو گورنر هو.[2]

---

[1] "ماثرالامرا" ص. 174/1.

[2] اهو دستاويز برادر مڪرم ڊاڪٽر نبي بخش جي معيت ۾، مون 4 جنوري 1955ع جو، درگاهہ شاهہ مڪئي جي موجوده متوليءَ وٽ ڏٺو. جناب ڊاڪٽر صاحب مهرباني ڪري منهنجي خواهش تي ان جو فوٽو ڪيرائي مون ڏي موڪليو،جيڪو شڪريي سان هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو.

حيدرآباد سنڌ ۾، شاهہ محمد مڪئي جي درگاهہ مشهور آهي. درگاهہ جي متولين جي وچ ۾ انهيءَ زماني ۾ توليت، وظيفن، روزينن ۽ ٻين لوازمن تي تڪرار ٿيو هو، جنهن جي سلسلي ۾ ٻنهي ڌرين ۾ صلح آڻڻ لاءِ مير صاحب هي پروانو چاڪر هالي جي متصدن ڏانهن جاري فرمايو: هن دستاويز مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ مغل دور ۾ حيدرآباد جو تعلق چاڪر هالي جي پرڳڻي سان هو. دستاويز جي تصوير شامل آهي، جنهن مان سمورو مطلب معلوم ڪري سگهجي ٿو. مير صاحب جي سجع مُهر ۾ هن طرح اڪريل آهي:

ابوالبقا شده از لطف شاه "بنده نواز" [1]

ز "مير خان" بخطاب "امير خان" ممتاز

---

[1] آخري لفظ مهر ۾ ظاهر نہ آهي: "بنده نواز"، "شاهہ شاهہ جهان"، يا "بادشاهہ جهان" ٿي سگهي ٿو، ليڪن زياده موزون "بنده نواز" آهي.

# ميرڪ يوسف

مير نمڪين جو غالباً ٻيون نمبر پٽ ۽ سنڌ جو ٻي مثل مؤرخ، جنهن، تاريخ نويسيءَ جي رنگ ڍنگ ۾، سنڌ اندر سڀ کان ڀهريون انقلاب آڻي، تاريخ کي بادشاهي قصن ۽ داستانن جي تاجي پيٽي مان آجو ڪري، سنڌ جي عوامي ۽ ملڪي واقعن ۽ حالتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو. سو ميرڪ يوسف هو.

اتفاق سان، سندس تاريخ "مظهر شاهه جهاني" مون کي ملي ويئي، جنهن جي ذريعي انهيءَ سنڌ جي گمنام مؤرخ سان چار چشمي ٿي، ۽ معلوم ٿيو ته مير ابوالقاسم "نمڪين" کي ميرڪ يوسف جهڙو فرزند ارجمند به هو. جنهن جي دل مغل گورنرن جي سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلمن تي جلي اٿي، ۽ هُن صحيح واقعات شاهه جهان جي گوش گذار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪتاب لکيو. جنهن جو نالو "مظهر شاهه جهاني" رکي، تاريخ نويسيءَ لاءِ هُن هڪ صحيح مثال پيش ڪيو.

سيد صاحب جي سلسلي ۾، تاريخون ۽ تذڪرا ڀانئجي ٿو ته ان ڪري خاموش آهن، جو هُن زياده تر وقت سنڌ ۾ گذاريو- پيءُ ۽ پاءُ وانگر ڪنهن به هندستاني صوبي جو حاڪم يا نائب ڪونه ٿيو. جنهنڪري مغليه دور جي تاريخن ۾ تذڪرن ۾ سندس ذڪر اچي ڪونه سگهيو. اهڙيءَ طرح، سندس تاريخ به مشهور ٿي ڪانه سگهي، ۽ نه ان جا ڪي ٻيا نقل ٿي ٿيا، جنهن جي ذريعي سنڌ کان ٻاهر سندس تعارف ٿئي يا شناسائي پيدا ٿئي. جيڪڏهن "مظهر شاهه جهاني" جا نقل ٿين ها، ته ضرور ان جو ڪو ٻيو به نسخو ڪنهن نه ڪنهن ڪتبخاني ۾ موجود هجي ها.[1] اتفاق ۽ خوش قسمتي آهي، جو اهو ئي واحد نسخو، جيڪو مير صاحب مسودي تان مبيضو ڪيو يا ڪرايو، سو صدين گذرڻ بعد به محفوظ ملي ويو، جنهن ڪري ميرڪ يوسف به هڪ قابل قدر مؤرخ جي حيثيت سان دنيا اندر زنده رهجي ويو.

سندس سوانح ۽ مشغولين تي سندس تاريخ ۾ ئي ٿورا ٿورا احوال ۽ اشارا ملن ٿا، جن کي ترتيب ڏيئي، اسان هيٺ سندس زندگيءَ جو هڪ

---

[1] "مظهر شاهه جهانيءَ" جو، هن ڪتاب شايع ڪندي، ٻيو به هڪ نسخو "پنجاب يونيورسٽيءَ" ۾ ملي ويو.

خاص خاڪو تيار ڪريون ٿا.
**باجور:**

ميرڪ يوسف پنهنجي سلسلي ۾ سڀ ڪان پهريون اطلاع باجور ۾ هجڻ جو ڏئي ٿو: لکي ٿو تہ 1016 ھ ۾، سندس والد جڏهن باجور جو قلعيدار هو. ان وقت هو بہ ساڻس گڏ هو. ۽ ساڳئي سال ۾ جڏهن سردار خان جي تبديليءَ بعد سيوهڻ سندس والد جي حوالي ٿيو، ان وقت پيءُ کان الڳ انتظام رکڻ لاءِ پاڻ باجور کان سيوهڻ اچي پهتو.[1]

انهيءَ اطلاع مان اسان جو قياس آهي، تہ ميرڪ يوسف گهٽو ڪري پيءُ سان گڏ رهندو هو. خسروءَ جي بغاوت وقت، جڏهن مير نمڪين گجرات خورد (پنجاب) ۾ هو، ان وقت ساڻس گڏ مختلف تاريخن جو بيان آهي تہ پٽ بہ هئا، اتان هو جلال آباد ويو، جتان پوءِ بدلي تي باجور ۾ قلعيدار ٿي آيو. انهيءَ سموري دور ۾ پانئجي ٿو تہ ميرڪ ساڻس گڏ هو. ۽ اتان ئي رمضان 1016 ھ ۾ سيوهڻ روانو ٿيو.

**منصب، ۽ سيوهڻ جو قيام:**

ميرڪ يوسف سرڪاري منصب بہ مليل هو. جنهن جو هن هڪ هنڌ پاڻ ذڪر ڪيو آهي. 1017 ھ ۾ مير نمڪين سيوهڻ جي نيابت پنهنجي وڏي پٽ، مير ابوالبقا، کي ڏيئي، پاڻ ميرزا غازيءَ سان گڏ قنڌار هليو ويو، جتان 1018ھ (يا شروع 1019 ھ) ۾ موٽنديء، واٽ تي فوت ٿيو. جهانگير انهيءَ طلاع پهچڻ تي سيوهڻ جي جاگير شمشير بيگ اوزبڪ کي ڏني، ۽ مير ابوالبقا کي ساڻس شريڪ ڪيو. ميرڪ يوسف اهو سال ڏيڍ سيوهڻ ۾ بسر ڪيو، ۽ شمشير بيگ سان شريڪ ٿي سيوهڻ ۾ رهڻ جڏهن مير ابوالبقا قبول نہ ڪيو ۽ پنهنجو قبيلو ساڻ ڪري دربار ڏانهن هليو ويو، ان وقت ميرڪ لکي ٿو تہ هُن پاڻ بہ پنهنجو منصب ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ بلڪل ٿوريءَ مدد معاش تي اڪتفا ڪري مستقل طرح سيوهڻ ۾ رهي پيو، گويا هڪ طرح پيءُ جي وفات بعد گوشہ نشيني اختيار ڪرڻ پسند ڪيائين—

"و اين خانہ زاد راقم حروف ازان روز ترڪ منصب

---

(1) "مظهر شاهہ جهاني" ص. 2/304.

نموده. بحبزوي مدد معاشق قناعت ڪرده. در سهوان منزوي گشت". [1]

ڪيس منصب ڪهڙو هو. ڪيتري تنخواه هيس. ۽ "جزوي مدد معاش" چا ورتائين. انهن سيني ڳالهين ڏانهن ڪوبہ اشارو ڪونہ ڪيو اٿس.

شمشير بيگ 1019 هہ ۾ سيوهڻ آيو. ۽ ڪم و بيش ٽي چار سال سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾ رهيو. جڏهن ٺٽي جي گورنر، تاج خان، انتقال ڪيو. ان وقت شمشير بيگ سيوهڻ مان ٺٽي ويو. ۽ مير ابوالبقا جنهن کي انهيءَ عرصي ۾ اوباوڙي، گنجابي، ۽ ربڙيءَ جو جاگيردار مقرر ڪيو ويو هو. تنهن کي بدلي ڪري، ميرزا بيگ جي شرڪت ۾ سيوهڻ موٽائي آندو ويو. اِهي واقعات 1019هہ کان 1023 هہ تائين جا آهن. "مظهر شاهہ جهانيءَ" جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميرڪ يوسف اهو سمورو عرصو سيوهڻ ۾ هو.

**شمشير خان سان دوستي:**

شمشير بيگ سان جيتوڻيڪ سندس ياءُ مير ابوالبقا گڏ رهي نہ سگهيو. ليڪن ميرڪ يوسف نہ فقط سيوهڻ ۾ رهيو. بلڪ شمشير بيگ سان سندس مراسم بلڪ دوستيءَ جو ناتو قائم ٿي ويو جنهن جو هن بار بار اظهار ڪيو آهي، ۽ سيوهڻ اندر سندس پيدا ڪيل انتظام جي پڻ جدا جدا نموني ۾ تعريف ڪئي اٿائين. هڪ جاءِ تي چوي ٿو:

> "شمشير خان اوزبڪ نيز اين ملڪ (سهوان) را بغايت آباد ڪرده. لشڪر خوب مستعد ساخت - چنانچہ قريب هفصد جوان اوزبڪ ازان قسم داشت ڪہ آزان جملہ قريب صد ڪس جيغہ مرصع بر سر مي نهادند. و بہ ڪمر خنجر و شمشير طلا مي بستند. و زين نقره در زير ران مي ڪردند. و هر يڪ هفت و هشت اسپ عراقي و ترڪي در طويلہ خود داشت. و باقي اڪثر دو اسپ عراقي و ترڪي بوده. شمشيرها بمشت نقره مي بستند. و مي گز رانيدند." [2]

شمشير خان ۽ سندس لشڪر جي متينءَ تعريف مان اندازو ٿي سگهي ٿو

---

[1] "مظهر" ص. 310/2.
[2] "مظهر" ص. 311/2.

تہ ميرڪ يوسف جا جذبات. جيڪي آئنده هلي احمد بيگ جي ڪيل مظالمن تي مشتمل ٿيا. سي شمشير خان جي سلسلي ۾ ڪيتريقدر نہ ٿڌا ۽ دوستاڻا هئا. ڪيترن جاين تي هن ساڻس دوستيءَ جي بہ دعوا ڪئي آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ٺي مراسمن ۽ يگانگت سبب ميرڪ سندس مشيرڪار هو. ۽ وقت بوقت پيدا ٿيندڙ مسئلن متعلق ڪيس مشورا ڏيندو هو. جيڪي ڪڏهن بہ شمشير خان رد نہ ڪيا. ڇاڪاڻ تہ سيوهڻ ميرڪ جو ملڪ هو- هُو ماڻهن مان واقف هو. چڱن مٺن جي ڄاڻ سڃاڻ هئس. قومن ۽ قبيلن جي عادتن. خوبين ۽ خصلتن جو چڱيءَ پر ڄاڻو هو. جنهنڪري سندس راءِ هميشه معقول. مناسب ۽ خير انديشيءَ واري هوندي هئي.

**سميجن انڙن تي چڙهائي:**

ميرڪ يوسف لکي ٿو. تہ مظفر خان معموريءَ جڏهن ٺٽي جي حڪومت جي چارج ورتي. ۽ مير ابوالبقا امير خان کي سندس ماتحت ٺٽي جي صوبي ۾ جاگير ملي. ان وقت ٺٽي مان بدلي ٿي شمشير خان ٻيو دفعو (1023 هہ ڌاري) اچي سيوهڻ جي حڪومت سنڀالي. ميرڪ يوسف سيوهڻ ۾ موجود هو. مير ابوالبقا جي وڃڻ ڪري. سميجن وري اچي زور ورتو. جنهن جا ميرڪ بہ مثال ڏنا آهن. جن مان سميجن جي امن سوز حرڪتن جو اندازو ٿئي ٿو:

"درين مرتبہ ڪہ شمشير خان بہ سهوان آمد. مردم سميجہ
اونر سرڪشي ڪردن گرفتند. و چند مرتبہ مردم سوداگران
را براه خشڪي و تري تاراج نمودند." [1]

... مثال ڏيندي لکي ٿو تہ هڪ دفعي ڪي سوداگر هڪ هزار اُٺن جو وڳ ڪاهي. ٺٽي کان ٻکر ڏانهن ٿي ويا. جڏهن هالن وٽ آيا. تڏهن انهن جي گهيڙ کان اُٺن جو درياءُ اُڪري پار وڃڻ مشڪل ٿي پيو. ڇاڪاڻ تہ اهو گهيڙ بيحد ڏکيو ۽ اٽانگو هو. تنهنڪري سوداگرن سميجن کان قول قرار ۽ ساک سُنهن ورتي. ڪين حفاظت لاءِ ساڻ ڪري اهو رستو ورتو. جيڪو سميجن جي ڳوٺن مان ٿي ويو. سوداگرن کي سميجن جي سنهن ساک تي اعتماد هو. ليڪن جڏهن هُو پنهنجي ڳوٺن ۾ پهتا. ان وقت هن طوطا چشميءَ کان ڪم ورتي،

---

[1] "مظهر" ص. 316/2.

سندن سمورو قافلو لُٽي، اُٺ ڪسي، ڪين خالي هٿين پنهنجي موٽائي ڪڍيو.

ٻئي دفعي، نٿي جو هڪ سوداگر قيمتي ڪپڙن جي ٻيڙي پرايو نٿي آيو ٿي. جڏهن ٻيڙي سميجن جي حد ۾ پهتي، ان وقت هنن نه فقط اها ٻيڙي لٽي، بلڪ غريب سوداگر کي به ماري ڇڏيائون.

شمشير بيگ پوئين واقعي کي سخت محسوس ڪيو. هُن ڪوشش ڪري ڪجهه مال هٿ ڪري، سوداگر جي وارثن کي ڏنو، ۽ باقي گم ٿيل سامان جي رقم پنهنجي جيب خاص مان ڪين پري ڏني. اهي واقعا ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا ڪيترا واقعا سميجن جي هٿان ٿيا، جنهنڪري شمشير خان سميجن کي زبون ۽ برباد ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري، سيوهڻ مان سميجن جي ڳوٺن ڏانهن نڪتو. ويرائون (؟) جي ڳوٺ وٽ جڏهن شمشير خان اچي نڪتو. لکي ٿو ته:

> "اين خانه زاد راقم حروف دران وقت پيش شمشير خان بنا بر دوستي و حاضر بود." [1]

انهيءَ ڳوٺ جي چوڌاري سميجن جي آبادي هئي. شمشير خان جو خيال هو ته جن سميجن ٻيڙي لٽي آهي، سڀ ڪان پهرئين انهن تي چڙهائي ڪجي. ميرڪ انهيءَ راءِ جي مخالفت ڪئي. سميجا سڀ هڪجهڙا باغي، امن سوز ۽ خوني هئا، تنهنڪري سندس خيال هو ته اتان ئي بسم الله ڪجي. ٻيڙي ڦريندڙن جو ڳوٺ اتان 60 - 70 ڪوهه پري هو. اُتي پهچڻ بعد جيڪڏهن اهي گهربل ماڻهو هٿ نه آيا ته سموري محنت ۽ تڪليف ئي اڪارت ويندي. تنهنڪري سميجن سڀني کي هڪجهڙو ڏوهي سمجهي، سندن صفائي، ميرڪ جو خيال هو ته ويرائون کان ئي شروع ڪجي.

> "(راقم حروف) باو (شمشير خان) گفت ڪه اين چنين وقت نخواهي يافت، اشارت بڪن ڪه اين موضع را بتازند از برائي نڪ بواسطه ي سر سميجه ڪه پنجاه شصت ڪروه راه يلغر نمايند، و آن هم در معرض شڪ بدست آيد يا نه، اين جا آن قسم سرها دوسه هزار خواهند بود."

ميرڪ لکي ٿو ته سيوهڻ جا چند زميندار جيڪي شمشير خان سان گڏ

---

[1] "مظهر" ص. 317/2.

هئا. تن جو تعلق اندر خاني سميجن سان هو، جنهنڪري انهن کي سندس راءِ ڪانہ وڻي، ۽ دل ۾ ڪاوڙجي پيا. ليڪن ڪجي ڪونہ سگهيا. شمشير خان جڏهن سيوهڻ ڪان نڪتو تي، ان وقت دني پسا (؟) سميجن جو سردار ۽ طيب نالي ٻيو بہ سميجن جو سردار، ديريجن ۽ مناهجن طرفان، اچي پيش پيا هئا، جن ڪان آئنده جا قول قرار ونـي، شمشير خان کين معافي ڏيئي ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري مناهجن ۽ دريجن جا سميجا پنهنجا ڳوٺ ڇڏي اچي ويرائون ۾ مقيم ٿيا هئا. شمشير خان کي انهيءَ واعدي جو خيال هو، ۽ هن ويرائون تي حملو ڪرڻ نہ ٿي گهريو. ميرڪ لکي ٿو تہ سميجن جي اربابن بار بار موقعي جي نزاڪت ڏسي، قول قرار ڏنا ٿي، ليڪن وقت گذرڻ بعد هنن واعدا ڪونہ ٿي پاڙيا- جڏهن بہ کين موقعو مليو ٿي تہ هنن عام رعيت کي مارڻ ۽ لٽڻ ۾ڪسر ڪانہ ٿي ڇڏي. شمشير خان پنهنجي فوج ميرڪ جي حوالي ڪئي، جنهن سيـ ڪان ٻهريون ويرائون تي حملو ڪرايو. انهيءَ حملي ۾ هڪ هزار سميجا قتل ٿيا ۽ ست سئو گرفتار ٿيا، ۽ ٻيو بہ اڪيچار مال هٿ آيو، جيڪو لشڪر ۾ تقسيم ڪيو ويو: طيب ۽ دني، ٻيئي ارباب پڻ انهيءَ معرڪي ۾مارجي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو انهيءَ هنڌان ڪوچ ڪري، شمشير خان قلعي 'ونجهڙي' (؟) ۾ اچي مقيم ٿيو- قلعي جي مرمت بہ شروع ڪرايائين ۽ روزانو سوارن جو دستو سميجن جي ڳوٺن تي بہ موڪليندو رهيو، جيڪو موٽندي پنج ڇهہ سِسيون سميجن جون ڪنيو ايندو هو. هوسڙا ملاح جيڪي سميجن جي ڇئي تي سندن لاءِ درياءَ ۾ لٽ مار ڪندا هئا، تن مان پڻ سئو ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سيني کي درياءَ جي پرينءَ پر لاڪاٺ جي ڳوٺ ۾ ڦاهي تي چاڙهيو ويو.[1]

سميجا جيتوڻيڪ زبون ٿي چڪا هئا، ليڪن ميرڪ کي جيئن تہ انهيءَ قوم جي ڪرتوتن جو تلخ تجربو هو، تنهنڪري سندس مرضي هئي تہ شمشير خان اجا ڪي ڏينهن قلعي ويجهڙي ۾ گذاري، ليڪن شمشير خان هفتو ڪن رهـي ۽ سميجن جون زمينون ماڻهن ۾ تقسيم ڪري، ويجهڙي مان ڪوچ ڪري، لاڪاٺ ۾ اچي منزل انداز ٿيو.

شمشير خان لاڪاٺ جي قلعي جي مرمت ڪرائي، اتي پڻ هڪ هفتو رهيو. انهيءَ ڳوٺ ۾ سميجن ڪوشش ڪئي تہ قيدين جي تاوان ۾ هڪ هزار،

(1) "مظهر" ص. 318/2.

اٿ ڏيئي، ڪين آجو ڪرائين، ليڪن شمشير خان قبول نہ ڪيو. آخر هنن سيوهڻ جي زميندارن ڪي وچ ۾ آندو. جنهنڪري مجبور ٿي قيدين ڪي شمشير خان آزاد ڪيو. ميرڪ لکي ٿو تہ شمشير خان:

"مرد ساده خدا ترس بود. رحم بردلش مستولي آمد. روز جمعہ بود ڪہ تمام بندي سميجہ بخشيد. و ازان جا عبور ڪرده بسهوان آمد." [1]

**چاندين تي چڙهائي:**

ٻئي دفعي جو ذڪر ڪندي، ميرڪ لکي ٿو تہ پرڳڻي ڪاهان، باغبان ۽ اڪبرآباد جي رعيت ڪي چاندين ايترو ڦريو لٽيو ۽ ايترا سندن خون ڪيا، جو هو مجبور ٿي، شمشير خان وٽ دانهن ڪٺي آيا-

"رعيت ايـن پـر گنجـات از دسـت آن بـد بختـان پيـش شمشيرخان مستغاثي شدند."

شمشير خان رعيت جي ابتر حالت ڏسي، چاندين تي چڙهائي ڪئي. ميرڪ لکي ٿو، تہ دوستيءَ سبب ان موقعي تي بہ پاڻ وٽس موجود هو-

"ايـن خانہ زاد درگاه راقـم حروف، دريـن دفعـہ نيـز بوجهـہ دوستي همراه مشار اليہ بود."

(ميرڪ يوسف جيئن تہ ڪتاب شاهہ جهان ڪي مخاطب ٿي لکيو آهي، تنهنڪري جتي پنهنجو نالو آٽي ٿو، اُتي بادشاهہ ڪي مخاطب سمجهي، پاڻ ڪي "اين خانہ زاد درگاه" لکي ٿو.) بهرحال، ميرڪ يوسف ڪي چاندين مٿان يڪدم حملو ڪرڻ مناسب ۽ موزون نظر نہ آيو. هن شمشير خان ڪي صلاح ڏني تہ پهريائين انهيءَ خانہ بدوش ۽ آواره گرد قبيلي ڪي جاسوس جي ذريعي ٿانيڪو ڪجي، ۽ ان ڪان پوءِ يلغار ڪري مٿن اوچتو هلي پئجي، ٻيءَ حالت ۾ ممڪن بلڪ يقين آهي تہ حملي جو هاواٽو ٻڌي، هـُو ٽڙي پکڙي منتشر ٿي هيڏي هوڏي هليا ويندا. جنهنڪري سموري تڪليف بي سود ثابت ٿيندي. ميرڪ لکي ٿو تہ شمشير خان ايتريقدر غصي ۾ هو،جو هو ترسي نہ سگهيو ۽ يڪدم ڪاهي هليو. نتيجو اهوئي نڪتو جنهن جو ميرڪ ڪي خطرو هو- لشڪر جڏهن چاندين جي وٿاڻن وٽ پهتو، تڏهن هڪ بہ چانديو هٿ ڪونہ آيو. سڀيئي اها

---

[1] "مظهر" ص. 319/3.

جاءِ ڇڏي ڀڄي هليا ويا هئا.

شمشير خان چاندين جي ڪيل جوئر جي ٻوڪ وٽ منزل هٽي ويهي رهيو، ۽ لشڪر جي چوڌاري خندق کوٽائي ڇڏيائين. چاندين رات جو ٻهاڙ تان لهي اچي لشڪر تي شبخون هنيو، ليڪن ڪين خاطر خواهہ ڪاميابي ڪانہ ٿي ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ موٽي هليا ويا.

صبح جو سوير شمشير خان لشڪر وٺي ٽڪر ڏانهن روانو ٿيو. ۽ ٻهاڙ جي دامن وٽ پهچي برجن تي تيربازي ڪرايائين. برج مٿان ٽڪر جي آڙ ۾ ۽ شمشير خان جو لشڪر هيٺ زمين تي- تير بازي خوب ڪئي ويئي، ليڪن هينان جا تير، ٽڪر جي بلنديءَ تائين پهچي ڪونہ سگهيا. اهو حال ڏسي، برجن ڍهل وجائي، لشڪر تي توڪ ٺهول شروع ڪري ڏني. شمشير خان مجبور ٿي پنتي موٽيو ۽ برجن جي بيٺل جوئر اچي تلوارن سان ڪپرائڻ شروع ڪيائين. خيال هوس تہ پنهنجو مقصد ٿيندو ڏسي، ممڪن آهي تہ چانديا ٻهاڙ تان لهي، ميدان ۾ اچي مقابلو ڪن. ليڪن هي سڄو ڏينهن جوئر ڪپيندا رهيا. آخر شام تائين لشڪر ٿڪجي ٽٽي، خوار خراب ٿي، واپس اچي ماڳين رسيو.

ٻئي ڏينهن چاندين کي ٻي مت آئي، ۽ هنن پاڙيسري پـرين مڙسن کي ساڻ ڪري اچي معافي ورتي. ميرڪ لکي ٿو تہ پوءِ شمشير خان جيسين سيوهڻ ۾ هو، تيسين چاندين کو نقصان ڪونہ ڪيو.[1]

**باريجا بلوچ:**

باريجا بلوچ رهندا ٽڪر تي هئا، ليڪن سندن زمينون بوبڪن جي پرڳڻي ۾ هيون، دستور هو تہ هو ڊل جي عيوض جاگيردار کي انن ۽ رڍن جو مقرر تعداد هر سال ڏيندا رهن. ميرڪ لکي ٿو تہ ڪجهہ عرصي کان هنن انهيءَ مقرر تيل تعداد جي ڏيڻ کان ڪيبايو ٿي، ۽ خطرو هو تہ جيڪڏهن مٿن سختي نہ ڪبي تہ شايد اڳتي هلي هو ڊل ڏيڻ کان صفا نابري واري ويهن. چنانچہ شمشير خان مٿن يلغار ڪرڻ جو ارادو ڪري، ميرڪ يوسف سان صلاح ڪئي. ميرڪ صلاح ڏنس تہ ڏينهن ڏني جو يلغار ڪرڻ موزون نہ آهي: هتان خاموشيءَ سان سج لٿي نڪرجي ۽ سڄي رات هلي، صبح جو پهچي، مٿن حملو ڪجي. چنانچہ شمشير خان ائين ئي ڪيو. سيوهڻ کان باريجن جا وٿاڻ پنجن پهرن جي

(1) "مظهر" ص. 320/2.

پنڌ تي هئا. اجا سج اڀريو ئي مس هو تہ شمشير خان وچي متن ڪڙڪيو. ميرڪ لکيو آهي تہ سيئي موجود باريجا پاڻ ۾ ملي ويا، ڪيترا وڙهندي قتل ٿيا ۽ ڪيترن کي قيد ڪيو ويو. قاسم باريجو، جيڪو انهيءَ قبيلي جو سردار هو، پنهنجي پٽن سميت اهو بہ قتل ٿي ويو. شمشير خان قيدي وٺي سيوهڻ آيو، ۽ ٻئي ڏينهن تي باريجا ميڙ منٿ وٺي اچي پيش پيا، جنهن تي سندن قيدي ڇڏيا ويا ۽ آئنده لاءِ دل جي ادائگين جو ڪانئن قول قرار ورتو ويو.[1]

**نهمردين تي ڪاهہ:**

ميرڪ لکي ٿو تہ هڪ دفعي حويلي سيوهڻ جي پرڳڻي مان خبر آئي تہ نهمردين جو وڏو ڪٽڪ ڳوٺن تي ڪاهي اچڻ وارو آهي. شمشير خان وٽ ان وقت لشڪر موجود ڪونہ هو. سپاهي سڀ موڪلن تي هئا. آخر ستهٺ سوار جيڪي في الفور موجود ٿي سگهيا، تن کي شمشير خان پنهنجي سالي، بادشاهہ خواجي، جي ڪمان هيٺ ڳوٺن جي حفاظت لاءِ ڏياري موڪليو. انهيءَ لشڪر راتو رات 'نار ڳوٺ' جي قلعي ۾، جيڪو سيوهڻ کان ستن ڪوهن تي هو، منزل ڪئي. صبح جو شمشير خان ڪجهہ ٻيا سوار هٿ ڪري پاڻ بہ روانو ٿيو ۽ 'داديجي واهہ' جي ڪناري تي پهچي، منزل انداز ٿيو. اتان هن پنهنجي ٻئي هڪ عزيز، شاهہ خواجي، کي ويهہ سوار ڏيئي، ٻئي طرف موڪليو.

ميرڪ يوسف کي ٻئي صبح تي جڏهن شمشير خان جي روانگيءَ جي خبر پيئي، تڏهن هو بہ گهران هلي، انهيءَ منزل تي اچي، شمشير خان سان پيڙو ٿيو. شمشير خان کيس سمورو احوال ٻڌائي، ڪانئس صلاح ورتي. ميرڪ کيس چيو تہ بهتر ٿئي ها جيڪڏهن اوهان پاڻ سپاهين سان گڏجي وڃو ها، ڇاڪاڻ تہ اوهان جي موجودگيءَ ۾ تہ اوزبڪ نوجوان دل لائي وڙهن ٿا، ليڪن پرپٺ هنن جو چاڙهو ڪونہ آهي-

"مؤلف گفت ڪہ اگر خود هم سوار مي شدند مناسب بود،
چرا ڪہ مردم اوزبڪ غائبانہ شما جنگ ڪم مي کنند، و
در بودن شما ڪمال سعي در جانبازي مي نمايند".[2]

شمشير خان جي دل سان اهو نقطو آئڙيو، ۽ جيڪي خاصي خيل وٽس

[1] "مظهر" ص. 321/2.
[2] مظهر ص. 324/1.

موجود هئا. تن سيني کي ميرڪ يوسف سميت ساڻ ڪري، انهن ڳوٺن ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ وچ ۾ خبر آئي تہ نهمردين جو هڪ وڏو ڪٽڪ، جنهن ۾ تقريباً ٽي سئو سوار ۽ ست اٺ سئو پيادا هئا 'ڪجي ڳوٺ' (؟) تي ڪاهي آيو آهي ۽ سڄو شهر لٽي چار ماڻهو قتل ڪري، مال ڍڳا ڍور ڪاهي، ٽڪر طرف روانا ٿي ويا آهن. اهو ڳوٺ سيوهڻ کا پنجن ڪوهن تي هو. شمشير خان فوراً انهيءَ ڳوٺ ۾ پهتو: شهر جي تباهي، ماڻهن جي پريشاني ۽ بربادي ڏسي بي انتها ملول ٿيو. جڏهن وڏي مقتولن جي لاشن تي وڃي بيٺو، تہ معلوم ٿي ٿيو تہ ڄڻ غريبن تي ڪاري قيامر اچي ويئي هئي.

شاهہ خواجي کي بہ انهيءَ واردات جي خبر پهتي هئي، ۽ هو نهمردين پنيان روانو ٿي چڪو هو. ميرڪ لکي ٿو تہ نهمردي تير بازيءَ جا نهايت ئي هوشيار هئا-

"نهمردي بسيار ست و تير را خوب مي اندازد"

شاهہ خواجي سان ٿورا سپاهي هئا، ۽ هو دوبدو تير ۽ تلوار جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهيو، جنهنڪري مجبوراً هن پري مفاصلي تان بيهي مٿن بندوقون ڇوڙايون، ۽ آهستي آهستي اڳتي وڌندو ٿي ويو: غنيم جڏهن تير بازي ٿي ڪئي، ان وقت شاهہ خواجي جا سپاهي اوٽ ۾ ٿي ويا ٿي، ۽ جڏهن نهمردي اڳتي هليا ٿي، ان وقت شاهہ خواجي، سپاهين کي اڳتي وڌائي، بندوق بازي ڪرائي ٿي. اهڙيءَ طرح، گهڻي تائين مقابلو هلندو رهيو. شمشير خان کي 'ڪجيءَ' ۾ اهو احوال مليو. وٽس هڪ تہ سپاهي ٿورا هئا ۽ بيو شاهہ خواجي ۽ سندس وچ ۾ غنيم جو لشڪر حائل هو. تنهنڪري نہ پاڻ سڌو مٿن حملو ڪري سگهيو ٿي، ۽ نہ شاهہ خواجي تائين پهچي سگهيو ٿي. انهيءَ مشڪل ۾ مبتلا هو، جو ڪيس اطلاع پهتو تہ نار طرفان بادشاهہ خواجو مقابلي جي ميدان ۾ پهچي ويو آهي.

غنيم جو لشڪر "مينهن وارو واهہ" جنهن ۾ برسات جي زماني ۾ ٽڪر جو مينهن لهي پوندو هو، وچ ۾ ڪيو ٽڪر ڏي وڌندو ٿي ويو. ۽ اوزبڪ بندوق جي نشاني جيترو فاصلو وچ ۾ رکيو، سندن پنيان هلندا ٿي ويا. انهيءَ مقابلي ۾، شمشير خان جو خاص معتمد، بيگ محمد قرق اوزبڪ مارجي ويو. رات اچڻ تائين مقابلو جاري رهيو. آخر اوزبڪ، سجي لٽي وقت مجبور ٿي پنتي

موٽي هليا آيا، ۽ نهمردي اڳتي وڌي ويا.

ميرڪ يوسف مقابلي جو نتيجو ڪونہ لکيو آهي، ليڪن معلوم ٿئي ٿو تہ نهمردين چند ڏينهن ۾ شمشير خان جي پيش پيئي ساڻس صلح ڪيو.[1]

**شمشير خان جو تبادلو:**

شمشير خان ڪن ڏينهن بعد، شاهي فرمان پهچڻ تي، سيوهڻ ۾ پنهنجي نائب قنبر خواجي کي ڇڏي، پاڻ بهادر خان جي مدد لاءِ قنڌار هليو ويو. جتي هو چار سال رهيو. قنبر خواجي جي فوت ٿيڻ بعد هن اتان پيو نائب، خوشم بيگ، موڪلي ڏنو. جيڪو سيوهڻ ۾ اوسيتائين رهيو، جيسين سيوهڻ شمشير بيگ جي جاگير ۾ هو. ميرڪ يوسف شمشير خان جي نائبن سان بہ پرپٺ هر طرح جو سلوڪ ڪندو رهيو، ۽ صلاح مشوري ۾ شمشير بيگ جي دوستيءَ جو حق نڀائيندو رهيو.

انهيءَ زماني ۾، ميرڪ جو پائٽيو، مير عتيق الله، بادشاهي حڪم تي سيوهڻ ۾ گڏبن ۽ سَرهن جو شڪار ڪرڻ آيو. ميرڪ پاڻ بہ عتيق الله سان شڪار تي ويو. خوشم بيگ جي انهيءَ دور ۾ سميجن سان لڙائي ٿي، جنهن ۾ پڻ ميرڪ ساڻس شامل رهيو.[2]

**احمد بيگ:**

ميرڪ نوشتي مان معلوم ٿئي ٿو تہ شمشير بيگ جي تبادلي بعد شير خواني (خواجہ باقي جان) کي سيوهڻ مليو، جنهن يار محمد ڪوڪي کي پنهنجو نائب ڪري سيوهڻ تي موڪليو. مهابت خان خانان ان وقت ٺٽي جو صوبيدار هو، جنهن يار محمد کي سيوهڻ ۾ پير ڪوڙڻ ڪونہ ڏنو، ۽ پنهنجو ماڻهو شمس الدين سيوهڻ تي ڏياري موڪليو. شمس الدين کان پوءِ، نوروز بيگ شاهي حڪم تي سيوهڻ جي اچي چارج ورتي. ڪجهہ وقت بعد اهو بہ بدلي ٿيو ۽ سيف الملوڪ ڪاشغري آيو، ۽ ان کان پوءِ احمد بيگ جاگيردار ٿي آيو، جنهن جي ظلمن ۽ بيدادين کان تنگ اچي، ميرڪ يوسف "مظهر شاهہ جهاني" تصنيف ڪئي.

احمد بيگ، ابراهيم خان 'فتح جنگ' ولد اعتماد الدولہ مير غياث جو پائٽيو هو. هو شاهہ جهان جي پهرئين سال (1037 هہ) ۾ سيوهڻ تي مقرر ٿيو.

---

[1] "مظهر" ص. 325/2.

[2] "مظهر" ص. 327/2 + ص. 374/2.

مرتضيٰ خان (حسام الدين)، جيڪو سندس سالو هو. ان وقت ٺٽي جو حاڪم هو. ۽ جيسين احمد بيگ سيوهڻ پهچي، تيسين هن پنهنجا ماڻهو انتظام لاءِ ڏياري موڪليا. انهيءَ ئي زماني ۾ حڪيم محمد صالح بکر جو ديوان ۽ محمد علي بيگ بندري بکر جو حاڪم هو. ۽ اهوئي زمانو هو، جڏهن ميرڪ يوسف جو پاءُ مير ابوالبقا امير خان، يمين الدولہ طرفان، ملتان ۾ نائب هو.

ميرڪ يوسف لکي ٿو، تہ احمد بيگ جي ابتدا تہ سيوهڻ لاءِ نهايت خوشگوار هئي: ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ لڳو. اربابن ۽ چڱن مڙسن سان مراسم پورا ڪيائين ۽ رعيت بہ منجهانئس راضي ٿي، ليڪن ٿوري وقت بعد جڏهن مُلڪ ۽ ماڻهن مان واقف ٿي ويو، ان وقت انتظام ۽ سڄو ڪاروبار پنهنجي پاءُ محمد يوسف جي حوالي ڪري، پاڻ پنهنجو وقت حويليءَ ۾ گذارڻ لڳو. مُهر واري منڊي بہ پنهنجي ڇيچ مان لاهي، پاءُ جي سپرد ڪري ڇڏيائين. جنهن ڪان پوءِ تہ گويا ملڪ جو مالڪ ۽ مختيار ئي يوسف ٿي ويو، جيڪو بقول ميرڪ يوسف انتها درجي جو سفاڪ، ظالم ۽ بي رحم هو. حجاج بن يوسف جهڙو ظالم اظلم بہ سندس ادنيٰ شاگرد ٿي سونهيو-

"ميرزا يوسف نام برادر همراه داشت ڪہ حجاج بن يوسف
در ظلم ادنيٰ شاگرد او خواهد بود." [1]

احمد بيگ ڪڏهن ڪڏهن رات جو حويليءَ مان نڪري ٻاهر اچي ڪچهري ڪندو هو، جنهن ۾ بہ زياده وقت وينو پاءُ سان ڳالهائيندو هو: سرڪاري ڪچهري هميشہ يوسف جي گهر ۾ ٿيندي هئي. جيڪي ظلم راڄ ۽ رعيت، اربابن ۽ شريفن تي ٿيندا هئا، انهن جي نہ خبر احمد بيگ تائين پهچندي هئي، نہ وري مظلوم ئي خوف کان ڪا دانهن ڪوڪ ڪندا هئا. ميرزا يوسف جي طريقہ ۽ مظالمن جو جيڪو تفصيل ميرڪ يوسف ڏنو آهي، سو ازحد جيڪو تفصيل ميرڪ يوسف ڏنو آهي، سو از حد دلچسپ آهي:

... روزانو ماڻهن کي گهرائي خوامخواه ڏرا هٽائيندو هو. ان وقت سراز موجود رهندو هو تہ جيئن جيڪو ڏرو ڇڄي پوي، هو ان کي ڳنڍي. اُتي جو اُتي سڄو ڪري ڇڏي. ڪنهن کي سئو درا ڪنهن کي بہ سئو ڏرا هٽائيندو هو. حق ناحق جو پُڇ ـ ڪونہ هو.

---

[1] "مظهر" ص. 336/2.

... رات جو جڏهن احمد بيگ اچي ڪچهري ڪندو هو، تڏهن ان جي سامهون بہ ماڻهن سان اها عقوبت پيئي ٿيندي هئي.

... ڏرن لڳندي جيڪو ماڻهو مري ويو، اهو ڇٽي پنهنجي پاڳن ڪي. ميرزا يوسف کي ان جي ڪا پرواهہ نہ هئي، تہ ڪير ٿو مري ۽ ڪير ٿو بچي.

... جنهن ماڻهوءَ لاءِ ٻڌندو هو تہ مالدار آهي، ان تي ڪُوڙو الزام رکي، پاڻ وٽ گهرائي، درا هڻائي، سندس سمورو مال ضبط ڪندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ مرد تہ نهيو، پر جيڪڏهن ڪنهن عورت لاءِ اهڙي خبر پوندي هيس، تہ ان کي بہ گهرائي، ساڳي سزا ڏيئي، سندس ڳهہ ٽيڙ ضبط ڪرڻ ۾ شرم يا حياءُ محسوس نہ ڪندو هو.

... جتي جتي ۽ جنهن جنهَن وٽ معلوم ٿيندو هوس تہ اُٺ آهن، اُهي بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان ضبط ڪري پنهنجي وڳ ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو.

... رستن ۽ درياءَ جي گهيڙن تي سوار ويهاري ڇڏيا هئائين جيڪي ايندڙن ويندڙن کان محصول ۽ چٽيون چوريون وصول ڪندا هئا. ڪوبہ ماڻهو راهداريءَ کان سواءِ اچي وڃي نہ سگهندو هو، ۽ هر راهداريءَ تي مختلف قسمن جو محصول ورتو ويندو هئو. انهيءَ ڪري ماڻهن جي اچ وڃ، وڻج واپار، ڪم ڪاريون سڀ بند ٿي ويا.

... درياءَ ۾ اوپارن خواهہ لهوارن ٻيڙن لاءِ پڻ راهداري مقرر ڪيائين، ڪابہ ٻيڙي، جيڪا سندس حد ۾ داخل ٿئي، سا ضرور ڳري رشوت ڏيئي، راهداري حاصل ڪري.

... سوداگرن جي ٻيڙن سان خاص آزار هو. ڏينهن جا ڏينهن مال سميت ٻيڙيون روڪيون پيون هونديون هيون. سوداگرن کي مجبور ڪندو هو تہ مال سندس مقرر ڪيل قيمت تي سيوهڻ جي شهر ۾ وڪڻن. انهيءَ آزار کان سوداگر ميرزا يوسف کي ڳريون رشوتون ڏيئي، پنهنجون ٻيڙيون ڇڏائي ويندا هئا.

... رشوت وٺڻ بعد بہ سوداگرن جي سامان ۾ جيڪي شيون ڪيس پسند پونديون هيون، سي گهٽو ڪري مفت ورنہ نالي ماتر قيمت تي ڪانئن ڇڏائيندو هو.

... سوداگرن کان پيسا وصول ڪرڻ بعد، ڪين، سندن مال ۽ مير بحرن کي اڳتي وڃڻ جي اجازت ڏيندو هو. انهن ٻيڙن ۾ جيڪي مسافر هوندا هئا، انهن کي روڪي، ڪانئن جدا رقمون جبراً وصول ڪندو هو. انهن

مسافرن مان گهڻو ڪري سيني ڪي سندس درا سَهڻا پوند هئا.

... چورن جي وڏي پاتاري ناهي هئائين. جن جي ذريعي چوريون ڪرائي، مال حاصل ڪندو هو. انهيءَ ڪري سيوهڻ ۾ سوين چور پيدا تي پيا. جيڪي رات ڏينهن پيا لٽ ڦر ڪندا هئا. ڪين ڪنهن جي پرواهہ ڪانہ هئي، ۽ ڪنهن جو بہ مال ملڪيت ۽ عزت سلامت ڪانہ هئي.

... بنگال ڪان جواگير (جواري) گهرايائين. جيڪي سيوهڻ جي شهر ۾ ڪلم ڪلا چوئنڪن ۽ گهٽين ۾ وينا راند ڪندا هئا. ۽ ماڻهن جا ڪيسا خالي ڪرائي آخر ۾ ڪانئن لٽا ڪپڙا بہ لهرائي وٺندا هئا. چورين ۽ جوا جي پيداوار روزانو وٽس پهچندي رهندي هئي.

... شهر جي شريفن، نيڪن ۽ عابد زاهد ماڻهن کي بي عزت ڪرڻ ۽ ڪين ستائڻ لاءِ شهر ۾ هڪ قلعي نهرائڻ جو پروگرام رٿيائين، ۽ حڪم ڪيائين تہ سيوهڻ جا معزز ماڻهو پاڻ متي تي سرون ڪٽي اچي اهو قلعو ناهين، گارو گچ بہ پاڻ ناهين، ۽ تغاريون بہ پاڻ متن تي ڪڻن. جيڪي پوڙها يا معذور پاڻ ڪم ڪري نہ ٿي سگهيا ۽ پنهنجي جاءِ تي مزدور وٺي ٿي آيا، تن سان سخت بي عزتيءَ سان سلوڪ ڪري، ڪانئن زوريءَ ڪم ٿي ورتائين.

... قاضي عبدالواحد، جيڪو سامتاڻي شهر جو قاضي، ۽ نهايت ئي معزز ماڻهو هو، ان تي ڪوڙو الزام رکي، ڪانئس هڪ سئو رپين جو دستاويز لکرائي ورتائين، ۽ اهو دستاويز وري هڪ نهايت رذيل ماڻهوءَ ابراهيم بلوچ، کي وڪڻي ڏنائين. هڪ ڏينهن ٻنهي کي گهرائي، عام ڪچهريءَ ۾ وصوليءَ لاءِ درا هڻائڻ شروع ڪيائين. سندس ماڻهو ابراهيم درو هڻي چيو تي تہ پيسا ڏئي، ۽ ابراهيم وري قاضي صاحب کي چهبڪ هڻي ڪانئس ساڳي طلب تي ڪئي. سيوهڻ جي ماڻهن لاءِ اهو ڏينهن ڪاريءَ قيام جو هو. شريف رنا ٿي، ۽ رذيل کليا ٿي.

... چغلخورن جو هن هڪ وڏو گروهہ تيار ڪيو هو. جن جو نالو هُن "حقيقت دان" رکيو هو. انهيءَ ٽولي جو رات ڏينهن اهو ڪم هو تہ جاسوسي ڪندا وتن ۽ خوامخواهہ شريفن، غريبن ۽ بيگناهن تي چغليون هڻي، عام دربار ۾ سندن پٽڪا لهرائي، ڪين خوار خراب ڪن. انهيءَ ٽولي تہ سڄي ملڪ ۾ رڻ باري ڏنو.

ڪي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو.

ميرڪ يوسف حسرت ۽ غصي مان لکي ٿو، تہ انهيءَ قسم جا ڪيس ۽ ڪلور ميرزا يوسف ملڪ ۾ شروع ڪيا، جنهنڪري سيوهڻ جي صوبي ۾ هڪ محشر مچي ويو. مثال هينئين شعر-

چو خواهد ڪہ ويران ڪند عالمي، نهد ملڪ در پنجهٔ ظالمي-

ڏيندي، لکي ٿو تہ سيئي ماڻهو بيزار ٿي ويا، سيني اڪين سان ظلم ٿيندي ڏٺا ۽ سنا ٿي، ليڪن پڌڻ وارو ڪونہ هو، دانهن ڪنهن کي ڏين. ملڪ جو ڪو والي وارث هو ڪونہ. ميرزا يوسف جهڙي خونيءَ ۽ سفاڪ انهيءَ حد تائين هيبت ويهاري ڇڏي هئي، جو ڪنهن ۾ڪ ڪانہ ٿي ڪڍي، اندر ۾ سيني کي هورا جهورا هئي، دانهن ڏين تہ ڪنهن کي، حال اورين تہ ڪنهن سان؟ احمد بيگ، جيڪو بادشاهہ طرفان ملڪ جو حقيقي وارث بڻايو ويو هو، سو تہ سمورو وقت حرمسراءِ جي ماڻهن سان گذاريندو هو. جيڪڏهن ڪٿي ٻاهر نڪري ڪچهري ڪندو هو، تہ فقط ياءُ سان ڳالهائيندو رهندو هو. اتفاقاً جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن سان مخاطب بہ ٿيندو هو، تہ ڪنهن ۾ جرئت هئي، جو ڪيس حقيقت حال سڻائي!

-"هيچ آفريدي نبود ڪہ از ترس ميرزا يوسف بيان واقع را
با محمد بيگ خان بگويد، ڪہ برادر شما اين قسم ظلم و
ستم برپا داشتہ عالم را خراب و ضايع ڪرده." [1]

### ميرڪ يوسف ۽ احمد بيگ:

ميرڪ لکيو آهي تہ جڏهن حالتون انتهائي مايوس ڪن ۽ خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري چڪيون، ان وقت هن پاڻ مجبور ٿي، احمد بيگ سان انهيءَ باري ۾ گفتگو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. چنانچہ هڪ رات جو جڏهن احمد بيگ ڪچهري ڪئي، ان وقت ميرڪ بہ وڃي اُتي وينو، ۽ دوران گفتگوءَ ۾ احمد بيگ کي صاف چئي ڏنائين تہ هيءُ ملڪ خدا جو آهي، هي انسان سڀ ان جي مخلوق آهن، خدا ملڪ جي ماڻهن کي حضرت شهنشاهہ جي سپرد ڪيو، جنهن توکي پنهنجو نائب ڪري ملڪ ۽ هتان جي انسانن جي سنڀال لاءِ موڪليو. تو

---

[1] "مظهر" ص. 340/2.

... فصل تي، پنهنجا ڇاڙتا موڪلي، ٻي واجبي داڻبندي ڪرائي، ڍل لاڳو ڪرائيندو هو. جڏهن ڪڙمي ٻنهي سرين فصل ڏيڍ بعد ٻـ ٻي واجبيءَ واري ڍل پوري ڪري ڪونـ سگهندا هئا، تڏهن سندن مال ملڪيت ۽ ڍور ڍڳا ضبط ڪيا ويندا هئا.

... هڪ دفعي ٻيڻل فصل آسماني آفت سبب ناس ٿي ويا، ان هوندي بـ ميرزا يوسف ڪاردار موڪلي، ماڻهن تي ڍل لاڳو ڪرائي. رعيت تي گذريل بقايا ئي ڪافي چڙهيل هئي، ويتر جو هيءَ نئين مصيبت ڏنائون سو رات ڏيئي ونڀي ڀڳا. صبح جو ميرزا جو لشڪر ڳوٺن ۾ ويو، جنهن سندن مال، ڍڳا ڍور ۽ گهرن جو سمورو وجي لٽيو.

... انهن مظالمن جو نتيجو اهو نڪتو، جو سمورو ملڪ برباد ٿي ويو. زمينون پڙيانگ ٿي ويون ۽ شهر ويران ٿي ويا. ۽ ائين معلوم ٿي ٿيو، ڄڻ ملڪ مان ڪو راڪاس گهمي ويو آهي.

... جڏهن احمد بيگ ڪاروبار سندس حوالي ڪيو، ان وقت سڀ ڪان پهريون ميرزا يوسف اهو حڪم ڪڍيو تـ سندن جاگير ۾ سيوهڻ جا جيڪي ڏهـ پرڳڻا هئا، انهن ۾ چوپائي مال جي شماري ڪئي وڃي، ۽ هر هڪ ڍور تي سرڪاري نشان هنيو وڃي. ڍورن تي داغ ڏيڻ اهو دستور جهانگير جي زماني کان ئي اڳ سنڌ ۾ معاف ٿيل هو، ليڪن شاهي حڪم ۽ عام دستور کي پٺيءَ پاڏنهن اچلائيندي، هن زوريءَ اهو رواج نئين سر جاري ڪيو.

... ساڳئي وقت هن ملڪ جي سيني عاملن کي، سواءِ ڪنهن قصور يا حساب جي قيد ۾ وجهي ڇڏيو. ۽ جيڪي باراني يا معافيءَ جون زمينون ايامن کان هلنديون ٿي آيون، سي ٻڻ ضبط ڪري، هن ڍل ۾ آڻي ڇڏيون.

... اهو حال ڏسي، بهاء الدين پنهور جهڙا معزز ارباب راتو رات ڳوٺ ڇڏي هليا ويا. ميرزا يوسف بهاء الدين جي ٻن دشمن پنهورن: ارباب علي ۽ ارباب دادوءَ کي سندس خلاف هوا ڏني، جن 41 ماڻهو ونئي بهاء الدين جي ڳوٺ اڪبر آباد تي حملو ڪيو. تـ جيئن سندس مال ملڪيت تي وڃي قبضو ڪن. بهاء الدين اهو ٻڌي، پنهنجن همراهن ۽ نڪر جي ماڻهن سميت اچي واردات تي پهتو. ۽ وڏيءَ خونريزيءَ بعد هن سيني مخالفن کي قتل ڪيو. ميرزا يوسف انهيءَ جي عيوض وري انهيءَ حد جي سيني بي گناهه ۽ بي واسطي اربابن، مقدمن، پٽوارين، قانون گوين ۽ گماشتن

پنهنجي واڳ پنهنجي ناعاقبت انديش ۽ ظالم ڀاءُ جي حوالي ڪري ڇڏي، جنهن سڄي ملڪ جو ستياناس ڪري رکيو آهي. ان جو جواب آخر هڪ ڏينهن توکي ڏيڻو پوندو.- شهنشاهه ۽ خداي ذوالجلال وٽ ڪهڙو جواب ڏيندين؟

"راقم حروف يڪ شب با احمد بيگ خان صريحه گفت ڪه اين ملڪ خدا ست و خداي بشهنشاهه سپرده، و شهنشاهه ترا نائب خود ڪرده، برين ملڪ فرستاد. و تو اين خلق الله را بدست برادر خود داده خراب و ضايع ساختي، اين معني را درين جهان از تو شهنشاهه خواهد پرسد، وچون متوجهه آنجهان شوي، خالق علي الا طلاق از تو خواهد تحقيق ڪرد." [1]

ميرڪ لکي ٿو ته سندس اهي الفاظ احمد بيگ جي دل ۾ گهر ڪري ويا، ۽ هو بيحد متاثر ٿيو.

انهيءَ سلسلي ۾ ميرڪ هڪ نهايت ئي دلچسپ لطيفو لکيو آهي. چوي ٿو ته سندس اُتي وڃڻ کان اڳ ميرزا يوسف جو هڪ چغل خور ڪچهريءَ ۾ آيو هو، جنهن کي ميرزا ڀاءُ جي سامهون ڦهراٽي ڦهرائي، مسند جي پرسان ويهاري ڇڏيو هو. ميرڪ يوسف جي چوڻ بعد احمد بيگ سڀ کان ڦهريائين انهيءَ چغل تي غصو هاريو. چغل پنگ پي آيو هو، سو ان وقت پنڪين ۾ اهڙو بيخبر هو، جو وات ڦاٽي ويو هوس. احمد بيگ ملازم کي حڪم ڪيو ته يڪدم ڏوڙ کٽي سندس وات ۾ وجهي، چنانچه ڏوڙ جا ٻُڪ ڀري، اُن جي وات ۾ وڌا ويا. ان کان پوءِ، احمد بيگ اهي سڀ قيدي فوراً آزاد ڪري ڇڏيا، جن کي ميرزا يوسف بيگناهه ٻاندي ڪيو هو. مُنڍي به انهيءَ وقت ئي ميرزا کان موٽائي پنهنجي ڇيڄ ۾ پائي ڇڏيائين، ۽ قلعي تي سيوهڻ جي ماڻهن جي جيڪا بيگر چالو هئي، سا به ختم ڪيائين. اهڙيءَ طرح، احمد بيگ الوٽ نند مان گويا اوچتو ڇرڪ ڀري اُٿيو هو، ليڪن ڪيس سڄاڳي ان وقت ٿي، جنهن وقت تير ڪمان مان نڪري چڪو هو. يعني ملڪ سڄو درهم برهم ۽ راڄ رعيت سڀ ڀيڙهجي ويئي هئي- ڏڌي ڪتي تي ٽٽين پئي!

-"اما چه فائده، ڪه ملڪ برهم خورد و رعيت ز راعتهاي خود را گذاشته گريخته رفت."

---

[1] "مظهر" ص. 340/2.

ڳوٺ ويران، ٽاٽا ڦٽي ويا، ۽ سڄو راڄ لڏي پلاڻي ٽڙي پکڙي چڪو هو.

**ميرڪ جو دربار ڏانهن سفر:**

ميرڪ لکي ٿو تہ احمد بيگ جيتوڻيڪ اکيون پٽي چڪو هو، ليڪن حالتن جو سازگار ٿيڻ ناممڪن هو. ميرڪ دل ۾ رٿا ڪئي تہ اهو سڀ حال، دربار ۾ پهچي، بادشاهہ جي گوش گذار ڪري، ڪيس سزا ڏياري، ۽ مظلومن جي ٿيل نقصان جي تلافي ڪرائي.هن نيٺ احمد بيگ کان سيوهڻ جي پرڳڻي جوٽيجہ ۾ وڃڻ جي اجازت گهري، جيڪو پرڳڻو ان وقت پاڻس مير ابوالبقا جي جاگير ۾ هو. احمد بيگ کان موڪلائي، هو جوٽيجن ۾ آيو. جتان پوءِ خاموشيءَ سان نڪري وڃي بکر پهتو. اتان ارادو هوس تہ سڌو ملتان وڃي ۽ مير ابوالبقا جيڪو ان وقت ملتان جو نائب هو ان سان ملي، ۽ پوءِ دربار جو رخ ڪري-

"اين خانہ زاد راقم حروف پريشاني احوال وطن اختيارئ خود ديده، از احمد بيگ خان درين موقع رخصت سير پرگنہ جُـنيجہ من اعمال ملڪ سهوان ڪہ دران وقت جاگير برادر ابوالبقا بود، گرفتہ، آنجا رسيده، عازم عتبہ بوسي آستان فلڪ نشان گرديد، و بخاطر آورد ڪہ احوال اين ملڪ و عمل احمد بيگ خان را در يڪ طوماري نوشتہ بنظر اقدس اعليٰ گذراند" [1]

ميرڪ لکي ٿو تہ ماڻهو ايتريقدر ستايل هئا، ۽ انهيءَ حد تائين بي اعتمادي پيدا ٿي چڪي هئي، جو احمد بيگ هزار ڪوشش ڪئي تہ ملڪ ويران ٿيل وري وسائي، ليڪن سندس حڪومت جي وقت ۾ ماڻهو نہ متس اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار هئا، ۽ نہ وري سندس حد ۾ رهي ايڏو جوکو سر تي کڻڻ لاءِ تيار هئا. احمد بيگ سيوهڻ مان نڪري، ڪاهان جي پرڳڻي ۾، سامتاڻي ڳوٺ ۾ اچي منزل انداز ٿيو. اهو بهاء الدين پنهور جو ڳوٺ هو. ماڻهن کي دم دلاسا ڏيڻ شروع ڪيائين، ليڪن ڪنهن کي بہ اعتبار ڪونہ آيو-

"رعيت را دلاسا، ڪردن گرفت، اما هيچڪس اعتبار برو نمي ڪرد، اگر شخصي شب آمده مي ديد، فردائي آن ميگريخت" [2].

(1) "مظهر" ص. 2/341.

(2) "مظهر" ص. 2/341.

ميرڪ کي اها خاطري ٿي ويئي تہ احمد بيگ جي موجودگيءَ ۾ ملڪ جو وري آباد ٿيڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري هن بلڪل صحيح ارادو ڪيو تہ ملڪ جو اهو دردناڪ احوال هڪ ڪتاب جي صورت ۾ لکي، شاهي دربار تائين پهچائي.

**بکر ۾ پهچڻ:**

ميرڪ جوٽيجن ۾ ٻـئـي ڏينهـن ترسـي، سـتـو سـڪر پهتـو. ان وقـت محمد علي بيگ بندري انهن جو حاڪم هو. حڪيم محمد صالح ديوان ۽ مانسگ وقايع نويس هو. ميرڪ ساڻن دلي مقصد ظاهر ڪيو، جنهن تي مخفي طرح هنن احمد بيگ کي انهيءَ معاملي جو اطـلاع ڏنـو. احمد بيـگ نتيجن تـي غور ڪري، سخت پريشان ٿيو. ميرڪ جو قول آهي تہ:

> "احمد بيگ بديدن اين نوشتہ مضطرب گرديده، شيوهٔ ظلم را بالڪليہ از رعيت و ائمہ برطرف ڪرد. چنانچہ از رعيت در فصل ربيع مذڪـور غلهـاي ڪهلـہ هـارا بخـش ڪـرده گرفت. و از ائمہ آنچہ دران فصل ربيع از فرامين مذڪراتي و مسماتي گرفتہ بود، واپس داد."

**ملتان ۾ رسڻ:**

احمد بيـگ پنهنجـو خـاص مـلازم، ميـر هاشـم، فـوراً بـڪـر روانـو ڪيـو. حڪيم محمد صالح ۽ محمد علي بيگ ۽ مانسنگ ڏانهن خط لکي موڪليائين ۽ خدا جي واسطي ڪنهن بہ طرح ميرڪ کي دم دلاسا ڏيئي، مير هاشم سان گڏي سيوهڻ واپس ڪيو وڃي. ليڪن مير هاشم جيسين بڪـر رسيو، ان کان اڳ ئي ميرڪ ملتان روانو ٿي چڪو هو. چنانچہ مير هاشم جهڙو ويو هو تهڙو خالي هٿين موٽي سيوهڻ هليو ويو.

ملتان ۾ ان وقت ابوالبقا يمين الدولہ طرفان نائب هو. ميرڪ جنهـن وقت اتي پهتو، ان وقت مير صاحب لاءِ ٺٽي جي صوبيداريءَ جو اچي فرمان پهتـو. مير ابوالبقا پاڻ بہ ٺٽي موٽڻ جي تياري ڪئي ۽ پاءُ کي بہ موٽي هلڻ لاءِ تيار ڪيائين، تاڪہ اتـان سفر جو سامان درست ڪري، پوءِ دربار ڏانهـن وڃـي. چنانچہ ٻيئي پائر 1038 هہ ۾ ٺٽي اچي پهتا.

**"مظهر تدبير":**

ميرڪ جو ارادو اهوئي هو تہ ٺٽي مـان سفر جي تيـاري مڪمل ڪري، پوءِ

هندستان اُسهي. ليڪن اتفاقاً نتي پهچندي، آب و هوا جي خرابيءَ سبب ڪيس سخت نزلو ۽ بخار ٿي پيو. جنهنڪري سردست سفر جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيائين.

پاڻ لکي ٿو تہ انهيءَ بيماريءَ ۾ هن باس باسي هئي تہ جڏهن ڪيس شفا حاصل ٿيندي، ان وقت هو سنڌ جي حالتن تي "مظهر تدبير" نالي ڪتاب لکي، اهو بادشاهہ جي خذمت ۾ ڪٺي ويندو.

"بخداي خود نذر بست ڪہ چون ازين مرض خلاص يابد، احوال و لايت سنڌ را ڪتاب ڪرده، دست آويز خود ساختہ، احرام ڪعبہ خلائق هفت اقليم بر بندد. الحمد الله و المنتہ ڪہ بمقتضي اين بيت:

الـــــهي تـــو بـــر نيتـــم آگهـــي
چـو نيـت بخيـر سـت خيـرم دهـــي.

نسـخہ "مظهـر التدبير" باتمـام رسيد. و اميـد وارم ڪہ امي عـادل قـوي الاسلام ملجاء الانـام امـام المشـارق المغارب ابوالمظفر شهاب الدين محمد صاحب قران ثاني شاهہ جهان بادشاه غازي بنظر رحمت درو نگرد." [1]

انهيءَ ئي ڪتاب جو ٻيو نالو "مظهر شاهہ جهاني" آهي، جنهن جو مفصل ذڪر هيٺين صفحن ۾ اچي ٿو.

**احمد بيگ جو تبادلو:**

مير يوسف ڪي شاهي دربار ۾ پهچي احمد بيگ جي شڪايتن ڪرڻ جي حسرت تہ دل جو دل ۾ رهجي ويئي. ڪتاب بہ اڃا هن تيار ڪونہ ڪيو، جو بکر جي واقع نويس مانسنگ، سيوهڻ جو سمورو احوال بادشاهہ ڏانهن لکي موڪليو. ساڳئي وقت نتي جي واقع نويس، ابوالقاسم طبا طبا، بہ احمد بيگ جي مظالمن جو داستان شاهي دربار ڏانهن موڪلي ڏنو. جنهن تي فوراً سندس تبادلي جو حڪم اچي پهتو، ۽ سندس جاءِ تي سيوهڻ ۾ ديندار خان جو تقرر ٿيو.

مير جو مقصد جيتوڻيڪ پورو ٿيو ۽ سيوهڻ جي ماڻهن کي بہ ظالم کان نجات ملي، ليڪن ميرڪ ان تي خوش ڪونہ ٿيو. احمد بيگ کي سزا بہ ڪانہ

---

[1] "مظهر" ص. 342/2.

ملي. الٽو ڪيس ملتان جو صوبيدار ڪيو ويو. جيڪو سيوهڻ کان بہ زياده سائو ستابو صوبو هو.

"سواي تغير اين ملڪ اثر غضب برومتر تـب نـگرديد. بلڪ اثر رحمت بظهور رسيد ڪہ از تغير سهوان. صاحب صوبہ ٔ ملتان شد ڪہ جاي عمده است."

ميرڪ. بادشاھہ کي مخاطب ٿي. عرض حال ڪري ٿو تہ ملتان. هندستان ويندي. چونڪہ واٽ تي پوي ٿو. تنهنڪري احمد بيگ جا ستايل. جن شاهي دربار ۾ پهچي داد رسي حاصل ڪرڻ گهري ٿي. سي شاهي دربار تائين رسي ڪونہ سگهيا. بلڪ سيوهڻ مان هلي بکر تائين پهچي. اتان واپس وريا ٿي. ڇاڪاڻ تہ واٽ تي ملتان ۾ احمد بيگ موجود هو.

"همين معنيٰ را ديده. مردم ستم رسيدگان اين ملڪ ڪہ مي خواستند بهمراه او شده بدرگاه فلڪ اشتباه رسيده. طلب حق نمايند. از بکر مايوس گشتہ بوطن خودها مراجعت نمودند" [1].

ميرڪ لکي ٿو ملتان موڪلڻ جي بجاءِ جيڪڏهن شهنشاھہ کيس سزا طور گهرائي. پاڻ وٽ ويهاري ڇڏي ها ۽ فريادين کي گهرائي سندن داستان ٻڌي تحقيق ڪري ها. تہ هوند سيني مظلومن جا حق تري پون ها.

"اگر همين عمل احمد بيگ خان را در زيرپايہ ٔ تخت سليماني تحقيق مي فرمودند. و از روي حڪم شرع شريف ستم گر فتيگهاش بمردم مظلوم واپس ميدهانيدند. و خونهاي ناحق ڪہ از روي عنف و ظلم ڪرده بود. بامر عدالت عظميٰ اجراي حڪم او ميڪردند. هيچ جاگيردار بعد اليوم در ويراني ٔ اين ملڪ راضي نمي شد. بلڪ جاگيرداران ممالڪ محروسہ ديگر نيز از ظلم محترز بوده. را راستي و خوش سلوڪي را پيش مي گرفتند" [2].

---

[1] "مظهر" ص. 354/2.
[2] "مظهر" ص. 354/2.

## ديندار خان:

## ميرڪ يوسف جا تعلقات جيتوڻيڪ نئين صوبيدار، سيد ديندار خان [2] سان

سنڌس نالو سيد پورو هو. مذهب سان ايتريءَ شيفتگيءَ سبب شاهجهان کيس 'ديندار خان' جو موزون ۽ مناسب خطاب ڏنو هو. سيوهڻ جي قيام واري زماني ۾ هن ڪيترين مسجدن ۽ مقبرن جي مرمت ڪرائي ۽ انهن تي ڪتبا هنيا. انهن مان ڪجهه جايون اڄ تائين سلامت آهن. باقي خدا ڄاڻي ڪيترين مسجدون ۽ مقبرا جن کي هن مرمت ڪرايو هو، مٽجي ويا.

حضرت چنّي امرائيءَ جي مزار جو ڪتبو-

| | |
|---|---|
| بدور شهنشاه شاه جهان | خديوي خرد مند صاحب قران |
| چو خلد برين روضهٔ شاه چهته | بنا كرد نواب ديندار خان |
| ز سال بنايش طلب داشتند | "بهشتي بروي زمين" گفت عثمان |
| | 1042 هـ |

درگاه قلندر جا ڪتبا:

"چون در عهد سلطان فيروز مرحوم روضه قديم حضرت — مخدوم بنا شده بود، و اين دوسنگ تاريخ نوشته— نصب كرده بودند، آخر چون گنبد كلان در عهد مرزا جاني— ترخان بنا يافته، اين سنگها برهم افتاده بوند، الحال— كه اين فقير سيد بهوره عرف ديندار خان باشد— در عهد دولت حضرت صاحب قران ثاني صحن— روضه را ترتيب داده و دو مسجد راست مي ساخت، اين دو سنگ— هم در ديوار خانقاه بنهاده تا يادگار سلاطين گذشته مي باشد—".

انهيءَ ڪتبي ۾ جن ٻن پٿرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سي فيروز تغلق جا ڪتبا آهن. انهيءَ ساڳئي ڪتبي جي قريب ٻيو ڪتبو آهي:

| | |
|---|---|
| بدورانِ شهاب الدين جهان شاه | جهان از عدل او خو رسندو آباد |
| شده تعمير فرشِ عرش مسند | حسيني صاحب شهباز آزاد |
| قبول آمد نياز خانه ديندار | دران حضرت ز چون طالع بود شاد |
| چه گويم وصف آن صحن مقدس | بجايءِ خشت انجم چيده استاد (هلندڙ) |

---

[2] ديندار خان لاءِ ميرڪ لکي ٿو ته "عمل ديندار خان بمردم اشراف و ائمه اين ملک و سپاه قديمي بسيار خوب بود، و با اهل صوفيه و جد و ذوق تمام داشت، و عروس بزرگان بيسار ميكرد. چنانچه هيچ روزي بيش نبود كه عرس يک بزرگ درخانهٔ او نبود، و در هر ماه چند عرس خوب ميكرد. به ترانه و سرود و مطربان بسيار همراه او بودند، از قوال وغيره به تلاوت مصحف نيز شوق بيسار داشت. و اكثر صائم ميگز رانيد و در شهر شعبان، خواه زمستان مي بود خواه تابستان در ايام بيض روزه طي نگه ميداشت. و رمضان مي نمود، و در رمضان خرچ ميكرد، از اطعمه و شيريني و فواكه بسيار وقت افطار در مجلس مي اورد، و قريب سه صد چار صد كس به نماز تراويح پيش او حاضر مي شدند، و ختم قران مجيد را ايستاده مي شنيد، و در شب قدر ختم تمام ميكرد، و مردم علماء و حفاظ و گوشه نشينان را دران شب خيرات بسيار ميداد، و صباح آن ختم از روي محصف در يكروز خود مي نمود، و در زمستان جميع سپاه آشنايان را سروپا ميداد، و مردم اشراف را آنقدر پرچه مي فرستاد كه تا به سال ديگر كفايت اوميشد، و اگر به سفر مي برآمد مردمي كه همراه او مي بودند، از اشراف و اكابر وغير رعيت همه را علحده علحده طعام پخته از دولت خانه خود مي رسانيد، و هر جا مزار بزرگواري بود به زيارت ان مي رفت، و مرمت عمارت آن مزار مي فرمود.

تمام سنا هئا. ۽ سندس تعريف بہ ڪري ٿو. ليڪن ساڳئي وقت جيڪي منجهس ڪوتاهيون هيون، ان تي بہ تنقيد ڪري ٿو. ۽ حق گوئي ڪندي ڪسر ڪانہ ٿو ڇڏي. معلوم ٿئي ٿو تہ ديندار خان جو دور بہ انتظامي لحاظ ڪان اطمينان بخش ڪونہ هو. هڪ جاءِ تي ديندار خان جو ذڪر ڪندي، ميرڪ لکي ٿو تہ ديندار جي زماني ۾، هڪ ڳوٺ جيڪو سيوهڻ ڪان ٻن ڪوهن تي ۽ لڪيءَ ڪان ڪوهہ پنڌ تي هو، نهمردين تباهہ ڪري ڇڏيو: جوانن کي مقابلو ڪندي ماري ڇڏيائون، پوڙهن لکي جان ڇڏائي. ٻار ٻچا ۽ ڍور ڍڳا ڪاهي نهمردي پنهنجي پنهنجي وٿاڻن تي هليا ويا. شهر جي بربادي‌ءَ سبب باقي رهيل ماڻهو لڏي اچي سيوهڻ ۾ پناهہ گزين ٿيا. انهيءَ شهر جي لٽ ڦر ڦٻي وڃڻ بعد، نهمردين جو قدم خود شهر ڏي وڌيو-

”دست تصرف دزدان سميجہ و مردم ڪوهي، بقصبہ سهوان دراز گرديد، چنانچہ مواشي را تاختہ مي بردند، و هيزم ڪشان وغيره مردم مسافران را مي ڪشتند، و تاراج ميڪردند، بلڪ درميان شهر مواشي و اسپان ر نگاه داشتن مشڪل شد. چنانچہ چند مرتبہ اسپان سپاهيان ديندار خان را در دزدان سميجہ از ميان شهر جبرا و قهرا ڪشيده بردند، و هيچڪس مقاوت آن روسياهان نہ نمود، و بواسطہ همين شدت ديندار خان گرد شهر سهوان قلع ساخت“. [1]

---

| | |
|---|---|
| چو خواهي سال وي بافهم و دانش | بمقطع بين ڪہ آمد سال بنياد |
| يڪي باشد ز فرش مسندِ شاه | دگر باشد ز ”فرش جنت آباد“ |
| | 1041هہ |

هڪ ٻيو ڪتبو مسجد تي موجود آهي، جنهن کي ”لب تاريخ سنڌ“ جي صاحب نقل ڪيو آهي:

| | |
|---|---|
| بدورِ شهنشاه شاه جهان | چنان... ايوانش چو باغِ بهشت |
| چو مسجد بنا ڪرد ديندار خان | بدرگاه شهباز عالي سرشت |
| خرد گفت سالش ڪہ بيت العتيق | دگر ”مسجد شيخ بهندا“ نوشت |
| | 1043 هہ |

مٿيان ڪتبا 41- 42- 1043 هہ جا آهن.

فريد مرتضيٰ خان بخاري سيد ديندار جو عزيز هو. ديندار خان کيس ياد ڪري روئيندو هو. ديندار خان جي پٽ جو نالو سيد فريد هو، جنهن سان قطب الاقطاب ميران سيد جلال ولد ميران سيد محمد بخاري گجراتيءَ جي نياڻي پرڻيل هئي. ديندار خان 1055 هہ ۾ انتقال ڪيو- (احوال ”ذخيرة الخوانين“ ص. 357، ”ماثرالامرا“ ص. 2/23، ۽ ”مظهر شاهہ جهاني“)

[1] ”مظهر“ ص. 2/383.

متئين حقيقت مان صاف ظاهر آهي تہ ديندار خان جو انتظام انهيءَ حد تائين بي حقيقت هو، جو حڪومت جي شهر مان شهرين جا تہ خير پر خود سندس پنهنجن سپاهين جا گهوڙا چور زوريءَ ڪاهي ٿي ويا، تہ ان جو تدارڪ ٿي ڪونہ ٿي سگهيو، ۽ چورن جي دل ايتري وڌيل هئي ۽ سندن خوف انهيءَ حد تائين لٿل هو، جو هو ڏينهن ڏٺي جو بہ سيوهڻ ۾ ترڪتاز ڪندا وتندا هئا.
بهرحال ميرڪ يوسف جتي سندس ديناداريءَ، پرهيزگاريءَ ۽ مذهبي شيفتگيءَ جي تعريف ڪري ٿو، اتي بادشاهہ جي اڳيان سندن انتظامي ڪوتاهيءَ جا واقعا بہ سواءِ ڪنهن گهٽ وڌ جي ڪري ڇڏيا اٿس.

متي جنهن ڳوٺ جي بربادي‌ءَ جو ميرڪ ذڪر ڪيو آهي، ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ پاڻ هڪ ڏينهن دينيدار خان کي صلاح ڏنائين تہ اهو شهر سندس دور ۾ ويران رهڻ نہ گهرجي، ۽ ٿي سگهي تہ ان کي ضرور آباد ڪيو وڃي. چنانچہ ميرڪ جي مشوري تي اهو شهر آباد ٿيو، ماڻهو موٽي آيا ۽ ڳوٺ کي چوڌاري عالم پناهہ ڪيرائي ويئي. اهو ڳوٺ دينيدار خان سيد جلال جي سپرد ڪيو، ۽ ان تي پنهنجي پٽ جي نالي پٺيان "ڪمال پور" نالو رکيائين.

**تصانيف:**

ميرڪ يوسف فارسي ۽ عربيءَ جو نهايت جيد عالم هو. سندس سوانح چونڪ اجا تائين پردي ۾ آهي، تنهنڪري خبر پئجي نہ ٿي سگهي تہ هن ڪهڙا ڪتاب مرتب ڪيا. "مظهر شاهہ جهانيءَ" جي پهرئين حصي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ملڪ داريءَ جي فن ۽ حڪمرانيءَ جي رمزن ۽ نقطن جي سلسلي ۾، سندس مطالعو ۽ معلومات انتهائي حيرت انگيز آهي. ڪتاب جي عبارت صاف، زبان شستہ ۽ سليس، ۽ ان جو انداز بيان اهڙو دلنشين آهي، جو سندس هڪ هڪ نقطو ۽ هڪ هڪ لفظ دل ۽ دماغ تي پنهنجو اثر ڇڏي ٿو.

اسان کي سردست سندس هڪ ئي تصنيف، "مظهر شاهہ جهاني"، دستياب ٿي آهي، جنهن جو پڻ اهو واحد نسخو خوش نصيبيءَ سان اڄ تائين سلامت رهجي ويو آهي. ممڪن آهي تہ سندس ڪو بيو بہ ڪتاب هجي، جيڪو ڪٿي نظرن کان اجا تائين اوجهل هجي.

ميرڪ جي شعر و سخن سان بہ دلچسپي معلوم ٿئي ٿي. "مظهر شاهہ جهاني" ۾، هن ڪٿي ڪٿي پنهنجا شعر نقل ڪيا آهن، جنهن مان اسان اهو قياس ڪري

سگهون ٿا: مثلاً "و خير جليس في الزمان ڪتاب" جي عربي ضرب المثل جو هينئن طرح شعر ۾ ترجمو ڪري ٿو:

همنشين به از ڪتاب مجو ڪہ مصاحب بودگهہ و بيگاه
بهجت افزاي جان و راحتِ دل هر چہ دلخواه تست ازو حاصل

---

اي گرامي ترز خلقان من ندارم ملتجا
جز تو چون آيد قيامت يا بود مرگ تنم

- انهيءَ شعر ۾ ميرڪ هينئين عربي شعر جو ترجمو ڪيو آهي:

يا اڪرم الخلق مالي من الوذبہ
سواڪ عند حلول الحادث العمم

هينئين عربي شعرن جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿائين:

1- يا نفس لا تقنطي من ذلتہ عظمت
ان الڪبائر في الغفران ڪاللمم
2- لعل رحمتہ ربي حين يقسمها
تائي عليٰ حسب العصيان في القسم
3- يا رب فاجعل رجائي غير منعڪس
لديڪ واجعل حسابي غير مخزم
4- والطف بعبدڪ في الدارين ان لہ
صبرا متي تدعہ الاهوال ينهزم
5- و اذن لسحب صلواة منڪ دائمۃ
عليٰ النبي بمنهل و منسجيم
6- و الل و الصحب ثم التابعين لهم
اهل التقي والنقي الحلم و الڪرم
7- ما رَنحت عذبات البان ريح صبا
و اطراب العيس حادي العيس بالنغم

اي دل از رحمت مشو نوميد با جرم عظيم
چون ڪبائر نزد غفران خد شد چون لمم
رحمت رحمن مگر آندم ڪہ قسمت مي ڪند

بر من آيد درخور جرم و گناه اندر مسم
يا رب اميدم مرا واپس مگر دان وار گون
در قيامت نزد تو وانگہ حساب آسان کنم
لطف کن با بنده در دنيا وهم در آخرت
زانکہ صبرش نزد سختيها گريزد از سدم
پس درودِ بيکران باواز ابر رحمتت
بر پيمر تا شود ريزان و پاشان اين نعم
بعد زان بر آل و اصحاب کرام و تابعين
اهل علم و حلم و عقل و فضل و تقويٰ و کرم
تا بجنباند صبا اندر چمن شاخِ درخت
تا برانند اشتران را بند گانش بر نغم

---

شاهہ جهان جي تعريف ۾ هيٺيان شعر ڪتاب ۾ موجود آهن:

معني الملک و الدولہ شهاب الدين کہ جودِ او
چو ابر نوبهاري عالمي را تازه ميسازد
ز انعام و عطا و مرحمت نزديک آن آمد
کہ رسم احتياج از عرصہ عالم براندازد
کيخسرو زمان و فريدون روزگار
هم شهريار عدل و هم بادشاهِ جود
عدلت نظام عالم و حلمت قوام ملک
جودت پناه سائل و دستت پناه جود
زهي ز جود تو بر خلق سايہ ز خداي
حريم عدل تو دارالامان هر دو سراي

---

جهان خسروا زير هفت آسمان
طرفدار پنجم توئي بي گمان
جهان را بفرمان چندين بلاد
ستون در تست ذات العماد

هم شب کـ مـ طـوف گـردون کنـد
چـراغ تـرا روغـن افـزون کنـد
همـ روز خورشـيد بـا تـاجِ زر
بپـائين تخـت تـو بنـدد کمـر
سـپارندۀ بادشـاهي بتـو
سـرد از جهـان هـر چـ خـواي بتـو
نـ بـادي کنـد بـر پـرِ پشـ زور
نـ پيلـي نهـد پـاي برپشـت مـور
سـپاس از خداونـد گيتـي پنـاه
کـ پيش است زين قصـ انصـاف شـاه
بانصـاف شـ چشـم دارم يکـي
کـ بينـد دريـن داسـتان اندکـي
گـر افسـانـ بينـد از کـار دور
نـ سـايـ بـرو گسـتراند نـ نـور
و گـر بينـد از در درو مـوج مـوج
سـرائنده را سـر بـرارد بـاوج
نشـاط ز تـو دارد گهـر سـفتنم
سـزاوار تسـت آفريـن گفتنـم
دريـن گنـج نامـ ز رازِ جهـان
کليـد بسـي گنـج کـردم نهـان
کسـي کيـن کليـدِ زر آرد بدسـت
طلسـم بسـي گنـج دانـد شکسـت

—

معين دولـت و ملـت شـهاب الديـن شهنشـاهي
کـ باشـد رايـت قـدرش فـزا از قبـ خضـرا
زميـن از عـدل او تـازه.زمـان از فيـض او خـرم
رعيت شـاد و ملـک آبـاد خلق آسـوده از غوغـا
زهـي داراي ديـن پـرور کـ بـر منشـور اقبـالش

ڪشيده ڪابتِ حڪم ازل طغراي استعلا
هميشه تا بود دوران هميشه تا بود گردون
بود گردون ترا تابع بود دوران ترا مولىٰ

**"مظهر شاهه جهاني:"**

ميرڪ يوسف جو مقصد انهيءَ ڪتاب جي لکڻ مان اصل تہ هو احمد بيگ جي ڪيل مظالمن جي اُپٽار ڪرڻ ۽ شاهي دربار تائين درد جو داستان پهچائڻ. ليڪن، ان بهاني سان هن ڪتاب جي پوئين حصي ۾ سنڌ جي اندروني تاريخ جو اهڙو مواد آڻي ڇڏيو آهي، جو ٻيءَ حالت ۾ ڪنهن بہ تاريخ مان ان جو ميسر ٿيڻ ناممڪن هو. مغلن جي دور ۾، سنڌ ۾ ڪيترا صوبا هئا، هر صوبي ۾ ڪهڙا پرڳڻا هئا، هرهڪ پرڳڻي ۾ ڪهڙيون ذاتيون رهنديون هيون، هر قبيلي جون خصلتون ۽ خوبيون خواهہ خرابيون ڪهڙيون هيون، پيداوار ڪهڙي هئي، ڍل پيش ڪرڻ يا اڳاڙڻ جو ڪهڙو سرشتو هو، مختلف پرڳڻن جا ڪهڙا ٽڪرا زياده زرخيز هئا، ڪٿي ڪٿي ڪوٽ ۽ ڪهڙا ڪهڙا قلعا هئا، اهي ڪنهن ناهيا ۽ ڪهڙين ضرورتن پٽاندر ناهيا، مغل گورنرن هتي پهچڻ بعد ڪهڙا ڪم ڪيا، ڪنهن مظالم ڪيا، ڪنهن حسن سلوڪ ڪان ڪم ورتو، ڪنهن لٽ ڦر ڪئي، ۽ ڪنهن ملڪ وسايو ۽ ورسايو- اهي سڀ اهڙيون حقيقتون آهن، جن جو ذڪر بہ ٻيءَ ڪنهن تاريخ ۾ ڪونہ آهي.

مصنف ڪتاب کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي: پهرئين حصي ۾ ملڪداريءَ ۽ حڪومت هلائڻ جا طور طريقا لکيل آهن، جنهن جو ٿورو اندازو پهرئين حصي جي مضمونن جي عنوانن مان پئجي سگهندو، جي هن طرح آهن:

باب اول: هن ۾ بہ فصل آهن-

فصل پهريون: در ترغيب بامارت و سلطنت.

فصل ٻيو: در ترهيبي ڪہ متعلق بسلطنت است.

باب ٻيو-

فصل پهريون: در آنچہ بادشاهان مردم و امرا را بدقت نظر فهميده بکنند.

باب ٽيون-

فصل پهريون: در رعايت ملڪ.

فصل ٻيو: در ترتيب خدم و حشم و آداب ايشان.

فصل ٽيون: در ترتيب صاحب صوبہ.
فصل چوٿون: در ترتيب خدم و حشم.
باب چوٿون-
فصل پھريون: در توڪل.
فصل ٻيو: در علوِ همت.
فصل ٽيون: در عزم.
فصل چوٿون: در جدوجهد.
فصل پنجون: در ثبات.
فصل ڇهون: در عدالت.
فصل ستون: در خيرات و مبرات.
فصل اٺون: در شفقت و مرحمت.
فصل نائون: در سخاوت و احسان.
فصل ڏهون: در انجاح حاجات.
فصل يارهون: در مشاورت.
فصل ٻارهون: در حذم.
فصل تيرهون: در غيرت:
فصل چوڏهون: در سياست.
فصل پندرهون: در تيقظ و خبرت.
فصل سورهون: در فراست.
فصل سترهون: در ڪتمان اسرار.
فصل ارڙهون: در فرصت و طلب نيڪنامي.
فصل اڻويهون: در صحبت اخيار.
فصل ويهون: در دفع اشرار.

اهو پھريون حصو 456 صفحن ۾ آهي. هر عنوان هيٺ جا بجا، مثال طور، مصنف سنڌ جا واقعا بيان ڪيا آهن، ۽ اڪين ڏٺا احوال لکي، انهن جي روشنيءَ ۾ بادشاهہ کي سمجهاڻيون ڏنيون اٿس. اخلاق و آداب، خواهہ ملڪي سياست جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هيءَ ڪتاب اڄ بہ اهڙو مفيد آهي، جهڙو شاهہ جهان جي زماني ۾ هو: "سياست نامہ" ۽ "قابوس نامہ" کان وڌ زندهہ رهڻ

۾ مطالع ۾ اچڻ جو حقدار آهي.

ڪتاب جو ٻيو حصو 346 صفحن جو آهي، جنهن ۾ خالص سنڌ جو احوال آهي، جنهن جا عنوان هن طرح آهن:

باب اول: در بيان احوال ملڪ بکر.

باب ٻيون: در بيان ملڪ سيوي.

باب ٽيون: در بيان احوال ملڪ تتہ.

باب چهارم: در بيان احوال ملڪ سهوان. انهيءَ باب ۾ هيٺين طرح پنج فصل آهن:

فصل پهريون: در بيان احوال پر گنجات اين ملڪ ازروي اجمال.

فصل ٻيون: در بيان متمردان و مفسدان اين ملڪ.

فصل ٽيون: در بيان خرابيءَ رعيت ملڪ سهوان وقوت گرفتن متمردان.

فصل چوٿون: در ترتيب ملڪ سهوان ازروي اجمال.

فصل پنجون: در تدبير فرونشاندن آتش نمرود و مفسدان ملڪ سهوان.

مصنف جيئن تہ سيوهڻ جو هو ۽ سيوهڻ ۾ تيل ظلمن ڪانئس ڪتاب لکرايو، تنهنڪري مٿين پنجن فصل ۾ هن تفصيل سان هر معاملي تي لکيو آهي. پهرين ٽن بابن ۾ بہ جيتوڻيڪ اختصار کان ڪم ورتو اٿس، ليڪن جيڪي ڪجهہ لکيو اٿس، سو بلڪل نئون ۽ از حد قيمتي آهي. سيوهڻ ۾ آيل مغل جاگيردارن جي فهرست پهريون دفعو اسان کي هن ڪتاب جي ذريعي ملي ٿي.

سيوهڻ جي سلسلي ۾ لکي ٿو تہ 'مصنفن ڪتاب ۽ تاريخون صرف ڪٿين ٻڌيل واقعن تي لکيو آهن، ليڪن هن جيڪي احوال ڏنا آهن، سي سندس اکين ڏٺل ۽ سندس روبرو وقوع پذير آهن'-

..." احوال ملڪ سهوان ر اکثر اين خانہ زاد بحسن بصر مشاهده نموده، و سبب آباداني و ويرانيءَ و را تجربہ دانستہ. و احوال ممالڪ ديگر بحس سامع درڪ ڪرده. و از بصر تا بسمع فرق بسيار است: بنا بران خواست ڪہ صورت احوال اين ملڪ را از معموري و ويراني در لباس عمل هر يڪ از جاگيرداران اين ملڪ نمايد. و نتيجہ عمل نيڪ و بد ظاهر گردد و خاطر شان شود." [1]

---

[1] "مظهر" ص. 2/351.

مصنف مثال ڏيندي چوي ٿو تہ 'هُن ڪتاب انهيءَ سبب ڪري لکيو، جو هيءُ ملڪ لاوارث ٿي ويو هو، ۽ بيداد نگري ٿي رهي هئي'-

..."ڪار ملڪ بجاي رسيد ڪہ ملڪ نا پرسان و ملڪ بي
دادان و ملڪ بيڪسان شد".

مثلاً:

- 'جيڪڏهن جاگيردار ناحق ۽ سو ماڻهو ڪهائي ڇڏي ٿو، يا شهرن جا شهر تاراج ڪري ڇڏي ٿو، تہ ڪوبہ هٿ روڪڻ وارو ڪونہ اٿس، ۽ نہ ڪنهن جي پڇا جو ڪيس پؤ آهي.

-'جيڪڏهن ڪو مظلوم سوَن ڪوهن جي مسافت جا ڏک ڏاکڙا سهي، دربار تائين پهچي، پنهنجي حق رسيءَ لاءِ فرمان وٺي اچي ٿو، تہ هتي ان ڪي ليکيو بہ نہ ٿو وڃي، بلڪ الٽو انهيءَ غريب سان دشمني ڪئي وڃي ٿي، ۽ چُغلن جو مکو مچي پوي ٿو، ۽ آخر ٿوري عرصي اندر جاگيردر ان ڪي تهس نهس ڪري ڇڏي ٿو.

-' جيڪڏهن ڪو جاگيردار رعيت يا معززن ڪي پائمال ڪري ٿو، تہ هتي ڪوبہ ڪيس حق چوڻ وارو ڪونہ آهي. قاضي هجي، قانون گوهجي، خواهہ ڪو عزت پريو ارباب ئي چو نہ هجي، هر ڪو خوف ڪان جان بچايو، دفع الوقتي ڪيو وينو آهي.

..." بلڪہ هر ڪس دفع وقت خود ڪرده ميگردد، و
بيگفتن نفسي نفسي احوال قيامت را مشاهده ميڪند."

-'جيڪڏهن ڪو ظالم جاگيردار ڪنهن زميندار تي مهرباني جي نظر ڪري، ڪيس پنهنجو هٿ نوڪيو ناهي ٿو، تہ اهو وري پنهنجي روءِ سوءِ ملڪ ۾ ٻارڻ ٻاري ڇڏي ٿو.'

ميرڪ لکي ٿو تہ 'شمشير خان جي وڃڻ کان پوءِ، جاگيردارن ايترا ظلم شروع ڪيا، جو ڪنهن بہ جاگيردار واقع نويس ڪي پنهنجي حد ۾ رهائڻ پسند نہ ڪيو. ديندار خان جي دور ۾ نعمت الله واقع نويس بکر ڪان آيو، ۽ سيوهڻ جي قلعي جي بلڪل هينان ڪيس ڏينهن ڏٺي جو قتل ڪيو ويو، ۽ ڪنهن ڪچيو بہ ڪونہ تہ ماڻهو مئو يا جانور. مانسنگ واقع نويس پنهنجو گماشتو، عبدالباقي، بکر ڪان موڪليو، ليڪن چند ڏينهن سيوهڻ ۾ رهڻ بعد بيزار ٿي،

پڇي هليو ويو. بئي دفعي نٽي جي بخشيءَ پنهنجي گماشتي کي واقع نويس ڪري موڪليو. ليڪن دیندار خان ڪيس پير ڪوڙڻ بہ ڪونہ ڏنا'.

لکي ٿو تہ 'جيڪڏهن طمع، لالچ ۽ ظلم ڪرڻ جي عادت جاگيردارن ۾ نہ هجي، ۽ سندن دامن پاڪ صاف هجي، تہ پوءِ هو واقع نويس کي رهائڻ کان ڇو ڊڄن'-

"پس اگر طمع ظلم درميان نباشد، بودن واقع نويس چہ نقصان دارد؟"[1]

بادشاه کي مشورو ڏيئي، ۽ آخر ڪيس مخاطب ٿي، چوي ٿو تہ 'جيڪڏهن سنڌ کي ائين هلايو وڃي جيئن هن عرض ڪيو آهي، تہ پوءِ جلد آباد ٿي ويندي، ڇاڪاڻ تہ هندستان جي بين صوبن ۽ خطن کان هر لحاظ سان سنڌ بهتر آهي. رعيت غريب، ماڻهو خدا ترس ۽ راڄ رعيت نيڪدل ۽ جاگيردارن جي ڇڪ ڇيڙ سهڻ جهڙي نہ آهي.'[2] آخر ۾ بادشاه کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

"کمترين خانہ زادان ميگويد کہ مقصود از اطناب کلام در بيان احوال ملک سهوان اينست کہ تربيت ابن ملک را ز روي تدبيري کہ مفصل شد، نمايند، تا ملک رو بہ آباداني بيارد، و متمردان استيصال يابند، و اهل گردند، و خاطر بواسطہ معموري اين ملک از جميع ولايت سند جمع شود."

ڪتاب جو نالو "مظهر شاه جهاني" مصنف پاڻ مقدمي ۾ ڄاڻايو آهي. لکي ٿو تہ 'و نام نهاد اورا "مظهر شاه جهاني"- متن ۾ هڪ هنڌ ان جو نالو "مظهر التدبير" بہ لکي ٿو-

و لحمدلله و المنة کہ بمقتضي اين بيت:

الاهي تو بر نيتم آگهي
چو نيت بخير است خيرم دهي

نسخہ 'مظهر التدبير' با اتمام رسيد.[3]

ڪتاب جو جيڪو واحد نسخو اسان جي سامهون آهي، ان جو اختتام ڇنڇر 19 - محرم، 1044 ھ ۾ ٿيو. آخر ۾ آهي-

---

(1) "مظهر" 353/2.
(2) "مظهر" 394/2.
(3) ص. 232/2.

”وقدتم الڪتاب بعون الملڪ الوهاب يوم السبت وقت
ظهر في تسع عشرين شهر محرم الحرام سن الف و اربع و
اربعون من الهجرة النبويہ عليہ افضل الصلواة و التحيات“.

متن ۾ بہ چند جاين تي مصنف واقعات جي سلسلي ۾ اهوئي سال ڇاٽايو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مصنف 1044 هہ جي محرم ۾ ڪتاب شروع ڪري، 19 تاريخ ساڳئي مهيني ختم ڪيو. حيرت آهي چند ڏينهن ۾ مير صاحب 8،4 صفحن جو ڪتاب (سائيز ساڍا پنج انچ - تيرنهن سٽون صفحو) ختم ڪري، زود نويسيءَ جو لازوال مثال قائم ڪري ڇڏيو.

1038 ھ ۾، مصنف ڪتاب لکڻ جو خيال ڪيو، ليڪن ياتئجي تو تہ 6 سال ڪن ڪيس موقعو ميسر تي نہ سگهيو. ۽ آخر 1044ھ جي پهرين مهيني جي چند ڏينهن ۾، ڇهن سالن جي پراڻي آرزو پوري ڪيائين. ڪتاب جي ٻاهرئين هڪ خالي صفحي تي غالباً مصنف جي ئي هٿ اکرين هڪ عبارت لکيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ٻاڻ اهو ڪتاب مير ابوالبقا جي پٽ، يعني پنهنجي ڀائٽي مير ضياء الدين يوسف، کي 1048 ھ سال ۾ ڏنو. عبارت هيءَ آهي:

هوالفياض

”قد و قفت علي بيد اڪبر ابناء الاخ الڪبير ابي البقا
الملقب با مير خان سلمہ الله تعاليٰ بل افضلهم بتحقيق
ضياء الدين يوسف في شهور ثمانيۃ وار بعين و الف من
الهجرة النبويہ عليہ افضل الصلواة .......“[1]

نقطن واري عبارت ڪتاب جي مارجن ۾ ڪتجي ويئي آهي، ممڪن آهي انهيءَ هنڌ مصنف جي پنهنجي صحيح هجي.

**وفات:**

ميرڪ يوسف ڪڏهن وفات ڪئي، ۽ ڪٿي دفن ٿيو، ان جو پتو هن وقت تائين پئجي ڪونہ سگهيو آهي. ممڪن آهي تہ سيوهڻ سندس مدفن هجي، يا وري سندس وفات ٺٽي ۾ ٿي هجي، جتي 1057ھ تائين سندس ڀاءُ امير ابوالبقا صوبيدار هو. ۽ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ مڪليءَ تي مٽيءَ

(1) ”مظهر شاه جهانيءِ“ کي راقم الحروف ايڊٽ ڪيو آهي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي رهيو آهي. اميد تہ عنقريب تاريخ سان دلچسپي رکندڙ دوست جي هٿن تائين اهو بيش بها ڪتاب پهچي ويندو.

پنوڙو لڏو هجائين، چونڪ قبرستان زبون تي ويو آهي، ڪيتريون قبرون زمين دوز ٿي چڪيون آهن، ۽ ڪيترن مقبرن جا ڪتبا ڊهي ويا آهن، تنهنڪري اهو ڄاڻڻ تہ سندس مزار ڪهڙي آهي، سرِ دست ناممڪن آهي.

**عقيدا:**

"مظهر شاهہ جهانيءَ" ۾ ميرزا يوسف جي مظالمن جو ذڪر ڪندي، ميرڪ يوسف هُن لاءِ لکي ٿو تہ:

"ظاهرا در مذهب اهل تشيع آزار مردمِ اهل تسنن عبادت خوب است".

انهيءَ عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ امير خاني ساداتن جو سمورو خاندان سني عقيدي جو هو.

# مير عبدالڪريم امير خان سنڌي

مير عبدالڪريم، ابوالبقا امير خان جو غالباً ٽيون نمبر پٽ هو. ضياءُ الدين يوسف ۽ مير عبدالرزاق ڪانئس وڏا هئا [1]. پڻ پيڙهين کان سنڌ ۾ بود و باش اختيار ڪرڻ سبب، مؤرخن مير عبدالڪريم ڪي "سنڌيءَ" جي نسبت سان ياد ڪيو آهي. [2]

**عالمگير جي ملازمت:**

مير صاحب جي ابتدائي زندگيءَ جو پتو ڪونہ ٿو پوي، تاريخ ۾ سندس نالو عالمگير وٽ ملازم ٿيڻ بعد اچي ٿو.

چنانچہ "ماثرالامراءَ" ۾ لکي ٿو تہ:

"چون عروج دولت و صعود ثروت در طالع اومودع دست تقدير بود-"

تنهنڪري 25 سال عالمگيري (1093 ھ) ۾، جڏهن تہ بادشاھ اورنگ آباد ۾ مقيم هو، مير عبدالڪريم سندس حضور ۾ پيش ٿيو، ۽:

"مومئ اليہ منظور نظر تربيت خسرواني گشت".

سڀ کان پهريائين مير صاحب ڪي "داروغہءُ جانماز" مقرر ڪيو ويو، ۽ ساڳئي وقت "امانت هفت چوڪي" جي خذمت بہ سندس سپرد ٿي. اهي ٻيئي عهدا اُهي هئا، جيڪي بادشاھ جي خاص ذات سان تعلق رکندڙ هئا، جنهنڪري مير صاحب ڪي عالمگير جي بلڪل قريب رهڻ جو موقعو ملي ويو. "ماثر" لکي ٿو تہ انهيءَ قرب ۽ ويجهڙائيءَ سبب مير صاحب جون خذمتون بارگاھ شهنشاهيءَ ۾ مقبول پئجي ويون، ۽:

"چون پيش آمد و ترقي او مذڪور خاطر بادشاهي بود".

'داروغہءُ نقاش خانہ' جو عهدو بہ سندس حوالي ٿيو، ۽ اهڙيءَ طرح ٿوري ئي عرصي ۾ ايترو مقبول خاطر ٿي ويو، جو پي در پي ٿي اهم خذمتون حاصل ڪري ورتائين.

---

(1) "ماثرالامرا" ص. 304/1.
(2) "ماثرالامرا" ص. 303/1.

28 سال عالمگيريءَ (1096 هـ) ۾ ڪانئس ڪا معمولي غلطي ٿي، جنهنڪري "جانماز" جي داروغي ڪانئس واپس ورتي ويئي، ليڪن چند ڏينهن بعد "عنايات خسرواني" جي بدولت، ساڳئي عهدي تي فائز ٿي ويو.[1]

**حيدرآباد جي سفارت:**

29 سال عالمگيريءَ (1096 هـ) ۾، شهزادو شاهه عالم بهادر، خان جهان سان گڏ، ابوالحسن والي تلنگانـہ جي معرڪي لاءِ روانو ٿيو. معمولي مقابلي ۾ ڪشمڪش بعد حيدرآباد تي شاهي لشڪر جو قبضو ٿي ويو. عالمگير انهيءَ غير معمولي فتح جي خبر ٻڌي، مير عبدالڪريم کي منتخب ڪيو تہ فاتح شهزادي ۽ ٻين سردارن ڏانهن شاهي خلعتون ۽ انعام اڪرام کڻي وڃي. مير صاحب شاهي تحائف کڻي، منزل مقصود ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن حيدرآباد کان ڇئن ڪوهن تي سندس قافلو پهتو، ان وقت اوچتو شيخ نظام حيدرآبادي، سپاهين جو وڏو ڪٽڪ وٺي، اچي مٿان ڪڙڪيو. مير صاحب جا ماڻهو مقابلي لاءِ تيار ڪونہ هئا. جنهنڪري نظام جو لشڪر کين زير ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو: ڪيترا ماڻهو شهيد ٿيا ۽ ڪيترا شديد زخمي ٿيا. ۽ شاهي تحائف ۽ ٻيو سمورو سامان فاتح لشڪر لٽيو ڦريو. شهيدن ۽ زخمين کي ميدان جي حوالي ڪيون هليو ويو.

انهيءَ اوچتي حملي ۾ عبدالڪريم پاڻ بہ سخت زخمي ٿي پيو. نظام جي سپاهين کيس انهيءَ حالت ۾ کڻي وڃي ابوالحسن جي پيش ڪيو، جنهن رات جي اونداهيءَ ۾، شاهي لشڪر گاهہ وٽ کيس ڦٽو ڪرائي ڇڏيو. محمد مراد حاجب کي مير صاحب جي حالت جي خبر پئجي ويئي، جنهن اتان کڻائي کيس وڃي پنهنجي جاءِ تي رهايو. علاج معالجي بعد، جڏهن مير صاحب هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو، ان وقت شهزادي جي حضور ۾ حاضر ٿيو. سوڪڙيون ۽ سوغاتون تہ ڦرائي ويٺو هو. باقي نياپا سنيها جيڪي مليل هئس، سي شهزادي جي گوش گذار ڪري، سفارت جي فرائض کان سبڪدوش ٿيو.

خان جهان انهيءَ وقت شاهي دربار ڏانهن واپس ٿيڻ لاءِ تيار هو. مير صاحب زياده وقت شهزادي وٽ رهڻ جي ضرورت نہ سمجهي، خان جهان سان گڏ شاهي دربار ڏي موٽيو.

---

(1) "ماثرالامرا" ص. 303/1.

### لشڪر جي ڪروڙي گري:

گولڪنڊي جي محاصري وقت، شريف خان دڪنيءَ کي صوبن مان جزيہ وصول ڪرڻ تي مقرر ڪيو ويو، ۽ سندس جاءِ تي، شاهي لشڪر جي "ڪوڙي گري" مير عبدالڪريم جي حوالي ڪئي ويئي، ۽ ساڳئي وقت جرماني وصول ڪرڻ جي داروغي بہ سندس سپرد ٿي.

### "ملتفت خان" جو خطاب:

ڪروڙي گريءَ جي سلسلي ۾، مير صاحب پنهنجي حسن خدمتيءَ جا خوب جوهر ڏيکاريا. "شاهہ دين پناهہ" مٿس بيحد راضي ٿيو، ۽ کيس "ملتفت خان" [1] جو خطاب عنايت ڪيائين. خواجہ حيات خان جي انتقال سبب "آبدار خاني" جو عهدو خالي هو، اهو بہ سندس سپرد ڪيو ويو. اهي سڀ عهدا ۽ لقب کيس 36 سال عالمگيريءَ (1104 هہ) کان اڳ مليا. ڇٽيهين سال ۾ "داروغگي خواصان" جو عهدو کيس عنايت ٿيو. "ماثرالامرا" لکي ٿو تہ:

"بخدمت قرب رتبت داروغگيءِ خواصان از انتقال انور خان پسر وزير خان شاهجهاني، و از اصل و اضافہ بہ منصب هزاري، سر عزت بر افراخت، در تقرب و مزاج داني محسود اماثل شد." [2]

- يعني تقرب سبب ايترو مقبول ٿيو، جو سندس منصب بہ وڌي "هزاري" تائين پهتو، ۽ "داروغہءِ خواصان" جو اهم عهدو بہ کيس مليو.

### خطاب ۽ القاب:

بادشاهہ جي مزاج ۾ مير صاحب پنهنجي غير معمولي صلاحيتن سبب پورو دخل حاصل ڪري چڪو هو، عزت ۽ منصب ۾ جلد جلد ترقي ڪندي، ڪٿان جو ڪٿان وڃي پهتو: پهريون "داروغہءِ جانماز" ٿيو، پوءِ "امانت هفت چوڪي" جي خدمت سندس سپرد ٿي، ان بعد، "نقاش خانہ" جي داروغي حاصل ڪيائين، حيدرآباد جي سفارت تان موٽي اچڻ بعد، کيس لشڪر جي "ڪروڙي گري" ملي، ۽ ساڳئي ئي وقت جرماني وصول ڪرڻ جي داروغي بہ سندس سپرد ٿي، سڀ کان پهريون "ملتفت خان" جو لقب کيس مليو، 45 سال عالمگيريءَ

---

[1] "تحفة الڪرام" مير ابوالبقا جي پٽن ۾ سلطنت خان کي عبدالڪريم خان کان جدا پٽ سمجهيو آهي، ليڪن اها سندس غلطي آهي: ملتفت خان نالي مير ابوالبقا کي ڪوبہ پٽ ڪونہ هو.

[2] "ماثرالامرا"، ص. 306/1.

(1113هہ) ۾، "خانہ زاد خان" جي خطاب جو متس اضافو ٿيو. ۽ ان کان پوءِ ستت ئي "مير خان" جو خطاب مليس، ۽ 48 سال (1116 هہ) ۾، جڏهن تورنا جو قلعو فتح ٿيو. ان وقت پنهنجي موروثي خطاب، "امير خان"، تي وجي پهتو.

انهيءَ خطاب جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن ازراه تلطف بادشاهہ کيس چيو تہ 'تنهنجي والد کي جڏهن اهو خطاب مليو، تڏهن هن هڪ هزار في سال جي مناسبت سان، هڪ لک رپيا بادشاهہ جي نذر ڪيا هئا. هاڻي ساڳئي خطاب ملڻ تي تون ڪيترو نذر پيش تو ڪرين!' مير صاحب دست بستہ عرض ڪيو تہ:

"هزار هزار جان فداي ذات مقدس باد. جان و مال همہ تصديق حضرت است." [1]

- يعني، 'اوهان جي ذات مقدس مٿان هزارين ساهہ صدقو ڪريان، منهنجي جان ۽ منهنجو سڄو مال ملڪيت اوهان تان گهور آهي!' بادشاهہ سندس ان جو جواب تي ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي ڏينهن مير صاحب ياقوت مستعصميءَ جي هٿ جو لکيل بيش قيمت ڪلام مجيد، عالمگير کي هديہ طور پيش ڪيو. بادشاهہ اٿي کڻو ٿيو، چمي اکين تي رکيائين، ۽ ازخد خوشيءَ مان فرمايائين تہ: "أمير خان تو اهڙي سوکڙي مون کي ڏني، جنهن جي قيمت ۾ ٻيئي جهان بہ پورا پئجي نہ ٿا سگهن." [2]

'واڪن کيره' جي فتح بعد "ماثرالامرا" ۾ آهي تہ:

"بافزونيءِ پانصدي از اصل و اضافہ بمنصب سہ هزاري ڪامياب دولت گرديد."

- يعني، 'سندس اصلي منصب ۾ اضافو ڪري سہ هزاريءَ جي درجي تي پهچايو ويو'.

**مقرب خاص:**

مير صاحب جو بخت ياور ۽ اقبال بلند نہ اصل کان ئي هو. ملازمت ۾ اچڻ سان ئي بادشاهہ جي مزاج ۾ دخل حاصل ڪري ورتائين. خاص عهدن جي ڪري شروع کان وٺي بادشاهہ جي ويجهو رهڻ لڳو. ليڪن بادشاهہ جي آخري زماني ۾ تہ سندس تقرب انهيءَ حد تائين وڌي ويو، جو رات ڏينهن ۾ ڪنهن بہ

---

[1] "ماثرالامرا"، ص. 306/1.

[2] "ماثرالامرا"، ص. 306/1.

وقت بادشاھ کان جدا نہ ٿيندو ھو. ”ماثرالامرا“ تصديق ڪندي لکي ٿو تہ:

”در مصاحبت و محرميت فرق نداشت، چہ شب و روز بہ باريابيءِ حضور تفوق مي اندوخت.“

”ماثر عالمگيريءَ“ جي حوالي سان ”ماثرالامرا“ ۾ آھي تہ، واکن کيري کان ٿن ڪوھن جي فاصلي تي ديوار پور جي مقام وٽ بادشاھ سخت بيمار ٿي پيو، ۽ مرض انھيءَ حد تائين شدت اختيار ڪئي، جو اکثر بيھوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا، ۽:

”از آنجا (ڪہ سن بہ نود رسيده) ياسي تمام بمردم رو آورد، نزديڪ بود ڪہ از ھول آن حادثہ ملڪ بھم برآيد.“

انھيءَ حالت جو بيان ڪندي، امير خان عبدالڪريم جو قول آھي تہ ’ھڪ ڏينھن بادشاھ اک کولي ۽ انتھائي ضعف ھوندي ھينيان شعر جھونگارڻ لڳو‘:

”بھشتاد و نود چون در رسيدي
بسا سختي ڪہ از دوران ڪشيدي
وز آنجا چون بصد منزل رساني
بود مرگي بصورت زندگاني“

امير خان اھي شعر ٻڌي، کيس عرض ڪيو تہ ’حضور، شيخ ”نظامي گنجوي“ عليہ رحمتہ انھن شعرن جي تمھيد ۾ ھڪ شعر چيو آھي-

”پس آن بھتر ڪہ خود را شاد داري
دران شادي خدا را ياد داري.“

شھنشاھ فرمايو تہ ’وري پڙھہ!‘ ہہ ٽي ڀيرا شعر پڙھيو. حڪم ٿيو تہ ’ڪاغذ تي لکي ڏي!‘ مير صاحب حڪم جي تعميل ڪئي. اھو ڪاغذ سامھون جھلي، بادشاھ بار بار انھيءَ شعر کي پڙھيو. امير خان جو قول آھي تہ ’صحت بخشيندڙ خدا پاڪ، بادشاھ کي قوت ۽ توانائي عطا فرمائي.‘ ٻئي ڏينھن بادشاھ سلامت پاڻ ھلي اچي ”ديوان مظالم“ ۾ وينو، ۽ مير صاحب کي فرمايائين تہ ”تنھنجي ٻڌايل شعر جي اثر مون کي ڪامل صحت بخشي، ۽ مون ۾ فوراً غير معمولي توانائي ۽ قوت اچي ويئي“. ”ماثرالامرا“ اھو واقعو لکندي، ھنن الفاظن ۾ مير صاحب جي تعريف ڪئي آھي:

”خان مذڪور بجودت فھم و ادراڪ و شگرفيءِ

حيثيت و بلنديءُ استعداد (ڪہ ازان بہ قابليت
تعبير رود) ممتاز بود." [1]

**عظمت ۽ وقار:**

بادشاھ جي بي حساب عنايتن، مهربانين، ۽ هر وقت جي نوازشن مير صاحب جو مرتبو آسمان تائين پهچائي ڇڏيو هو. اهي عنايتون ۽ شاهي مرحمتون بنا سبب ڪونہ هيون. مير صاحب پنهنجو بہ وڏو استعداد هو، ۽ خدا ڪيس غير معمولي صلاحيتون بخشيون هيون، جن بادشاھ، خاص ڪري عالمگير جهڙي خشڪ مزاج ۽ سنجيدہ طبيعت واري شهنشاھ، جي دل ڪي موهي وڌو. امير ۽ وزير، سرڪردا ۽ سردار، بادشاھ جو قرب ڏسي، مير صاحب جو ڏاڍو تواضع ۽ احترام ڪندا هئا، ۽ پاڻ بہ هميشه ساڻن سٺو هلندو هو. سڄيءَ زندگيءَ ۾ نہ ڪنهن جي مخالفت ڪيائين ۽ نہ ڪنهن سان وير وَڌِ وڌائين، جيترو پڳس سڀ سان چڱائي ڪيائين. "ماثرالامرا" جي مصنف جو قول آهي تہ 'امير خان جي عزت ۽ احترام نہ فقط اَمير اُمرا ڪندا هئا، بلڪ شهزادا بہ جڏهن وٽس ايندا هئا، تہ سندن نگاهون ادب مان هميشه هيٺ هونديون هيون'، ۽:

"امير زاد هاي خاندان در جلو او راه مي رفتند."

- يعني، 'جڏهن نڪري ڪيڏانهن هلندو هو، تہ شهزادا بہ ساڻس گڏجي هلڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا'. شاهي حڪم مطابق، پالڪيءَ ۾ سواري ڪرڻ جو اعزاز پڻ مير صاحب کي حاصل هو. "ماثرالامرا" جي مؤلف مير صاحب جي عظمت، شان ۽ مان جو تصور هنن لفظن ۾ ڪدي آهي:

"چون مواد پندار و خود آراي آماده داشت، ڪلہ گوشہٴ نخوت برسر بي نيازي ڪج مي گذاشت، و با ڪم منصبي از جميع نوئينان بلند مقدار يڪسر و گردن بر خود مي ماليد، اميرزادهاي خاندان درجلو او ره مي رفتند، نگاه درست بجانب ڪسي نمي ڪرد. نقش ڪہ عمدهاي دست نگر و منت پذير او بودند. چون حڪم شده بود ڪہ سواي

[1] "ماثر"، ص. 307/1.

ڪسي ڪہ پالڪي بہ او از سرڪار بادشاهي عنايت شده،
ديگري از بادشاهزاده و امرا پالڪي سوار در "گلال باري"
نيامد. پس از چندي جملتہ الملڪ اسد خان، و او (ڪہ دران
وقت ملتفت خان بود) بہ اجازت سوار آمدن فرق افتخار
افراختند. بعد ازان بهره مند خان و مخلص خان و روح الله
خان مجاز گشتند. ازين جا رتبہٴ او توان شناخت، ڪہ قدر
در دل بادشاه جا ڪرده. در ديانت هم قدم مين گذاشت،
اهل روزگار بفرمائش او جنس هر ديار بقيمت نصف و ثلث
ارسال مي ڪردند، ديده و دانستہ نگاه مي داشت، و در
پرده قدغن استيعاب حصص ازو مي نمود". [1]

**عالمگير جي وفات ڪان پوءِ:**

مير صاحب جي قدردان ولي نعمت، بادشاه عالمگير، سنہ 1118 هہ [2] ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ شهزادن ۾ تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ لاءِ ايترو ڪشت خون چالو ٿيو، جو مغل سلطنت جي سموري در و ديوار زلزلي ۾ اچي ويئي. ٻن سالن ۾ ٻہ شهزادا تخت تي ويٺا: پهريون اعظم شاهہ ۽ ڪن پوءِ ڪام بخش. 1120 هہ تائين ٻيئي ختم ٿيا، ۽ ڇئن پنجن سالن لاءِ شاهہ عالم بهادر شاهہ سلطنت جو وارث ٿيو. 1124 هہ ۾ جهاندار معزالدين ۽ فرخ سير آيا. 1131 هہ ۾ هڪ سال اندر ڇئن شهزادن تخت ماٽيو. اهڙيءَ طرح جنهن سلطنت جو بنياد بابر جي هٿن سان پيو، اڪبر اعظم ان کي سينگاري سنواري بيهاريو، جهانگير ۽ شاهجهان ان کي استوار ڪيو.- عالمگير جي پٺن ان کي نهوڙي نگوسار ڪرڻ شروع ڪيو.

مير صاحب لاءِ ڏاڍي مشڪل هئي، ڪنهن جو طرف وٺي، ڪنهن سان وڙهي، ۽ ڪنهن جي لاري لڳي. جيترو وقت شهزادو محمد اعظم گواليار ۾ رهيو، اوترو وقت هو وٽس رهيو. جڏهن بهادر شاهہ 1119 هہ ۾ تخت تي وينو، تڏهن وٽس اچي شاهي اميرن ۾ داخل ٿيو. بادشاهہ تخت تي ويهڻ سان امير امرائن کي انعام اڪرام ڏنا.

---

[1] "ماثرالامرا"، ص. 308/1.

[2] وفات 28 ذي القعد 1118 هہ (3 مارچ 1707ع) احمد نگر ۾ ڪيائين ۽ عمر 89 ورهيہ هئس.

"امراي عهد سلف از مخلص و مخالف بافزوني ٔ مناصب ڪام دل افروختند." [1]

ان وقت مير صاحب بہ شاهي لطف ۽ ڪرم سان سرفراز ٿيو.

"از اصل و اضافہ بمنصب سہ هزاري پانصد سوار مورد سرحمت شد."

مير صاحب کي منصب تہ حاصل ٿيو. ليڪن اهو اڳيون شان و شوڪت خود بادشاهيءَ ۾ ڪونہ هو تہ مير صاحب ۾ ڪٿان ايندو! جيڪي ڏينهن عالمگير وٽ ڏٺا هئائين، سي هن دور ۾ ڪٿان هئا! "ماثر" سچ لکيو آهي تہ:

"آن قرب و مصاحبت ڪو؟ و آن ناز و تبختر با ڪ؟"

**اڪبر آباد جي قلعيداري:**

دربار جو اهو رنگ، ۽ شاهيءَ جي اها بي بقائي ڏسي، مير صاحب دربار ۾ رهڻ مناسب نہ ڄاتي، اڪبر آباد جي قلعيداري حاصل ڪئي، ۽ اڪبر آباد پهچي، هن تنهان ئي زياده گوشہ نشينيءَ جي زندگي گذارڻ شروع ڪئي. منعم خان خان خانان قديمي دوستيءَ جي بناء تي ڪيس اڪبر آباد جي صوبيداري بہ وٺي ڏني، ليڪن ٿوري عرصي بعد، اها ڪانئس واپس ورتي ويئي.

**فرخ سير جو عهد:**

محمد فرخ سير جي زماني (24- 1131 هہ) ۾، جڏهن سادات بارها جو اقتدار وڌيو، ۽ ان وقت عالمگيري اميرن جي هڪ دفعو وري قدر افزائي شروع ٿي، عنايت خان، حميدالدين خان، محمد نياز خان، وغيره دوباره دربار ۾ اچي پهتا. مير صاحب کي بہ آگري مان گهرائي، بادشاهہ پنهنجي حضور ۾ 'خواص جو داروغو' ڪري رکيو. جيسين فرخ سير تخت نشين رهيو، تيسين مير صاحب انهيءَ عهدي تي قائم رهيو. 1131 هہ ۾، سيدن فرخ سير کي معزول ڪري، رفيع الدرجات کي هٽ نوڪيو بادشاهہ ڪري رکيو، ڪين اهو بہ پسند ڪو نہ آيو. ۽ ساڳئي سال اندر ٽن بين شهزادن کي ٿورن ٿورن ڏينهن لاءِ تخت تي ويهارياٿون. اهڙيءَ طرح، پنهنجي اقتدار خاطر هنن تيموري (مغليہ) تخت

---

[1] "ماثرالامرا"، ص. 309/1.

سان انهيءَ قسم جي بازيگري ڪرڻ شروع ڪري ڏني. انهيءَ زماني ۾ مير صاحب نہ فقط سيني بلائن کان محفوظ رهيو، بلڪ ساداتن سان سنئي تعلق هجڻ جو سبب سندس مرتبي ۾ خاص اضافو ٿيندو رهيو. افضل خان صدرالصدور کي سيدن معزول ڪري، مير صاحب کي انهيءَ جاءِ تي آندو، اهڙيءَ طرح جيسين سادات برسر اقتدار رهيا، ۽ جيسين مير جيئرو رهيو، سندس مان مرتبي کي خدا محفوظ رکيو. سيدن ۽ مير صاحب جي تعلق جو ذڪر ڪندي، "ماثرالامرا" جو مصنف لکي ٿو تہ:

"قطب الملک بمراعات پيشين رتبہ ٔ تعظيم و توقير او از
دست نميداد، و بر گوشہ ٔ مسند خود مي نشاند." [1]

**انتقال:**

مير صاحب جي وفات ڪڏهن ٿي، ان لاءِ اسان کي ڪوبہ اطلاع ملي ڪونہ ٿو سگهي. "ماثرالامرا" جي لکڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب صدرالصدوريءَ جي عهدي تي پهچڻ کان پوءِ ستت ئي انتقال ڪيو. انڊيا آفيس جي ڪئٽلاگ، مسٽر ايٿي، جو بہ اهوئي خيال آهي، لکي ٿو تہ '1131 هہ ۾ يا ان کان ٿورو پوءِ سندس وفات ٿي.' [2] "سفينہ خوشگو" ۾ بہ مصنف اهوئي لکيو آهي تہ مير صاحب جو انتقال محمد شاهي دور جي شروعات (1121 هہ) ۾ ٿيو. [3]

مسٽر ڪزنس، مڪليءَ واري امير خاني قبرستان ۾، جنهن امير خان جي قبر جو اشارو ڪيو آهي ۽ سندس خيال مطابق اها ميرابوالبقا جي هئي، سا ممڪن آهي تہ مير عبدالڪريم امير خان جي هجي، چوديواريءَ جي احاطي اندر هڪ مزار آهي جنهن تي ڪتبو آهي:

محـرران عملهـاي ملــک نـامش را
نمـوده انـد بطـور مـار مغفـرت تحريـر
ز بهر سال وفـاتش بسـو ز دل همہ وقت
بخوان دو مرتبہ اين لفظ"يا امير امير" 1026 هہ

513+ 2 = 1026هہ

---

[1] "ماثر" ص. 310/1.
[2] "ڪئٽلاگ انڊيا آفيس"از:ايٿي، ص140/1.
[3] خدا بخش لئبرريءَ جي فهرست - "سفينہ خوشگو" ورق 97، نمبر690.

گمان آهي تہ مسٽر ڪزنس انهيءَ ڪتبي جي لفظ "امير" مان 'امير خان' جو شگوفو ڪڍي، اهو خيال ڪيو هجي.

اسان جو پنهنجو خيال آهي تہ مير صاحب گهٽو ڪري دهليءَ ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفن ٿيو هوندو، پر جيڪڏهن اتان سندس لاش ٺٽي پهچي، مڪليءَ جي انهيءَ قبرستان ۾ دفن ٿيو تہ پوءِ سندس قبر اها هجڻ گهرجي، جيڪا هن وقت انهيءَ چوديواريءَ جي ٻاهران ڏکڻ طرف، چند قدمن تي، هڪ مٿيءَ جي مٿاهين ڍير تي آهي، ۽ جنهن جي سيرانديءَ ڪان لوڙهہ تي لکيل آهي: "هو الڪريم." هن وقت فقط خوبصورت مزار موجود آهي، ليڪن معلوم ٿئي ٿو تہ ان تي ڪنهن وقت جدا گنبذ نهيل هو. هن وقت قبر جا ڪتابہ موجود ڪونہ آهن، جيڪي غالباً اتان ڪڇي ويل آهن، يا ممڪن آهي تہ مٿيءَ جي انهيءَ ڍير ۾ مدفون هجن.

**علم و فضل ۽ شاعري:**

مير علي شير "قانع"، "مقالات الشعراء" ۾، مير صاحب کي بحيثيت شاعر جي جاءِ ڏني آهي. 'ملتفت خان' سندس لقب هو. انهيءَ نسبت سبب "ملتفت" تخلص ڪندو هو. "مقالات" ۾ سندس ٻہ شعر نموني طور درج آهن:

جان ڪرده ام ضيافت تيرِ تو راست گو
مفلس ازين زياده بہ مهمان چہ مي ڪند

---

همدرد ما ڪسي ست ڪہ داغ است بر دلش
با ما درين ديار همين لالہ آشناست

پوئين شعرلاءِ مير علي شير اهو بہ لکيو آهي تہ "بياض"؟ ۾ مرزا جانيءَ ڏانهن منسوب آهي'. [1]

بندرابن داس "خوشگو" جي تذڪري، "سفينہ خوشگو"، مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب هڪ مختصر ديوان بہ مرتب ڪيو هو. "خوشگو" پنهنجي تذڪري ۾ مير صاحب ۽ سندس شاعريءَ متعلق چا لکيو اهي، ان جو نسخو چونڪ پنهنجي دسترس کان ٻاهر آهي، تنهنڪري معلوم ٿي نہ سگهيو. [2]

---

(1) "مقالات" ص. 166.

(2) فهرست ڪتب خانہ بانڪي پور، بحوالہ "سفينہ خوشگو" نمبر، ص. 690 ورق 97.

"ماثر الامرا" فتح گولڪنڊي جي سلسلي ۾ مير صاحب جون ٻه تاريخون نقل ڪيون آهن.

هڪ دفعي بيجاپور جي محاصري وقت عالمگير خندق ۽ دمدمہ جو بند ڏسڻ لاءِ تخت روان تي سوار ٿي نڪتو. دمدمہ قلعي جي برج جي سامهون هو. جڏهن سواري اتي پهتي، ان وقت برج تان "چرخ آشوب" توب ڇٽي، جنهن جو گولو بادشاهہ جي مٿان هليو ويو. گولہ انداز نشانو بادشاهہ تي ورتو هو، ليڪن زندگي هئس جو نشان خطا ويو. مير صاحب داروغہ جي نماز جي حيثيت ۾ ساڻس گڏ هو، جنهن فوراً هينئيون تاريخي بيت پيش ڪيو:

"فتح بيجاپور زودي ميشود". - 1099 ھ

بادشاهہ ان کي نيڪ فال سمجهي، مير صاحب کي فرمايو تہ— "خدا ڪند ڪہ چنين شود". چنانچہ انهيءَ هفتي ۾ قلعو فتح ٿي ويو، ۽ مير صاحب هيٺين تاريخ شاهي حضور ۾ پيش ڪئي-

"فتح قلعہ گولڪنده مبارڪ بادا".- 1099 ھ

بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کيس آفرين چيائين.

## اولاد:

سندس اولاد جو تفصيل ڪونہ ٿو ملي، ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ کيس کي ٽي پٽ هئا، جن مان ڪوبہ مشهور نہ ٿيو. سڄي زندگي سنڌ ۾ رهي، پيءُ جو اندوختو کائي، پنهنجو وقت پورو ڪري ويا-

"هيچ ڪدام رشدي نہ ڪرده، بہ اندوختہ پدر بسر نمودند".[1]

## ابوالخير خان:

"ماثر" مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب جي هڪ پٽ جو نالو ابوالخير هو، جنهن جي قرابت خان دوران خواجہ عاصم سان هئي، ۽ سندس سموري زندگي ان وٽ رهندي بسر ٿي، ۽ بادشاهہ وٽان "خان" جو خطاب بہ مٿس عطا ٿيو هو.

## مير سيد اشرف خان:

هيءَ بہ مير صاحب جو فرزند هو. ڪنهن بہ تاريخ ۾ ان جو ذڪر ڪونہ آهي، 'برٽش ميوزم' مان اسان کي "رقائم ڪرائم" نالي هڪڙو خطن جو

[1] "ماثرالامرا"، ص. 309/1.

مجموعو مليو، جنهن جي ذريعي معلوم ٿيو تہ ڪتاب جو مؤلف، مير سيد اشرف خان، مير عبدالڪريم جو فرزند آهي.

### "رقائم ڪرائم":

'برٽش ميوزم' ۾ انهيءَ ڪتاب جا ٻہ نسخا (نمبر O.R. 16430-ADD.8912 ). انڊيا آفيس ۾ 4 نسخا (نمبر 1761 - 3021- 1596- 3388) آهن. انڊيا آفيس جو پويون نخسو 24 شوال 1154 ھ جو لکيل آهي. [1] 'بوڊين لئبرري' ۾ پڻ هڪ نسخو (نمبر 253) موجود آهي.

ڪتاب، فلسڪيپ سائيز جي 63 ورقن تي آهي: 'رقم' جي عنوان هيٺ 42 خط درج آهن، 'رقع' جي عنوان ۾ 120 رقعا آهن، ۽ 'فرمان' جي سرخيءَ هيٺ 5 فرمان موجود آهن. آخر ۾ چند متفرق خط آهن، ديباچي ۾ مؤلف مير سيد خان لکيو آهي تہ:

"سخن جانست و ديگر گفتگو جانان زمن بشنو
اگر هر لحاظہ جانِ تازه ميخواهي سخن بشنو

"خاصہٴ سلاطين خرد پروه، و خسروان بيدار مغز والا شکوه، سيما ڪلمات سعادت تاثير پاشاهان، خرد ڪامل لوع انسان، فرمانرواي ڪشور دلنوازي ابوالمظفر محي الدين محمد اورنگزيب عالمگير بادشاه غازي، ڪہ روحيست در جسم فرد و عياري براي نيڪ و بد، ولهذا الراجي اليٰ رحمتہ الغني سيد اشرف خان مير محمد حسين، بعضي رقعات قدسي آيات آن حضرت را ڪہ بخان همہ دان قبلہ گاهي امير خان صادر شد بود، بعد رفتن اڪثري ازان بي نقل جابجا و ضايع شدن بسياري از ناقدرداني گروه بي پروا، جمع نموده، رسالہ ترتيب داد. آن را بہ مناسبت نام خان مرحوم مير عبدالڪريم "رقائم ڪرائم" نام نهاد. جهتہ خبرت يڪي ازين برابر هزار و برائي هوشياري اندڪي هر بسيار فضل او سبحانہ ترتيب فرماي همڪنان

[1] ريو ايٿي، ص. 357 تا 378- 140- 141.

خصوصاً خانہ زادان آن حضرت خلد مڪان باد- بحرمتہ
النبي الحجازي و آلہ الا مجاد."

انهيءَ مجموعي ۾ اهي خط آهن، جيڪي عالمگير مير عبدالڪريم خان ڏانهن لکيا. ازنسواءِ شهزادن ۽ ميرن ڏانهن لکيل خط بہ مجموعي ۾ موجود آهن.

**دلچسپ واقعو:**

امير عبدالڪريم جي حالات کي اسان هينئين دلچسپ واقعي تي ختم ڪريون ٿا: هڪ ڏينهن بادشاهہ سلامت امير عبدالڪريم کي نياپو ڏنو تہ هو ڪامگار خان کي پهچائي. امير خان ڏانهس پيغام موڪليو تہ وٽس اچي شاهي نياپو ٻڌي وڃي. ڪامگار خان کي جڏهن قاصد اهو پيغام ڏنو، تڏهن هن پڇيو تہ "ڪهڙو امير خان؟" پيغامبر چيو تہ "امير خان عبدالڪريم تتہ". ڪامگار چٿر مان چيو:

"يعني عبدالڪريم فراش!"

"بگوئيد ڪہ ما بجانہٴ فراشان نمي آئيم".

ڪامگار خان 'فراش' چٿر مان ان ڪري چيو، جو مير صاحب ڪنهن زماني ۾ شاهي جانماز جو داروغو هو.

اها ڳالهہ جڏهن امير خان بادشاهہ سان ڪئي، تڏهن بادشاهہ فرمايو تہ "آخر هو جعفر خان جو پٽ آهي، توکي هن وٽ وڃڻ کپندو هو. انهيءَ قسم جو نياپو موڪلڻ مناسب نہ هو." [1]

ڪامگار خان جعفر خان جو باڪمال فرزند، ۽ پنهنجي زماني جو امير ڪبير هو، ڪيترن ئي ممتاز عهدن تي فائز رهيو. نعمت خان عالي سندس شاديءَ تي اُهو مشهور قطعو چيو هو، جنهن جو پهريون شعر هيءُ آهي:

ڪتخدا شد بار ديگر خان عالي منزلت
باڪمال و عز و تمڪين و وقار و زيب و زين

---

(1) ماثرالامرا ص. 160/3.

# مير ابوالمڪارم شهود

ابوالمڪارم نالو، ۽ تخلص "شهود"، مير ابوالبقا خان جو فرزند هو. "تحفة الڪرام" جي مصنف کيس "ولي ڪامل" لکيو آهي، ۽ سندس سادي ۽ صاف، پاڪيزه ۽ بي عيب زندگيءَ جي تعريف ڪندي لکي ٿو تہ 'جيتوڻيڪ پڻس ڪافيءَ ڪان زياده سرمايو ڇڏيو هو، ليڪن هن پنهنجي لاءِ اميرانہ زندگيءَ تي درويشاني طور طريقي کي ترجيح ڏني'[1]. "مقالات الشعرا" ۾ ساڳيو مصنف لکي ٿو تہ:

"صاحب ڪشف و ڪرامات، واقف عالي مقامات، سراسر شهود، پيوستہ بامعبود، مي بود، .......... در عين دولت والد، خود را يحدي شناختہ، ڪہ براي حوايج ضروري خود بہ بازار مي رفت، و ڪارهاي خود، بدست خود مي ڪرد—"[2]

هڪ دفعو سندس والد انهيءَ تي ناراض بہ ٿيو، ليڪن سندس خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ:

"چرا از دست نموني ٔ ڪسي عار دارد......"

اقبالمند ۽ امير ڪبير خاموش ٿي ويو.

**علم و فضل:**

باطني فضيلتن سان گڏ مير صاحب ظاهري علومن ۾ بہ يگانہ روزگار هو. "قانع" جو قول آهي تہ:

"در هر چهارده علوم يگانہ مي زيست".[3]

"تحفة الڪرام" لکي ٿو تہ

"در علوم ظاهري هم جامع بوده......."[4]

لغت تي کيس خاص طرح عبور هو. هڪ دفعي ٺٽي جي امين الملڪ

---

(1) "تحفة الڪرام"، ص. 3/96- 208.

(2) "مقالات"، ص. 130.

(3) "مقالات" ص. 130.

(4) "تحفة الڪرام"، ص. 3/208.

قاضي ابراهيم مير صاحب جي دعوت ڪئي. شام ٿيندي، ملازمن ڪي قنديلن روشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. قنديلن جي 'قاف' کي مير صاحب زبر سان چيو، جنهن تي مير صاحب کيس ٽوڪيندي چيو تہ قنديلن جو قاف زير سان آهي.قاضي صاحب کي ڪجهہ شڪ ٿيو، لغت ڪڍي ويئي، جنهن ۾ مير صاحب جي تصديق ٿي.

وٽس وڏو ڪتبخانو موجود هو. رات ڏينهن مطالعي ۾ مشغول رهندو هو. پاڻ چوندو هو تہ 'مون وٽ 5 سؤ جلد مختلف علومن تي موجود آهن، ۽ گهٽي مطالعي سبب سيئي ازبر ٿي ويا آهن'. [1]

**تصانيف:**

مير صاحب، صاحبِ ڪمال شاعر هو. خدا ڄاڻي سندس تصنيفات جو ڪيترو تعداد هو. "تحفة الڪرام" جي ذريعي اسان کي ٻن مثنوين جا نالا ملن ٿا:

(1) "پريخانۂ سليمان"، ۽

(2) "مثنوي بديع الجمال و سيف الملوڪ" [2]

مير صاحب پوئينءَ مثنويءَ جي تڪميل ڪري نہ سگهيو. ديوان مرتب ڪيو ويو يا نہ، ان جو پتو ڪونہ ٿو پوي، ليڪن سندس متفرقہ ڪلام سنڌ جي ڪيترن بياضن ۾ ملي ٿو، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ ديوان ضرور مرتب ٿيو هوندو. اسان کي سندس متفرقہ ڪلام جيڪو ملي سگهيو آهي، سو هيٺ درج ڪريون ٿا.

**متفرق ڪلام:**

"مثنوي پريخانۂ سليمان" ۾ انبن جي تعريف ۾ چند شعر لکيا اٿائين، جن کي "مقالات الشعرا" نقل ڪيو آهي-

ز وصف انبہ چون گويم کہ چونست
کہ از رشکِ شرابش شهد خون است
ز نامِ او چو گيرم لذت قند
زبان باکام لب با لب شود بند
بہ سختي همچو لعل اما شکر بار

---

(1) "مقالات". ص. 132.
(2) "تحفة الڪرام". ص. 3/208. "مقالات". ص. 131.

بہ نرمـي چـون طلائـي دسـت افشـار
بطفلـي چـون دل معشـوق سـنگ اسـت
بہ پيـري چـون رخ مـن زرد رنـگ اسـت
ز شيرين ڪاريش چـون خل عسـل شـد
زمـرد بـاز در يـاقوت حـل شـد
شـرابش بهتـر از شـير و شـڪر هسـت
گهـي همرنـگ سـيم و گـاه زرهسـت
بصـورت مـردم و جـايش بـر اشـجار
گليـم آرزو را شـعلہ نـار

هيئيون چند رباعيون بہ "مقالات" ۾ نقل ٿيل آهن:

ترا در دست آئينـہ مـرا در سـينہ آئينـہ
بيـا تـا روبـرو سـازيم آئينہ بہ آئينـہ
ڪرا امشب بخورشيدِ رخش معراج خواهدشد
ڪہ دارد بردبانِ زلف در هر زينہ اٺنہ

... ... ...

مـا آئينـہ جـهان نـماي يـاريـم رخت درگريـم و زيب اين بازاريم
چون سنگ ترازديـم درپلہ خويـش بيڪار نشستہ ايم وهم درڪاريم

---

هـر چند غبار را عروج سـطح است آخر چونگہ ڪني تہ پا نطح است
جميعت دنـيـا ست پريشانـي را چون دوختن جامہ ڪہ بـهر قطعا
ابناي زمانہ يڪسـر از بنده و حـر باشند ز مال يڪد گر مـايده خور
چون شيشۂ سا عتند در دست فلڪ تـا اين نسود تهي، نگردد آن پر

---

مير صاحب هڪ رباعي، مولانا لطف الله نيشاپوريءَ جي رنگ ۾ چئي آهي، جنهن جي هر مصرع پنجن شين تي مشتمل آهي: 'گل، زمانہ، اسلح، جواهر، عنصر'- انهيءَ قبيل جا نالا هر مصرع ۾ آيا آهن. مولانا لطف الله جي رباعي آهي:

گل داد پري د رع فيروزه بباد دي جوشن لال لالہ بر خاڪ افتاد
داد آب سخن خنجر مينا امروز يـاقـوت سـنان آتش نيلوفر داد

مير صاحب چيو آهي:

گل داد پري قباي ياقوت بنار — در باده بدرع لالہ شد لعل بنگار
امروز در آب دُر کلہ زد نسرين — فردا سازد سمن زخاڪ فيروزه ازار

مير "قانع" لکيو آهي تہ "لطائف الطوائف" مان ڪيس معلوم ٿيو تہ جڏهن مولانا لطف الله مٿين رباعي چئي، تڏهن معاصر شاعرن ڪيس ڏاڍو داد ڏنو، ۽ ڏنو ويو تہ ڪانئس اڳ انهيءَ قسم جي رباعي ڪنهن ڪانہ چئي آهي. شاعرن گهڻي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪوبہ رباعي ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيو. هڪ شاعر "اسمعيءَ" جيڪو "سر آمد شعراي نيشاپور، ۽ فاضل استاد وقت" هو، تنهن پوري هڪ سال تائين زور ڏنو، ليڪن چئي نہ سگهيو'.[1] مير "قانع" لکيو آهي تہ هن پاڻ، ٿوري خيال ڪرڻ سان، چند بيت ۽ هڪ رباعي انهيءَ رنگ ۾ تيار ڪئي.

مير صاحب جا متفرق اشعار هيٺين طرح مليا آهن:

در حيرتم ڪہ گوشہ نشينان زير خاڪ
دور از رخ، تو چون مژه برهم نهاد اند

---

مست نوش لعل او ڪي دست سوي مي برد
نغمہ سازِ عشق او ڪي دست سوي ني برد.[2]

---

تبسم در لبش چون خنده گل — فسون درنر گسش چون نشہ درمل
چسان پنهان ڪنم راز خرابات — اشارت مي ڪند مينا ڪہ قل قل
حجاب روي اوهم روي او شد — نقاب غنچہ عين چهره گل
ز ڪفر اسلام را گرم است بازار — ڪہ زينت نيست اورا غير ڪاڪل
شهوداز بسڪ دربستان غزل خواند — بہ بستان نام او خواند نہ بلبل.[3]

"آنسي" تخلص جو هڪ شاعر 1052 ھ ۾ فوت ٿيو، مير صاحب جو دوست هو. هيٺيون تاريخي قطعو تصنيف ڪيائين:

---

[1] "مقالات". ص. 132.
[2] "مقالات". ص. 172.
[3] قلمي بياض ثناء الله خان.

قــدع بشكســت مســتان ســخن را
نفــس بگداخــت مرغــان چمــن را
ازيــن پــس هــر نــوا كــز بلبــل آيــد
بگــوش گــل همــه شــيون نمــايد
شهود از حق به "انسي" مغفـرت خواه
كه وقـت ست ايـن اجـابت كـرد الله
الا هـــي از بحـــار جـــود يـــك نم
كه پيش تشنه لب بيش است از يـم
ز ابــر لطــف خــود برمــا ببــاران
كــزان بــاران شــود گلشــن بهــاران
لبِ "انسي" كه شد لب تشنه در خواب
بكــن زان نم بكنــج گــور ســيراب
پــي تــاريخ نقــل آن ســخن ســنج
گرفتــم گوهــر چنــد از گــران گنــج
قلــم در خــون ســالِ غــم سرشــتم
"بهشــتش داد جــاي ايــزد" نوشــتم.[1]
1053هـ

---

عرق فشاند رخت بر زمين گلاب انداخت
غلط غلط كه بهر قطره آفتاب انداخت

---

جمعيــت دنيــا ســت پريشــاني را
چون بافتن جامه كه بهر قطع است.[2]

---

بــاز امشــب گرمــئ عشقســت مطلــوبِ مــرا
تـا نظر بركيست يـا رب چشـم محبـوب مـرا

---

[1] "مقالات" ص. 39.
[2] بياض قلمي مملوك سنڌي ادبي بورڊ

مـن اگـر نيڪـم و گـر بـد نيسـتم نوميـد زو
بـا بدان هم هست چشـم نيڪوئي خوب مـرا"
تـا نـگردد گـرم آغـوش اضطرابـي دل بجاسـت
بـوي پيراهــن نــداده سـود يعقـوب مــرا
گـر نقـاب افگنـد از رو چشــم در نظـاره دار
هست در هر پرده ڪشـفي تـازه محبـوب مـرا
ڪي ڪشد بـال ڪبوتر بـار اين نامہ "شـهود"
بال عنقا بشڪند بندي چو مـڪتوب مرا. [1]

**وفات:**

مير صاحب جي وفات "قانع" جي قول مطابق، 1073 هہ ۾ ٿي، سندس قيام هميشہ سيوهڻ ۾ رهيو، ۽ انتقال بہ اتي ئي ڪيائين. تنهنڪري جوار حضرت قلندر لال شهباز ۾ دفن ٿيو. انتقال کان چند ساعتون اڳ، هيٺين تاريخ پنهنجي وفات لاءِ چيائين:

ڪسي گرز پرسدز تاريخ ما همين گو "بجنت خدا داد جا"
1073 هہ

اها ئي تاريخ سندس مزار جي ڪتبي تي ڪنده ڪئي ويئي.

**اولاد:**

"تحفة الڪرام" ۾ سندس ٽن صاحبزادن جا نالا آيا آهن-
(1) مير امين الدين خان،
(2) مير رضي الدين محمد "فدائي"،
(3) مير حافظ الدّين خان.
"مقالات" ۾ چوٿين صاحبزادي جو نالو آيو آهي-
(4) معين الدين حسن خان "حسين". [2]
ايندڙ صفحن ۾ انهن جو تذڪرو ڏنو وڃي ٿو.

---

[1] بياض مرتضائي ٺٽوي، ملڪ حسام الدين، ص. 44. عنوان ۾ 'ابوالمفاخر شهود امير خاني' لکيل آهي، ابوالمفاخر غالباً ابوالمڪارم جي بگڙيل صورت آهي.

[2] فرامينن واري بياض ۾ هڪ سند آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير ابوالمڪارم کي بيا بہ بہ پٽ هئا: هڪ عبدالحڪيم ۽ ٻيو علي اڪبر. اهي ٻيئي 1106 هہ تائين حيات هئا.

# مير امين الدين خان حسين

هيءَ مير ابوالمڪارم شهود جو وڏو پٽ هو. خانداني طرح تہ امير هو، پر طبعاً بہ امير هو. جتي رهيو ننڍ سان رهيو. شان شوڪت، مان ۽ سومان ۾ سخت وضعدار هو. "تحفة الڪرام" جي مصنف "اميري والامقدار" جي اعزاز سان ڪيس ياد ڪيو آهي.

**ٺٽي جي ايالت:**

مير "قانع" "تحفة الڪرام" ۾ ڪيس ٺٽي جي نوابن واري فهرست ۾ داخل ڪندي لکيو آهي تہ:

"بہ ايالت تتہ زماني قدر اعزاز برافراختہ، مقيم جاويد شد" [1]

مير صاحب، سعيد خان (خانہ زاد خان) ڪان پوءِ، 1114 هہ ۾، ٺٽي جو نواب ٿي آيو. مير سيد علي خوش نويس سندس آمد جو سال "امير امين الدين خان" مان ڪڍيو. [2] اهو عالمگير جو آخري زمانو هو. جنهن ڪان پوءِ عالمگير چار سال زنده رهيو. "تحفة الڪرام" مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب فقط سال ڪن ٺٽي ۾ رهيو، ۽ 1115 هہ ۾ ڪانئس ٺٽي جي حڪومت جون واڳون يوسف خان ترڪ اچي ورتيون. مير صاحب جي سياسي زندگيءَ متعلق فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو، ان ڪان اڳ هو ڪٿي ڪٿي رهيو، ۽ ٺٽي ڪانپوءِ هو ڪاڏي ويو، ان جو تفصيل ملي ڪونہ ٿو سگهي.

**علم و فضل:**

مير صاحب پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ وڏو صاحب ڪمال بزرگ هو. علم جي چراغ کي پشتها پشت جي خانداني طريقي مطابق پاڻ بہ روشن رکيو آيو. وٽس عظيم الشان ڪتبخانو هو، ۽ سڄو وقت پيو مطالعو ڪندو هو. اهل علم ۽ اصحاب ڪمال هر وقت وٽس ايندا ويندا هئا، جن سان علمي مجلسون ۽ ادبي مذاڪرا پيو ڪندو هو. "تحفة الڪرام" جي مصنف انهيءَ سلسلي ۾ لکيو آهي تہ:

---

(1) "تحفة الڪرام" 3/208.
(2) "مقالات الشعرا" برٽش ميوزم.

"اغلب اوقات بمطالع ڪتب و صحبت با علما پرداخته" [1]

"مقالات" ۾ ساڳيو مصنف لکي ٿو ته:

"اميري با اعتبار وسيدي عالي مقدار بوده، باوجود رتبت امارت، اغلب اوقات بمطالع ڪتب و صحبت با علماً پرداخته". [2]

**تصانيف:**

مير صاحب کي تصنيف جو بہ شوق هو. اسان کي اهو معلوم ٿي نہ سگهيو تہ هن ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪتاب لکيا، البت سندس ٻن تصنيفن جا نسخا ڪن ڪتبخانن ۾ اڄ تائين موجود آهن: هڪ "رشحات الفنون" ۽ ٻيو "معلومات الآفاق".

**رشحات الفنون:**

"تحفة الڪرام" ۾ آهي تہ مير صاحب "رشحات الفنون" ۾ چوڏهن علمن تي بحث ڪيو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ هي ڪتاب "مطلع العلوم في مجمع الفنون" جي نموني تي آهي، جنهن ۾ سيني علومن جي تاريخ تي بحث ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو نسخو "خدا بخش لئبرري"، پٽنا ۾ آهي، جنهن ۾ 151 ورق آهن، ۽ هر صفحي ۾ 19 سٽون آهن، نسخي جو خط تعليق آهي، ڪتابت 1673 هه ۾ ٿيل آهي، ڪاتب جو نالو سيد احمد بن سيد حبيب الله آهي. فهرست نگار مصنف جو نالو هن طرح لکيو آهي: "امين الدين خان بن سيد ابوالمڪارم بن سيد امير خان حسيني الهروري". [3]

برٽش ميوزم ۾، سر هنري اليٽ مصنف "تاريخ هند"، جي فائل نمبر (O.R, 2060) ۾، "رشهات" جي مضمونن جي فهرست ۽ ڪجهہ اقتباس موجود آهن، هيٺ ان جو اختصار ڏجي ٿو، تاڪ پڙهندڙ ڪتاب جي مضمونن مان واقف ٿين. ڪتاب جي ابتدا هن طرح ٿئي ٿي:

"سپاس بيقياس آن معبود مطلق و آن مسجود برحق... ...

اما بعد چنين مي گويد، اقل الحنيفہ، احقرالعباد

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 3/99.

[2] "مقالات الشعرا" نسخو برٽش ميوزم

[3] "مراة العلوم"، ص. 1، 1925ع.

امين الدين خان بن سيد ابوالمكارم بن مرحوم امير خان الحسيني الهروي، كہ سبب تاليف اين سفينہ سكينہ و باعث فراهم او... است، كہ اين مجموعہ انيقہ آنست كہ چون بعضي احباب و اصحاب فضل را آرزوي تحصيل علوم عقليہ و نقليہ در سر افتاد. بمقتضاي آن كہ گفتہ اند-

علم كثير آمد و عمرت قصير
هر چہ ضروري ست ازان شغل گير

وآنكہ گفتہ اند-

حفظ كن مختصري هر فن
گير خوشبوي گل ازهر گلشن

چند سطري ورشحہٴ ازهر علمي از علوم منقولہ و معقولہ، قصير العبارة كثير المنفعتہ. نگاشتہ آمد. تا بقدري مفيد طلبان اعزه اجلہ هر فن باشد. و فارسي خوانان را تسهيل تحصيل شود."

كتاب جو نالو هن طرح لكيو اٿس:

"و موسومہ نموده شد آن را بہ- 'رشحات الفنونو منہ العصمتہ العون'."

تاريخ تصنيف بيان كندي لکي ٿو:

"و از بدايع صنايع آنك همين اسم باندك تعميہ تاريخ اتمام اين مجموعہ مي شود. چنانچہ منظوم نموده شده-

الله الحمد كن عطائي خدا
شد مرتب سفينہ ز علوم
طرفہ مجموعہ علوم شد
كہ سر جهل ازان شده معدوم
"رشحات الفنون" بود نامش

1126- 3= 1123هه

با مسمي ست اسم اين مرقوم
چون سر جهل از و بريده شود

3

سال تاريخ زان شود معلوم

كتاب جي مضمونن جي فهرست هيءَ آهي:

(1) رشحہ در علم تفسير.
(2) رشحہ در علم حديث.
(3) رشحہ در شعب ايمان.
(4) رشحہ در بيان عقائد و كلام.
(5) رشحہ در اصول فقهہ.
(6) رشحہ در علم فروع فقهہ.
(7) رشحہ در علم و تصوف.
(8) رشحہ در علم تعريف حكمت و منطق واقسام آن.
(9) رشحہ در علم طب.
(10) رشحہ در حكمتہ علميہ.
(11) رشحہ در علم نحو.
(12) رشحہ در علم صرف.
(13) رشحہ در علم معاني.
(14) رشحہ در علم بيان.
(15) رشحہ در علم بديع.
(16) رشحہ در علم تاريخ.

**فصل:**

(1) فصل در بيان عقول عراه.
(2) فصل در بيان اقسام خوارق.
(3) فصل در بيان وجہ تفرقہ ميان صوفيا و حكماءِ اشراقين و متكلمين و حكماي نشائين.
(4) فصل در بيان معقولات عشره.
(5) فصل در بيان امزجہ.
(6) فصل در بيان اركان.
(7) فصل در بيان اعضا.
(8) فصل در بيان اخلاط.

(9) فصل در بیان اسباب ستر ضروریہ۔
(10) فصل در بیان حرکات نفساني.
(11) فصل در بیان اقسام نبض.
(12) فصل در بیان براز.
(13) فصل در بیان بحران.
(14) فصل در بیان اصطلاح اطبا و اسماء ادویہ و اوراق طلا.
(15) فصل در بیان تهذیب و اخلاق.
(16) فصل در بیان حکمت شریفہ۔
(17) فصل در بیان سیاست مدینہ۔
(18) فصل در بیان ماهیت خلق.
(19) فصل در بیان بعض مناقب اهل صفہ۔

ذکر:

(1) ذکر نساء عارفان.
(2) ذکر مشائخ هند۔
(3) ذکر حکماء اسلامئین.
(4) ذکر ملوک بني امیہ۔
(5) ذکر بني عباس.
(6) ذکر فرقۂ صاریان.
(7) ذکر فرقۂ سامانیان.
(8) ذکر فرقۂ غزنویان.
(9) ذکر فرقۂ غوریان.
(10) ذکر فرقۂ آل بویہ کہ دیالمہ مي گویند.
(11) ذکر فرقۂ سلجوقیان.
(12) ذکر فرقۂ خوارزم شاهیان.
(13) ذکر فرقۂ اتابکان.
(14) ذکر فرقۂ اسمٰعیلیہ۔
(15) ذکر فرقۂ قراختائي.
(16) ذکر فرقۂ ملوک روم- سلاجقۂ روم- دانشمندیہ- ملوک سلیقیتہ

- ملوک منکوچکیہ- ملوک قرامان- ملوک عثمانیہ.

(17) ذکر فرقۂ شرفاء مدینہ.

(18) ذکرفرقۂ خاقان ترکستان.

(19) ذکر فرقۂ چنگیز خان.

(20) ذکر فرقۂ طوائف الملوک.

(21) ذکر فرقۂ خاکان شیبانیہ.

(22) ذکر فرقۂ ملوک شیبانیہ.

(23) ذکر فرقۂ خاقان کاشغر.

(24) ذکر فرقۂ ملوک الطوائف کہ بعد از ابو سعید در ایران حکومت کرده اند- چوبانیان الکانیان، آل مظفر، ملوک کرت، ملوک سر بداران.

(25) ذکر فرقۂ ملوک ترک قراقونیلو.

(26) ذکر فرقۂ ملوک آق قرنیلو.

(27) ذکر فرقۂ شاهان صفویہ.

(28) ذکر فرقۂ ملوک هند، از عرب سال 44 تا ابراهیم.

(29) ذکر فرقۂ دکن، شش طائفہ.

(30) ذکر فرقۂ ملوک گجرات.

(31) ذکر فرقۂ حکام سنده.

(32) ذکر فرقۂ حکام ملتان.

(33) ذکر فرقۂ ملوک بنگالہ.

(34) ذکر فرقۂ ملوک مالوه.

(35) ذکر فرقۂ مرزایان خاندیش.

(36) ذکر فرقۂ فرمانروایان جونپور.

(37) ذکر فرقۂ ملوک کشمیر.

(38) ذکر فرقۂ خاقان تمکین مکان- خسرو صاحب قران، امیر تیمور گورگان و اولاد شان- بابر، همایون، اکبر، جهانگیر، شاهجهان، اونگزیب عالمگیر- ذکر برخي از کرائم صفات و شرایف اخلاق آن بادشاه دین نورالہ مرقده.

کتاب جو اختتام عالمگیر جي انهيءَ وصيت تي ٿئي ٿو، جيڪا انتقال

ڪان پوءِ سندس سيرانديءَ ڪان ملي هئي. متي ڏنل قطعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب "رشحات" کي سال 1123 هہ ۾ لکي ختم ڪيو.

**"معلومات الافاق":**

هي ڪتاب جغرافيہ تي آهي. "تحفة الڪرام" انهيءَ ڪتاب جي حوالي سان هڪ عجيب واقعو لکيو آهي. عالمگير جي آخري دور ۾ سنڌ جي سماواتي پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ۾، "برسرِ ڪولاب نيلوفري"، ڪنهن زماني ۾ برهمڻ ۽ چاچڪ قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا. هڪ چاچڪ عورت کي ڇهن مهينن جو ڪچو ٻار ڄائو. ٻار اجا تائين فقط گوشت جو ٽڪرو هو شڪل صورت ڪانہ ورتي هئائين. ۽ نہ ساهہ ئي پيو هئس. ماڻس انهيءَ حالات ۾ ان کي دفن ڪرڻ جي بجاءِ ڪنهن گرم جاءِ تي رکي ڇڏيو. رفتي رفتي ٻار انساني صورت اختيار ڪرڻ شروع ڪئي: ڪن، نڪ، هٿ ۽ پير ظاهر ٿيڻ لڳا. تان جو ڏهين مهيني مڪمل ٿي ويو. ۽ منجهس ساهہ پيو. ٻار کي عمر ڪوٺ نيئي پاليو ويو. ۽ 15 ورهين جي عمر ۾ اچي مري ويو.[1]

سر اليٽ جي فائل (برٽش ميوزم نمبر 1741- .O.R) ۾ ڪتاب جي فهرست هن طرح ڏنل آهي. جنهن مان پڑهندڙن کي ڪتاب جي مضمون جي اندازو ٿي ويندو-

— در بيان اسماي بلدان و جزائر.

در بيان ذڪر مقدار زمين.

در بيان اقاليم سبعہ.

دربيان احوال ساڪنان اقليم سبعہ.

— ذڪر اهل چين- هند- حبشہ- روم- عرب- عراق.

— دربيان ذڪر معرفت خارج از اقاليم.

دربيان ذڪر تعداد بلدان اقاليم سبعہ و ولايت آن و تعداد جبال و بحار. و بحيرات و انهار و آبار. و عيون و جزائر.

در بيان ذڪر بلدان اقليم اول تا اقليم هفتم.

دربيان ذڪر تعداد ولايات ربع مسڪون.

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 3/161.

دربیان ذکر جبال، براري، بحاري، انهار، عیون مشهوره، جزائر کہ در ربع مسکون اند.

دربیان ذکر عجائبات بعضي از ولایات جبال و احجار و حیوانات و طیور و اشجار.

دربیان ذکر کوه کاف، شاہجہان، جابلستان و جابلسقان

ذکر شمہ از غرائب دیار مغرب.

ذکر شمہ از غرائب ولایت بیجانگر.

ذکر شمہ در بیان صفت ولایت کشمیر.

ذکر شمہ عجائب و غرائب ولایت خطا.

ذکر شمہ عجائب و غرائب، جبال، احبار، عیون، حیوانات بري، طیور، اشجار، بحارکبار و حیوانات آن، انبار، آبار، جزائز متفرقہ.

— در بیان بعضي از نوادر و غرائب کہ درنگارستان احمد غفاري آورد، کہ در 'حبیب السیر' و از 'جامع التواریخ' جلالي میکند.

در بیان بعضي از 'بدایع وقایع' 'در مراة العالم' کہ در عهد اعليحضرت خلد مکاني واقع آورده.

در بیان بعضي از غرائب کہ از 'عجائب البلدان' وغیرها منقول شده

در بیان بعضي از غرائب کہ شنیدنیها، دیدنیها، بوئیدنیها خواص خوردنیها، وغیره.

در بیان دانستن قیمت جواهر، و علم طب.

در بیان شمہ از اخلاق و صفات و منبع العزو سعادات علیہ افضل التحیات و اکمل التسلیمات.

در بیان معجزات آنحضرت - اقسام خوارق- فضیلت صلواة بر سید الکائنات فضیلت دعوات ماثوره.

— در بیان القاب متطاب بادشاهي و بادشاهزاد هائي و بیگمات و متصد یان عظام ممالک انتظام، و خوانین ذوالاحترام.

— در بیان القاب بادشاهزادها، بیگمات، حرمہ محل سراي و حرم حریم، از اهل طرف و نغمہ، و پاتران، و نرت کاران، وغیره.

— در بيـان داروغـہ ديـوان خـاص، راروغـہ خواصـان، ديـوان اعلـيٰ جملـۃ الملڪ، بخشيان عظام، داروغہ داغ. داروغہء گرزداران.

— در بيـان سپہ سـالاران، خانسـامان، و بيوتـات، صدرالصـدور، منصـب جليل القدر قضا، افتا، احتساب

در بيـان مناقب آختہ بيگي، داروغـہء جيلخانـہ، تـوب خانـہ، ميـر تـوزڪ، يساولان، قوربيگي، داروغہ قور خانہ. قوش بيگي، قراصـل بيگي، دارغہء عدالت، داروغـہء داڪ، واقـع خوان، داروغـہء هرڪارها، داروغہء چبوتره ڪوتوالي وغيره، دستور العمـل خوشبو خانہ.

در بيان چودهريان، قانون گويا.

در بيان ذڪر خطابهاي متصديان عمده و سپهہ سالاران.

در بيان ذڪر خطابهاي زمينداران راجپوتيہ.

در ذڪر ڪيفيت مساحت ممالڪ محروسہ.

در ذڪر صوبجات.

در ذڪر دستور العمل تنخواه منصب ذات وغيره.

در ذڪر دستور العمل نابينان.

در ذڪر ضابطہ داغ سہ اسپہ، دو اسپہ، يڪ اسپہ.

در ذڪر حساب ماهوار.

ڪتاب جو اهو آخري حصـو بيحد ڪار آمد آهي. افسـوس آهي جو هـن وقت تائين ڪتاب جي موجودگيءَ جو پتو ڪونہ پئجي سگهيو آهي. سر اليٽ جي بئي فـائل (برٽش ميـوزم نمبر O.R.2060) ۾ ڪتـاب جا ڪي اقتبـاس موجود آهن، جن مان ڪتاب جي ابتدا هن طرح معلوم ٿئي ٿي:

"آغاز ڪتاب بحمد خدا، يعني ڪريم ڪرم بخش رحمت گستر خليفہ پرور، ڪہ از آيات ربوبيت او هـر ذره ترجمـہ و نشان و از هر حقيقي بيان و برهان است....... الخ"

ڪتاب جي انتها هن فقري تي ٿئي ٿي—

"ذڪـر در بيـان گزلـت و گزمـده از پارچـہ وغيـره- شـانزده بحريـن را يڪ بحـر و شانزده گره را يڪ روعـہ ڪہ آن گـز

شاهہ جهاني باشد. در بيان گزمده آنک هشت کروه را يک انگشت، و بيست و چهار انگشت را يک دست و چهار دست را يک دند، و دو هزار دند را يک کروه، و چهار کروهہ را يک جو— تمر الکملام والصلواة السلام علىٰ محمد خاتم الانبياء و المرسلين و آلہ خيرالانام... فقط"

**تعليم**: مير امين الدين جي تکميل غالباً ٺٽي ۾ ڪئي. انهيءَ دور ۾ شيخ عبدالواسع جو مدرسو ڏاڍو مشهور ۽ مرجع عام و خاص هو، ۽ مير صاحب بہ انهيءَ مدرسي ۾ پڙهيو. سندس استاد لاءِ مير "قانع" لکيو آهي تہ 'يگانہ ٔ روزگار عالم ۽ باڪمال صوفي هو، ڪيتريون تصنيفون مختلف علومن تي ڪيائين، "مخزن الاسرار" جو شرح قاضي ابراهيم کان زياده بهتر لکيائين.'[1] "مقالات" ۾ ساڳيو مصنف لکي ٿو تہ:

"صوفي عالم متبحر و در طريق صوفيہ يگانہ ٔ عصر مي زيست، و صاحب تصانيف غريب است، شرح "مخزن الاسرار" بهتر از قاضي ابراهيم گفتہ." [2]

شيخ صاحب کي شعر و سخن جو بہ ذوق هو، صاحب "مقالات" سندس هڪ شعر نموني طور ڏنو آهي-

رهي بدوست ز دل گر نيافتي هيهات
بسعي چند زني سر بسنگ کعبہ و دير

**شاعري**: شعر و سخن جو ذوق مير صاحب کي ورثي طور مليل هو، شاعريءَ ۾ پنهنجي دور اندر وڏو نالو پيدا ڪيائين، ليڪن افسوس آهي جو سندس اهو ذخيرو برباد ٿي ويو ۽ فقط چند شعر "مقالات الشعرا" ۾ محفوظ رهجي ويا، جيڪي تبرک طور پيش ڪجن ٿا:

اي دل چہ غفلت ست کہ آهي نمي کني
يک شعلہ برقِ ظلمت راهي نمي کني
بر عيبِ خلق کرده شب و روز ديده باز
بر کرده هاي خويش نگاهي نمي کني

---

[1] "تحفة الکرام" ص. 3/227.
[2] "مقالات" ص. 165.

ڪارت هميشه ڪردني و ناڪردني وبس
ڪاري ڪ ڪردنيست تو گاهي نمي ڪني
اين راه ڪوي دوست نباشد ڪ ميروي
چشمي ڪشا ڪ روي براهي نمي ڪني

---

افسوس ڪ بيدوست هم عمر بر رفت
در صرف ڪار شتر استر و خر رفت
حالات هم صرف خز و اطلس و ديبا
اوقات هم در طلبِ نقره و زر رفت

---

بر تڪيہ بادِ نفس اين هم مغرور
چشمي ڪ بهم ميزني اين ياد بدر رفت
بر بالش راحت نسزد تڪيہ ز آنڪ
از يڪ مژه برهم زدنت فيض سحر رفت

---

هر دم ڪ ميڪشيم بياد تو ميڪشيم
مارا بغير ياد تو يڪ دم نمي رود

---

**وفات:** "لب تاريخ" جي مصنف لکيو آهي تہ مير صاحب جو انتقال ٺٽي ۾ ٿيو [1]. ڀانئجي ٿو تہ ٺٽي جي ايالت کان پوءِ مير صاحب ٺٽي ۾ ئي بود و باش اختيار ڪئي، ۽ علمي ڪمن ۾ مشغول رهيو. "مقالات" ۾ "يد خل لجنتہ"

1127 ھ

تاريخ ڏني ويئي آهي. انهيءَ دور جي مشهور فارسي گو شاعر، ملا عبدالحڪيم "عطا"، هينيون قطعو تصنيف ڪيو:

---

[1] "لب تاريخ سنڌ"، مصنف خداداد خان. مصنف مير صاحب جو مدفن پاڻ وڃي ڏٺو ۽ مزار جو ڪتبو بہ تاريخ ۾ نقل ڪيو اٿس. لکي ٿو تہ 'ميرزا هڪ گنبد آهي.' اهو گنبد هاڻي زبون ٿي ويو آهي، ۽ فقط هن وقت ٿلهو موجود آهي، جنهن تي 3- 4 قبرون آهن: جن مان پهرين قبر مير صاحب جي آهي. راقم الحروف پاڻ انهيءَ قبرستان جي زيارت پهريون دفعو 9- جنوري 1955ع ۾ ڪئي. اميرخانين جي قبرستان جو نقشو شامل ڪيو وڃي ٿو، جنهن مان مزار جي جاءِ وقوع جو پتو پئجي ويندو.

[داخل گلشن جنت] شده از فضل الست
[مغفرت داد بشارت کہ] برحمت پيوست
[گفت في الجملہ] بتاريخ و فاتش شايان
[جملہ] "آمن بالعفو امين الدين خان"- 1127 ھ [1]

مير صاحب جي مزار امير خاني قبرستان ۾، مڪليءَ تي هڪ خاص ٺلهي مٿان موجود آهي. پٿر جو لوڙهو نهايت خوبصورت اُڪير جي ڪم سان آهي، جنهن جي پيرانديءَ ڪان هيءُ تاريخي ڪتبو آهي:

خان با تمڪين امين الدين خان
عالي از حسنِ عمل درجات او
چون سفر ڪرد از جهانِ بي ثبات
سال فوتش "داخل الجنات او."- 1127 ھ

**اولاد:** "تحفة الڪرام" ۽ "مقالات الشعرا" جي ذريعي مرحوم جي ٽن صاحبزادن جو حال اسان کي معلوم ٿئي ٿو:

(1) مير متين الدين خان اسماعيل،
(2) مير محمد گدا،
(3) مير محمد عطا.

مير متين الدين پانئجي ٿو تہ سيني ۾ وڏو هو. اسان کي انهن ٽنهي بزرگن جو جيڪو مختصر حال معلوم ٿيو آهي، اهو هن ريت آهي:

**مير متين الدين خان:** مير متين الدين لاءِ "تحفة الڪرام" جي ذريعي معلوم ٿئي ٿو تہ پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي سرڪاري عهدن تي فائز ٿيو. ملڪ جي مکيہ بزرگن ۾ سندس شمار ٿيندو هو، ۽ وڏي وقار، تمڪنت ۽ وضعداريءَ سان گذر بسر ڪيائين. "تحفة الڪرام" جي عبارت هن طرح آهي:

"در حيات پدر بخدمت عمده نامي روزگار و داخل اجلہٴ اعيان زيستہ، در مڪنت و قدرت ميرزاي مثل است." [2]

---

[1] "عطا" جو ديوان اڏوهي کاڌل ۽ سخت مجروح حالت ۾ آهي. مٿئين قطعي ۾، ڏنگين ۾ جيڪي لفظ آهن، سي جناب راشد برهانپوريءَ جو اضافو آهن. خوش قسمتيءَ سبب تاريخ وارا الفاظ سلامت رهجي ويا آهن.

[2] "تحفة الڪرام"، ص. 208/3.

انهيءَ ڪان زياده سندس زندگيءَ تي روشني ڪانہ وڌي ويئي آهي، "بخدمت عمده نامي" جي بہ وضاحت ٿيل ڪانہ آهي تہ هن جي سپرد ڪهڙيون ملڪي خدمتون ٿيون، يا هو ڪهڙن عهدن تي فائز رهيو.

فرمانن جي هڪ بياض [1] ۾ مير صاحب جا مهر لڳل ڪي پروانا نقل ٿيل آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب زياده وقت نٽي ۾ "ديوان" جي عهدي تي رهيو. ترتيبوار هيٺينءَ طرح پروانا بياض ۾ موجود آهن:

نمبر 17 پرواني مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير متين الدين خان 1091 هہ ۾ نٽي جو ديوان هو. هن انهيءَ سال ۾ خواجہ محمد افضل ولد خواجہ محمد حافظ جي نالي نو هزار ست سو ستهتر دام جو پروانو پرڳڻي ڪاتيار، جوڻ ۽ چاچڪان تي ڪديو.

نمبر 47 مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1095 هہ ۾ بہ مير نٽي ۾ ساڳئي عهدي تي هو. ۽ هن شيخ عبدالحليم نٽويءَ جي نالي هڪ سئو خرار اَن ۽ پندرنهن هزار دام جو پروانو ساڪري پرڳڻي تي ڪديو. ساڻس گڏ محمد شريف نالي ڪو بزرگ صدر هو جنهن جي مهر پڻ ان تي لڳل آهي.

نمبر 8 مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1118 هہ ۾ بہ مير صاحب نٽي جو ديوان هو، ۽ هن سيد ڪمال الدين جي نالي پنج هزار دام جو پروانو چاڪر هالي جي سرڪار تي جاري ڪيو. 1118 هہ ڪان 1126 هہ تائين جي مختلف سالن جا پروانا بہ بياض ۾ موجود آهن. هن مان اهو قياس ٿئي ٿو تہ مير صاحب سڀ ڪان پهريائين 1091 هہ ۾ نٽي جو ديوان ٿيو، ۽ 1095 هہ تائين يا ڪي سال ان ڪان پوءِ بہ ان حيثيت سان رهيو، وري وچان سال ڪنهن ٻئي عهدي تي هو، جتان 1118 هہ ۾ موٽي آيو ۽ 1126 هہ تائين مسلسل يا وچ ۾ ڪن سالن جي غير حاضريءَ سان نٽي جو ديوان رهندو آيو. مثلاً:

نمبر 22 پرواني مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1118 هہ ۾ مير صاحب ديوان جو حيثيت ۾ سيد عبدالوهاب مشهديءَ جي لاءِ تنخواه جو اجرا ڪيو، جنهن تي محمد حسين صدر جي بہ مهر آهي. محمد حسين صدر، معلوم ٿئي ٿو تہ 1134 هہ تائين، نٽي ۾ صدر جي عهدي تي رهيو، انهيءَ سال جي سند تي

[1] فرمانن. پروانن ۽ اسنادن جو اهو بياض قاضي علي محمد صاحب نٽويءَ وٽ آهي. نٽي جي هن خاندانن يا افرادن جي نالي فرمان، پروانا ۽ سندون بياض گڏ ڪندڙ ڪي مليون، انهن جو نقل هن ان بياض ۾ ڪيو آهي.

ساڻس گڏ فضائل علي خان جي، ديوان جي حيثيت ۾، مهر ثبت آهي.

نمبر 52 پروانو بہ 1118 ھ جو آهي، جيڪو سيد شڪر الله جي اولاد لاءِ مير متين الدين ڪديو، محمد حسين صدر جي ان تي مهر آهي.

نمبر 53، پروانو 1119 ھ جو آهي، جيڪو مير متين الدين پنهنجي عزيز مير محمد اڪرم ولد مير محي الدين خان (نبيره امير خان) جي نالي 25 هزار دام تنخواه لاءِ ڪديو. 1120 ھ جو بہ هڪ پروانو ساڳئي عزيز لاءِ اجرا ٿيل آهي، جنهن مطابق پنج هزار دام انڙپور (لڪيءَ) مان مير محمد اڪرم کي مليا تيا.

پروانو نمبر 17 بہ 1120 ھ جو آهي، جيڪو مير صاحب خواجہ امان الله ٺٽويءَ لاءِ ڪديو. 1118 ھ کان 1120 ھ تائين مسلسل پروانا مير صاحب جا نڪتل آهن. پانئجي ٿو تہ ان کان پوءِ پاڻ بدلي تي ويو ۽ ڪو ٻيو ديوان آيو. 1124 ھ جي هڪ پرواني مان، جيڪو سيد مرتضيٰ ولد سيد ڪمال الدين (نمبر 18 واري) جي نالي نڪتل آهي، معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت مير ڪمال الدين نالي ڪو صاحب ديوانيءَ جي عهدي تي فائز هو.

1125 ھ ۾ وري معلوم ٿئي ٿو تہ مير متين الدين ٺٽوي ساڳئي عهدي تي موٽي آيو، ۽ هن شيخ عبدالشهيد ٺٽويءَ جي نالي پروانو (نمبر 50) جاري ڪيو. 1126 ھ جو ٻيو هڪ پروانو آهي، جيڪو سيد مرتضيٰ ولد سيد ڪمال الدين (نمبر 18 واري) جي نالي تي مير صاحب ڪديو.

مٿين پروانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1091ھ کان 1095ھ تائين مير صاحب ٺٽي جو ديوان هو، ۽ وري 1118 ھ کان 1120 ھ تائين رهيو ۽ ٽيون دفعو 1112 ھ کان 1126 ھ تائين رهيو. 1127 ھ ۾ سندس والد وفات ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس عهدن يا زندگيءَ متعلق ڪابہ تاريخي شهادت ملي ڪانہ ٿي سگهي. عبدالحڪيم "عطا" جو هڪ مدحيو قطعو اسان کي مليو آهي، جيڪو ٺٽي ۾ مير صاحب جي آمد تي چيو ويو آهي:

هزار شڪر ڪہ آن داعيان نواز آمد
بهار فيض بفضلِ بهار باز آمد
امير صاحب عزو علامتين الدين
ز خاي گلشن جان سرو سرفراز آمد

قبيلہ پرور، اخوان ملاذ، اعوان بخش
باوج حشمت و اقبال و احتزاز آمد
اميد پير و جوان، مدعاي اهل عطا
بيمن مشغلۂ دعوت نياز آمد
فقير پير دعاگو عطا ز شوق لقا
بنذر مدح تو خواهان امتياز آمد
با قتباس حضور تو بار خاطر نيست
ڪہ در ملازمت آمد اگر مجاز آمد

مير صاحب جي وفات جو سال ڪنهن مؤرخ ضبط نہ ڪيو آهي. خوش قسمتيءَ سبب سندس مزار پنهنجي والد جي پهلوءَ ۾ موجود آهي، جنهن جي ڪتبي مان سندس انتقال جو سال 1177هہ معلوم ٿئي ٿو. ڪتبو هيءُ آهي:

چو حبِ آل مولي، جان خان بود
روانش برد حورالعين بجنت
بدل سالِ وصالش گفت رضوان
نگو "منزل متين الدين بجنت". 1177 هہ

جيڪڏهن 1091 هہ ۾ مير صاحب ننڍي جو ديوان هو، تہ ان حالت ۾ 1177هہ ۾ سندس عمر سئو يا ان کان مٿي هجڻ کپي. مير صاحب جي وفات وارو زمانو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي حڪومت (1170هہ- 1186 هہ) جو هو. پڻس، امين الدين خان، ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دور (1111 هہ- 1131هہ) ۾ انتقال ڪيو. ۽ پاڻ عالمگير جي عهد ۾ پيدا ٿيو. ۽ مغل سلطنت جو زوال اکين اڳيان گذاريائين. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي سنڌ اندر قوت سندس روبرو قائم ٿي. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ (1131هہ - 1167 هہ) سنڌ جو مغليہ سلطنت کان آزاد ٿيڻ اکين سان ڏٺائين. نور محمد ڪلهوڙي کان پوءِ مراد ياب ڪلهوڙي (1167هہ- 1170هہ) جو دور ڏسي، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي راڄ ۾ راهہ رباني ورتي ويو.

امين الدين خان جو آخري زمانو، سنڌ اندر مغل حڪومت جي زوال

جو زمانو هو. جنهن وقت فوت ٿيو، ان وقت ٺٽي ۾ ٻن مغل گورنرن جو باهمي جدال قتال هو، جنهن ۾ عطر خان [1] شهيد ٿيو ۽ لطف علي خان شهيد ٿيو ۽ لطف علي خان [2] قابض ٿيو. اها ويڙهه به مغليه قوت جي زبون حاليءَ جو دليل هئي. 1127 هه ۾ جڏهن امين الدين خان انتقال ڪيو، ان وقت لطف علي خان به معزول ٿيو ۽ اعظم خان [3] دهليءَ کان آيو. جنهن جي دور ۾ شاهه عنايت [4] جي شهادت جو المناڪ واقعو ظهور ۾ آيو، ۽ سنڌ خوفناڪ ڏڪر ۽ ٻن اڪيچار بلائن ۾ مبتلا ٿي.

مير امين الدين خان کي ٻه پٽ هئا:

(1) مير محمد غوث

(2) مير ابوالمفاخر

---

(1) سعد خان عرف نواب عطر خان. سندس نالو غياث الدين هو. 1119 هه ۾ پهريون دفعو ٺٽي جو نواب ٿي آيو: هڪ سال ۾ ٻه ٽي مهينا رهي، بدلي ٿي ويو. ٻيو دفعو 1124 هه ۾ آيو: تجربيڪار نه هو، سمورو ڪم محمد يعقوب ڪشميري هلائيندو هو. 1125 هه ۾ نواب لطف علي خان آيو، ليڪن عطر خان کيس چارج ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي ٻنهي جي وچ ۾ سخت ڪشمڪش ٿي، ۽ ٺٽي ۾ بيحد نقصان ٿيا. آخر انهيءَ ڪشمڪش ۾، 1126 هه ۾، عطر خان قتل ٿي ويو. سندس مزار مڪليءَ تي آهي، جنهن جو ڪتبو هي آهي:

"بتاريخ هفتم سهر محرم، مرحوم غياث الدين عطر خان عرف سعد خان بن سعيد خان، بڪل گونہ شهادت رحلت نمود 1126هه."

(2) لطف علي خان رضوي، سيد يوسف بکري رضويءَ جي اولاد مان هو. شعر ۾ "همت" تخلص ڪندو هو. شجاعت علي خان جو لقب مٽيءَ لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ ڪري مليس. "محسن" شاعر ٺٽوي ۽ ٻيا ڪيترا سنڌ جا شاعر، سخنور ۽ اهل ڪمال وٽس رهندا هئا. محسن "محڪ ڪمال" سندس نالي معنون ڪئي. شاهه عنايت صوفيءَ جي مخالفت سڀ کان پهريائين سندس زماني ۾ ٿي. 1127 هه ۾ معزول ٿيو، ۽ 1125 هه ۾ فوت ٿيو. "دخلہ في الجنات بلا حساب" سندس تاريخ آهي. "لب تاريخ" جي مصنف لکيو آهي ته 'لطف علي خان جو ٻيو پٽ مير ذوالفقار علي شاهه ٽالپرن جي دور ۾ ڪاردار هو. ان جو پٽ سيد روشن علي شاهه سندس دوست هو، ۽ ڪراچيءَ جي ڪورٽ ۾ ناظر هو، پوءِ جهرڪن جو ڪاردار ٿيو.' انهيءَ بزرگ جو پٽ ٺٽي جو مشهور سنڌي شاعر سيد غلام مرتضيٰ "مرتضائي" هو.

(3) اعظم خان بن صالح خان بن فدائي خان سيد ۽ خان جهان لوڌيءَ جي پاءُ جو ڏهٽو هو. 1128 هه ۾ لطف علي خان جي جاءِ تي ٺٽي جو نواب ٿي آيو. مير علي شير "مقالات" ۾ لکيو آهي ته سندس دور سنڌ لاءِ نهايت ئي مبارڪ هو.- "از قضاي قدومش بر اهل ديار غير موافق و شمر انواع ايذا و آزار افتاده". ڏڪر به پيو ۽ شاهه عنايت جي شهادت به ٿي. 1132 هه ۾ بدلي ٿيو، ۽ نواب خان "ڪاظم" سندس جاءِ تي آيو.

(4) شاهه عنايت الله ولد مخدوم فضل الله بن ملا يوسف بن ملا آجب بن مخدوم صدو لانگاه. جيد عالم، باڪمال صوفي، ۽ پنهنجي رب جو برگزيدو بندو هو. ميرانپور (جهوڪ شريف) ۾ جڏهن سندس منڊل متو، ان وقت اهل دنيا سندس اثر وڌندو ڏسي، سندس مخالف ٿي پيا، ۽ آخر 1130 هه ۾ اعظم خان هٿان سندس شهادت پيش آئي.

مير محمد غوث، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور (1131هه- 1167 هه) ۾، بخشي گريءَ جي عهدي تي فائز هو. ۽ بقول مير "قانع"- "بحالت بزرگي مستثنيٰ گذشته". فرمانن واري بياض ۾ جنهن جو ذڪر گذريل صفحن ۾ اچي چڪو آهي، هڪ سند آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان نور محمد ڪلهوڙي 1162هه ۾، هُن لاءِ هڪ ريٽي ڏهاڙيءَ جو اجرا ڪيو. ميان مراد ياب ڪلهوڙي 1167هه ۾ ان کي نئون ڪيو، ۽ 1168 هه ۾ به ساڳئي سند کي نئون ڪري مراد ياب ڪلهوڙي هڪ ريٽي ڏهاڙي جو اجرا ڪيو. 1182 هه ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ساڳي تنخواه مير محمد غوث جي پٽ مير ڪريم الدين لاءِ جاري ڪئي، جنهن مان يقين ٿيو ٿو ته مير غوث جو انتقال سن 1182هه کان اڳ، بلڪ سن 1181هه کان به اڳ ٿيو چاڪاڻ ته مير علي شير "تحفة الڪرام" ۾ جيڪي لکيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ان وقت زنده نه هو.

مير غوث جي مزار مڪليءَ تي پنهنجي پيءُ جي پهلوءَ ۾ موجود آهي، ليڪن ڪتبي وارو پٿر قبر کان ٽٽي ڪيتري زماني کان زمين ۾ پورجي ويل آهي، ۽ تاريخ جون آخري به سٽون ڍڪي ويل آهن. جنهنڪري تاريخ جو صحيح تعين ٿي نه ٿو سگهي. ڪتبو هيءُ آهي:

مير محمد غوث از دنيا بر فت
جنت الماويٰ گشته جاي او
[هاتفم گفتا] ڪه سال رحلتش
[باد درخلد برين] ماواي او" [1]

ڪتبي جي سال جا انگ به ڍڪيل آهن، معلوم پيو ٿئي ته ڇهن 1172هه لکيل آهي.

مير غوث جي هڪ پٽ مير ڪريم الدين جو نالو مير علي شير "تحفة الڪرام" ۾ لکيو آهي، جنهن لاءِ چوي ٿو ته 'اڄا تائين (1281 هه) ڪلهوڙن جي دربار ۾ پيءُ واري عهدي تي فائز آهي.' [2]

انهيءَ مير ڪريم الدين جي نالي مٿي ذڪر ڪيل پروانو. جيڪو 1182هه ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جاري ڪيو هو. تنهن جي تصديق

---

[1] مزار جي انهيءَ ڪتبي جو فوٽو شامل ڪيو وڃي ٿو.
[2] "تحفة الڪرام" ص. 3/208.

میان عبدالنبيءَ کلهوڙي 1101 هجريءَ ۾ ڪئي، ۽ جڏهن ڪلهوڙا ختم ٿيا ۽ ٽالپر آيا، تہ مير فتح علي خان بہ 1201 هہ ۾ ساڳئيءَ تنخواہ کي قائم رکي، انهيءَ ئي سند جي تصديق ڪئي. انهيءَ ئي ساڳئي پرواني مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ مير محمد غوث کي ٻيو بہ پٽ سيد قنبر علي نالي هو، جنهن جو پڻ نالو انهن سَندن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سيد قنبر علي پاڻئجي ٿو تہ 1219 هہ کان اڳ فوت ٿيو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سال سندس وظيفو سيد ڪرم علي ۽ پير وڏن شاهہ جي نالي جاري ڪيو ويو، جيڪي ممڪن آهي تہ فرزند هجن. سيد ڪريم الدين جي هڪ پٽ، مير متين الدين نانيءَ، جو نالو بہ ٽالپرن جي ڏنل سَندن ۾ اچي ٿو، ۽ سندس نالي تي ٻهريون پروانو 1241 هہ ۾ مير ڪرم علي خان جاري ڪيو، جيڪو 1244 هہ ۽ 1248 هہ تائين تصديق ٿيندو رهيو.

مير متين الدين خان جي ٻئي پٽ، مير ابوالمفاخر، لاءِ اسان کي تاريخ جي ذريعي ڪابہ معلومات ملي ڪانہ ٿي سگهي، مير "قانع" فقط سندس نالو لکيو آهي، ۽ سندن مان فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ هو 1127 هہ ۾ موجود هو. مڪليءَ واري اميرخاني رانئڪ ۾ گهٽيون ئي قبرون ڊٺيون ۽ ڦٽيون پيون آهن، ممڪن آهي تہ اهو سيد زادو بہ ڪنهن زبون ٿيل مزار ۾ مٽيءَ جا مٿان وجهيون محوِ خواب هجي.

**مير محمد 'گدا':**

گدا مير امين الدين خان جو ٻيو فرزند هو. سندس اصل نالو ڪلب علي خان هو، ليڪن مشهور محمد گدا جي عرف سان هو: مير "قانع" لکيو آهي تہ— "بہ بزرگي مفرد، عن قريب گذشتہ"[1]، "مقالات" ۾ قدري تفصيل کان ڪم ورتو اٿس-

> "شيوه بزرگان بهمہ باب در ذات سعادت مآب او مضمر،
> بحس اخلاق و ڪمال بلاغت معروف و موصوف".[2]

"مقالات" جي اختتام (1172 هہ) ۽ "تحفة الڪرام" جي خاتمي (1181هہ) جي وچ ۾ فوت ٿي ويو. "عن قريب گذشتہ. مان اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ 1181 هہ ۾ يا ان کان هڪ اڌ سال اڳ ۾ انتقال ڪيو هجيس.

---

(1) "تحفة الڪرام" ص. 3/208.

(2) "مقالات" ص. 256.

محمد گدا جي مزار پيءُ جي سيرانديءَ ڪان امير خاني، قبرستان ۾ موجود آهي، ڪتبي جي تصوير شامل ڪجي ٿي، تاريخ وفات ان تي اُڪريل ڪانہ آهي.

صاحب "مقالات" مير صاحب جا چند شعر نموني طور ڏنا آهن:

چون آئينہ بيتاب نگهہ بود دل ما
هر چندا ترا ديد نياسود دل ما

—

سگ اصحاب ڪهف يافت نجات
چون نيابد نجات ڪلب علي

—

بي ياد روي يارچہ در دل ڪند ڪسي
جائيڪہ نيست يارچہ محفل ڪند ڪسي
همچون حباب برسر بحريم بيقرار
بر روي سطح آب چہ منزل ڪند ڪسي

**مير محمد "عطا":**

هيءُ مير امين الدين جو ٽيون فرزند، عالم فاضل، شاعر ۽ صاحب ڪمال بزرگ هو. "مقالات" ۾ آهي تہ:

"بهمہ وجوه شائستہ و بر آثار بزرگان سلوڪ بسيار خوش اختلاط، و خليق و متواضع ايست. صحبتهاي امرا ديده و فيض آداب از خدمت والد ماجد و افر اندختہ. در سادات امير خاني ممتاز و مشار اليہ مي باشد." [1]

انهيءَ اقتباس مان مير صاحب جي عام اخلاق ۽ عادات جو اندازو ڪري سگهجي ٿو: اميرن جون صحبتون ميسر ٿيون هيس، والد ماجد ڪان خاص تربيتٌ حاصل ڪئي هئائين، ملڻ جلڻ جو شوقين، ۽ ميل ملاقات ۾ خليق ۽ متواضع هو. مير علي شير "تحفة الڪرام" ۾ لکي ٿو تہ:

[1] "مقالات" ص. 166.

"بر قدم آبا بمزيد عزت و افتخار، چهار سال پيش از
تحرير اين اوراق (1181 هه) در گذشتہ." [1]

سندس انتقال 1178 هه ۾ ٿيو، جيئن مرزا جي ڪتبي تي اُڪريل آهي. سندس مزار مڪليءَ واريءَ رانڪ تي پنهنجي والد جي ويجهو مرڪزي ٿلهي کان هيٺ، اتر طرف کان آهي. ڪتبو هن طرح آهي:

مهيمنا بنبي و علي و هر دو گوهر
بعابدين و بباقر بصادق و جعفر
بموسيٰ و يرضا و تقي و هم بہ نقي
بعسڪري و بمهدي امام غيب اندر
هر آن گناه ڪہ ڪرديم از صغير و ڪبير
بحق آل محمد ڪہ از همہ بگذر

—

'يا محمد عطا بنام حسين'-
تاريخ سيوم ماه شعبان 1178 هه

مير صاحب تصوف طرف بہ مائل هو، ۽ شعر سخن سان بہ ذوق هوس، "عطا" تخلص ڪندو هو. "مقالات" جي مصنف سندس هيٺيان چند شعر نموني طور ڏنا آهن:

محو گشتہ در خيال يار خويش
خود شدم آخر "عطا" غم خوار خويش

—

اي "عطا" اين عطا بما حق ڪرد
پردهاي حجاب را شق ڪرد

—

چاره ڪار ما چو او نڪند
ڪارها هيچ گفتگو نڪند
من سپردم بدوست مطلب خويش
داغ او را ڪہ جز نڪو نڪند

—

[1] "تحفة الڪرام" ص. 3/208.

مير محمد جعفر نالي سندس هڪ عزيز فوت ٿيو. پاڻ سندس تاريخ ڪڍيائين-
'آب ڪوثر بڪام جعفر'. 1145 ھ

—

حيات نالي هڪ مائيءَ سان دلبستگي هئس، فوت ٿي تہ هيءَ تاريخ چيائين:
'هاي حياتم رفت'. 1155 ھ [1]

**شاھ عبداللطيف سان دوستي:**

"تحفة الڪرام" مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير محمد "عطا" سان، سنڌ جي قومي شاعر ۽ ولي ڪامل شاھ عبداللطيف جي بہ سنگت هئي، سيد صاحب جڏهن ٺٽي ايندو هو تہ مير صاحب جي بالاخاني تي قيام ڪندو هو. هڪ دفعي جو ذڪر ڪندي مير "قانع" لکي ٿو تہ حبيب شاھ نالي هڪ مجذوب مير "عطا" جي بالاخاني ۾ اچي چادر پائي سمهي پيو. ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون برابر ننڊ ۾ هو. شاھ عبداللطيف بہ انهيءَ زماني ۾ مير صاحب وٽ رهيل هو ۽ ساڳئي ئي بالاخاني تي مقيم هو. جڏهن انهيءَ مجذوب جي انهيءَ ڪيفيت جي ڪيس خبر پيئي، تڏهن هو پاڻ اتي آيو، ۽ اها حالت ڏسي فرمايائين تہ:

"اي مجذوب، تو اهڙي ننڊ ڪٿان سکي؟"

"توکي تہ ننڊ ۾ اها حالت نصيب آهي، جيڪا اسان کي جاڳ ۾ بہ ميسر نہ ٿي ٿئي." [2]

شاھ صاحب جا مراسم مخدوم محمد معين ٺٽويءَ سان بہ هوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ مير محمد "عطا"، ۽ مخدوم معين وغيره سڀ هڪ ئي سنگت جا هئا. مير صاحب کي بہ ٻہ ٽي هئا، جن جا نالا ڪونہ لکيا ويا آهن.

—

[1] "مقالات ص. 166.
[2] "تحفة الڪرام" ص. 3/257.

# مير رضي الدين فدائي

مير رضي الدين محمد "فدائي" مير ابوالمڪارم شهود جو ٻيو پٽ هو. صاحب ديوان شاعر هو. مير علي شير جو قول آهي تہ پنهنجي وقت ۾ ڪامل شاعر هو:

"بمحاسن والا موصوف در شعر ڪامل وقت گذشتہ.
"فدائي" تخلص مي فرمود. صاحب ديوان است. از
اشعارش ڪمالات ظاهري و باطني بمسامع روزگار
ميرسد." [1]

اڪثر مرصع قصيدا چوندو هو. "مقالات" ۾ قصيدي جو هڪ شعر نقل ڪيو ويو آهي- مير قانع جو قول آهي تہ اهو قصيدو چئن صنعتن تي مشتمل آهي-

غير خاموشي ڪسي از درد ما آگاه نيت
آه را بهر عيادت برر ما راه نيست

مون وٽ سيد "مرتضائي" [2] ٺٽويءَ جو گڏ ڪيل انتخاب موجود آهن، جنهن ۾ مختلف شاعرن جا هم طرح غزل آهن. انهيءَ ۾ "مير 'فدا' امير خاني سنڌيءَ" جا بہ چند غزل موجود آهن. اسان سمجهون ٿا تہ مير "فدائي" ۽ "فدا" هڪ ئي شاعر آهي، تنهنڪري هيٺ اهي غزل نقل ڪجن ٿا:

ڪہ هست اين قطره چون خون غنچہ محروم از چڪيدنها
نگہ سرشار گردد خيره در چشم رميدنها
مگر گفتي،خون بر آيد غنچہ را از لب گزيدنها
ز استادانہ و حشتهاي چشم مار مي بينم
بپاي آهوي تصوير آموزد رميدنها
"فدا" از تحط سالِ آبروهاپر عجب نبود
ڪہ آيد ماهيءِ تصوير در دام طپيدنها [3]

ميان "رجا" ٺٽويءَ جي بياض ۾ بہ اهو غزل نقل ٿيل آهي، مطلع هن طرح آهي:

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 3
[2] مير "مرتضائي" افقر رضوي ٺٽوي
[3] بياص نمبر 5، "بياض رجا"، ج: I.

نگهہ سرشاد گردد خيره در چشم رميدنها
ڪرا بر آفتاب عارض او تاب ديدنها [1]

---

جهان گرديد مجنون تاب روي بي نقابش را
سرشڪ ديده ليليٰ ست شبنم آفتابش را
زبان خامہ شق گردد بروي صفحہ از حيرت
ز خط چون منتخب تفسير بنويسد ڪتابش را
سرم پروانہ جوهر باد در بزم شهيدانش
ڪہ مي بينم زبانِ شعلہ شمشير عتابش را
ز شوخيهائي در آغوش آرد و هر لحظہ مي بوسد
ڪہ محرم ڪرد يا رب اين چنيب دريا رڪابش را
فدا از شعر "ناصر" مصرعٔ برجستہ مي خوانم
ندارد حيرت دل تاب حسن بي حجابش [2]

ناصر علي سرهنديءَ جو مطلع هن طرح آهي-

ندارد حيرت دل تاب حسن بيحجابش را
ڪہ باشد صافئ آئينہ شبنم آفتابش را

---

در اضطراب است دلِ درد مند ما
چون داغ لالہ ماند پر آتش سپند ما
گفتم بدام حلقۂ زلف تو چشم چيست
گفتا ڪہ آهوي ست شڪار ڪمندما [3]

---

همان خوني ڪہ بلبل ................
همہ از رنگ گل در رشڪ رخسارش چڪيد اينجا
"فدا" در شعر گفتنها مدد خواه از علي ناصر

---

(1) "بياض رجا" ج: 1، مملوڪ سنڌي ادبي بورڊ.
(2) بياض نمبر 15، "بياض رجا" ج: 1.
(3) بياض نمبر 33، "بياض رجا" ج: 2.

درِ فيض است منشين از كشائش نا اميد اين جا [1]

انهيءَ زمين ۾ ناصر عليءَ جو شعر آهي:

در فيض است منشين از كشاكش نا اميد اين جا
برنگ دانہ زيرِ ثقل ميرويد كليد اين جا

---

بياض "رجا" ۾ هيءَ شعر بہ آهن-

شب ز شو از اشك دادم ديده ادراك را
تا نگاه پاك اُفتد آن جمال پاك را
اي صبا خاك ره آن نور چشم ما بيار
تا شود كحل الجواهر ديده نمناك را [2]

---

پانئجي ٿو تہ مير رضي الدين "فدا" تي ناصر علي سرهنديءَ جو وڏو اثر هو. ممڪن آهي تہ ساڻس دوستيءَ يا شاگرديءَ جو تعلق هجيس، ٻئي همعصر هئا. ناصر علي مير صاحب کان 13 سال اڳ 1108 ھ ۾ فوت ٿيو.[3] انهيءَ مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ مير رضي الدين پنهنجي بزرگن وانگر هندستان ايندو ويندو هو. ممڪن آهي تہ شاهي دربار سان بہ سندس ڪنهن قسم جي وابستگي هجي.

مير صاحب جي وفات 1120 ھ ۾ ٿي، مير "قانع" هيٺئين تاريخ چئي:

بسڪ بفوش همہ گفتند هي
"هي رضي الدين" بود سال وي. 1120 ھ [4]

کيس هڪ پٽ مير حيدر الدين ابوتراب "ڪامل" نالو هو، جيڪو پڻ پيءُ ۽ پنهنجن بزرگن وانگر ناليوارو شاعر ۽ اديب هو. سندس سوانح اسان جدا بيان ڪري رهيا آهيون.

---

(1) بياض نمبر 51.

(2) "بياض رجا" ج: 1، ص. 6.

(3) ناصر علي سرهندي، شيخ محمد معصوم بن حضرت مجدد الف ثانيءَ جو مريد هو. پهريائين سيف خان جي ملازمت ۾ هو، ان جي وفات کان پوءِ ذوالفقار خان ولد اسد خان وزير اعظم جي مصاحب ۾ اچي داخل ٿيو. درويش صفت، فقير منش ۽ باڪمال شاعر هو. آخري عمر ۾ دکن کان دهليءَ آيو، جتي 1108 ھ ۾ فوت ٿيو. سندس مزار سلطان الاوليا، شيخ نظام الدين قدس سره العزيز، جي جوار پريهار ۾ آهي.

(4) "مقالات" ص. 192.

# مير حيدرالدين ابوتراب "ڪامل"

مير رضي الدين "فدائي" جو اڪيلو فرزند، پنهنجي دور جو بلند پايہ اديب ۽ نالي وارو شاعر هو. حيدرالدين نالو، ابوتراب ڪنيت، ۽ "ڪامل" تخلص هئس. سندس علم فضل، ادب ۽ ڪمال جي سلسلي ۾ "مير قانع" رطب اللسان نظر اچي ٿو. لکي ٿو تہ سڄي زندگي تجرد ۾ بسر ڪيائين، ڪيترن وقت جي چڱن وٽانئس ظاهري خواه باطني فيض پرايو، ۽ دنياداريءَ جي معاملن لاءِ سندس دل ۾ ڪڏهن بہ ڪشش پيدا ڪانہ ٿي، "تحفة الڪرام" ۾ مير صاحب لکي ٿو تہ:

> "استاد محقق مجرد زيستہ، در ڪلمالات آنجناب ڪتابها بايد، بسا اهل دل صحبتش سرمايہ فيوضاة ظاهري و باطني مي دانستند، اغلب بزرگان بقدم ارادت بوي سلوڪ داشتند، هرگز رجوع بدنيا نفرموده و بعمل منطوقہ، 'ڪن في الدنيا ڪانڪ غريب او عابري سبيل' زيستہ". [1]

"مقالات الشعرا" ۾ مير "قانع" سندس حسن اخلاق ۽ حسن طبعيت تي وڌيڪ روشني وڌي آهي:

> "جناب 'ڪامل'، آن مير بي بظير، سراپا ڪمال و مرجع ارباب ڪمال بوده فقر اختياري برگزيده، حصور و مجردي زيستند، باوجود آنڪ معيشت شان بعسرت ڪلي بود و اڪثر ارباب دول مثل نواب مهابت خان 'ڪاظم' وغيره حڪام بسماجتها و ظيفہ و نياز عرض مي ڪردند، از هيچ ڪدام قبول نفرموده، همہ راه عزلت گزين و گوشہ گير از ابناي زمانہ مي بودند، و هرڪ از اهل دول وغيره بخدمت شان فائز مي شد، بي بهزه نمي ماند، صحبتش غير قال حال، و قال الله وقال الرسول نبود، اوقات بابرڪات در تحزن دائمي و استغراق بسر مي رفت ، خوارق از ايشان

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 209/3

بسيار سرزده است". [1]

سموري زندگي، عسرت ۽ مسڪينيءَ ۾ بسر ڪيائين. نواب مهابت خان "ڪاظم" [2] ۽ ٻيا اهل دولت ڪيس بمنت نذر نياز پيش ڪندا هئا، ليڪن ڪڏهن پاڻ قبول نہ ڪيائين، گهڻو ڪري وڏن ماڻهن جي ملڻ جلڻ کان ڪيٻائيندو هو، گوشہ نشينيءَ ۾ عافيت سمجهندو هو. جيڪڏهن ڪنهن زماني جي ماڻهوءَ سان روح ريڏس، تہ ان کي خالي نہ ڇڏيائين. سندس مجلس هميشہ قال الله و قال الرسول جي شغل سان مزين رهندي هئي. هميشہ رقت ۽ استغراق مٿس طاري رهندو هو، ۽ ڪيترين ڪرامتون ڪانئس سرزد ٿيون.

**شعر و سخن:**

مير "ڪامل" مختلف زبانن ۾ شعر چيو آهي، سنڌي، هندي، ۽ فارسيءَ ۾ ديوان ڇڏيائين، جيڪي ميان محمد پناهہ وٽ تدوين لاءِ هئا. هنديءَ جي ايهام گوئيءَ ۾ ڪيس خاص ڪمال هو، ڏوهيڙن ۽ ڪبتن ۾ بہ ڪيس مهارت هئي، مير علي شير جو بيان آهي تہ:

"در ايهام هندي بي مثل و دهره و ڪبت و نڪات غريب و صفات عجيب و سائ اقسام از ايشان بسيار بر زبان ها ست".

سنڌي زبان تي جيتوڻيڪ بقول مير "قانع" پوري قدرت ڪانہ هئس، تاهم بيحد حسين شعر چوندو هو:

"زبان سندهي نہ دانستند و دران شعر مي فرمودند، شعر فارسي هم اغلب بر عنوان ايهام سر زد طبعيت گرامي مي شد". [3]

**تصانيف:**

مير "ڪامل" پرگو شاعر هو. مير "قانع" جو قول آهي تہ هن پنهنجي ڪلام جا ڏهہ ضخيم جلد تيار ڪيا، جن کي محمد پناہ "رجا" جي حوالي ڪيو هئائين، تہ هو انهن کي مرتب ڪري-

---

(1) "مقالات" ص. 253.

(2) نواب مهابت خان 'ڪاظم' خلف محمد منعم خان، خان خانان (وزير اعظم شاهہ عالم) 1132 هہ ۾ ٺٽي آيو، ۽ 1135 هہ ۾ ٺٽي ۾ فوت ٿيو. "ماثر الامرا" جي مصنف شاهنواز خان جو ڏاڏو هو ("ماثر" 714/3)، شاعر هو، ۽ "ڪاظم" تخلص هئس.

(3) "مقالات" ص. 253.

”ده ڪتاب بزرگ در مسوات شعر پارسي حسين احتضار
بہ ميان محمد پناھہ ”رجا“ کہ شاگرد و خادم حضرتش
بود. براي تدوين سپرد ڪہ هنوز از مواد (1172 ھ) بياض
نرسيده“.

ميان محمد پناھ ”رجا“، اهي تدوين ڪيا يا نہ. اهي ڪيڏانهن ويا، ان جو اڄ پتو پوڻ مشڪل آهي. ميان ”رجا“ جا بہ بياض سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود آهن، جن ۾ مير صاحب جا منتخب اشعار ڏنل آهن. ٻيو متفرق ڪلام بہ ملي ٿو، ليڪن ڪوبہ ديوان اسان کي اڃا تائين ملي ڪونہ سگهيو آهي.

**شاگرد:**

مير صاحب جهڙي ڪامل استاد وٽ ڪيترن ئي ڪهڙن علم جي پياسن پنهنجي اڃ لاٿي، ان جو مفصل تذڪرو ڪونہ ٿو ملي. ”مقالات“ ۽ ”تحفة الڪرام“ مان ڪن جا نالا ملن ٿا، جن جو ذڪر اسن هيٺ ڪريون ٿا، البت مير ”قانع“ اختصاراً ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ جو مواد اسان وٽ نامڪمل آهي، ورنہ اسان کي صحيح اندازو ٿي سگهي ها تہ مير صاحب وٽ ڪهڙن شاعرن فيض حاصل ڪيو.

**مير علي شير قانع:**

”مقالات الشعرا“ ۽ ”تحفة الڪرام“ جو مصنف مير علي شير ”قانع“ سنڌ جو بي مثال مؤرخ ۽ بي بدل شاعر (1140ھ - 1203 ھ) مير ”ڪامل“ جو شاگرد هو. ”مقالات“ ۾ ڪيترن جاين تي معترف آهي-

”فقيري چندي فيض صحبتش دريافتہ... “ ص 253

”قريب نيز در حضور آن استاد ڪامل گاهي فڪر هندي
ميڪرد... “ ص 254

”قريب دو سال ديگر زبان سخن آشنا نہ بوده تا بہ تجديد
بفيض خدمت استاد ڪامل عامل مير حيدرالدين ابوتراب
ڪامل مستفيد شده، چند غزل گذراند“. ص 214

**محمد پناھ ”رجا“:**

هيءُ ڪلهوڙن جي دور جو صاحبِ ديوان شاعر هو. مير ”قانع“ سندس لاءِ لکي ٿو تہ:

"بلطف طبع وجودت فکر اتصاف دارد".

("مقالات" ص 108).

"در اشعار خوش تلاش، و در تاریخ یابي نادر الفکر، مردي نمکین صحبت آرا مي باشد. با فقرا و اهل الله معقدانہ در خور دارد، اکنون تتہ در صاحب سخنان غنیمت است ("تحفة الکرام" ص 3/244)

میان نور محمد ڪلهوڙي جـي امیر ۽ وزیر، سید میر متاري عرف میر لطف الله جي دامن دولت سان وابستہ هو. ساڳئي وقت میر ڪامل جي بہ خدمت ڪندو هو، بلڪ سندس خادم خاص هو. شعر ۾ میر صاحب سندس استاد هو، میر صاحب پنهنجا ڏهہ دیوان تدوین لاءِ میان "رجا" کي ڏنا هئا، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ استاد کي شاگرد تي ڪيڏو ڀروسو هو، ۽ سندس علمي حیثیت جي استاد وٽ ڪيتري قدر قیمت هئي.

میان "رجا" جو دیوان مرتب ٿيو هو، لیکن اهو اڃ ناپید آهي. "مقالات" ۾ ڪجهہ انتخاب ۾ بین بیاضن ۾ ڪجهہ متفرق اشعار ملن ٿا. تاریخ گوئيءَ ۾ ڪیس ڪمال هو، جڏهن سندس ولي نعمت میر لطف الله جهان ڇڏیو تہ هيئنئين تاریخ چيائين:

هر ڪہ آمد برسرِ قبرش بتاریخِ وفات
"رحمتِ ایزد بجانِ میر لطف الله" گفت

1161 هہ

میر متاري تي سندس ڏاڍو اثر هو، "مقالات" ۾ آهي تہ:

"بخدمت میر لطف الله عرت میر متاره وزیر سند آب و تابي خوب داشتہ، مدت بمصاحب بسرد برد، و در صحبت آن قدر شناس اهلِ کمال کارهاي نمایا کرده". [1]

"رجا" 1197 هہ ۾ انتقال ڪيو، اصل باشندو ٺٽي جو هو، سندس جسم خاڪيءَ کي ڪتان جي مٽي نصیب ٿي، ان جو پتو نہ آهي، میر "قانع" جي فرزند میر "مائل" هيئنئين تاریخ چئي:

---

[1] "مقالات" ص. 108.

وا دريغا "رجا" وفات نمود — هر ڪہ بشنيد شد حزين و ملول
گفت دل سال فوتِ آن مرحوم — "هست مقبول برجناب رسول"

1197 ھ

**مير ابوالبقا بهرور علي:**

ٺٽي جي عريضي سبزواري خاندان جو هي درخشنده ستارو بہ استاد "ڪامل" جو شاگرد هو. مير صاحب جو ڏاڏو، مير عبدالله سلطان ولد مير ابوالمڪارم بن غياث الدين [1] محمد المعروف بہ سلطان رضائي العريضي سبزواري، شاھ جهان ابتدائي زماني ۾ ٺٽي مقيم ٿيو. ڪيس 5 پٽ هئا، جن مان ٽئين پٽ مير عبدالرحمان جو فرزند مير ابوالبقا بهرور علي هو. سندس ڏاڏو بہ شاعر هو ۽ پاڻ بہ بي مثل شاعر ٿيو.[2] ٺٽي جي سبزواري سادات انهيءَ بزرگ جو يادگار آهن. مير ابوالبقا جي تصنيف، "تاريخ چراغ هدايت المعروف بہ بهرور شاهي"، مشهور آهي. فارسي شعر ۾ هڪ ديوان بہ يادگار ڇڏيائين.

ميرزا صاحب جي زمين ۾ هڪ غزل چيو اٿس، جيڪو بياض مرتضائيءَ ۾ منقول آهي، محفوظ ڪرڻ جي خاطر اسان بہ نموناً نقل ڪري ڇڏيون ٿا:

منت درمان ندارد از طبيبان درد ما
سوزش دل مرهمي دارد ز آه سرد ما
آتشي سوزان ندارد سرڪشي هر گز بتاب
گرميءِ جور رقيبان يخ شود از گرد ما
چون توان پنهان نمود از خلق سوز عشق را
آتش دل را گواهي داد رنگ زرد ما
اين جواب آنڪ "صائب" از دل پر درد گفت
صبح بر خورشيدمي لرزد ز آهِ سرد ما [3]

**هڪ دلچسپ واقعو:**

مير "ڪامل" جي سلسلي ۾، "قانع" هڪ دلچسپ قصو نقل ڪيو آهي. لکي ٿو تہ حبيب شاھ نالي ڏاهري قبيلي جو هڪ شخص هو، نوجوانيءَ ۾

(1) هي بزرگ آخوند مير مصنف "حبيب السير" جو ڏهٽو هو.
(2) "تحفة الڪرام" ص. 203/3.
(3) "بياض مرتضائي" ص. 33.

والدين سندس شادي ڪرائي، پهرين رات ڪنوار سان رهي صبح جو اٿي هليو ويو، ٻارهن سالن تائين غائب هو. جڏهن ايتري عرصي بعد نٽي ۾ آيو ته سندس حالت مجذوبن جهڙي هئي- سرُ پير اگهاڙا، بدن تي لٽو ڪونه، زبان بند، نه ڳالهائڻ نه ٻولهائڻ، شاهه مبين جي مزار تي ويهي رهيو. ماڻهن جي عقيدت وڌي، ٽولن جا ٽولا سندس زيارت لاءِ اچڻ لڳا، ڪيس ايترو ڪشف هو، جو ماڻهن ڪي سندن دل جو حال ٻڌائي ڏيندو هو.

"مجذوب جي مير 'ڪامل' سان به دوستي هئي، وٽس ايندو ويندو هو، هڪ ڏينهن گڏ ماني تي ڪاڌائون- ميڇيءَ جو ٻوڙ هو، مجذوب فقط شوروو تي ڪاڌو، ميڇيءَ جي ڳترن کي هٿ نه تي لاتائين، ۽ ساڳئي وقت مير صاحب کي به کائڻ نه تي ڏنائين. مير صاحب اک ونئي، هڪ ڳترو کڻي ورتو، مجذوب غصي ۾ اچي اهو ڳترو کسي ورتس، ۽ ٻوڙ جي ٿالهي به پٽ تي اڇلائي ڇڏيائين. ٿوريءَ دير بعد ٻليءَ اچي اهي ڳترا کاڌا، ۽ کائڻ شرط مري ويئي، مير صاحب اهو رنگ ڏسي خدا جو شڪر ادا ڪيو."

انهيءَ مجذوب جو مير محمد "عطا" سان به رشتو هو، جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري چڪا آهيون.

نادر شاهه جون فوجون جڏهن شهر ۾ آيون ان وقت مجذوب شهر مان غائب ٿي ويو، ۽ وري ڏسڻ ۾ ڪونه آيو.[1]

**فارسي ڪلام:**

مير "ڪامل" جو منتشر ڪلام اسان کي "مقالات الشعرا" ۽ ٻين مختلف بياضن ۾ مليو تو، افسوس آهي جو سندس شعر جي مسودن جا ڏهه ضخيم ڪتاب گم ٿي ويا-

سجودِ اهل دين را نقش بر خاڪ دگر باشد
زمينِ پاڪ نبود در طهارت خانه دنيا

---

فانوس حجاب ست چراغ سحري را
دامن بکمر برزده بايد سفري را

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 257/3.

پیر گشتیم و همان داغ تو گرم است بدل
این نہ شمعي ست کہ از صبح شدن تار شود

—

بهندوستان زلفِ یار منصب دار شد "کامل"
هزاران دام در جاگیر دلخواهست تنخواهش

—

خاطرِ جمع است حفظِ آبروها مرد را
راه رفتن نیست آبي را کہ گوهر مي شود

—

ظالمِ خون ریز را درخانہ ناني کس ندید
چون کمان در قبضہ اش جز استخواني کس ندید

—

تاکي بہ آب تیغ قناعت کند کسي ندید
لشکر چوشد گرسنہ خورد از عدو شکست

—

نگاهش ساغر مل مي توان گفت
صراحي گفت، قلقل مي توان گفت
شهادت جنت از دوزخ بر آرد
چراغ کشتہ را گل مي توان گفت

—

قانع بخانہ دست بهر خوان مکش مکش
یک ناس بس است منت دونان مکش مکش
ایما شناس نرگس بیمار یار باش
بار درد ساز، منت درمان مکش مکش
نقش آن خالِ سیہ از دید بیرون کي رود
آخراي حرف آشنایان نقطہ از نون کي رود
راستي هر جا کہ باشد ریشہ محکم مي زند

از خیالم جلوه آن سرو موزون کي رود
جبہ سائي کرده روشن درجهان نامِ نگین
رو سیاهي جز سجود از بخت واژون کي رود

—

درین دار یک آید ویک رود
خدا بالیقین آید ار شک رود
خطش سر زد و پر بر آورده شوق
چو شاهین کہ دنبال سبزک رود [1]

—

چسان رقم کنم این ناز رنگ رنگ ترا
چگونہ صلح نگارم چگونہ جنگ ترا
ز آشیان دلم باز کي کند پرواز
کہ پر برشتۂ جان بستہ ام خدنگ ترا [2]

—

از لعل آبدار تو غرق است مي در آب
بي عاقبت بہ لعل تو کم کرد پيْ درآب
دریاي اشک برد مرا د رکنار دوست
کردم چو موج مرحلہ عشق طي در آب
عمر عزیز بیش ز سیل بهار نیست
کس خانہ چون حباب کند تابکي در آب
"کامل" ندارد آئینہ ام گردي از ملال
دارم بروز خاک درِ شاه حیدر آبدا [3]

—

بر فروغ مصطفيٰ و آل او پروانہ ام
شمع ماهِ چارده روشن بود درانہ ام

—

(1) هیستائین شعر "مقالات" مان نقل کیل آهن.
(2) هي شعر "بیاض مرتضائي" ۾ بہ موجود آهن، ص. 53- 63
(3) هي شعر "بیاض مرتضائي" ۾ بہ موجود آهن، ص. 53- 63

عشق تقويٰ سوز را پرواي ننگ و نام نيست
جز بحرف سوختن اين عشق را آهنگ نيست

—

جان من خانہ دل بهر تو جائيست بيا
دودرِ ديده بتشريف تو وائيست بيا
تا در آغوش مبارک بسلامت باشيم
شب ماهست بيا، ابن شبِ مائيست بيا

—

از برگ گل آزرده شود آن تنِ نازک
چشم بد ازان دورچہ نازک بدن است

—

هر زمان مان را بکويت شوق ديدار آورد
بلبلان را آرزوي گل بگلزار آورد

—

بغمزه گفت گنهگار عشق را چہ زا ست
کرشمہ داد گواهي کہ واجب القتل است

—

هماي کو مفگن سايہ شرف هرگز
دران ديار کہ طوطي کم از زغن باشد

—

نقد اشکم را ربود مردمِ چشم بزور
کرد سرگردم کہ باج از مردم آبي گرفت

—

ندارد مسند دنيا شکوه بوريائي دين
کہ شير اين نيستان پشم داند شير قالين را

—

اي کہ مي گوئي کہ رنگ عالم ايجاد بست

آنڪہ بويءِ هر چمن را بي گره برباد بست
بيڪسيها ............. شهيد عشق را
ميتوان از لالہ نخل ماتم فرهاد بست [1]

**اردو شاعري:**

مير "ڪامل" جو زمانو اهو آهي جڏهن سنڌ ۾ مغل سلطنت جو زوال هو ۽ ڪلهوڙن جي مقامي خاندان اقتدار ۾ اچي چڪو هو. ميان يار محمد (1112 هـ - 1131 هـ) ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي (1131 - 1160 هـ) هڪٻئي پٺيان سنڌ جي مسند تي ويٺا. مغل گورنرن جي آمدرفت، هندستاني شاعرن کي بہ سنڌ سان روشناس ڪرايو، ۽ ڪيئي اردو گو شاعر مغل حاڪمن سان گڏجي هتي اچي پهتا. هتان جي شاعرن ۽ اديبن سان سندن راهہ و رسم ٿي، ۽ انهن جي ڏيٺ ويٺ ڪري سنڌ جي فارسي گو شاعرن بہ 'ريختہ' جي نئين زبان ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. محمد سعيد "راهبر" (1137- 1143 هـ) گواليار کان نواب سيف الله، سان گڏجي آيو، مير جعفر علي "بي نوا"، نواب مهابت خان "ڪاظم" جي دور (1132هـ- 1135 هـ) ۾ ٺٽي وارد ٿيو، سيد فضائل علي خان "بيقيد" هتي پاڻ حاڪم ٿي آيو، محسن الدين شيرازي (1173 هـ) ڪانئس اڳ ٺٽي ۾ آيو ۽ مير قانع سان اچي ملاقي ٿيو. عمادالملڪ نواب غازي الدين خان فيروز جنگ، جنهن جي يادگار، دهليءَ ۾ "عريبڪ ڪاليج" واري تاريخي عمارت آهي، 1195 هـ ۾ ٺٽي آيو. ازنسواءِ، انهيءَ دور جا جليل القدر اديب، شاعر ۽ عالم سيد عبدالجليل "بلگرامي" ۽ مير غلام علي "آزاد" بلگرامي بہ وقايع نويسيءَ جي سلسلي ۾ (1116هـ کان 1145 هـ) تائين سنڌ ۾ اچي رهيا. اهي سيئي بزرگ فارسيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ بہ شعر چوندا هئا. جاڪاڻ تہ هندستان اندر خود ان وقت تازو ريختہ ۾ شعر چوڻ جو شوق پيدا ٿيو هو. "آبرو" "مضمون"، "ناجي"، مظهر جان جانان، ۽ "حاتم" انهيءَ ابتدائي دور جا هندستاني اردو گو شاعر آهن. اردوءَ جي پهرئين صاحب ديوان شاعر "ولي" گجراتيءَ بہ انهيءَ دور ۾ فروغ حاصل ڪيو.

---

[1] هيستائين جا اشعار- "بياض قانع" نمبر 1- 2- 3 ۽ "بياض رجا" نمبر 1 ۽ 2 تان نقل ڪيا ويا آهن- اهي بياض سنڌي ادبي بورڊ جي ملڪيت آهن.

سنڌ ۾ ريختہ جي شاعريءَ جو بہ اهوئي پهريون دور آهي، هندستاني شاعرن جي نئينءَ زبان واري شعر سنڌين ۾ بہ دلچسپي پيدا ڪئي. "مقالات" جي ذريعي اسان کي انهيءَ دور ۾ چند اهڙا فارسي گو شاعر ملن ٿا، جن اردوءَ ۾ بہ تفنن طبع خاطر طبع آزمائي ڪئي- شيخ "ورو" نواب سيف الله جي دور (1142هہ- 1173 هہ) ۾ ٿيو، عبدالسبحان "فائز" ٺٽوي (1137هہ - 1143 هہ) بہ ساڳئي وقت ۾ موجود هو. مخدوم محمد معين "بيراگيءَ" جو بہ اهوئي زمانو آهي، ۽ مير حيدرالدين ابوتراب "ڪامل" بہ انهيءَ ئي دور جو اديب ۽ شاعر آهي. دهليءَ جي دارالسلطنت ۾ جهڙيءَ طرح "ولي" گجراتيءَ جي ديوان پهچي، اردوءَ ۾ شعر چوڻ جو شوق جاڳايو، اهڙيءَ طرح سنڌ جي دارالسلطنت ۾ انهن هندستاني شاعرن اچي، سنڌ جي شاعرن ۾ اردو شاعريءَ جي تحريڪ پيدا ڪئي. [1]

مير حيدر الدين "ڪامل" نہ فقط پاڻ اردوءَ جو باڪمال شاعر ٿيو، بلڪ سندس دوست ۽ شاگرد مير علي شير "قانع" ۽ سندس ڀائٽيو مير حفيظ الدين بن مير حافظ الدين بہ اردو گوئيءَ ۾ڪامل جي حد تائين ڪامياب ٿيا. مير حفيظ الدين جو اردو ڪلام اڳتي ايندو، هن هيٺ مير "ڪامل" جو اردو اشعارن جو نمونو ڏيون ٿا. مير "قانع" پنهنجي استاد جي اردو گوئيءَ لاءِ لکي ٿو تہ:

"هر چند اشعار هندي ايشان عالمگير است، اما فقير آنچہ
ياد دارد مي نويسد". [2]

اها ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي، جو سنڌ جهڙي درو افتاده خطي جي هڪ شاعر جو هندي (اردو ريختہ) ڪلام سندس ئي دور ۾ عالمگير شهرت حاصل ڪري وجي، جا شهرت "ولي" دکنيءَ کي حاصل هئي، اها ئي ساڳي شهرت هن سنڌي شاعر کي بہ نصيب ٿي- ريختي جي ايهام گوئيءَ ۾ مير صاحب کي خاص ڪمال حاصل هو. مير "قانع" جي قول جي - "در ايهام هندي بي مثل، و دهره و ڪبت و نڪات غريب و صفات عجيب و سائر اقسام از ايشان بزبانها ست"- تصديق ٿئي ٿي، جڏهن سندس ايهامي شعر ڏسون ٿا، جيڪو انهيءَ دور

---

(1) انهيءَ عنوان تي منهنجو مضمون "سندهہ مين اردو" رسالہ "اردو" ڪراچي، 15 اپريل ۽ 15 آڪٽوبر ۾ پڙهڻ گهرجي.

(2) "مقالات" ص. 203.

جي ايهام گو دهلوي شاعرن کان کنهن بہ طرح گهٽ نہ آهي:

لبون دلبر کي ميري قتل پر بيڙا انايا هي
خدايا حزن سون ميري تو اس کون سرخرو کرنا

—

کا ناموس کا هي سيني مين
نام کا زخم هي نگيني مين

—

خال رخسار پر اچنبا هي
کال کي کيت ۾ اُگاهي تل

—

کس کي چوپر پر اجل ڏارا نهين
سارلي تو اسني کس مارا نهين

—

سويا پڙا هي کيا ري نازکبدن اکيلا
خون جوش دي ٽپکتا جا من سي اُنا ديک

—

عشق اب ڊول هي زليخا کا
اس سون آگي هي چاه ۾ يوسف

—

گَل گَل پگل پگل کي محبت راه مين
پاني هوئي زليخا يوسف کي چاه مين

—

دوست بخشيگا دوست سب کي سب
گرچہ عاصي هون اس کا آسي هون

—

کہ ديا جسکي داغ چاتي هي
اسکي مرهم کي بات باقي هي (1)

—

(1) هي سڀ شعر "مقالات" مان ورتا ويا آهن. ص. 254.

زلفان ڪي اگر سات اڑاؤ تو اڑونگا
سو بار اگر مار لڑاؤ تو لڑونگا
"ڪامل" هي غني تيڪر (؟) هي هر لاڪ لڪاوي
ڪيون ٹوٹا (؟) ڪهرا ڪهراوي تو ڪهرونگا

—

درين هون تيري خال ڪي پرڇائين هري هين
يا از تپِ خورشيد رخت چائين هري هين

—

زلف انکيان پہ آن لٹکي هين
دام با دام دو دو اٹکي هين

—

تيري واصل مين دوجي تات نهين
سب هوا قول ايک بات نهين

—

درد هي دال موه پات هي يہ
مجهي ڪجه درد دال پات نهين

—

پهر سجن پاڪ سج چلي هين ڪون
بات هي بيچ مين بتانا ڪيا
يو جلا ڪيل مين بوجاتا هون
اي شمع رو پتنگ ارلا ڪيا [1]
يار جانا ڪي بات جاني مين
بہ نہ جاني تو پهر جانا ڪيا
دلبري مين سڪچ سو ڪچه ناهين
دل چرانے مين دل چرانا ڪيا

—

(1) هي اشعار "قانع" جي بياض نمبر 2، ص. 248، تان ورتل آهن.

شمع کهتي جلي جلي بتيان
کتنا سر جلا جلانا کيا
تيغ غمزي کي زود 'کامل' پر
جو بهانا، تو پهر بهانا کيا

—

پياري لڑکي همين ستانا کيا
هر گهڑي لڑکي روس جانا کيا

—

کيون نه وه دل اڑن کٹولي هئي
شوق سون جس ني چار پر پائي [1]

—

وعده هوئي دروغ جو اس لب سون هم سني
بہ لعل قيمتي ديکو جهوٹا نکل گيا

—

پيو تو کهتي هو و ليکن هو کهان
کيا کرون پيا لب کون جب پيارا نهين

—

خط تيري کا شوق اکيان کا لکا
هرن کون سبزي بنا چارا نهين

—

وه الف قامت جو ميرا رام هوئي
رام کي سومجه الف آرام هوئي [2]

—

عشق کي آگ جگمگاتي هي

---

(1) هي سڀ اشعار "بياض قانع"، نمبر 2، ص. 248 تان نقل ڪيا ويا آهن. اهو بياض سنڌي ادبي بورڊ جي ملڪيت آهي.
(2) "قانع" جي بياض نمبر 2، ص. 258 تان ورتل.

يـــ ديــا تيــل بــات بــاتي هـــي [1]

—

هيئيون منقبت67 بندن جو آهي، ڪيترو نہ صاف ۽ سنيءَ زبان ۾ آهي:

اي شــهہ دوســرا ميــن چيــرا هـــون
نــامر تيــرا مــدامر تيــرا هـــون
بهــوت نديــان دڪــون ڪــي تيراهــون
آ مــدد ڪــر لهــر نــي گهيــرا هـــون
يــا علــي ميــن غــلامر تيــرا هـــون
تــج ڪــي ســب اور تيــرا آيــاهون
ســب طــرف چــوڙ تيــري آيــاهون
ســب ســيتي تــوڙ تيــري آيــاهون
چــاه ســين دوڙ تيــري آيــاهون
يــا علــي ميــن غــلامر تيــرا هـــون
اس جگــت ڪــي دبيــر ســب ديڪــي
خــان و ســلطان اميــر ســب ديڪــي
شــاه و ميــر و وزيــر ســب ديڪــي
پيــر ديڪــي فقيــر ســب ديڪــي
يــا علــي مــي غــلامر تيــرا هـــون
ذره ڪــ مهــر ســون لگــي هــي بيــت
شمــع ڪــي درس ڪــا پتنــگ اتيــت
بــاغ مــون بلبــلان ڪــا گــل هــي ميــت
سبي ڪــون اپنــي هــي ميــت اپنــي ريــت
يــا علــي ميــن غــلامر تيــرا هـــون
يــا علــي عمــر هاســت حيــرالمر
دربــدر هـــون بهـــت پريشـــانمر
دي مجهـــي ســاز بخـــش ســـامانمر

[1] "قانع" جي بياض نمبر 2، ص. 248 تان ورتل.

رحــــم کـــن رحـــم از غلامـــانم
یــا علــي میــن غــلام تیــرا هــون
ســب امــر کــا امــام تــون هــي تــون
خواجــ خــاص و عــام تــون هــي تــون
حق کــي گهــر میــن تمــام تــون هــي تــون
درو دیــوار و بــام تــون هــي تــون
یــا علــي میــن غــلام تیــرا هــون
ســب امــامون میــن پیشــوا تــون هــي
اولیــائون کــا رهنمــا تــون هــي
انبیــا تــون هــي اصفیــان تــون هــي
ثــم بــالله شــه هداتــون هــي
یــا علــي میــن غــلام تیــرا هــون
ســب کوئــي ایــک امــام رکتــا هــي
ایــک ســین ایــک کــام رکتــا هــي
بندگــي اس کــي نــام رکتــا هــي
ســر بســجده ســلام رکتــا هــي
یــا علــي میــن غــلام تیــرا هــون
تــون هــي یــا شــاهِ دیــن آدهــار میــرا
یــارو غمخــوار و غمگســار میــرا
نهیــن دو جــگ میــن کوئــي کــار میــرا
تــون هــي ایــک ســو هــزار بــار میــرا
یــا علــي میــن تیــرا غــلام هــون
دیــا هــي صــدق ســین میــن دل میــن قــرار
بــر زبــان کــردم آشــکار اقــرار
ســب ســنا میــن کهــا نصیــري وار
تــون هــي مــولا میــرا بــَـهتر بــار
یــا علــي میــن غــلام تیــرا هــون
تــون کــرم پیشــ هــي کریــم هــي تــون

مخلصا اپنـــي پـــر رحيـــم هـــي تـــون
روزي و رزق كـــا قســـيم هـــي تـــون
حق كي نعمت هـي تـون نعيـم هـي تـون
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
لحظـــــــ لحظـــــــ نفـــــــس دن رات
جـو نفـس آنـا مـن مـون "يـا هـي لات"
جـي كـي برتـن ميـن اونـاهي سمـاعت
مـو بـہ مـو ميـن ميـري يـاهي هـي بـات
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
علـــــي الله ميـــــن نصيـــــري وار
بنـــــده شـــــاه حيـــــدرِ كـــــرار
ســـيس كـــاتو دگـــر چڑهـــائو وار
الله الله كهـــون هـــزاران بـــار
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
ميـن نصيـري صفـت هـون شـيعہ پـاك
سـيس كتنـي كـا نـائي ركتـا بـاك
ٹكـري ٹكـري كـر و اگـر صـد چـاك
"انـت ربـي" كهيگـي ميـري خـاك
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
تيـري اعـدا كـي چـاتي قارونگـا
سـب ميـن گـن گـن كـر پچاڑونگـا
جـو اكيـلا هـي ان كـو تاڑونگـا
تيـري بـد خـواه كـون لتاڑونگـا
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
كوئـي قسـلاهي كوئـي كسكاهـي
كوئـي كذرهـي كوئـي كـس كـا هـي
كوئـي اس كـا هـي كوئـي اس كـا هـي
كوئـي جسـكا هي كوئـي تـس كـا هـي

یا علی میں غلام تیرا ہوں
ای خدا کی ولی تجھی ہی لاج
شاہ شاہان علی تجھی ہی لاج
مصطفیٰ کی وصی تجھی ہی لاج
سب خفی و جلی تجھی ہی لاج
یا علی میں غلام تیرا ہوں
توں خدا کا ولی برحق ہی
مصطفیٰ کا وحی برحق ہی
توں خفی و جلی بر حق ہی
مرتبی میں علی برحق ہی
یا علی میں غلام تیرا ہوں
تجھی بنا کون سین کہوں میں راز
کون تجھ بن اٹھاوی میرا ناز
اپنی بندی کا کر قبول نیاز
کر نوازش مجھی غریب نواز
یا علی میں غلام تیرا ہوں.
تیری ہجرت میں جن کرونگا آہ
جل کی ماہی کا داغ ہوگا ماہ
اور فلک تاز میں ہو ویگا سیاہ
آ گدا تیں نواز شاہنشاہ
یا علی میں غلام تیرا ہوں
باشکستہ فتادہ ام در چاہ
میں پرا ہوں مجھی اٹھا یا شاہ
کر میری حال پر کرم کی نگاہ
بحق لا الٰہ الا اللہ
یا علی میں غلام تیرا ہوں
جب تیری دوری میں کرونگا پکار

تپينگـــي آسمـــان تپينگـــي بهـــار
اُلينگـــي بحـــر اُچـــل پڙينگـــي بجـــار
زود آ زود ديـــــي مجهــــي ديـــــدار
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
يـــا علـــي تـــون هـــي شـــير يزدانـــي
شـــاهہ شـــجعان هژبـــر يزدانـــي
تـــج ســـين روشـــن ســـبهي مســـلماني
تيـــن نـــہ بخشـــاهي ديـــن تئيـــن پـــاني
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
يـــا علـــي ميـــري پـــر تـــون احســـان كـــر
يـــا علـــي ميـــرا ســـاز و ســـامان كـــر
يـــا علـــي دل ميـــريَ تـــون شـــادان كـــر
يـــا علـــي ميـــري مشـــكل آســـان كـــر
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
حـَــب لـَــنا ولـِــي مقـْـصـُـودي
دي مجهـــي يـــا امـــام بهبـــودي
گويمـــت حمـــد زانكـــہ محمـــودي
آري آري تـــو منبـــع جـــودي
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
بولـــي ٹولـــي جگـــت كـــي ســـهتا هـــون
بندگـــي كـــي گلـــي ميـــن رهتـــا هـــون
نـــس دنـــا هـــون ســـبب ســـين كهتـــا هـــون
بيتـــي ايتـــي بـــي؟ يـــا هـــي كهتـــان هـــون
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون
ميـــن تمـــاري مـــدد ســـون تـــو رون كـــوٹ
نـــہ تكـــون از بـــلا نجـــاون اوٹ
جـــب كمـــان هاتـــہ لـــي چـــلاون چـــوٹ
ايـــک دو تيـــن كـــون كرونگـــا لـــوٹ

یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
تـون بحـق هـي امـام امـت کـا
تـون هـي قاسـم تمـام خلقـت کـا
ابـر هـي تـو دا کـي رحمـت کـا
ذو مـتا داغ میـري زحمـت کـا
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
آب غـم سـون هواهـون مالامـال
عمرهـا شـد پـڑا هـون بـي پـر و بـال
تـم پـہ روشـن هـي میـرا جملـہ حـال
رحم کـر کـر پکردکـون سـین نکـال
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
یـا علـي تـون کـرم کـا دریـا هـي
میـن پیاسـا هـون تـون پلاتـا هـي
شـکر حـق میـري دل دلاسـا هـي
تیـري مخلـص کـا بـول بـالا هـي
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
یـا علـي تـوه کـس سـین پـاون میـن
تیـري پـر وار بیـسر جـاؤن میـن
آ تـون غـم کـي اگـن بجهـاؤن میـن
مکـہ تیـرا دیکـہ غـم مٹـاؤن میـن
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
یـا علـي تـون هـي میـري سـر کـا تـاج
کـال کیـا هـي پرسـونکیا صبـا کیـا آج
تـون بناویگـا میـرا جملـہ کـاج
هـي تیـري پـر تمـام میـري لاج
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
حق کـي بیشـي کـا شـیر تـون هـي تـون
حـق کهتـا تـا نصیـر تـون هـي تـون

کھتا ھون ھیر ڦري توھي تون
لکي رسنا مین تیر تون ھي تون
یا علي مین غلام تیرا ھون
شھر مین تون ھي دشت صحرا تون
بـ زمین تون ھي بحر دریا تون
حق ھي ارض و سما مین مولا تون
صورتا تو ھي ھر بـ معنیٰ تون
یا علي مین غلام تیرا ھون
تون ھي پیرون کا پیر شاھ نجف
جملہ جگ کا امیر شاھ نجف
تون ھي مجھہ دستگیر شاھ نجف
دور کر میري پیر شاھ نجف
یا علي مین تیرا غلام ھون
تجھي سن کر کریم آیا ھون
مین تجھي سن رحیم آیا ھون
دکہ سین ھو کر دونیم آیا ھون
بنده مسکین یتیم آیا ھون
یا علي مین غلام تیرا ھون
تیري حضرت سین کون ھي محروم
جانتا ھون مجھي بھي ھي معلوم
آ مدد کر میري تو چون قدوم
کٹ مرا غم نپٹ ھوا مغموم
یا علي مین غلام تیرا ھون
کن ني حُورو قصورو خلد برین
کن ني دنیا قبولي کن ني دین
کن ني کوئي کیش کن ني کوئي آئین
مین نہ پھچانن أن نہ جانون این
یا علي مین غلام تیرا ھون

دور منزل نپت کٺن هي راه
نه کوئي ساٿي هي نه کوئي همراه
چاهتا هون تيري کرم کي نگاه
کر مدد اپني اس گدا پر شاه
يا علي مين غلام تيرا هون
ذات تو لعل کان سبحاني
گوهر پاک بحر حقاني
مين هون ذره تون مهر درخشاني
کيا کرون مين تيري ثناخواني
يا علي مين غلام تيرا هون
مين هون اور صبح و شام ناد علي
مين هون اور تيري بات تيري گلي
سب حکايت مين تيري بات پلي
واه وه دل جو تيري ساتهه چلي
يا علي مين غلام تيرا هون
مين گنهگار هون توبخشنهار
مين پڙا هون گرا تهاري نار
سب ندي لانگ کي هوي به کناري
کر کرم موهي بهي اتار ديي پار
يا علي مين غلام تيرا هون
هي سراپائي کام ميرا زشت
رها هون دائما به زير کنشت
جانتا هون مري بري هي کشت
تون کلاويگا ميوو باغ بهشت
يا علي مين غلام تيرا هون
ميري سنگ تون هي روز شبها تون
ميري گهر بار کا اجالا تون
ميري تي دين تون هي دنيا تون

نهيــــن کوئـــــي اور يـــــار الا تــــون
هــ تيــري ســاتهہ ميــري دل کــي لــگن
تــون ميــري مــن مــون جيســي تــل بچمــن
تــون ميــرا جــان تــون ميــرا تــن مــن
تــون هــي ظــاهر ميــرا تــون هــي بــاطن
يــا علـــي ميــن غــلام تيــرا هــون
صـــد هـــزاران درود ســـو تســـليم
رســد از مــن بــ تـوبصــد تعظيــم
هــي تجهــي جــان يــا شــفيع کريــم
کــ تيــرا هــون دعــاگوي قديــم
يــا علـــي ميــن غــلام تيــرا هــون
تيــري پــر تــن مــن اپنــا وارا ميــن
کيــا قربــان شــرير ســارا ميــن
يـــا علــــي وار وار دارا ميــــن
کــب ديکونگــا درس تهــارا ميــن
يــا علـــي ميــن غــلام تيــرا هــون
شــير حــق مصطفــيٰ کــا پــائي تــون
خانـــ ديــن کـــي روشـــنائي تـــون
يـــار تـــون جــان آشـــنائي تـــون
آشـــنا يـــار در خدائـــي تـــون
يــا علـــي ميــن غــلام تيــرا هــون
از تقيــ طبــق کــا کانچــا هــون
ورنــ ميــن حــرف عشــق بانچــا هــون
آپ تيــن خــوب طــرز جانچــاهون
شـــکر لله مريـــد ســـانچا هـــون
يــا علـــي ميــن غــلام تيــرا هــون
کهــا ميــن بارهــا کهونگــا ميــن
درد ميــن دک ســين دل دونگــا ميــن

کیتا دوري کا دک سهونگا مین
کان تلک هجر مین رهونگا مین
یا علي مین غلام تیرا هون
تیري فرقت نے موه مارا هے
درد دوري نے مار دارا هے
هر نفس نالي کا نقارا هے
هر زمان درد کا پکارا هے
یا علي مین غلام تیرا هون
اي خدا کے ولے خدا کے نان
رک میري آنکون پر تو اپنے بان
بس میریے دل مین آ بسا یہ کان
دل ترا کام انکیان تیرا شان
یا علي مین غلام تیرا هون
زود آ زود دید بخش مجهے
تیري قربان مین عید بخش مجهے
لے میرا دل رسید بخش مجهے
شوق اپنا مزید بخش مجهے
یا علي مین غلام تیرا هون
مین تیري آل کا هون قرباني
جن کا نائین جگت مین کوئي ثاني
اول ان کے کرون ثناخواني
تب کاؤنگا تب پیون پاني
یا علي مین غلام تیرا هون
اول ان مین حسن جو هے احسن
کلون انکے صفت مین جیون گلشن
وارون اس کے شکل اوپر تن من
پڑهون مدحش چو بلبلانِ چمن
یا علي مین غلام تیرا هون

دویـــم آن شـــاه دیـــن حســـین شـــهید
نـہ هـوا ویسـا كوئـي جهـان میـن پدیـد
کـس چنیـن شـیر مـرد را کـم دیـد
دیـد یعنـي چـہ بلـک کـس نـہ شـنید
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
ثـالث آن نـور دیـده زیـن عبـاد
کـرون میـن اس کـي یـاد سـین دل شـاد
دیـا جـس حـق کـي بندگـي کـا داد
بیـت ربـي کـون قـر کیـا آبـاد
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
چـارم ایـن بـاقر امـام هـُـدا
جس نـي بخشا نبي کـي کیـن کـون ضیا
کیـا روشـن جگـت میـن نـور خـدا
میـرا سـر اس کـي پـائون پـر فـدا
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
پنجمیـن شـاه جعفـر صـادق
جـانچ دیکهـا میـن سـانچ کـا نـاطق
سـب صفـت کـا سـزا هـي سـب لائـق
ثمـہ حقـا و جـگ میـن هـي فـائق
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
ششـمین شـاه موسـيٰ کـاظم
دیـن حـق کـا وه تـا بـہ حـق عـالم
جـن نـي جـگ میـن اٹایـا سـب ظـالم
دیـن احمـد کـا قـر کیـا قـائم
یـا علـي میـن غـلام تیـرا هـون
هفتـم آن شـاه دیـن علـي رضـا
جـس نـي راضـي کیـا نبـي و خـدا
دیـن کـي آئینـي کـون بخشـا جـلا

اس کي پگ پر مین سرکون صدقہ کیا
یا علي مین غلام تیرا هون
هشتمین شاہ دین امام تقي
پارسا متقي و پاک زکي
نور چشمِ محمد عربي
اس سین روشن چراغ دین نبي
یا علي مین غلام تیرا هون
نهمین شاہ دین امام تقي
جس ني دین تي کیا جگت مون جلي
مومنو تین کیا بُري سي بري
سب کون دکلایا باغ دین کي کلي
یا علي مین غلام تیرا هون
دهم آن عسکر امام هدا
وو نہ تا ایک دم خدا سون جدا
جس ثنا کا کهون مین اس کا سزا
وہ میرا شاہ مین هون اس کا گدا
یا علي مین غلام تیرا هون
یازدهم امام مهدي دین
قر یي قائم کریگا دین متین
مجهہ دکا یا رب آن دو شاہ مبین
کرد گارا قبول کن آمین
یا علي مین غلام تیرا هون
اي اخ مصطفيٰ شہ کونین
زوج خیرالنسا ابوالحسنین
بخش دولت مجهہ چڑا از دین
بحق میم وفا دو حاؤ عین
یا علي مین غلام تیرا هون
پیر کامل علي ولي الله

حـــال ميـــرا هـــوا هـــ غـــم ســـون تبـــاه
ديـــن و دنيـــا ميـــن هـــو مجهـــي همـــراه
فــــــــم فعجـــــــــل شــــــــفيعنا لله
يـــا علـــي ميـــن غـــلام تيـــرا هـــون. [1]

**وفات:**

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، مير صاحب جي سموري زندگي تجرد ۾ گذري، تنهنڪري جسماني اولاد کان قطعي فارغ البال رهيو، البت روحاني اولاد (شاگرد) گهڻو ئي ڇڏيائين، جنهن جو ڪجهه ذڪر مٿين سٽن ۾ اچي چڪو آهي.

سندس انتقال 1164 ھ ۾ ٿيو، مير "قانع" هيٺين تاريخ ڪڍي-

"ان للمتقين جنـت" [2]

1164 ھ

---

[1] انهيءَ تتبع تي مابعد جي شاعرن گهڻو ڇيو آهي، مير صاحب جي دور ۾ ٺٽي اندر فارسيءَ سان گڏ اردوءَ جو جيد شاعر ملا عبدالحڪيم "عطا" بہ هو، جنهن جو ديوان سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

[2] "مقالات" ص. 354.

# مير حافظ الدين خان

مير حافظ الدين خان مير شهود جو ٽيون فرزند هو. جو پنهنجن بزرگن ۽ پائرن وانگر وڏي علم ۽ فضل جو صاحب هو. افسوس آهي جو سندس سوانح جو ڪوبہ تفصيل ملي ڪونہ ٿو سگهي، البت سندس صاحبزادي مير حفيظ الدين لاءِ ڪجھ مواد ملي ٿو، جنهن کي هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**مير حفيظ الدين:**

مير حفيظ الدين علي پنهنجي وقت جو باڪمال عالم ۽ بي مثل شاعر هو. "تحفة الڪرام" ۾ مير "قانع" لکي ٿو تہ:

"درين وقت صاحب ڪمال گزيده، ارباب حال و قال، ڪمالاتش چہ در نثر و چہ در نظم. بهمگي ايهام ذو معني و سہ معني و افزون بران". [1]

بصارت ۽ سماعت ۾ فتور هئس. زندگي هن جي بہ پنهنجي چاچي مير "ڪامل" وانگر تجرد ۾ بسر ٿي، ۽ بقول مير "قانع"، مير "ڪامل" جي سڀني خصوصيتن ۽ خوبين جو حامل هو. طبع عالي قدرت عطا ڪئي هئس، ۽ هندي زبان جي شاعريءَ ۾ "خسرو" ثاني هو. پاڻ جن خيالن ۽ معنيٰ کي پنهنجي ڏوهيڙن ۽ ڪبتن يا بيتن ۾ ٻَڌندو هو، اهو فقط سندس ئي حصو هو. فارسي شعر بہ چوندو هو، ليڪن سندس زياده ڪلام هندي (ريختہ) زبان ۾ آهي، ايهام گوئيءَ ۾ ايترو ڪمال هئس، جو ٻن ٽن، چئن ۽ پنجن معنائن کان بہ بعضي مٿي ٻَڌي ويندو هو-

"ايهام ڪہ از دو سہ و چهار و پنج معني هم گاهي گاهي تجاوز دارد". [2]

ايهام گوئيءَ ۾ هي شعر ڪمال جي حد تائين پهتل آهي-

اچار هوا اڪنا. پاپڙ ليني هي مجهي
سرڪار بنا تو آڪي سوي سلوني اچي

---

[1] "تحفة الڪرام" ص. 209/2.
[2] "مقالات" ص. 86.

شاعر جي حيرت انگيز ذهانت ۽ زبان تي پوري قدرت حاصل هجڻ جو انهيءَ شعر مان پتو پوي ٿو تہ ٻن مصراعن ۾ آچار، ڪنا، پاپڙ، ميجي، سرڪي، تئي، سَيُن ۽ لوٽي، جملي اٺن کاڌي جي شين ڪي آندو اٿس، ممڪن آهي تہ لکنوءَ جي ضلعي جڳت جي استاد شاعرن وٽ بہ هڪ شعر ۾ ايترن تلازمن جو مثال ملي نہ سگهي.

مير صاحب جو فارسي شعر "مقالات" ۾ فقط هڪ ڏنو ويو آهي-

پئي شڪار من آن ترڪتاز مي آيد
ز بهر صيد دلم يار بازمي آيد [1]

"تحفة الڪرام" جي انداز تحرير مان ظاهر آهي تہ تصنيف واري زماني (1181هہ) تائين، مير صاحب بقيد حيات هو.

---

[1] "مقالات" ص. 16

# مير معين الدين خان

مير معين الدين خان مير ابوالمڪارم شهود جو ڇوٿون پٽ هو. سندس مختصر حال فقط "مقالات" ۾ ملي ٿو: صاحب حال و قال بزرگ هو. شعر سخن سان بہ دل جو لڳاءُ هو. هڪ دفعي پنهنجو گهر ٺهرائي رهيو هو تہ لوهہ جي ڪوڪن جي بجاءِ شهتيرن ۾ پٽين ڪي رسيءَ سان ٻڌائين ٿي. ماڻهن پڇيس تہ "تون سرنديءَ وارو ٿي، پڪو گهر ڇو نہ ٿو ٺاهين، ڪوڪا ۽ لوهہ رسن جي بجاءِ استعمال ڇو نہ ٿو ڪرين؟" انهيءَ تي پاڻ پنهنجو هينيون شعر پڙهيائين-

خـانـہ بي بقـا و فـانـي را بـہ ازيـن ديـگري چہ آرابـہ
فـڪر بيت دگر چرانہ ڪـني ڪـہ تـرا حـاو دان بـڪـار آيـد

سندس شعر جو رنگ هي آهي-

مرغـان غريبيـم اسـير قفـس هجـر
مارا ز قفس باز بہ بستان ڪہ رسـاند

مير صاحب 1133 هہ ۾ انتقال ڪيو، مير علي شير هينيئن آيت مان تاريخ ڪيي:

"ان اڪرمڪم عندالله اتقـڪم". 1133 هہ

# ٽي امير خاني شاعر

”مقالات الشعرا“ ۾ امير خان گهراڻي جي ٽن ٻين شاعرن جو بہ ذڪر آيو آهي پر انهن لاءِ معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ڪنهن جا پٽ هئا. ۽ سندن حياتيءَ جو داستان ڇا هو. بهرحال جنهن صورت ۾ هن عظيم المرتبت علمي خاندان سان سندن تعلق آهي، تنهنڪري بطور تڪملي جي اسان ڪين هنن اوراقن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيون ٿا.

**مير ولي اعظم امير خاني:**

وڏن صلاحيتن ۽ خوبين جو صاحب هو. مير ”قانع“ لکي ٿو تہ:

”بجودت طبع، و سرعت فهم موصوف بود، در حاضر جوابي عديلي نہ داشت“.

مير قانع افسوس ڪيو آهي، جو ڪيس مير موصوف جو شعر دستياب نہ ٿي سگهيو. تاريخ گوئيءَ ۾ ڪيس خاص ڪمال هو. هڪ دفعي ملا عبدالرشيد ٺٽوي شاهي دربار مان منصب حاصل ڪري شهر ۾ موٽي آيو. مير صاحب جڏهن ڏٺو تہ ملا صاحب منصب تي ڏاڍو مغرور آهي، تڏهن هيٺئين تاريخ چيائين:

”عبدالرشيد رد شد“

انهيءَ فقري جا اعداد 1129 هہ ٿين ٿا. عجيب اتفاق هيءُ ٿيو، جو ”مير ڪرامت تخمير“ جنهن وقت اهي الفاظ زبان مان ڪديا، ان وقت انهيءَ جاءِ تي ملا صاحب جو روح پرواز ڪري ويو، جنهن ڪري اهوئي فقرو سندس تاريخ وفات بڻجي پيو.

هڪ دفعي ”يا ابراهيم انصاف“ جو فقرو زبان مان نڪتو، جنهن مان 1143 هہ سال بر آمد ٿيو. مير ”قانع“ اهي مثال ڏيندي لکيو آهي تہ:

”الحاصل از مير مسطور چنين ڪارها بسيار منقول است، بر اين قدر اختصار رفت“. [1]

معلوم ٿئي ٿو تہ ”مقالات“ جي تصنيف (1173 هہ) ٿيڻ کان اڳ مير

---

[1] ”مقالات“ ص. 43.

صاحب انتقال ڪري چڪو هو. سندس قيام ٺٽي ۾ هو.

**مير حبيب الله:**

مير علي شير مير صاحب کي "معلم چهارم" جي خطاب سان ياد ڪيو آهي، ۽ لکي ٿو تہ 'مون ميان ابوالفضل خوشنويس کان ٻڌو تہ مير ابوالقاسم نمڪين جي اولاد مان هو. ۽ نواب مهابت خان "ڪاظم" (1132هہ- 1135 هہ) جو مصاحب ۽ رفيق هو'. هيءُ شعر نموني طور نقل ٿيل آهي-

چشم مست يار را نازم ڪزو
خاطري بي ناوڪِ اندوهہ نيست [1]

**مير باقر خان امير خاني:**

هيءُ بزرگ بہ ساڳئي خاندان جو فرد هو. هالن ۾ رهندو هو. جود و سخا ۾ فرد فريد هو. سڄي زندگي عزت ۽ تمڪنت سان بسر ڪيائين. ۽ هالن جي سڄي زمين سندس جاگير هئي-

"آن زمين سر بستہ در اقطاعش بوده. بسيار جواد و مخير مي زيست. در مرزائي مثل است".

هندستان اندر "باقر خاني" ماني مشهور آهي: مير "قانع" لکي ٿو تہ اها ماني سندس ايجاد ڪيل آهي، ۽ سندس ئي نالي تي مشهور ٿي. سندس چند شعر "مقالات" ۾ ڏنا ويا آهن. جن کي هتي نموتناً نقل ڪجي ٿو:

دارد از قوس دوستي پرواز — ناوکِ آه من هوائي نيست
خُلق نيکو ڪمند خلق بود — حاجت تخت و بادشاهي نيست
بہ تہ بال خويشتن بنشين — امن در سايہ همائي نيست
مہ تمامي زوري نقصان يافت — چوشڪست تومومياِئي نيست [2]

---

[1] "مقالات" ص. 86.
[2] "مقالات" ص. 49.

# سَــتين جو ٿانُ

## مير ابوالقاسم "نمڪين" جو قبرستان

مير ابوالقاسم جو قبرستان روهڙيءَ جو سول ڪورٽ جي ويجهو، اتر ۽ اولهه جي ڪنڌ تي، درياءَ جي ڪپ تي هڪ بلند ٽڪريءَ مٿان نهيل آهي. اوير ڪان ٻن فرلانگن پنڌ تي لئنسڊائون پل آهي، سامهون اتر ڪان درياءَ جي ٻيءَ پر تي سکر جو شهر آهي، ۽ ڏکڻ ۽ اوير جي ڪنڌ تي ٻن ٽن فرلانگن جي فاصلي تي روهڙيءَ جو شهر آهي. بکر جي قلعي جون ڍنل ديواريون بہ اوير ڪان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ساڌ ٻيلو اتر ڪان وچ درياءَ ۾ سامهون آهي. جاءِ وقوع جي لحاظ ڪان هيءُ ٽڪرو پنهنجي دلڪشيءَ جي بي مثل آهي- چارئي طرف ڪليل، ڪوهن تائين نظر پوي ٿي، قدرتي مناظر صبح شام، پري پري تائين ڏسي سگهجن ٿا. سڄو ڏکڻ طرف انبن ۽ ڪجين جي باغن سان پرپور آهي. سکر ڪان ايندڙ رستو درياءَ جو ڪپ ڏيو، انهيءَ ٽڪريءَ جي پهلوءَ کي ڇهندو، روهڙيءَ ڏانهن وڃي ٿو.

**تاريخ:**

انهيءَ ٽڪريءَ کي، انهيءَ قبرستان نهڻ ڪان اڳ "ستين جو ٿانُ" سڏيو ويندو هو- يعني ستين جو آستان، جنهن کي فارسيءَ ۾ "ستياسر" جي نالي سان لکيو ويو آهي، جيڪو غالباً "ستين سرتين" يا "ستين جو آستان" جو بگاڙ ٿو پيانئجي. "اڪبر نامي" ۾ ان کي "ڪوهہ هفت دختر" لکيو ويو آهي.[1] "ماثر الامرا" جو مصنف انهيءَ ٽڪريءَ کي "ڪارماتري" سڏي ٿو.[2]

**قبرستان:**

پيانئجي ٿو تہ اها ننڍڙي ٽڪري ڪنهن زماني ڪان پنهنجي هم جنس ٽڪرن ۽ جبلن ڪان جدا ٿي اتي رهجي ويئي آهي. مشهور روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اتي ستين جو آستان هو، ۽ اها جاءِ انهن خدا رسيدہ معصوم بيبين

---

[1] "اڪبر نامو" ص. 637/3.

[2] "ماثر الامرا" ص. 77/3.

جي رهائش سبب متبرڪ سمجهي ويندي هئي. مير ابوالقاسم "نمڪين" جڏهن بکر ۾ حاڪم ٿي آيو، ۽ بکر کي ئي پنهنجي مستقل رهائش لاءِ پسند ڪيائين ۽ ان ۾ پنهنجا يادگار نهرائڻ شروع ڪيائين. تڏهن انهيءَ ٽڪري جو ماحول، جاءِ وقوع ۽ چوڌاري جي منظر ڪيس پسند آيا، ۽ هن انهيءَ ٽڪري جي چوٽيءَ کي صاف ڪرائي، مسطح ڪري، چوڌاري ديوار ڏيئي، سرن جو فرش ٻڌائي، چئن ڪنڊن کان چار منارا ۽ گوشا نهرائي، ان کي پنهنجي خاندان لاءِ قبرستان طور ڪتب آڻڻ جو ارادو ڪيو. ليڪن ان کان اڳ جو ان ۾ ڪنهن فوتيءَ کي دفن ڪيو وڃي، مير صاحب ان کي چانڊوڪين راتين ۾ مجلس آرائيءَ لاءِ ڪتب آندو، ۽ ان جو نالو "صفهٔ صفا" رکيائين. سندس فرزند ميرڪ يوسف لکي ٿو ته:

> "پير غلام صفهٔ چهار گوشه ساخته، و بر هر گوشهٔ اين صفه مناري برپا داشته، و "صفهٔ صفا" نام نهاد در شبهاي ايام بيض اکثر در آن جا ميگذرانيد، و با اهل فضل مجلس داشته، خربزهاي موضع نيه بدره راک در چار کروهي اين صفه واقع است، بغايت خربزهاي ولايتي آن خوب مي شوند، صرف مي کرد". [1]

ڏکڻ جي سمت ۾ اُتان جي چئن ڪوهن تي سنڌ جو قديم دارالسلطنت، الور آهي. ان زماني ۾ اهو مير صاحب جي جاگير ۾ هو. انهيءَ جي ڪنهن قصبي ۾، جنهن جو نالو "نيه بدره" هو، مير صاحب گدرن جا باغ ڪرائيندو هو. گدرن جو پاڻ به شوقين هو، ۽ ويلي تي هڪ مڻ گدرا کائي ويندو هو. دوستن احبابن، عالمن ۽ اديبن کي چانڊوڪين راتين ۾ انهيءَ ٽڪريءَ تي گڏ ڪري، مجلسون ڪري، قدرتي نظارن مان لطف اندوز ٿيندو هو. "ماثر الامرا" لکي ٿو ته "چانڊوڪين راتين ۾ انهيءَ ٽڪري جو نظارو 'بي نظير عالم' هو".

> - "بر کوهچه (که مشر قلعه بکر است) جنوب رو به جانب قصهٔ لوهري، متصل درياي پنجاب مشهور به "کار ماتري" گورخانه خود ساخته "صفهٔ صفا" نام گذاشت، در شبهاي

[1] "مظهر شاهه جهاني" ص. 229.

ماهتاب بي نظير عالم است، و همانجا مدفون گشت". [1]

انهيءَ صاف صحن تي چانڊوڪين راتين جون مجلسون مير نمڪين جي زندگيءَ تائين قائم رهيون. 1018 ھ ۾ مير نمڪين شهيد ٿيو، ۽ پهريون پاڻ اتي آرامي ٿيو ۽ بعد ۾ اصلي مقصد مطابق اهو سندن خاندان جو قبرستان ٿي ويو. ڏکڻ کان مٿي پهچڻ لاءِ جيڪا ديوار آهي، ان جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت حجرا ٺهيل آهن،جيڪي ڏينهن جي آرام لاءِ ڪتب ايندا هئا. اهڙيءَ طرح، اتر جي طرف کان اوپر خواه اولهہ جي ڪنڊن تي بہ حجرا آهن. جن جو رخ درياءَ طرف آهي- صبح شام درياءَ جي نظاري ڪرڻ لاءِ نشيمن جو ڪم ڏيندا هئا.

**موجوده حالت:**

مسٽر ڪزنس جي ڏنل هڪ تصوير مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو قبرستان زبون ٿي چڪو هو. منارا پٽ اچي پيا هئا، قبرون ڊهي ويون هيون، سنگين لوڙهہ ۽ ڪتبا منتشر ٿي چڪا هئا، عمارت جي خاص وضع، ٽڪريءَ جي ماحول ۽ چوڏاري جي نظارن محمڪي آثار قديمہ (حڪومت هند) جي ڪارپردازن کي متاثر ڪيو، جن ان کي محڪمي جي حفاظت ۾ ورتي، ان جي نئين سر تعمير ۽ مرمت ڪري، سموري قبرستان کي اصلي حالت ۾ آندو، منارا ٺاهيا ويا، قبرن جي مرمت ڪري مٿن اصلي ڪتبا لڳايا ويا، فرش ٻڌو ويو، ۽ حد بنديءَ واري ديوار ٻيهر مضبوط ڪئي ويئي. ۽ حجرن کي بہ گهٽيءَ حد تائين مرمت ڪري، ڪم آٽڻ جهڙو ڪيو ويو. هن وقت تمام مضبوط حالت ۾ آهي، ۽ پاڪستان جي محڪمي آثار قديمہ جي قبضي ۾ آهي، ممڪن آهي تہ جيئن پوٽا چار سئو ورهيہ گذري چڪا آهن، تيئن ايندڙ ڪن صدين تائين اجا بہ قائم رهي سگهي.

**مرڪزي ٿلهو:**

فرش جي سطح کان 5 فوٽ 4 انچ بلنديءَ تي هڪ ٿلهو آهي، جنهن جو طول 48 فوٽ 6 انچ ۽ عرض 38 فوٽ آهي. ان تي ڏهہ قبرون آهن، جن مان هڪ مير ابوالقاسم نمڪين جي آهي. انهيءَ ٿلهي جي چئني ڪندن تي چار منارا ترڪي منارن جي نموني تي آهن، جيڪي 5 فوٽ کن بلند ٿيندا، ڏکڻ کان

---

[1] "ماثر الامرا" ص. 3/77.

انهيءَ تلهي تي مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي. نمبر 9 ۽ 10 قبرون چوني جي پلاسٽر جون آهن، باقي سڀ پٿر جون آهن، جن جو سمورو لوڙهو اُڪر جي بهترين ڪم جو شاهڪار آهي. اوپر ڪان اولهه طرف قبرن جو تفصيل ۽ ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا. ڪن قبرن جي ڪتبن جا ڪي اکر ڊهي ويا آهن، انهن جاين تي اسان نقطا ڏنا آهن:

(1) پٿر جي قبر- چوڏاري چٽساليءَ جي اُڪر ٿيل، سيرانديءَ کان قرآني آيات جو ڪتبو، ۽ پيرانديءَ کان هيءُ ڪتبو آهي:

وفات يافت مرحوم مغفور الواصل
الي جوار رحمت حضرت الخالق...
مرزا عبد ..................
شهر جمادي الاول ...........

نالي جو پهريون جزو پڙهڻ ۾ اچي ٿو، ۽ آخري جزو "العلي" جهڙو نظر اچي ٿو. ممڪن آهي ته عبدالعلي نالو هجي.

(2) هيءَ قبر به پٿر جي آهي، پيرانديءَ کان ڪوبه ڪتبو ڪونه اٿس، سيرانديءَ کان هيءُ ڪتبو آهي-

لا الله الله محمد الرسول الله
فغان از گردشِ گردون بدعهد
دريغان زين جهان عمر فرسا
که از باد اجل نا گاه بشکست
بباغستان جان سروِ دل آرا
گل و گلزار اقبال و جواني
ابوالقاسم فروغِ بخت والا
سزد گر در فراقِ او بگريد
بجاي آب، خون چشمِ احبا
چو دلها داغ شد از فرقتِ او
نوشتم سال فوتش "داغ دلها" - 1045 هه

هيءُ نمڪين جو پوٽو، ۽ امير ابوالبقا امير خان جو پٽ هو.

(3) پٿر جي قبر - سمورو لوڙهه چٽسالي ۽ قرآني آيات سان مزين،

ڪتبو سيرانديءَ کان لڳل:

حيف و صد افسوس از عبدالرحيم
همچو او ڪم آمده زين آب و گل
سال فوتش را چو جستم از خرد
گفت از حسرت "داره داغ دل" - 1053 هه

(4) هيءَ قبر بہ پٿر جي آهي- ساڳيءَ طرح چٽسالي، آيات قرآني، ۽ سيرانديءَ کان هينيون ڪتبو آهي:

يڪتاي روزگار عتيق الله آن جواد
ڪاندر جهان جود نبودش ڪسي عديل
نگذاشت آسمان ...... ازان ڪہ بود
مشتاق .......... او فردوس سلسبيل
سال شهادتش چونوشتم بصفحہ بر
از غم بريخت آب ز چشم چو رود نيل
لا الله الله محمد الرسول الله

اهو ڪتبو پٿر جي ٻاهرئين طرف کان آهي، اندريئن پاسي هيءُ ڪتبو آهي:

عتيق الله مرزا ڪز فراقش
محبان را جگرها چاڪ آمد
چو درخيل شهيدان شد خرامان
فلڪ را ديده نمناڪ آمد
زروي درد گفتا سال تاريخ
4
"عتيق الله شهيد پاڪ آمد"

1033 + 4 = 1037ھ

هيءُ ڪتبو پيرانديءَ کان آهي:

بتاريخ روز پنجشنبہ چهارم
شهر رجب المرجب سن 1037 هه
بدرجہء شهادت رسيد

(5) هن قبر تي ڪوبہ ڪتبو ڪونہ آهي، چوني جو پلستر ٿيل آهي، ۽ ڪتبا سڀ ضايع ٿي ويل ڏسجن ٿا.

(6) هيءَ قبر مير ابوالقاسم "نمڪين" جي آهي، بهترين اُڪر جو ڪم ٿيل اٿس، قبر جون سموريون ديواريون آيات قرآنيءَ سان مزين آهن، ۽ هيءُ ڪتبو پيرانديءَ ڪان پٿر جي ٻاهرئين رخ تي اُڪريل آهي-

ميــر ابوالقاســم آن يگانــۂ عــصر
ڪـہ بجــز تخــم ديــن و داد نڪشــت
ملــڪ و اقبــال در تــصرف داشــت
چـــون اجــل در رســيد جملــہ بهشــت
ديــــده دل ڪشـــــاد برگيريــــد
عبــرتِ اي عــاقلان پــاڪ سرشــت

هيءُ ڪتبو انهيءَ ئي پٿر تي اندرئين پاسي ڪان آهي-

گــر بــود بســتر از حريــر چــہ ســود
چـون نهـد مـرگ زيـر بـالش خشــت
خلـفِ خيـر او ز "داغ ابــي" - 1018 هــ
چونــڪ تــاريخ ســال فــوت نوشـــت
گفــت ملهــم مــرا بگــوش ضميــر
سال فوتش ڪہ "باد جاش بهشت" - 1018 هـ

هيءُ ڪتبو پيرانديءَ ڪان آهي-

خـان زمـان ميـر ابوالقاســم آنڪــہ او
لـوح وجـود از رقـم غيـر سـاده ڪـرد
...... دود مــان ...... گلبــنِ حيــا
ســالِ وفـات او طلب از "داغ داده" ڪرد - 1019 هـ

(7) پٿر جي ساڳئي قسم جي قبر تي سيرانديءَ ڪان پٿر جي اندرئين طرف هيءُ ڪتبو آهي-

عبدالــرزاق ڪـــہ روحشـــس قريـــن
بـــاد ز ايـــزد بهـــزار آفريـــن
ســني و شـيعہ چـو در افتــاده ديـــر

تيـغ شــجاعت ز ميــان در ڪشــيد
همــت عــاليش عنــان گــرم تــاخت
جـام شــهادت ز قضــا نــوش يــافت
تــرڪ ازيــن عــالمِ فــاني گرفــت
"مـلـڪ بـقـا آل حـسـيـني گـرفـت". -1062 هـ

- مير نمڪين جو پوٽو ۽ امير ابوالبقا امير خان جو پٽ هو.[1]

(8) هيءَ مزار امير ابوالبقا امير خان بن ابوالقاسم خان "نمڪين" جي آهي، نهايت خوبصورت اُڪر جو ڪم، خط طغرائيءَ سان سڄيءَ مزار تي قرآني آيات، قبر جو ساڳيو اهوئي نمونو آهي، جيڪو سندس والد جي قبر جو آهي، سيرانديءَ کان پٿر جي اندرئين رخ تي هيءُ ڪتبو آهي:

مصدرِ خلق امير خـان ڪـه بسـي
خلــقِ عــالم بخلــق او آســود
تــا دريــن دهــر بــود صــاحب جــاه
در رضــاي خــداي خــود مــي بــود
ڪــوس رحلــت چــو زد ز دار فنــا
رخــت آســودگي بخلــد ڪشــود
ســال نقلــش بگفــت هــاتفِ غيــب
"هــاديءَ ديــن امــيــر خــان آســود". - 1057 هـ

(9- 10) نمبر واريون قبرون گهري فيروزي ٽائيلس لڳل اهن، متن ڪوبہ ڪتبو ڪونہ آهي.

**صحن جون قبرون:**

مرڪزي ٿلهي جي اوڀارئين طرف هيٺ فرش تي 67 قبرون آهن، انهن مان جن قبرن تي ڪتبا آهن، انهن محل وقوع شامل ڪيل نقشي مان معلوم ڪري سگهبو. ڪتبا هي آهن.

(1) وفات يافت مرحوم مغفوره بي بي ...
خانم هفتم تاريخ شهر رمضان سن ...

[1] سيد محب الله روهڙيائي "تحقيق بناءِ امصار سند" ۾ لکيو آهي تہ اها قبر عبدالرزاق ڪاشانيءِ (حاڪم بکر) جي آهي. ليڪن اهو غلط آهي، انهيءَ اطلاع جو ماخذ ميان علي اصغر ٺٽويءَ جو رسالو آهي.

(2) في تاريخ هفتم شهر صفر "خاتمہ بالخير و الظفر" 1131 ھ (؟)

(3) تاريخ فوت مرحومہ يازدهم شهر محرم الحرام سنہ 1070 ھ

(4) عبدالواحد چو از جهان فنا
کرد رحلت بسوئ ملک يقين
بهر تاريخ او خرد گفتا
"آمده جاي او بهشت برين". - 1040 ھ

(5) خدا وند فتاح را بنده[1]
کہ او بود در راه حق مستقيم
چو کرده ز دارالفنان انتقال
بدارالبقا گشتہ جنت مقيم
پئ مال فوتش بسوز و گداز
سحر گہ بجتم ز طبعِ سليم
زروي بديهہ بگفتا نويس
2
"چو حاتم جوان مردو بود و کريم".

1050+ 2= 1052 ھ

(6) چون بخراميد عبدالحي والا شان مردي
ازين دارالفنان نا گاه جانب روضہ رضوان
چو جستم سال تاريخ وفات .......
جوان .... دانش "بجنت يافت جاويدان"- 1068 ھ (؟)

**چبوترا:**

اترئين طرف کان چار چبوترا فرش کان بلنديءَ تي آهن، جن مان هڪ اوير ۽ اتر جي ڪنڊ تي آهي، ۽ اترئين ڪناري تي هڪٻئي کان ٿوري مفاصلي تي آهن، ۽ چوٿون اتر اولهہ جي ڪنڊ تي آهي. انهن چبوترن ۾ قبرون آهن، ۽ ڪنارن جي ڪنڊ تي ننڍا منارا آهن، قبرن جو تفصيل ۽ ڪتبا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) اولهہ ۽ اتر جي ڪنڊ واري چبوتري ۾ هڪ قبر آهي، ڏکڻ کان متي

[1] انهيءَ شعر مان معلوم ٿئي ٿو تہ نالو عبدالفتاح هو.

چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي، هيٺيون ڪتبو قبر تي موجود آهي-

مير اسفند يار موحومي
ڪه بهشت از رخش منور شد
ناگهان روز جنگ رعنا ماه [1]
از شهادت شه مظفر شد
جستم از عقل سال او گفتا
"الحق آن شهيد اڪبر شد" - 1036 ھ

قبر جي چوڌاري قرآني آيات آهن.

(2) اترئين طرف ڪناري سان جدا چبوترو آهي، جنهن ۾ پڻ هڪ قبر آهي، جنهن تي قرآني آيات خط طغرا ۾ اُڪريل آهن. هيءُ ڪتبو قبر تي موجود آهي-

وفات يافت چو مغفور ... ميرزا
ابوالنصر بتاريخ ... شهر ذوالحج 1045 ھ

هي مرحوم مير نمڪين جو ڏهٽو هو. "تحفة الڪرام" ۾ سندس ذڪر آيو آهي، اسان به مٿي ان جو ذڪر ڪيو آهي.

(3) مٿئين چبوتري سان لڳو لڳ، هن چبوتري م ٻه قبرون آهن- اولهائين قبر تي ڪتبو آهي-

وفات يافت مرحومي و مغفوري ميرزا محمد ...
............ بتاريخ شهر ذوالحج نه 1042 ھ

اوڀارينءَ قبر جو هيءُ ڪتبو آهي:

چونڪ مرحوم محمد افضل
رفت زين ...... اجل
عقل تاريخ وفاتش گفتا
ڪه " بياسود محمد افضل " - 1086 ھ

اهي ٻيئي قبرون خوبصورت سنگتراشيءَ جو نمونو آهن، ۽ انهن جي

---

[1] 'رعنا' معنيٰ 'راڻو'. سنڌ جي فارسي مؤرخن 'رانا' جي بجاءِ 'رعنا' لکيو آهي- اتي راڻي ماه جو نالو آهي، جنهن سان جنگ لڳي.

چوڌاري قرآني آيات اُڪريل آهن.

(4) اوڀر ۾ اتر واريءَ ڪنڌ تي جيڪو چبوترو آهي، اهو به اولهه اتر واريءَ ڪنڌ تي نهيل چبوتري وانگر آهي، ساڳي سائيز، ساڳيو نمونو ۽ ساڳيا چار منارا، منجهس هڪ قبر آهي، جنهن تي هيٺيون ڪتبو آهي:

مير والانژاد معد الدين [1]
آن بهر فن يگانه و ڪامل
دل ازين خاڪدان گرفت او را
جنتِ عدن ساخت سر منزل
سال فوتش چو جستم از دل گفت
"شد بفردوس مير صاحب دل"

1041= 34- 1075 ھ

**مسجد:**

مٿين ڪتبن کان سواءِ ٻيا ڪتبا پڙهڻ ۾ نه آيا. گهڻو ڪري ٻين قبرن تي ڪتبا آهن به ڪونه. سرڪاري مرمت وقت يا ان کان اڳ، انهن قبرن جا ڪتبا ضايع ٿي ويا آهن. مغربي ديوار سان لڳ مسجد جون چوديواريون موجود آهن، ڇت ڊهي ويئي آهي، محڪمي آثار قديمه جي طرفان فقط ديوارن کي قائم رکي، انهن جي مرمت ڪئي ويئي آهي. مسجد جو طول 15 فوٽ 6 انچ ۽ عرض 8 فوٽ، مشرق کان ٽي دروازا ونگن سان، ۽ ٽي دروازا مغرب کان آهن، اهڙيءَ طرح اتر ۽ ڏکڻ کان به هڪ هڪ دروازو آهي.

**حجرا:**

ڏاڪڻيءَ ڏاڪڻ تان چڙهڻ وقت ڏاڪڻ جي ٻنهي پاسن کان قديم حجرا آهن، جن مان سڄي هٽ وارا حجرا مجاورن سان آباد آهن، ۽ کٻي هٽ وارا حجرا بند پيا آهن، اهڙيءَ طرح اترئين طرف کان اولهه اوڀر وارا حجرا به بند پيا آهن، ۽ انهن تائين پهچڻ لاءِ پاسن کان ڏاڪڻيون آهن.

---

[1] مسٽر يزداني انهيءَ نالي کي 'Ma' du-d-din' پڙهيو آهي، جرنل ايشاٽڪ سوسائٽي، بنگال (I902- IX, part 2)، ڪزنس 156.

**هيٺئين مسجد:**

انهيءَ پهاڙيءَ جي چڙهڻ واريءَ ڏاڪڻ کان ٿورو اولهہ تي، هيٺ زمين تي، هڪ مسجد نهيل آهي جا پڻ قديم ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ان تي ڪوبہ ڪتبو وغيره ڪونہ آهي، ان کي محڪمي آثار قديمہ وارن بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪونہ ڪيو آهي، جنهنڪري بلڪل زبون حالت ۾ آهي.

**ڪتبن جا سال:**

مٿي جيڪي ڪتبا ڏنا ويا آهن، ترتيبوار انهن جا سال هن طرح آهن،- 1018 هہ (ابوالقاسم نمڪين)، 1031 هہ (خاتمہ بالخير والظفر)، 1036هہ (مير اسفند يار)، 1037 هہ (عتيق الله)، 1040 هہ (عبدالواحد)، 1041 هہ (مير معد الدين)، 1042 هہ (ميرزا محمد ...)، 1045هہ (ميرزا ابوالنصر)، 1045 هہ (ابوالقاسم)، 1053 هہ (عبدالرحيم)، 1056 هہ (فتاح)، 1057هہ (مير ابوالبقا امير خان)، 1062 هہ (عبدالرزاق)، 1070 هہ (مرحوم ...)، 1086 هہ (ميرزا محمد افضل).

# صفءِ وفا

"صفہ ٔ صفا" (ستين واري ٿان) جي مقابلي ۾ نموني تي مير نمڪين سيوهڻ ۾ بہ هڪ پهاڙيءَ تي اهڙي عمارت نهرائي هئي، ۽ جڏهن سيوهڻ جو صوبيدار ٿي ويو، ان وقت انهيءَ صفہ تي بہ ساڳئيءَ طرح چانڊوڪين راتين ۾ مجلس آرائي ڪندو هو، گدرن کائڻ جو شوق ڪندو هو، ۽ ساڳئي نموني عالمن ۽ اديبن سان ادبي ڪچهريون ڪندو هو. مير يوسف "مظهر شاهہ جهانيءَ" ۾ سيوهڻ جا حالات بيان ڪندي لکي ٿو تہ: "سيوهڻ کان هڪ ڪوهہ پنڌ تي، ننئي جي رخ ڏانهن هڪ پهاڙ آهي، جنهن جي ڊيگهہ ٽي ڪوهہ ۽ موڪر اڌ ڪوهہ ٿيندي، ان کي سنڌي زبان ۾ 'يڪ ٽنبي' سڏين ٿا، ان ۾ هڪ عمارت ٺاهي ويئي آهي، جيڪا ستون تي بيٺل آهي، ان لاءِ مشهور آهي تہ اتي حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي جلوه گاه آهي. انهيءَ ٺئي پهاڙ تي، مير نمڪين بکر واري 'صفہ ٔ صفا' جي نموني تي، هڪ صفحو نهرايو، جنهن جو نالو 'صفہ ٔ صفا' رکيائين."

- "بر بالائي اني ڪوهہ نيز پير غلام (مير نمڪين) مثل صفہ ٔ بکر صفہ ساختہ، و "صفہ ٔ وفا" نام نهاده، در شبهاي ايام بيض اڪثر آنجا ميگذرانيد، و خر پزهاي موضع نار را با مردم علما و فضلا و سپاه بزم ميداشت، تا هال ڪ سن 1044 هہ است آن صفہ برجاست". [1]

مير نمڪين کي گدرن جو ڏاڍو شوق هو، بکر واري "صفہ ٔ صفا" تي بہ راتين جون مجلسون گدرن جي شغل ۾ بسر ڪندو هو، ۽ ساڳيءَ طرح سيوهڻ واري "صفہ ٔ صفا" واريون محبتون بہ گدرن جي ذريعي گرم رکندو هو. انهيءَ ٽڪر جي قريب، نار نالي ڳوٺ ۾، اروڙ جي ڳوٺ نيہ بدره وانگر گدرن ۽ هنداڻن جا باغ پوکرايا هئائين، جتان جا گدرا ۽ هنداڻا انهن مجلسن ۾ واپرائيندو هو.

اها عمارت اڃا تائين موجود آهي، ۽ ان جي تصوير هتي ڏني وڃي ٿي، جنهن ۾ 'يڪ ٽنبي' پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

---

[1] "مظهر شاهہ جهاني" ص. 267.

# اميرخاني قبرستان - مڪلي

مڪليءَ جي قبرستان ۾ امير خاني ساداتن جو هيءُ قبرستان تمام زبون حالت ۾ آهي. عمارتن جي ساخت ۽ بچيل آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته سندن ماضي نهايت دلڪش ۽ شاندار هو. هن وقت سواءِ چند قبرن جي ٻيون سڀ ڊٺيون پيون آهن، ۽ مزارن جي تلها زبون ٿي ويا آهن. قبرستان جون چوديواريون زياده تر زمين دوز ٿي چڪيون آهن. ڪين ڏسندي، زماني جي نيرنگيءَ ۽ هن جهان جي بي ثباتيءَ جو صحيح نقشو اکين اڳيان اچي ٿو. ان شهر خموشان ۾ ڪي ئي امير، ڪيترا مصنف، ۽ ڪيترا شاعر ابدي ننڊ ستل آهن. ٺٽي جو صوبيدار اتي آهن. شاهه جهان ۽ عالمگير جا صحبتي ۽ منصبدار اتي موجود آهن. صوفي ۽ صاحب نسبت مدفون آهن. "معلومات الآفاق" جو مصنف به اتي ئي محوِ خراب آهي. ڪڏهن ته انهن بزرگن جي چوڌاري ڪنڪ غلامن، ملازمن ۽ دوستن احبابن جا هوندا هئا ۽ اڄ ڪوبه ڪونه آهي، جو ڪٿي انهن قبرن ڪي هڪ نظر وجي ڏسي. اسان جا شاندار علمي ماضيءَ جي هيءَ دفن گاهه آهي، جنهن تي هن وقت ڪجهه پٿر، ڪي ڪتبا، ۽ ڪي مٽيءَ جا ڍير موجود آهن. خبر نه آهي سياڻي اهي به هوندا يا نه!

جان بابا جي مقبري کان سَر اُتر هلبو، ته اهو قبرستان فرلانگ پنڌ طي ڪرڻ بعد ايندو. واٽ سموري ويران آهي، ڪنهن وقت ته هزارين قبرون هونديون، ليڪن اڄ زمين صاف آهي. قبرستان تائين پهچڻ کان اڳ، بلڪل ويرانيءَ ۾ هڪ نشيبي ٽڪري ۾ اڪيلي قبر ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ توهان جي قدمن هينيان ايندي. غور سان نهاريندؤ ته پيرانديءَ کان هيءُ ڪتبو اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو:

هذه المقبرة المرحوم خواجه مير ...

رضي الدين .............

ابو محمد فاضل العلوم الهروي - سن 1000 هه.

معلوم نه آهي ته انهيءَ هراتي بزرگ کي سنڌ جي مٽيءَ ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪشش ڪئي. انهيءَ مزار تي فاتح پڙهي، چند قدم اڳتي وڌندا، ته اوهان کي

امير خاني قبرستان نهايت ئي زير و زبر حالت ۾ پنهنجي زبونيءَ ۽ بربادي تي مرثيه خوان ليڪن زماني جي بي ثباتيءَ تي خنده ڪنان نظر ايندو.

قبرستان ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل آهي: مرڪزي قبرستان هڪ چوديواريءَ جي اندر آهي، جنهن جي اولهه ڪان ئي مسجد هئي، جيڪا هاڻي بلڪل زبون آهي. فقط ڇت جي ڪاشيءَ وارين وٽندڙ سرن مان اندازو ٿئي ٿو ته محراب ۽ ڇت مير ابوالبقا اهڙيءَ خوبصورت ڪاشيءَ جي نهرائي هئي، جهڙي شاهه جهاني مسجد ۾ ڪتب آيل آهي. مسجد جي اترئين ۽ ڏاکڻين پهلوءَ ۾ ٻه حجرا آهن، جن ۾ شايد مستورات جون قبرون آهن. مٿن ڪوبه ڪتبو ڪونه آهي ۽ نهايت زبون ٿي ويل آهن. مسجد جي ايوان ۾ چوڌيواريءَ اندر ڪيئي قبرون آهن، جن مان ٻه قبرون خاص توجهه ڇڪين ٿيون. نقشي مطابق ٽئين نمبر قبر تي پيرانديءَ ڪان هيٺيون ڪتبو آهي:

محـــرران عملهـــاي نيـــڪ نـــامش را
نمـوده انـد بطـور مـار مغفـرت تحريـر
ز بهر سال و فـاتش بسـوز دل همه وقـت
بخوان دو مرتبه اين لفـظ يـا امير امير

اهائي مزار آهي، جنهن لاءِ مسٽر ڪزنس جو چوڻ آهي ته امير خان ابوالبقا جي آهي. قبر نهايت خوبصورت آهي ۽ چوڌاري نفيس خط ۾ آيتن جي اُڪر ٿيل اٿس (تصوير شامل آهي). انهيءَ ئي ساڳئي ميدان ۾ اوير ۽ اتر جي ڪنڊ ڪان ٻي مزار آهي جنهن جي پيرانديءَ ڪان لوڙهي تي هي ڪتبو آهي- (نمبر 8):

خبر نه آهي ته اها مزار اميرخانين مان ڪهڙي بزرگ جي آهي.

انهيءَ ايوان جا اوڀاريان داخلي دروازا نهايت شاندار ۽ پر عظمت هئا، جيڪي هن وقت ونگن سميت ڪري پيا آهن. فقط ديواريون ڏسندڙ جي اندازي لاءِ اڀيون بيٺيون آهن. انهيءَ داخلي دروازي جي اڳيان قبرستان جو ٻيو طبقو آهي: هڪ ٿلهو آهي جنهن تي امين الدين خان ۽ متين الدين وغيره جون قبرون آهن. ۽ انهيءَ ٿلهي جي سيرانديءَ ڪان، زمين تي، سندن اولاد جون قبرون آهن. نقشي ۾ نمبر ڏنل آهن، ۽ انهن ئي نمبرن سان هتي ڪتبا ڏجن ٿا:

(1) خـان بـا تمڪيـن اميـن الديــن خــان
عــــالي از حســـنِ عمـــل درجـــات او

چـون سـفر ڪـرد از جهـان بـي ثبـات

ســال فــوتـش "داخـل الجـنـات او" - 1137 هه

اها مزار پٿر جي ۽ نهايت خوبصورت آهي، سموريءَ مزار تي نقشڪاري ٿيل آهي (تصوير شامل آهي).

(2) چـو حـبِ آل مولـيٰ جـان خـان بـود

روانـــش بـــرد حـــُـورالعين بجنـــت

بـــدل ســالِ وصـــالش گفـــت رضـــوان

بـڱو " منزل متـين الديـن بجنـت " - 1177 هه

مزار پٿر جي نهايت خوبصورت ٺهيل آهي، ۽ لوڙهي جي چوڌاري آيتن جي خوبصورت اُڪر ٿيل اٿس (تصوير شامل آهي).

(3) هيءَ قبر ڏٺل آهي، ڪتبي وارو لوڙهو اونڌو پيو آهي، ۽ تاريخ جا ٻه شعر ڏهي ويا آهن (ڪتبي جي تصوير شامل آهي).

ميـــر محمـــد غـــوث از دنيـــا برفـــت

جنتـــہ المـــاواي گشـــتہ جـــاي او

هـــاتفم گفتـــا ڪـــہ ســـال رحلـــت

" بـاد در خلـدِ بـريـن مـــاواي او " - 1172 هه

(4) هيءَ مزار محمد "گدا" جي آهي، ڪتبي جا ڪي حصا پڙهي نہ ٿا سگهجن (تصوير شامل آهي). جيڪي پڙهيو ويو آهي، سو هن طرح آهي:

لا الـہ الا الله محمد رسول الله علي ولي الله وصي رسول الله

مهيمنـا بنبـي و علــي و هــر دو گوهــر

بعـــابدين بـــاقر امـــام ديـــن جعفـــر

بموسـيٰ و برضـا و تقـــي و هـــم بنقـــي

بعســـڪر و بمهـدي امـام غيـب انـدر

هران گناه ڪـہ ڪرديـم آشـڪارونهان

بحـــق آل محمـــد "گـــدا" همـــہ بگـــذر

پاسن کان ڪتبو پڙهيو نہ ويو آهي، ممڪن آهي اتي تاريخ هجي. اهو ڪتبو هڪ پٿر جي ڏگهيءَ سر تي نهايت بدخط اُڪريل آهي ۽ ديوار سان اپو ڪتل آهي.

(5) هيءُ قبر ڪنهن ننڍي ٻار جي آهي، لوڙهي جي چوڏاري هيءُ ڪتبو اُٽس:

دريغان ازان گل ڪہ نومي شگفت
زمانہ زبادِ مخالف نهفت
خرد سال معصوم حافظ علي
"عطاي علي حافظ" وي بگفت - 1205 هـ

ٻيو ڪتبو هيءُ آهي:

سال وصل مير ڪوچڪ گفت دل
"دم بدم بادا باو حافظ علي" - 1206 هـ

سيرانديءَ کان جدا پٿر جي سر اُڀي بيٺي آهي، جنهن جا اکر ڊهي ويا آهن ۽ ڪتبو پوريءَ طرح پڙهڻ ۾ نہ ٿو اچي، ليڪن ان تي نمبر 4 وارا پهريان ٻہ شعر "هوالحافظ" جي عنوان هيٺ لکيل آهن.

(6) مير محمد عطا جي مزار آهي، جنهن جي سيرانديءَ کان پٿر جي اُڀيءَ سر تي هيٺيون ڪتبو آهي:

مهيمنا بنبي و علي و هردو گوهر
بعابدين و باقر بصادق و جعفر
بموسئ و برضا و تقي و هم بنقي
بعسڪري و بمهدي امام غيب اندر
هران گناه ڪہ ڪرديم از صغير و ڪبير
بحق آل محمد ڪہ از همہ بگذر
يا محمد "عطا" بنام حسين
تاريخ سوم ماه شعبان - 1178 هـ

انهيءَ تلهي جي اتر کان چوديواريءَ جوهڪ حجرو ٺهيل آهي، جنهن ۾ پڻ اميرخاني مستورات جون قبرون هيون، جيڪي ڊهي چڪيون آهن. انهيءَ حجري جي اترئين دروازي مان ٻاهر نڪرڻ وقت مرڪزي قبرستان جي احاطي واريءَ ديوار سان لڳو لڳ ساڳئي خاندان جو نئون ۽ ڪجهہ پراڻو قبرستان آهي، جيڪو مختلف حصن ۾ ورهايل آهي: قبرون ڪي قديم طرز جون پٿر جي اُڪير ۽ ڪتبن سان آهن، ۽ ڪي چوني جي گچ جون آهن، جن تي ڪوبہ ڪتبو ڪونہ آهي. اهڙيءَ طرح اتر کان اهو قبرستان قرندو مسجد جي اولهائينءَ ديوار

تائين آيو آهي، قبرن جي انهيءَ ذخيري جا چند ڪتاب هي آهن:

(9) جدا تلهي تي چار قبرون آهن، جن مان هڪ مزار تي هيءُ ڪتبو آهي-

"سيد ڪمال الدين امير اني بتاريخ ديم جمادي الثاني

فوت شد". 1230 هه.

(10) انهيءَ تلهي کان اولهه تي هڪ قبر آهي، جنهن جو ڪتبو آهي-

"سيد جندل شاهه امير خاني بتاريخ بيست و ششم ذيقعده

فوت شد". سنه 1227 هه.

(11) مٿينءَ قبر کان سر اولهه قبرن جو هڪ مجموعو آهي.

سر و شمر بتاريخ اين نقل در گوش

"بهتيش ڪردند بازيب" فرمود سنه 1321 هه.

(12) ساڳئي مجموعي ۾ هڪ قبر آهي-

"تاريخ وفات سيد ابراهيم شاهه بن غلام حسين شاهه

11 ماهه ذوالحج 1210 هه."

(13) ساڳئي مجموعي ۾-

"سيد مراد علي شاهه بن اشرف علي شاهه ماه ذوالحج 1257 هه".

(14) گل شاهه جي، ۽ نمبر (15) موليڏني شاهه جي آهي. انهيءَ ساڳئي تلهي تي هڪ پٿر اُڪريل آهي، جنهن تي ڪتبو آهي-

مطهر بانوي معصومه از تقدير رباني
ز داعيءِ اجل ناگه نداي ارجعي بشنفت
پي تاريخ سال ارتحاش عقل از غيبم
مطهر بانوي معصومه ...... گفت (؟)

(1) مسجد جي ڏکڻ واريءَ ديوار کان پنجاهه فوٽ کن ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي، هڪ جدا خوبصورت مزار، مٿي دڙي تي، جنهن جي لوڙهو نهايت خوبصورت آيتن جي اُڪير سان مزين آهي. مزار جو قبو ۽ احاطو وغيره ڊهي ويو آهن. زمين کان قبر 8-9 فوٽ مٿي آهي. سيرانديءَ کان لوڙهي تي "هوالڪريم" لکيل آتس. اسان جو گمان آهي ته امير عبدالڪريم جي مزار اها آهي (والله اعلم).

قبرستان ۾ اجا تائين امير خاني سادات پنهنجا فوتي دفن ڪندا رهن ٿا.

# هاٽوڪا امير خاني سادات

ٺٽي جي شاهه جهاني مسجد جي اوڀر کان لڳو لڳ اڄ تائين امير خاني محلو آباد آهي، ليڪن محلي جي حالت برباد ۽ مڪينن ۽ ڪيفيت سقيم آهي، چند مرد ۽ ڪجهه مستورات اڃا به زنده سلامت آهن. هن وقت خاندان جو سربراه سيد حاجي شاهنواز شاهه آهي، جيڪو ڪنهن وقت تپيدار هو. ۽ هن وقت ماتلي تعلقي ۾ پنهنجي زمينداريءَ تي گذاريندو آهي. انهيءَ بزرگ سان منهنجي ملاقات ٿي: سفيد ريش، عمر 55-50 ورهيه ٿيندس، نهايت سمجهدار ۽ زماني جي ڏانوَ جو ماڻهو آهي. محلي ۾ فقط سندس ئي جاءِ پڪي نهيل آهي. باقي جايون سڀ ڪچيون ۽ زير و زبر آهن. سيد صاحب پنهنجو شجرو ٻڌايو، جيڪو امين الدين خان کان شروع ٿئي ٿو: جنهن جاءِ ۾ حاجي شاهنواز شاهه رهي ٿو، اها اصل قديمي آهي، ليڪن حاجي صاحب ان جي مرمت ڪري، ان کي نئون ڪيو آهي- وچ ۾ اڱڻ اٿس ۽ اڱڻ جي چئني طرفن کان ڪانيءَ جي ٿنڀن تي ورانڊو، ورانڊي کان اندر تي چوڏاري ڪمرا اٿس.

حاجي صاحب جو ڀاءُ سيد موليڏنو شاهه سنڌيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. غلام محمد ڇاپائي ٺٽويءَ جي گهران شادي ڪئي هئائين. سندس گهر واري حيات آهي، جنهن وٽ سيد صاحب جو سنڌي ديوان آهي.

حاجي صاحب مون کي ٻڌايو ته شاديءَ غميءَ جي ريت رسم گهٽ ڪري قديم دستور مطابق اڃا هلائيندا اچن ٿا: شاديءَ رات ڪنوار کي مغلي ويس پارائيندا آهن- غرارو، پيشوازُ ۽ تنگ پائجامو، سڄو وڳو زردوزيءَ جي ڪم سان مزين ٿئي ٿو. شاديءَ واريءَ رات رابيل جي گلن جا ڪينهون ناهي گهوٽ ڪنوار هڪٻئي کي هڻندا آهن. چوٿين ڏينهن تي گلن جي راند، جنهن کي "ڇٽن" چئجي ٿو، ڪنوار جي گهر ۾ ٿيندي آهي.

موتيءَ جي وقت لاش تان سون ۽ چانديءَ جا گل نهرائي نثار ڪيا ويندا هئا. جن کي غريب غربا ذرتيءَ تان چونڊي کڻندا هئا. فوتيءَ وقت سوناري کي گهرائي اهي گل نهرايا ويندا هئا. اها رسم حاجي صاحب جي ڏاڏي ابراهيم

شاهه تي اچي ختم ٿي، ابراهيم تي 5 تولا سون ۽ ويهه تولا چاندي گهوري ويئي هئي. ان وقت سون جي قيمت 12 رپيا في تولو هئي، ۽ چئين پنجين آني چانديءَ جو تولو ملندو هو. گل اهڙيءَ طرح هلڪا سنهين تارن مان خاص نموني تي ناهيا ويندا هئا، جو سون جي پنجن تولن مان اڌ ڇلي پرجي ويندي هئي. موتيءَ جي جيڪا ماني ورهائي ويندي هئي، تنهن کي "اڪابري" چيو ويندو هو، ۽ ٿانون سميت ڏبي هئي.

عيد جي ڏينهن عيد گاهه تائين، شهر جو قاضي صاحب (شيخ الاسلام محمد اوچيءَ جي اولاد مان)، ۽ شيرازي ساداتن جو پڳدار، ٻئي ڏوليءَ تي هلندا هئا، ۽ امير خاني گهراڻي جو نمائندو گهوڙي تي سوار ٿي هلندو هو، باقي سڀ مخلوق پنڌ عيد گاهه تي جلوس جي صورت ۾ ساڻن گڏ پهچندي هئي.

ڊالون، تراريون ۽ ٻيو سپاهگيريءَ جو سامان حاجي صاحب جي والد، سيد گل حسن شاهه تائين گهر ۾ رهيو، جنهن آهستي آهستي ڪري پنهنجي دوست ڄام مراد علي خان جوکئي کي ڏيئي ڇڏيو.

حاجي صاحب جا ڪي پٽ پڙهن ٿا ۽ ڪي ننڍا آهن، سندس هڪ نينگر گل حسن شاهه، جي شادي شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه جي سجاده نشين، سائين غلام حيدر شاهه جي نياڻيءَ سان ٿيل آهي. حاجي صاحب جي پنهنجي شادي عباسين مان آهي، جيڪي هن وقت عبدالله شاهه اصحابيءَ جا مجاور آهن.

حاجي شاهنواز شاهه مون کي ٻڌايو ته مسجد جي داخلي دروازي جي سامهون ڏکڻ کان جيڪو ميدان پيو آهي، اتي ٺٽي جي حاڪمن جو قلعو هوندو هو. (جنهن کي تاريخ ۾ قلعه حاڪم نشين چيو ويو آهي)، ديواريون ڍهي ويون آهن، بنيادن جا نشان اجا به ڪوٽائيءَ سان نڪري سگهن ٿا. هن وقت انهيءَ ميدان تي غريبن جا جهوپڙا اڏيل آهن. انهيءَ قلعي جو دروازو اولهه طرف کان کلندو هو، ان جي سامهون به محلي امير خانيءَ جو حصو هو، جيڪو اڄ صفا زمين دوز ٿي ويو آهي ۽ هموار ميدان آهي. قلعي جي ڏاکڻيءَ ديوار سان اگر محلو ۽ دبگران جو محلو هو،

جيڪو اجا انهيءَ نالي سڏجي ٿو.

انهيءَ گهراڻي مان ٻيا بہ ڪي سادات آهن، جن سان منهنجي ملاقات ٿي نہ سگهي.[1]

- ڪراچي
2 ڊسمبر 1956ع

[1] انهيءَ خاندان جي ڪن افرادن جا نالا اسان کي قاضي علي محمد صاحب جي فرمانن واري بياض ۾ ملن ٿا. ڪن جو ذڪر مير متين الدين جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي، باقي انهن نالن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي، جن جو ڪوبہ احوال ملي نہ سگهيو:
(1) محمد شاڪر (نواسہ امين الدين خان)- ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سند سال 1156هہ. (2) محمد ذاڪر ۽ محمد صابر ولدان محمد شاڪر. ٻنهي جي نالي ميان غلام شاهہ جي سند سال 1175هہ ۽ هڪ سند ميان سرفراز جي سال 1188هہ. (3) محمد اڪرم بن محي الدين خان (نبيره امير خان ابوالبقا)، سند سال 1119هہ جي ۽ 1125هہ جي، (4) مير علي منصب (غالباً) بن محمد اڪرم، سند سال 1125هہ جي، (5) مير محمد صادق، سند سال 1188هہ ۽ 1192هہ سرفراز ۽ عبدالنبيءَ جي، (6) مير ڪامران، سند سال 1192 هہ عبدالنبيءَ جي، (7) سيد سعد الله ، سند سال 1184هہ غلام شاهہ جي، (8) سيد امام الدين، سند سال 1191هہ عبدالنبيءَ جي، (9) سيد باقر علي، سند سال 1192هہ عبدالنبيءَ، (10) سيد غفور علي، سند سال 1221 هہ ۽ 1248 هہ، مير غلام علي ۽ مير ڪرم علي، مراد علي.

- امين الدين خان (متوفي: 1137 هـ)
  - مير متين الدين خان اسماعيل (متوفي: 1177 هـ)
  - مير گدا (1180 هـ کان اڳ وفات)
    - مير ڪمال الدين (متوفي: 1230 هـ) (1)
      - غلام حسين شاهه
        - محمد گدا ثاني
          - امام بخش شاهه، لا ولد گبسن ڪليڪٽر وٽ سرشتيدار هو ۽ پوءِ بينچ ماجسٽريٽ بـ ٿيو.
          - آگي ڏنو شاهه
            - مراد علي شاهه، لا ولد
        - ابراهيم شاهه
          - غلام حسين شاهه عرف گل حسن شاهه
            - حاجي شاهنواز شاهه
              - گل حسن شاهه
              - سجاد حسين شاهه
              - ذوالفقار علي شاهه
              - الطاف حسين شاهه
              - دلدار حسين شاهه
            - موليڏنو شاهه، لا ولدفوت ٿيو 8 سال کن ٿيا.
  - مير محمد عطا (متوفي: 1187 هـ)

# تعليقات

هيءُ ڪتاب 227 صفحي تائين، سال 1954ع کان اڳ تيار ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ، صفحي 236 تائين، نئون اضافو سال 1956ع ۾ ڪيو ويو. گذريل چند سالن ۾ جيڪو نئون مواد ميسر ٿيو، سو تعليقات جي صورت ۾، اينڊڙ صفحن ۾ پيش ڪجي ٿو.

- **حسام الدين راشدي**

ڪراچي

4- جولاءِ، 1961ع

# ٺٽي جي جامع مسجد ۽ اُن جا ڪتبا

ڪتاب جي صفحي 87 تي، جامع مسجد جا فقط اهي ٻه ڪتبا درج ڪيا ويا آهن، جن جو تعلق مير ابوالبقا امير خان جي دور سان آهي. ليڪن هيٺ مسجد ۾ جيڪي ٻه ڪتبا آهن اهي سڀ ڏيئي ڇڏيون ٿا، ته ڪ پڙهندڙن لاءِ انهيءَ سلسلي ۾ ڪابه تشنگي باقي نه رهي، ۽ ڪتبا پڻ يڪجا ٿي وڃن.

## ڪاتب

مسجد اندر هيٺين ڪاتبن جا ڪتبا موجود آهن:

**(1) عبدالله (1068هه)**

”تحفة الڪرام“ ۾ خطاطن جي ذمري ۾ مٿئين ڪاتب جو ذڪر موجود آهي، نالو سيد عبدالله حسيني، ۽ لقب ”نازڪ رقم“.

**(2) شيخ محمد فاضل**

”تحفة الڪرام“ ۾ آهي: ولد شيخ محمد معاصر عهد شاهجهاني خط ثلث ۾ ’نادره زمان‘ هو. شيخ محمد فاضل جي پٽ جو نالو پنهنجي ڏاڏي تي محمد هو. ”تحفة الڪرام“ جي لکڻيءَ مطابق اهو ’محمد‘ پڻ پنهنجي والد جهڙو بيمثال ڪتاب نويس هو. (3/241 فارسي)

**(3) عبدالغفور (1057 هه)**

**(4) سيد علي (1104 هه)**

سيد علي بن عبدالقدوس مازندراني خط ثلث ۽ خط نسخ خواه بين خطن ۾ سيد علي [1] جو نظير هو. مخدوم الياس [2] سندس استاد هو، جنهن جي شاگرديءَ ڪيترا استاد پيدا ڪيا.[3]

---

[1] استاد مير سيد علي هراتي بن محمد باقر پنهنجي دور جو جيد ۽ لاثاني خطاط هو. سندس تاريخ وفات ۾ اختلاف آهي- 951هه -953 هه ۽ 966 هه سال ڏنا ويا آهن. سندس استاد جو نالو مولانا سلطان علي هو.

[2] مخدوم الياس بن مخدوم يوسف نستعليق ۽ نسخ جو وڏو ماهر ۽ پنهنجي وقت جو جيد استاد هو. (”تحفة الڪرام“، 3/241 فارسي).

[3] ”تحفة الڪرام“، 3/200.

(5) بنيو بن حسين

(6) طاهر بن حسن

سيد حسن، ترخاني دور (962هه - 1021 هه) جو ماهر خوش نويس هو. پٽهنس محمد جامع هفت قلم هو، ۽ پنهنجي فن ۾ تمام مشهور هو. ("تحفة الڪرام"، 3/241 فارسي)

## ڪتبا

اوڀارئين حصي واري وچيئن دروازي جي اندرئين ڪناري تي، ٽن پاسن کان هيٺيون ڪتبو پٿر جي ٽن ٽڪرن تي نستعليق خط ۾ موجود آهي:

[ 1 ]

1- بادشاه زمانه، شاه جهان — جامع تته دلڪشان پرداخت [1]
مرتفع جامع، ڪه گنبدو او — سايه برقبه سما پرداخت
2- خاصه بهر خداي ظل خدا — خانه رحمت خدا پرداخت
فر جامع، بحڪم شاه جهان — زبده آل مصطفي پرداخت
رضوي انتساب مير، جلال — ڪه وزارت، از و صفا پرداخت
3- بست فرشي ڪه، سنگ آن، ز صفا — رشڪ جام جهان نما پرداخت
سال تعمير آن، دبير خرد — "فرش مطبوع و دلڪشان" پرداخت [2]

1068 هه مشقه عبدالله

اهو شاهه جهان جي بادشاهت جو آخري سال آهي، اورنگزيب رمضان 1068هه ۾ کيس قيد ڪري، پاڻ ساڳئيء سال جي پهرين تاريخ ذي القعد جو تخت نشين ٿيو. مٿئين ڪتبي ۾ غالباً عمارت جي فقط انهيء حصي ۾ ٻڌايل فرش جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي شاهه جهان جي حڪم تي

---

[1] پٿر جي ٽڪرن تي جيترا شعر اڪريل آهن انهن کي نمبر سان نروار ڪيو ويو آهي نمبر 1- وارا شعر اترئين پاسي کان آهن. نمبر 2- وارا شعر دروازي جي مٿان واري پٿر تي آهن، ۽ نمبر 3- وارا شعر ڏاکڻين طرف کان آهن. نمبر پهرئين ۾ پٿر جون چار سرون، ٻئي نمبر ۾ ڇهه سرون ۽ ٽئين ۾ نمبر ۾ چار سرون ڪتب آيل آهن.

[2] شعرن ۾ ڪامائون، عبارت جي مفهوم کي واضح ڪرڻ لاءِ اسان ڏنيون آهن، ڪتبي ۾ ڪونه آهن. ڪتابت جو نالو چٽو نه آهي مٽجي ويل آهي، قريني مان عبدالله پيو معلوم ٿئي.

سيد مير جلال رضويءَ [1] (وزير ؟) پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ٺهرايو. جيڪڏهن شاعراڻو مبالغو نہ سمجهڻ ۾ اچي تہ فرش اهڙو پالش ٿيل هو جڻ ان جي چمڪ ’جام جهان نما‘ جو ڪم ٿي ڏنو. انهيءَ تشبيهہ جو مطلب اهو آهي تہ فرش جي فالش اندر منهن ڏسڻ ۾ آيو ٿي. اهو فرش يقيناً شاهجهان جي گرفتاريءَ (رمضان 1068 هہ) کان اڳ مڪمل ٿيو هوندو، ورنہ عالمگير جي تخت نشينيءَ بعد ڪتبي ۾ سابق ۽ معتوب بادشاهہ جي نالي ڄاڻائڻ جي ڪنهن کي جرئت ٿي سگهي ٿي!

انهيءَ اوڀارئين ڇتائين حصي جي ٻاهرئين دروازي جي مهاڙيءَ تي ٽن طرفن کان خط ثلث ۾ هيءُ ڪتبو آهي:

[ 2 ]

تبارک الذي نزل الفرقان ..........

..... تا ..... انہ کان غفورا رحيما.

(صدق الله العلي العظيم)

شيخ محمد فاضل [2]

انهيءَ مهاڙيءَ واري ڪتبي جي ڪٻي ۽ سڄي پاسي کان زرد پٿر تي هيءُ ڪتبو آهن:

[ 3 ]

ڏاکڻين پاسي کان-

---

[1] مير جلال رضويءَ جي مزار مڪليءَ تي، شرفا خان جي جنوب مغرب ۾ آهي. دستوري پٿر جي نقشدار لوح تي هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي:

(1) چو سيد رضوي، مظهر جلال و جمال
سر آمد فضلا، پيشواي اهل ڪمال
(2) بخلد شد، پي تاريخ گفت، خازن خلد
"بر اوج جنت اعلي مقام مير جلال".

گويا، مير جلال رضوي فرش ٺهرائڻ کان ڪم و بيش ٻہ ورهيہ پوءِ فوت ٿيو. سندس قبر ۽ ڪتبي جو فوٽو ڏيئي رهيا آهيون.

[2] هيءَ آيت سڄوري سوره فرقان ۾ آهي، ۽ هن ريت ٽن حصن ۾ ڪتبي تي ورهايل آهي:

1- تبارک الذي نزل الفرقان ........
2- و اتخذوا من دونہ........
3- تملي عليہ بکرة ........

چـون صـاحـب قـران جـهـان يــافت ترتيــب مســجدِ اعلــيٰ

[ 4 ]

اترئين پاسي ڪان-

هـاتـفـم گـفـت، سـال اتـمـامش، "گشت زيبا چو مســجد اقصيٰ"

1057 هه

مشقہ عبدالغفور

مسجد جي انهيءَ اوڀارئين حصي ۾ اهي ئي چار ڪتبا آهن.

* * *

اولهائين ڇتائين عمارت جي مهاڙيءَ تي ساڄيءَ طرح ٻاهرئين پاسي ڪان ثلث خط ۾ قرآني آيات جو ڪتبو آهي.

[ 5 ]

لقــد صــدق الله رســولہ الرؤيــا ......

... تــا..... مغفــرة و اجــرا عظيمــا

ڪتبہ سيد علي بن سيد عبدالقدوس [1]

1104 هه

مشرقي مهاڙيءَ خواه انهيءَ مغربيءَ مهاڙيءَ وارا طويل ڪتبا جيڪي مهاڙيءَ جي ٽن طرفن کي وڪوڙي ويا آهن. پٿر جي مختلف ٽڪرن تي اڪريل آهن، ۽ انهن ٽڪرن کي بعد ۾ چوني جي گچ سان ديوار تي بترتيب هنيو ويو آهي.

انهيءَ مغربي ڇتائين حصي ۾ داخل ٿيڻ بعد وچين گنبذ جي هشت پهلو ڪرسيءَ جي چوڏاري ٽن حصن ۾ ثلث خط ۾ هينيون ڪتبو آهي، جيڪو ڪاشيءَ جي سرن تي لکيو ويو آهي:

[ 6 ]

سبحان الذي اسراي ... تا ...

---

[1] سوره الفتح جو آخري رڪوع - ڪتبو هن ريت ٽن حصن ۾ ورهايل آهي:

1- لقد صدق الله ..........

2- السميع البصير ........

3- الانجيل كزرع اخرج .....

.......... عذابا عليما.

كتبہ فقير طاهر بن حسن كاتب

اهو ڪتبو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، هر حصي جا پهريان لفظ هيٺينءَ طرح آهن:

(1) سبحان الذي ......

(2) السميع البصير .....

(3) نوح انہ كان ........[1]

خاص محراب تي پڻ ڪاشيءَ جي سرن مٿان ٽن پاسن کان هيٺيون ڪتبو خط ثلث ۾ موجود آهي، جنهن جي عبارت هن ريت آهي:

[ 7 ]

آقم الصلواة ... تا ... رحوقا.

المشقہ العبد الفقير بنبو بن حسين[2]

*　　*　　*

مسجد جي اتر ۽ ڏکڻ کان ڇتاوان وراندا ونگن تي هليا ويا، جيڪي ٻنهي پاسن کان مسجد جي اولهائين ۽ اوڀارئين حصي کي پاڻ ۾ ملائين ٿا. اهي ٻيئي وراندا حجرن جي نموني تي ڪمرن وانگر ٺهيل آهن ۽ گمان اهو آهي تہ انهن مان مڪتب ۽ مسافرخاني جو ڪم ورتو ويندو هو، جيئن انهيءَ دور جو دستور هو.

ڏکڻ کان جيڪو سلسلو آهي ان جي درمياني داخلي دروازي کان جڏهن مسجد ۾ اندر قدم رکجي ٿو تہ کٻي هٿ کان اولهہ طرف ٻئي نمبر ڪمري جي ونگ جي مٿان بلڪل وچ تي زرد پٿر تي هيٺيون ڪتبو نستعليق خط ۾ نظر ايندو:

---

[1] هيءَ آيت سڳوري سوره بني اسرائيل ۾ آهي.

[2] هن ڪتبي جو پهريون حصو جيڪو "اقم الصلواة" کان شروع ٿئي ٿو سئو ستن ڪاشيءَ جي سرن تي آهي. ٻيو حصو جيڪو محراب جي مٿان آهي ۽ 'فتهجدبہ' کان هلي ٿو، تنهن ۾ اٺ سرون آهن، ۽ ٽيون حصو جيڪو محراب جي ڏاکڻين پهلوءَ تي آهي ۽ 'من لدنک' کان ان جي ابتدا ٿئي ٿي، ان ۾ ست سرون ڪتب آيل آهن. اها آيت سڳوري سوره بني اسرائيل ۾ آهي.

1- اقم الصلواة ...

2- فتهجد بہ ....

3- من لدنک ....

[ 8 ]

پهرين سٽ:

ندیده چشم فلڪ، مسجدي، بدين خوبي
ڪہ آمدند ملايک براي ديدن فيض

ٻي سٽ:

جستم از خرد و عقل، سال تعميرش
بديده، ڪرد اشارت ڪہ: هست 'معدن فيض'

1054 هہ

'معدن فيض' مان سال نڪري ٿو.

*　　*　　*

[ 9 ]

انهن مٿين ڪتبن ڪانسواءِ مسجد جي وڏي داخلي دروازي جي ٻاهران ونگ جي مٿان هڪ ڪتبو لڳل هو، جيڪو جهونو ٿي وڃڻ سبب لاٿو ويو آهي. هن وقت (1- آگسٽ 1961ع) انهيءَ ڪتبي جي عبارت کي ساڳئي ئي هوبهو خط ۾ سنگمرمر تي اُڪاريو پيو وڃي، ۽ مرمت ڪانپوءِ اصلي ڪتبي جي بجاءِ اهو نئون ڪتبو نصب ڪيو ويندو. ڪتبي تي ڪلام مجيد جي سوره الجن جي ٻئي رڪوع جو هيٺيون ٽڪرو اڪريل آهي:

"تعليٰ الله وان المساجد لله فلا تد عوا مع الله احدا"

مٿي ڄاڻايل ڪتبن جا سال، ترتيبوار هن ريت آهن:

1054 هہ- 1057 هہ- 1068 هہ- 1104 هہ-

*　　*　　*

# مسجد جي مرمت جا سال

مير "مائل" ٺٽويءَ [1] جي ديوان مان معلوم ٿئي ٿو ته مسجد جي مرمت ٽالپري عهد ۾ مير مراد علي خان (1227 ھ) تمام چڱيءَ طرح ڪرائي، جنهن جون تاريخون هيٺينءَ طرح مير "مائل" تصنيف ڪيون:

(1)

اين مسجد شاهي، آنڪ سالش | بد "معدن فيض" پيش ازين
1054 ھ

در حال، ز فيض رشد تازه | از دولت مير نيڪ آئين
ڪز نام علي، مراد يابست | دائم، ببقاي دولت و دين
از فيض مداد، تازه ترميم | بگرفت بڪام دل، چو تزئين
فرمود، سروش غيبم، اين سال: | "اين معدن فيض حاليا بين"
1227 ھ

(2)

باز از مسجد و شرف، اين جامع شاهي، گرفت
باهزاران، زيب و زينت، تازه تزئين الرشاد
گفت طبعم در دعا، تاريخ تر ميمش چنين:
"باد دائم امجد اين جامع، ز ترميم مراد"
1227 ھ

(3)

شڪر حق، ڪز پيروي، سنت ختم الرسل
آنڪ واجب ڪرد، تعمير مساجد برعباد
رونقِ عباد دوران، مير نام آور، ڪه او
دارد از نام علي، حاصل بدوران بر مراد [2]

---

[1] مير غلام علي 'مائل' بن مير علي شير "قانع" ٺٽوي.
[2] تاريخ جو مصرعو ڪٿيل آهي.

(4)

حسبتہ الله بڪام آنڪہ في الليل والنهار
دارد از شوقِ دلي شغل عبادت دلنهاد
بر مرادِ طبع، بهر اين مسجد حق، ڪز قديم
دارد از سعي صفا، با ڪعبتہ الله اتحاد
چون بترميمِ مراد از نو، چو تعمير قديم
داد، باصد زيب و زينت تازه تزئين الرشاد
در خوشي، خوش سال ترميمش سروشِ غيب گفت:
"آمده نو، باز اين مسجد، ز ترميم مراد"
1227 ھ
ديده هر ڪس، بر مرادِ طبعش اين ترميم خير
از جزاه الله خيرا، صد نويد ڪام داد
تابود "مائل"، بيادِ حق قلوب المومنين
"ورد شان دايم درين مسجد دعاي ميرباد"
1227 ھ

انهيءَ مرمت بعد، انگريزن جي دور ۾ مسجد جي ٻہ دفعا مرمت ڪئي ويئي. پهريون دفعو سر بارٽل فريئر 1172 ھ [1] 1855ع ۾ ڪرائي، ۽ ٻيو دفعو مسٽر جيمس ڪمشنر جي حڪم سان سال 1311ھ 1894ع ۾ ٿي. [2]

انهن انگريزي مرمتن کان شايد اڳ، ٺٽي جي ماڻهن هڪ عريضيءَ جي

---

(1) اها مرمت سيد صابر علي شاهہ بن مير "مائل" ۽ الهہ بخش شاڪراڻيءَ جي زير نظر ٿي (لب تاريخ). مرمت لاءِ بمبئي سرڪار اڍائي هزار رپيا ڏنا هئا (جيمس). مرمت جو ڪتبو پتل جي پليٽ تي مسجد ۾ موجود آهي.

(2) مرمت لاءِ ويهہ هزار پنج سو رپيا گڏ ڪيا ويا هئا، جنهن مان اڍائي هزار بمبئي حڪومت ڏنا، چار هزار مير فيض محمد والي خيرپور کان ورتا ويا، ۽ چوڏنهن هزار سنڌ جي ٻين معززين مان وصول ٿيا (لب تاريخ). اها مرمت ميان رسول بخش مختيار ڪار جي زيرنگرانيءَ ٿي. ميان موصوف فارسيءَ جو شاعر هو، 'رهي' تخلص هوس (ڏسو تڪلمو تحت 'رهي'). انهيءَ مرمت جو ڪتبو انگريزي ۽ سنڌي زبان ۾ جنهن ۾ رقم بہ ڏيکاريل آهي، في الحال مرمت سبب اصلي جاءِ تان لاهي هيٺ رکيو ويو آهي، (تصوير هتي ڏجي ٿي) "لب تاريخ" ۾ آهي تہ اهو ڪتبو ڏاکڻين داخلي دروازي تي لڳل هو. مسٽر جيمس جنهن اها مرمت ڪرائي ۽ جنهن جو نالو ڪتبي ۾ آهي، تنهن مسجد جو ذڪر پنهنجي انهيءَ ليڪچر ۾ ڪيو آهي، جيڪو هن D.J ڪاليج ۾ 19 جولاءِ 1893ع جو ڪيو هو. ۽ ان جو عنوان آهي:
Sindh as Field for the Naturalist And Antiquarian - Karachi 1893ع.

ذريعي خيرپور جي والي مير علي مراد خان ٽالپر (متوفي 1311 هـ- 1894ع) کان مرمت لاءِ مالي امداد طلب ڪئي هئي، ليڪن ان جو نتيجو ٻانئجي ٿـو، تـه حسب مراد نـه نڪتو هوندو. ڇاڪاڻ تـه مير صاحب مرحوم جي پنهنجي سڄي حياتي شيل شڪار جي پنيان جهنگ جهر ۾ گـذري [1] ، ۽ انهـن ڳـالهين طرف سندس توجهه ڪو تولو ماسو هوندو هو. اهو عريضو فارسي زبان ۾ وڏن خطابن ۽ القابن سان سنواري ۽ ڏاڍن نيـازن ۽ نوڙتـن سـان سينگاري، "تڪملـہ مقـالات الشعرا" جي مؤلف، مخدوم محمد ابراهيم "خليل" کان لڪرايو ويو هو، جيڪو سندس مڪاتيب جو مجموعي ۾ شامل آهي. [2]

1894ع کـان پـوءِ مسـجد جـي مرمـت وري هـن وقـت (1960ع- 1961ع) P.W.D جي ذريعي ٿي رهي آهي. مسجد جي حالت انهيءَ حد تائين زبون ٿـي چڪي هئي جو مرمت ۾ جيڪڏهن ٿورو وڌيـڪ دير ٿئي ها تـه سڄي مسجد وجي پٽ پوي ها. انهيءَ مرمت لاءِ پيسا، سنڌ سرڪار پاڪسـتان ٺيڻ کـان پـوءِ سنڌ جي ڊِل ۾ في ربئي سان هڪ آنو شامل ڪري گڏ ڪيا ويندا هئا.

*　　*　　*

مسجد جو اوڀـاريون ڇتـائون حصـو، 'امير خـاني محلي' سـان لڳـي ٿـو. انهيءَ حصي جي ڏکڻ خواه اتر ۾ ڪليل صحن آهي، ٻنهي صحنن جي ٻـاهرينءَ ديوار ۾ هڪ هڪ ننڍو دروازو آهي، جيڪو امير خاني محلي ۾ گهٽيءَ ۾ کلي ٿو ۽ انهن ٻنهي صحنن جي پاسن ۾ ٽي ٽي ڪمرا آهن، جيڪي شايد ڇوڪريـن جي درس لاءِ هئا ۽ اهـو اوڀـاريون سمورو حصـو پـڻ پنهنجي نوعيت، ساخت ۽ ماحول سبب، معلوم ٿئي ٿو تـه مسجد جو زنانو حصو هو. مستورات امير خـاني محلي جي گهٽيءَ مانَ انهـن ٻنهي دروازن جي ذريعي ڪليـل صحـن ۾ اينديـون هيون ۽ ان کان پوءِ ڇتائين حصي ۾ اچي نماز پڙهنديون هيون. صحن جي پاسـن ۾ جيڪي ڪمرا آهن اتي نينگرين کي تعليم ڏني ويندي هئي. انهـن ٻـن ننڍن دروازن کان سواءِ هڪ ٽيون بـه ننڍو دروازو آهي، جيڪو حجرن جي اترئين صف واري هڪ ڪمري جي ديوار مان اترئينءَ گهٽيءَ ۾ کلي ٿـو. اهـو دروازو داخلي شاهي دروازي جي بلڪل عين مقابل آهي ۽ فرش کان چار ڏاڪا مٿي آهي.

---

[1] مير صاحب مرحوم وفات بـه شڪار جي هڪ منزل (پيٽون) تي ڪئي.
[2] ڏسو بياض ديوان خليل - ملڪ سنڌي ادبي بورڊ.

مسجد جي مشرقي حصي جي ٻاهرينءَ ديوار سان لڳ هڪ نامعلوم مزار آهي. امير خاني محلي جي گهٽيءَ مان انهن اوڀارين ننڍن دروازن ڏانهن جيڪو بہ ايندو، ان کي مسجد جي ديوار سان بلڪل لڳو لڳ اها قبر ڏسڻ ۾ ايندي.اسان جي خيال ۾ اها مزار ٺٽي جي بزرگ پير ڇتي جي آهي، جنهن جو ذڪر ڪندي "تحفة الطاهرين" جي مؤلف لکيو آهي تہ "وي صاحب حاَل و مظهر ڪمال بود، در وادي مجاهده و رياضت قدمي بلند داشت، و اوقات گران مايہ خود را همہ وقت صرف طاعات و عبادات الــهي مي نمود. صاحب يمن و خداوند برڪات بود". [1]

انهيءَ بزرگ جو ذڪر محلي پائيخان ۾ ٿيل آهي ۽ مؤلف آخر ۾ لکي ٿو تہ بزرگ جي مزار غفران منزلت مير متين الدين خان (المتوفي 1177 هہ) بن امين الدين خان جي حويليءَ سان بلڪل گڏ آهي، انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير متين الدين خان جي حويلي انهيءَ مزار جي پرسان هئي، ۽ اهائي مزار پير ڇتي جي ٿي سگهي ٿي.

مسجد جي اولهہ ۽ ڏکڻ ۾ جي ڪنڌ ۾، مسجد کان چار پنج سئو ڪن قدم پري، ٺٽي جي جيد عالم صوفي ۽ نقشبندي سلسلي جي اهم شخصيت حضرت مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جون جايون هيون، جيڪي اڄ بہ ساڳين پٽن تي موجود آهن، بلڪ مخدوم صاحب جو "هجره حضوري [2]" تہ ساڳيءَ حالت ۾ موجود آهي.

* * *

اسان ڪتاب جي صفحي 87 تي لکيو آهي تہ مسجد شاهہ جهان بادشاهہ جي حڪم تي ٺهڻ شروع ٿي. انهيءَ قياس جو بنياد مير جلال واري ڪتبي ۽ 1057 هہ واري ڪتبي تي قائم ڪيو ويو هو، ليڪن بعد ۾ اسان جڏهن شاهہ جهاني دور جي تاريخن [3] جو مطالعو ڪيو تہ انهيءَ مسجد جي سلسلي ۾ اسان کي ڪٿي بہ اشارو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. حالانڪ شاهہ جهاني تاريخن ۾

---

(1) "تحفة الطاهرين" ص. 113.

(2) ڏسو "تڪملہ مقالات" از ابراهيم "خليل" ذڪر مخدوم مذڪور

(3) شاهہ جهان جي دور جون ڇپيل تاريخون اسان جي نظر مان گذريون آهن، اڻ ڇپيل تاريخون سر دست اسان جي دسترس ۾ نہ هيون.

عمارتن جي لاءِ خاص اهتمام سان لکيو ويو آهي. اسان في الوقت هن نتيجي تي پهتا آهيون ته:

(1) اها جامع مسجد شاهه جهان جي حڪم يا سندس شوق جي تسڪين خاطر ڪانه نهي.

(2) مرڪزي خزاني مان انهيءَ مسجد لاءِ هڪ رپيو به خرچ ڪونه ڪيو ويو، ورنه ضرور ذڪر ٿيل هجي ها.

(3) ڪتبن ۾ شاهه جهان جو نالو پڙهي، ماڻهن مشهور ڪري ڏنو ته اها مسجد شاهه جهان بادشاهه نهرائي.

(4) ٺٽي جي جامع مسجد نهرائڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته ڪيترين عظيم الشان جامع مسجدون اڳ ئي موجود هيون، مثلاً جامع خسرو (دابگرن واري مسجد) ۽ جامع فرخ وغيره.

(5) اها مسجد شاهه جهاني تعمير يا مغليه تعمير جو نمونو نه آهي. جي شاهي حڪم سان نهي ها ته ضرور ان ۾ شاهه جهاني دور جي عمارت سازيءَ جي جهلڪ موجود هجي ها.

(6) اها مسجد ابوالبقا امير خان پنهنجي اڏاوتي شوق جي تسڪين لاءِ، پنهنجي نوآباد محلي جي پڪ ۾ نهرائي.

(7) انهيءَ مسجد جي طرز تعمير خاص آهي، ۽ مختلف تعميري نمونن جو گڏيل مجموعو آهي. امير خانن جون جيڪي تعميريون آهن سي قطعي عمارت سازيءَ جو مخصوص نمونو پيش ڪن ٿيون. مثلاً: صفهٔ صفا، صفهٔ وفا، وغيره، هن مسجد تي تعمير ۾ پڻ انهيءَ خاندان جو مخصوص ذوق نمايان آهي.

(8) مسجد ۾ ٽائيلس جا اهي ئي خاص رنگ آهن جيڪي صفهٔ صفا ۾ يا مڪليءَ جي اميرخاني قبرستان واريءَ مسجد تي آهن.

(9) انهيءَ مسجد تي جيڪي خرچ ٿيو، سو يقيناً سنڌ جي اپت ۽ سنڌ جي خزاني مان ٿيو هوندو.

(10) مسجد جي تعمير وارا سال (54- 1057هه) مير صاحب ٺٽي ۾ موجود هو ۽ اتان جو حاڪم هو.

(11) سندس انتقال (1057هه) کان پوءِ مسجد ۾ جيڪو ڪم رهجي ويو، مثلاً فرش وغيره، سو ممڪن آهي ته بادشاهي جي حڪم تي مير جلال پورو

ڪرايو هجي. ليڪن اهو سال جنهن ۾ فرش لڳو سو خود بادشاه جي معزوليءَ ۽ گرفتاريءَ جو سال هو. ان ڪان اڳ جا چند سال پڻ شاه جهان جو وقت، عالمگير ۽ دارا جي لڙائين ۽ بغاوتن سبب اطمينان جو نه هو.

(12) اسان جي خيال ۾ ڪتبن اندر بادشاه جا نالا محض شاهي جلال ۽ شخصي حڪومت جي اثر ۽ اقتدار جو نتيجو معلوم ٿين ٿا. جيئن اهڙن دورن جو دستور هو. خود هن جديد دور ۾ به انهيءَ طريقي جو اعادو ڏٺو ويندو رهي ٿو. مثلاً: جيڪي عوامي عمارتون نهن پيون انهن ۾ پيسا ٻين جا هوندا آهن، ليڪن مصلحتاً بنيادي پٿر تي نالو وقت جي ڪنهن بااقتدار شخص جو اڪريو ويندو آهي، جنهن جي ڪيسي مان انهيءَ عما. ت لاءِ هڪ پائي به نڪتل ڪانه هوندي آهي.

* * *

ڪتبن ۾ شاه جهان جي نالي اچڻ ڪان علاوه جديد دور جي ٻن مصنفن جو پڻ بيان آهي ته اها مسجد شاه جهان جي حڪم تي نهرائي ويئي، ليڪن اهي ٻئي روايتون ڪنهن مستند تاريخي حوالي ڪان سواءِ بيان ٿيل آهن.

"لب تاريخ سنڌ" ۾ خداداد خان مرحول لکيو آهي ته:

"ازروي تواريخ ثابت است ڪه: حضرت شاه جهان
بادشاه از خزانه شاهي نه لکهه روپيه خاص
بجهت تعمير مسجد مبارڪ بلده ٺهٽها ... در سال
1043 هه ... امداد فرموده بودند ... الخ" [1]

انهيءَ مؤلف ڪان پوءِ هينري ڪزنس (H. Cousens) مسجد جو ذڪر ڪندي هن طرح لکيو آهي:

"....... The mosque proper, togegher with the north and south wings, was built by Shah Jahan as a memorial of his visit to Thathah, when having quarrelled with his father Jahangir, he was, for time being, an exile from the court. The eastern end, including the great gate way, was added in the year A.D. 1558 - 59. The total cost is said to have

[1] طبع امرتسر، ص. 88.

amounted to six lakhs of rupees, the whole of which was forwarded from the royal treasury at Delhi." [1]

انهن ٻنهي مؤلفن مان پهرئين صاحب "از روئي تواريخ" [2] لکي آهي، ليڪن نالو ڪنهن بہ تاريخ جو ڪونہ ڏنو اٿائين. اهو مؤلف تاريخ لکڻ ۾ گهٽيءَ حد تائين غير محتاط آهي، خصوصاً آثار قديمہ جي سلسلي ۾ سندس بيخبري ڏاڍي افسوس ناڪ آهي.

اهڙيءَ طرح ڪزنس صاحب پڻ سند ڪانہ ڏني آهي. سندس قول جو مدار غالباً ڪتبن تي ڏسجي ٿو. پيسن جي سلسلي ۾ بہ "is said" لکيو اٿائين. ياننجي ٿو تہ ٺٽي جي ڪنهن بزرگ ڪيس ٻڌائي ڇڏيو هوندو. جهڙيءَ طرح جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر S.w. Tyndall ، 4 تاريخ مئي 1876ع جو ٺٽي جي آثار قديمہ تي جيڪا رپورٽ گورنمينٽ ڏانهن موڪلي آهي، ان جي مواد جو زياده تر مدار ميان حسين علي شاهہ بن سيد صابر علي شاهہ بن مير مائل، بن مير قانع جي غير تاريخي ۽ شخصي معلومات تي رکيو آهي. حالانڪ جيڪي حقائق هن مرحوم، ڊپٽي صاحب جي گوش گذار فرمايا، تن مان هڪ بہ اهڙو ڪونہ آهي، جنهن جي تصديق خود سندس ڏاڏي مير "قانع" جي ڪتابن مان ٿيندي هجي. مٿئين رپورٽ ۾ نوَن لکن جو خرچ ٿيڻ جو تہ ذڪر آهي، پر مسجد جي تعمير شاهہ جهان ڏانهن منسوب ڪانہ ڪئي ويئي آهي. [3]

## امير خان سنڌي

مير عبدالڪريم خان لاءِ راءِ بندرابن داس خوشگو. "سفينهٔ خوشگو" [4] ۾ لکي ٿو:

'— سيد امير خان عالمگير شاهي از سادات سند بود، فضيلت برڪمال داشتہ و بسبب حافظهٔ قوي. در حاضر

---

(1) Antiquities of Sind p p 121.

(2) سنڌي ادبي بورڊ "لب تاريخ" جو نئون ايڊيشن شايع ڪيو اهي، ليڪن افسوس آهي جو ان جي فاضل ايڊيٽر تاريخي غلطين جي تصحيح نہ ڪئي آهي. جنهن ڪري ايڊيشن غير معتبر ٿي پيئي آهي.

(3) Archaeological Survey of Westrern India No 8 (Bombay 1879) مسجد جي متعلق مختصر اطلاع، جنهن ۾ شاهہ جهان جو ذڪر ڪونہ آهي- Archaeological Survey of western India By J S. Burgess Bombay 1885 جي 215 صفحي تي پڻ آهي.

(4) سال تاليف 1147- 1155 هـ.

جوابي و بديهہ گوئي بي نظير بود، و دران عهد خيلي قرب و امتياز يافتہ. از لطيفہ هايش ڪہ بديهہ گفتہ، اين ست: - آئينہ چيني تحفة عالمگير ..... آور دند، (؟) [1] قضا را بشڪست.

بادشـاه ايـن مصرعـ برخوانـد:

از قضـا آئينـهٔ چينـي شڪسـت

سيد امير خان بديهہ معروض داشت:

خوب شد اسباب خودبيني شڪست [2]

و در عهد بهادر شاه (19- 124هـ) بصوبہ داري مستقر الخلافت اڪبر آباد سرفراز بود، دران وقت اڪثر شعرا مثال: ميان علي عظيم خلف ميان ناصر علي، و ميرزا حاتم بيگ مرحوم، و مير ابوالفاي "وفا" [3] ، ڪہ همشير زادهٔ خان مذڪور ميشود، و ديگر موزو نان هميشہ بخانہ وري صحبت گرم ميداشتند و در عهد فرخ سير (24- 1131 هـ) صدارت ڪل هندستان با و تفويض يافت. فائدها بغربا و مساڪين رسانيده مرد موفق بود. در اوائل محمد شاهي (1131هـ) گذشت. شعر خوب مي فهميہ و خوب مي گفت. ديواني مختصري از وشينده اما تخلص معلوم نشد. اين دو بيت را بهتر از دوهزار بيت مي دانم:

فريـاد ڪـہ! پيراهـنِ ديوانگـيٴ مـن

---

(1) هيءَ عبارت صاف نہ آهي، شايد مطلب اهو آهي تہ آئينو تحفي طور عالمگير لاءِ آيو.

(2) اهو شاعراڻو في البديهہ سوال و جواب عالمگير جي نياڻيءَ زيب النساء ۽ سندس هڪ ٻانهيءَ ڏانهن پڻ منسوب آهي-

چيو وڃي ٿو تہ ٻانهي، شهزاديءَ لاءِ ڪنيو ٿي آئي. اتفاقاً آئينو هٿ مان ترڪي، فرش تي ڪري ٽڪرا ٽي پيو. ٻانهيءَ في البديهہ اچي چيو!

از قضا...... الخ

زيب النساء ورندي ڏني: خوب شد.... الخ

انهيءَ واقعي کي زيب النساء(متوفي 1113 هـ) جي نالي عبدالباري آسي مرحوم "تذڪرة الخواتين" ۾ بيان ڪيو آهي. (حصو 2، ص. 222).

(3) غالباً ابوالوفا، عام استعمال سبب ابوالفائي ٿي ويو ٿو ڏسجي.

چون دامنِ صحرا، خبر از چاڪ ندارد

—

من از جميعت آسود گان خاڪ دانستم
ڪ غير از خت بهرِ خواب راحت نيست باليني [1]

—

اهي ٻئي بيت 'تذڪره هميشه بهار' [2] ۾ امير خان انجام بن نواب امير خان جي نالي منسوب ٿيل آهن، جنهن لاءِ تذڪري جو مؤلف لکي ٿو تہ:

"احوال آبائي عظام اين خلاصہ بوستان سيادت
برتمام عالم روشن است ...... [3]

ٻهرئين شعر سان گڏ، ساڳئي تذڪره نگار ٻئي شعر جو بہ اضافو ڪيو آهي:

گر برسرِ من، داست ڪرم، تاڪ ندارد
ميناي دلم، شعلہ ادراڪ ندارد [4]

امير عبدالڪريم امير خان جي سلسلي ۾ مٿي ڏنل فارسي عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ:

(1) حافظي، حاضر جوابيءَ ۽ بديهہ گوئي ۾بي نظير هو.

(2) شاعريءَ ۾ سندس مختصر ديوان مرتب ٿيل هو.

(3) اڪبر آباد جي صوبيداريءَ واري زماني ۾ وٽس هر وقت شعر و سخن

---

(1) "سفينۂ خوشگو" جي سلسلي ۾ قاضي عبدالودود باريسٽر جو مقالو، مطبوعہ رسالہ " نوائي ادب"، بمبئي، جولاءِ 1957ع، صفحہ 8، ۽ مقالہ نگار موصوف جو ڪارڊ راقم الحروف ڏانهن لکيل، مؤرخ 16- 8- 58 "سفينہ خوشگو" جو اهو خطي نسخو جنهن تان مٿيون اقتباس قاضي صاحب ورتو آهي، سو نمبر 695 تي خدا بخش لائبريري پٽنا ۾ محفوظ آهي، ۽ مٿيون ذڪر نسخي جي 97 ورق تي آهي.

بانڪيپور جي فهرست جلد VIII جي صفحي 96 تي "سفينہ خوشگو" جي سلسلي ۾ پڻ امير خان وارو اقتباس موجود آهي.

(2) مؤلف ڪشر چند، تاليف 1136 هہ.

(3) مقالہ: فارسي تذڪري اور ريختہ گو شعرا، از علامہ قاضي عبدالودود نوائي ادب، بمبئي، اپريل 1957ع.

(4) بقول مؤلف "گلزار ابراهيم" عمدة الملڪ نواب امير خان انجام عمدة الملڪ نواب امير خان عالمگيريءَ جو پٽ هو. سندس خانداني تعلق مير ميران سيد نعمت الله جي گهراڻي سان هو، جنهن جي ايران جي صفوي بادشاهن سان مٽي مائٽي هئي. ("گلزار هند" ترجمہ "گلزار ابراهيم"، ايڊيشن 1906ع، مولوي عبدالحق صفحو 13) امير خان انجام درباري سازشن سبب 1159 هہ ۾ قتل ٿيو. 'غم عمده' مان اها تاريخ نڪري ٿي. فارسي تذڪري اور ريختہ گو شعرا نوائي ادب اپريل 57 بحوالہ "تذڪره سفينہ هندي" ڀڳوان داس (تاليف 1200 هہ)

جي محفل گرم رهندي هئي، جنهن ۾ ڪيترا شاعر شريڪ ٿيندا هئا جن مان علي عظيم ولد ناصر علي، مرزا حاتم بيگ وغيره، خاص طرح قابل ذڪر هئا.
(4) سندس ڀاڻيجو ابوالوفا "وفا" پڻ شاعر هو ۽ انهيءَ مجلس ۾ شريڪ رهندو هيو. ڀاڻيجي واري نسبت سواءِ مٿئين ڪتاب جي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ اسان کي ملي ڪانہ سگهي آهي.
(5) پنهنجي دور ۾ ڪيس سلطاني قرب سبب وڏو وقار حاصل هو.
(6) طبعيت ۽ فطرت جي لحاظ سان وڏو صاحب فضيلت امير هو.

# ابوالوفا وفا

"سفينہ خوشگو" جي مؤلف مير ابوالوفا (ابوالوفائي) "وفا" کي مير عبدالڪريم امير خان جو ڀاڻيجو (همشيره زاد) لکيو آهي، حالانڪ "ماثرالامرا" جي قول مطابق ابوالوفا ميرعبدالڪريم امير خان جو ڀاءُ مير ضياءُ الدين يوسف جي نياڻيءَ جو فرزند هو.[1]

ماثرالامرا جو مؤلف لکي ٿو تہ امير عبدالڪريم امير خان سڀني ڀائرن ۾ ننڍو هو:

'مير عبدالڪريم ڪوچڪ ترين برادران است.'[2]

سندس سمورو احوال ڏيئي پوءِ لکي ٿو تہ سندس پٽن مان ڪنهن بہ اوجَرُ ڪونہ ڪيو، سواءِ هڪ ابوالخير خان جي، جنهن پڻ خان دوران خواجہ عاصم[3] سان مٽي مائٽيءَ هجڻ سبب ساڻس گڏ رهڻ ڪري بادشاه وٽان "خان" جو خطاب حاصل ڪيو ۽ مال ملڪيت بہ گڏ ڪيائين. باقي سڀ پيءُ جي اندوختي تي گذر بسر ڪندا رهيا.[4] "ماثرالامرا" جو مؤلف اڳتي هلي چوي ٿو تہ پٽن کان زياده مير عبدالڪريم امير خان جي وڏي ڀاءُ مير ضياءُ الدين خان جو ڏوهٽو مير ابوالوفا وڏيڪ ناليوارو مڙس ٿيو:

"مير ابوالوفا نبيره ضياءُ الدين خان برادر ڪلان امير خان

---

[1] ڏسو هن ڪتاب ("تذڪره امير خاني") جو صفحو 119.
[2] "ماثر الامرا"، 304/1.
[3] هن جي سوانح لاءِ ڏسو ماثر الامرا819/1.
[4] "ماثر الامرا" 310.

نسبت بپسران او، نامي داشت ..... الخ. "[1]

بئي جاءِ تي مير ابوالبقا امير خان جي پٽن جو ذڪر ڪندي، ساڳيو مؤلف لکي ٿو تہ:

"ديگر ضياءالدين يوسف ڪہ در اواخر عهد فردوس آشياني بمنصب هزاري شش صد سوار فايزگشتہ، و پستر بخطاب ضياءالدين خان درجہ اعزاز پيموده، نبيره اش مير ابوالوفا نامي ڪہ درآخر هائي زمان خلد مڪاني، دارو غگي جانماز خانہ ضميمہ خدمات ديگر داشت ... الخ."[2]

مٿينءَ عبارتن مان ظاهر آهي تہ مير ابوالوفا مير ضياءالدين جو ڏوهٽو هو نہ ڪہ مير عبدالڪريم امير خان جو پاٽيجو.

"ماثرالامرا" جي مؤلف مير ابوالوفاجي ذهن، علم، فهم ۽ فراست جي تعريف ضرور ڪئي آهي، ليڪن سندس شاعر هجڻ لاءِ هن ڪوبہ اشارو ڪونہ ڪيو آهي. اهو علم فقط "سفينہ خوشگو" جي ذريعي ٿئي ٿو تہ مير شاعرهو ۽ "وفا" سندس تخلص هو.

# ڪامگار خان

ڪامگار خان جو ذڪر ڪتاب جي صفحي 153 تي آيو آهي، جعفر خان عمدة الملڪ بن صادق خان مير بخشيءَ پٽ ۽ ممتاز محل[3] بنت ابوالحسن يمين الدولہ [4] آصف خان (متوفي 1051 هہ) جي ڀيڻ فرزانہ بيگم جي پيٽ مان هو.

جعفر خان عمدة الملڪ جي پيءُ صادق خان (متوفي 1043 هہ) محمد طاهر وصليءَ جو پٽ هو، جيڪو نورجهان جو چاچو يعني ميرزا غياث (متوفي 1031 هہ) جو ڀاءُ هو.

گويا ڪامگار خان — جنهن امير خان عبدالڪريم جي سلسلي ۾ ايتري

---

[1] "ماثرالامرا" 310/1.
[2] "ماثرالامرا" 173/1.
[3] شاهہ جهان محبوب بيگم جنهن جي قبر مٿان تاج محل جهڙي عظيم عمارت جڙي.
[4] ولد ميرزا غياث بيگ. يعني نورجهان بيگم جو ڀاءُ، شاهہ جهان بادشاهہ جو سهرو ۽ مغل مملڪت جو وزير اعظم.

نخوت ۽ ايڏو پندار ڏيکاريو- سو، ايران جي انهيءَ گهراڻي جو پونير هو، جنهن جي چند فردن نهايت بي سرو ساماني‌ءَ [1] جي حالت ۾ وطن مان نڪري، هندستان اچي، هتان جي مغل بادشاهن شهزادن، اميرن ۽ اميرزادن کي، سگابندي‌ءَ جي وڪڙ ۾ وجهي انهيءَ حد تائين وڪوڙي ڇڏيو [2]، جو نه فقط هندستاني سياست سندن آگرين جي اشاري تي نچڻ لڳي، نه ڇڙو هندستان جي پوري‌ءَ حڪومت جي سياه ۽ سفيد جا سچا پچا مالڪ ۽ مختيار انهيءَ گهراڻي جا افراد بڻجي ويا، بلڪ هندي برصغير جي زر خواه زمين جا سڄا سارا ٿي حصا انهيءَ خاندان جي ذاتي ملڪيت ۽ تصرف ۾ [3] اچي ويا.

انهيءَ گهراڻي جي دستبردار ۽ تصرف مان سنڌ به بچي ڪانه سگهي هئي. سنڌ جا ڪيترا علائقا انهن جي ذاتي قبضي ۽ جاگير ۾ هئا، ۽ منجهائنئن سنڌ تي ڪيترا حاڪم ڪيا ويا، خود ڪامگار خان جو پيءُ جعفر خان عمدة الملڪ (متوفي 1080 هـ) شاهه جهان جي چوويهين سال ۾ ٺٽي جو گورنر هو.

ڪامگار، متئين جعفر خان جو ٻيون نمبر پٽ هو. پاڻ جيتوڻيڪ عقل کان عاري ۽ ساده لوح هو، [4] تا هم عالمگير جي دور ۾ سندس لاڏ ۽ لوڏ جو دور دورو هو، ڪيترن سرڪاري عهدن تي رهيو ۽ وقت جي ڪيترن شاعرن سان سندس دوستي هئي، چونڪ عملي ماڻهو ڪونه هو، تنهنڪري زياده تر وقت اهڙين مجلس ۽ محفلن ۾ بسر ڪندو هو.

---

(1) ميرزا غياث بيگ نهايت بي سرو ساماني‌ءَ جي حالت ۾ ايران مان نڪتو. افغانستان ۾ جڏهن پهتو ان وقت جنهن سواري‌ءَ تي لڏ ڪنيون تي آيو، اها سواري به چور ڪاهي ويس. واٽ ويندي ڪنهن سوداگر کي رحم پئجي ويو، جنهن ڪيس پنهنجي قافلي سان گڏي اچي هندستان پهچايو. نورجهان بيگم انهيءَ موقعي تي افغانستان ۾ پيدا ٿي.

(2) "مظهر شاهه جهاني‌ءَ" جي مقدمي ۾ اسان اهي نسبناما ڏنا آهن. رشتيدارين جي انهيءَ "ڪاڪ محل" کي اتي ڏسڻ گهرجي.

(3) آصف الدوله ابوالحسن (شاهه جهان جي سهري ۽ وزير سلطنت) خواهه ٻين فردن جو مذڪور هندستان جي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ پڙهڻ گهرجي.

(4) ساده لوحبهائي او، زبان زد است، و با ڪمال نظر بعلو خاندان باسيار بر خود مي پيچيد و سر بهيچ ڪس فرونمي آورد- ("ماثر" 3/160) تذڪرة حسيني‌ءَ جو مؤلف لکي ٿو ته:

"به بلاهت مشهور بود" ص، 216. خز عامره ۾ آهي ته: "سادگي شهره عالم است" 334. سندس والده فرزانه بيگ، شاهه جهان جي زال ممتاز محل جي ڀيڻ هئي يعني ڪامگار خانه هڪ بادشاهه (شاهجهان) جي سالي‌ءَ جو پٽ ۽ ٻي بادشاهه (عالمگير) جو ماسات هو.

انهيءَ دور جي مشهور فارسي گو شاعر، "بيدل" عظيم آباديءَ سان سندس دوستي هئي. نعمت خان عالي سان بہ راهہ و رسم هئس. "بيدل" دوستيءَ جو حق ادا ڪندي چيو:

آن ڪامگارِ عصر، ڪہ درپيش تيغ او
خورشيد چون سپر، سرِ خود مي ڪشد بجيب

۽ جڏهن ڪامگار خان بي[1] شادي ڪئي تہ نعمت خان عاليءَ متس اهو هجويہ قصيدو تصنيف ڪيو، جنهن جو پهريون شعر ڪتاب جي متن (153) ۾ آيل آهي.

اهو قصيدو جي لحاظ سان وڏي پائي جو آهي، ۽ انهيءَ دور ۾ ڪجهہ ڪامگار خان جي حماقتن سبب زياده تر فني لحاظ جي ڪري- ڏاڍو مشهور ۽ معروف ٿي ويو. ڪيترن تذڪره نگارن ان کي نقل ڪيو آهي. مير غلام علي آزاد کي ان جي شرح لکي.[2] مير حسين دوست سنيليءَ پنهنجي "تذڪره حسينيءَ"[3] ۾ ان کي جاءِ ڏني، ۽ سنڌ ۾ مير علي شير قانع پنهنجي بياض "حديقۂ غلبا" ۾ ان کي نقل ڪيو. صاحب "ماثر الامرا" پڻ انهيءَ قصيدي جو مطلع ڏنو آهي. بهرحال، اهو قصيدو دلچسپ ۽ مزيدار هجويہ استعارن ۽ علمي اصطلاحن سان پرپور آهي، طوالت سبب هتي ڏيئي ڪونہ ٿا سگهون، جنهن کي دلچسپي هجي سو "تذڪره حسينيءَ" ۾ ان جي شرح "خزانہ عامره" ۾ ڏسي سگهي ٿو.

# مير ابوالمڪارم شهود

مير "شهود" جو فارسي ڪلام ڪتاب جي 155- 159 صفحي تي آيل آهي، ڪجهہ وڌيڪ هٿ آيل متفرق ڪلام هتي درج ڪجي ٿو:

رباعي:

روي تو چو مصحف است مشهود غلط
بس ڪلڪ قضا نوشتہ از مشڪ غلط
چشم و دهنت آيہ و وقف، ابر و مد

---

[1] ڪامگار خان اها شادي حيدرآباد جي فتح ڪان پوءِ اتان جي مفتوح سلطان ابوالحسن تانا شاهہ جي مفتوح وزير سيد مظهر جي نياڻيءَ سان ڪئي هئي-

("خزانہ عامره"، ص. 336)

[2] "خزانہ عامره"، 336 ڪان 346.

[3] "تذڪره حسيني" 216.

مرگان اعراب و خال و خط حرف و نقط. [1]

متفرق:

باز در جلوه در آمد بمن سروقدي
دلبري ماه رخي، تازه گلي سر سبدي
نسخه، از قامت و چشم ورخ و زلفِ تو، گرفت
باغبان، بهر چمن، داشته عالي سندي
کو تهي کرد شبِ وصل تو، هیهات، مگر
خواهم از زلف سیاهت، بدرازي مددي
عشقم انداز جنون کرد، بپا، سلسله نیست
اي سرِ زلف! خدارا مددي کن مددي [2]

—

نامراد عشق، بلند اقبال، در زنجیر داشت
پیچ و تابِ من، شکوه جوهر شمشیر داشت
یا ایامي که از، بیتابيء مجنون ما
حلقه چشمِ غزالان، ناله زنجیر داشت
حق اگر بندد دري، ره درکشاید در عوض
طفل بي مادر زهر انگشت جوي شیر داشت. [3]

—

عرق فشاند رخت، بر زمین گلاب انداخته- زمین معطر شد غلط غلط که بهر قطره آفتاب انداخته- جهان منور شد زلوح سینه مان، بهر میتوان دیدن- چو شمع در فانوس مگر که عیش تو خرشید در شراب انداخته- که ساغرم زر شد مگر مي دلِ عشاق نسبتي دارد طلوع این باده؟ مگر به ساغر ما ساقي آفتاب انداخت که جام کرثر شد سواد خط تو شیرازه از کتاب افگند- که جمله ابتر شد فروغ روي تو

(1) بیاض خطي نامعلوم ص. 92.
(2) بیاض خطي نامعلوم ص. 78.
(3) بیاض خطي نامعلوم ص. 93.

خورشيد را بخاڪ انداخت- چو گوئي درميدان چو اوستاد
ازل خواست انتخاب ڪند- جمال خوبان را ز حالِ او بجهان
طرح انتخاب انداخت- بروي دلبر شد [1]

## مثنوي پري خانہ سليمان [2]

ڪيفيت: مير ابوالمڪارم جي مثنوي 'پري خانہ سلمان' جو ذڪر سندس مذڪور ۾ ڪري آيا آهيون. انهيءَ مثنويءَ جو هڪ خطي نسخو ڪتاب ختم ڪرڻ بعد راقم الحروف جي مطالعي ۾ آيو، جنهن جي ڪيفيت ۽ منجهانئس شعرن جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

اهو نسخو اول ۽ آخر ۾ ناقص آهي، شروع ۾ تيرنهن ورق يعني ڇويهہ صفحا ڪٽل اٿس ۽ پڇاڙيءَ جا هڪ يا بہ ورق غائب ڏسجن ٿا. پوئين ورق (166/2) جي آخر ۾ عنوان آهي "ختم ڪتاب" جنهن جا چار شعر انهيءَ ساڳئي صفحي تي آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ ڪتاب جي انهيءَ آخري عنوان جو ڪم از ڪم هڪ ورق غائب هوندو. ڪتاب جي سائيز 1/2 X5 1/2 8 آهي ۽ سترنهن سٽون هر هڪ صفحي ۾ آهن. عنوان ڳاڙهي مس ۾، ۽ متن ڪاري مس سان لکيل آهي.

پيش نظر نسخو چوڏهين ورق کان شروع ٿي 166 ورق تي ختم ٿئي ٿو، چوڏهين ورق جي ٻنهي پاسن تي ڪتاب جي تصنيف ۽ نالي متعلق شعر آهن. پهرئين ورق جي ابتدا هن شعر سان ٿئي ٿي.

سخن از سينہ ام فواره جو شد    بشعرم آسمان تحسين فروشد

اڳتي هلي هي شعر اچن ٿا:

نگارين مثنوي گفتم سراسر    ز احوالِ سليمان پيمبر
ز نازِ دلفريب حسن بلقيس    نوشتم پي، گذار شهاي تلبيس

---

[1] بياض خطي نامعلوم ص. 92.

[2] اهو قصو ٻين بہ ڪيترن شاعرن نظم ڪيو آهي، مثلاً فارسيءَ ۾:

(1) نظام معمائي متوفي 921 هـ انهيءَ قصي کي نظم ڪيو، ليڪن مثنوي مڪمل ڪري نہ سگهيو.

(2) فيضي متوفي 1004 هـ، خسرو شيرين. جي مقابلي ۾ مثنوي سليمان و بلقيس لکي.

(3) احمد خان صوفي آگري واري 1298 هـ ۾ انهيءَ قصي کي فارسيءَ ۾ منظوم ڪري پنهنجي پريس، مفيد عام، آگري ۾ ڇاپيو.

اردو زبان ۾ انهيءَ قصي کي اعزالدين ملڪ الشعراء آرڪاٽ (متوفي 1240 هـ) 1225 هـ ۾ نظم ڪيو.

در و هر بيت شمع جاوداني | همه آزاده سروِ بوستاني
صفِ ابيات روشن بين زيبا | چراغان تافته بر روي دريا
ترازو و ئيست، از نقد گران پر | بجائي سنگ، لعل و جائي زد در
گزيده نازنين، قامت سزا وار | ميان، از شرم پنهان گشته چون راز
سپاس ايزد تعليٰ را ڪ، اين گنج | بسنجيدم بميزانِ گهر سنج
ڪفم، از بار سنجيدن، سبڪ شد | نگاهم، از تبِ ديدن، خنڪ شد
سرم، از سنجده بردن، شد سر افراز | ز زانوبند، بندِ زانوم باز
نگردد بعد ازين زانو چو نامه | ني ساقم بدست پا، چو خامه
قلم، ڪزدستِ من بودش شڪنجه | بپاي سر شدن، ميگشت رنجه
بسر پوشيد، چون شاهان، ڪله را | نشد بعد ازين آسيب ره را
ستان افتاده در عهد قلمدان | برنگِ نوعروسانِ سبڪ جان

**نالو ۽ سال تاليف:**

مثنويءَ جي نالي متعلق هينيان شعر چيا ويا آهن:

پرخانه چو گشت از خامه اوراق | تهي شد شيشه، بنهاديم برطاق
چو پايان آمد، اين شيرين فسانه | بخوان، تاريخ و نامش، زين ترانه
پري خواندم ز بس نزدِ سليمان | سزد نامش- 'پريخوان سليمان'

1060 ھ

همان بهتر، گرين صحرا، ڪشم ڪار | ڪنم در گلستانِ وحدت، آرام

اهڙيءَ طرح مثنويءَ جي نالي مان تصنيف جو سال 1060 ھ برآمد ٿئي ٿو.

پندرهين ورق کان نئون عنوان 'نائين مناجات' جو شروع ٿئي ٿو، جنهن مان ظاهر آهي تہ گذريل ورقن ۾ حمد ۽ نعت وغيره جي دستوري ۽ رسمي عنوانن کان پوءِ اٺ مناجاتون پڻ اچي چڪيون آهن.

**شاهہ جهان جي مدح:**

ڪتاب ۾ شاهہ جهان بادشاهہ جي مدح ۽ سندس شهزادن جي تعريف خواهہ شاهي باغن ۽ عمارتن جي باري ۾ جدا جدا عنوانن هيٺ مدح ۽ ستايش، تعريف ۽ توصيف ڪئي ويئي آهي. انهن عنوانن منجهان ڪجهہ شعر نموني لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

بادشاهہ جي مدح ۾ مير "شهود" چوي ٿو:

چو بوبکر، از سرنو، کار دين ساخت بدفعِ فسق، چون فاروق، پرداخت
چو عثمان، از حيامندي، جهانگير بمردي، چون علي، بگرفتہ شمشير
بعدل وجود، هفت اقليم پرور شهاب الدين محمد ابوالمظفر
چو نامِ خويشتن شاهِ جهان است جهان را ثانيءِ صاحب قرآن است
جهانگير و جهاندارو جهان بخش ملک لشکر، ظفر خنجر، فلک رخش

شهزادن جي تعريف جدا عنوان جي تحت آهي،

سپهر شاهہ داور، چار خورشيد کہ بادا هريکي، بر اوج، جاويد
يکي، داراشکوه اسکندرا جلال وليعهدِ شهنشاه باقبال
دويم، شاهہ شجاع انجم سپاه است چو خور، مشرق زمينش، جايگاهہ است
سيوم، اورنگزيب، آرايشِ دين بملکِ شرعِ سلطاني بتمکين
همہ با حکمت و عدل و شجاعت همہ باعفت و فضل و سخاوت
همہ نصرت شعار و فتح پرور همہ اقبال مند و بخت ياور

بادشاهہ جي تعريف ۾ مختلف عنوان ٻڌا اٿس، مثلاً: تلوار جي تعريف، خنجر جي توصيف، بهادريءَ ۽ تلوارزنيءَ جي صفت وغيره وغيره. هڪ عنوان هيٺ چوي ٿو:

بہ هيجا چون بہ پشتِ زين نشيند عدو را از پئي کشتن گزيند
برآرد ازميان شمشير خونريز دم آور آب پرور، آتش انگيز
بيک ضرب، آن چنان آتش فروزد کہ هستي برتنِ دشمن بسوزد

عمارتن جي تعريف کندي چوي ٿو:

[چو] تعريف عمارت راکنم ياد شود از آسمانش خشت بنياد
بر ... بس کہ از افلاک افزود کواکب، ذرهاي روزنش بود
زحل کاري، ز روزِ سقف و ديوار خورستان، حل شده از دست حل کار
ازاده، غيرت ارژنگ مان مرصع همچو سقفِ آسماني
امل باطول او، يک خط اقصر فلک باعرض او، يک سطح بي بر
کنم چون ارفاعش را تصور فتد در همتِ شاهي تفکر

مٿين شعرن ۾ کي لفظ ۽ محاورا عمارت سازيءَ جي فن جا کتب آندا

ويا آهن، مثلاً: ازاره- زحل ڪاري- خورستان- بادشاھ جي بزم خاص جي، جدا عنوان هيٺ تعريف ڪئي ويئي آهي. ليڪن افسوس آهي جو انهيءَ بزم جي فردن جا نالا ڪونہ ڏنل آهن، ورنہ معلوم ٿئي ها تہ ڪهڙن مشاهيرن ڪان مير شهود متاثر هيو.

چوي ٿو:

سخن از بزم خاصش، چون نوشتم مصور گشت در ديده بهشتم
عجب بزم است. يا رب! چشم بدور تجلي در تجلي، نور بر نور
گروهي بندگان، پشت و پس شاھ چو هالہ صف زده پيرا من ماه
همہ خسرو مثال و قيصر آئين همہ خاقان نشان، فغفور تمڪين
همہ شاهند، اگر در شوڪت و شان ولي، چون ذره، محو مهر رخشان
همہ شيرافگن و عنقا شڪارند همہ در حق گذاري، جان سپارند
ز اهلِ دانش و ارباب بينش ز دانايانِ سر آفر ينش
همہ نعمان فقاهت، شافعي دين همہ مالڪ نشان و احمد آئين
عمادي حق شناسي، رڪنِ اسلام قبولِ فضلشان بر خاص و بر عام

انهيءَ عنوان هيٺ مختلف پيراين ۾ بزم خاص جي اميرن ۽ عالمن جي تعريف ڪئي ويئي آهي، جيڪا مصنف جي فني ڄاڻ جو نمونو پيش ڪري ٿي. بادشاھ جي جود و سخا جي تعريف واري عنوان جو اختتام هن شعر تي ڪري ٿو:

شبي مفلس بيادش خفت بي ساز چو شد بيدار، شد با نعمت و ناز

باغ جي تعريف ۾ ٻيهر عنوان قائم ڪري چوي ٿو:

جهان يڪسر ڪنم پاڪ، ازخس و خار دهم تا وصفي از باغِ جهاندار [1]
چوگيرد رنگ، از باغش، زبانم سخن گل گل برآيد، از دهانم
چمن از ياسمين و لالہ و گل ڪواڪب بستہ، در زنجير سنبل
صبا مستانہ در صحنش دويده ز مستي لالہ را دامن دريده
ارم يڪرنگ، از برگِ گلِ او ملڪ، يڪ پر، زبالِ بلبلِ او
ز بس گلهاي او، نورو صفا داشت ز سايہ، آفتابي زير پا، داشت

[1] باغ جو نالو.

شودتا لالہ ايـن بـاغ را داغ | بيـايد هـر سـحر خورشـيد در بـاغ
بصحـن دلـكشـاي بـاغ عبـهـر | كشـاده بـال سـيمين طـائرِ زر
ز سوسن، تا كـدام افسانہ بشـنفت | كـہ گـل از خنـده بسيار بشـگفت
بـصـد رنـگ و بـصـد بو، هـر گـل او | بصـد سـاز و نـوا، هـر بلبـلِ او
بخدمت، سـروش از بس، راست استاد | كـرم كـرد و خـطِ آزاديـش داد
بباغش گـل، زبس نقـش چمـن بست | نگـہ را، شد نگـارين ز ان كـَـفِ دست
گلشـن دارد بكـف، خوانـي ز ياقوت | دهـد از ريـزه زر لعـل را قـوت
مسلسـل سنباش مشـكين كمنديسـت | كـہ هـر دل را، در ان زنجيـر بنديسـت
چنـان نرگس، ز مستي رفتہ از هـوش | كـہ دركـف كـرده جامِ زر، فرامـوش
لـبِ سوسـن ز بـس افسـانہ خوانـي | بہ بستان شـهره شد، بـا ده زبـاني
سـراسـر سروهـاي سـر كـشـيده | بهمتـائي شـاهان پروريـده
چنـاران، ايسـتـاده رسـت بـرپـا | نيفتـد آسمـان، صـد دست بـالا
چنـار سـر بـلنـد شـاخ در شـاخ | بـدوشِ سـر وكـف بنهـاده گسـتاخ
بهرتـاكِ زرش، صـد خوشہ انگـور | كـہ از هـر خوشہ، صـد ميخانہ معمور
ز بـس دارد انـار لـعـل و دُر زاد | كـنـد هـر دانہ اش يـكـخـانہ آباد

انهيءَ ڪانپوءِ انبن جي تعريف ۾ اهي 8 شعر چيـل آهـن، جيڪي مير علي شير "قانع" نموني طور "مقالات الشعرا" ۾ ڏنا آهن [1]. جنهن بعد نيشڪر، ليمي، ترنج، سيب، نارنج وغيره جي تصديق ڪري، باغ جي آب و هوا تي اچي ٿو:

چہ گويم، از هواي نو نـهـارش | ز صبح و شام هر ليـل و نهـارش
ز طبـعِ دل، هـوايش معتدل تـر | صباح و شام از مي صـاف دل تـر

---

خيابان كهكشان، گلها ستاره | كـہ بردستِ خيابـان بستہ يـاره
قصورش آنچنان بافر و لور است | كـہ قصرِ جنت، ازوي، در قصوراست
ز لاش كرده، ز آب خضر، تقرر | ز موئـي، آب را بستہ، بزنجيـر
برنگِ جان قدسي، پاك و صافي | بلب خشكان از ويك قطره كافي.

[1] ڏسو "مقالات الشعرا" ص. 350.

توان خواند از خطوطِ موج هر جو — من الما كل شيءِ حي- نيكو
نمايد رنگ آب از عكس گلشن — برنگ صفحهٔ ابري ملُوَنَ
سوادي، گر، دران گلشن عيان بود — خط و ابروي و خالِ گل رخاد بود
چو گويم از بتانِ آن نكو مرز — كه هريك، در ادا سنجي، بلاطرز
بتائي، كز اداي جاودانه — كشد خورشيد شان، بر زلف شانه
بتائي، كز نگاهِ چشم سرمست — سرِ نرگس ز خجلت، پيش شان پست
بتاني، كزقد و بالاي موزون — نموده، سرو ها را بيد مجنون
بهر قصرو بهر صحن و بهر بام — هزاران سر و بالا صد گل اندام
بسر، دستار كج، از ناز بسته — زواجِ لعبتانِ چين شكسته
ز افسون سازي او جادو نگاهي — بشور آورده از مه تا بماهي
بروئي و قامت و چشم و زنخدان — سرو سامان گلزار و بهاران
چو گل، در خذمتش، برپا، سوارند — ز ابرِ رحمتش اميد وارند

انهيءَ عنوان جي اختتام تي بادشاھ لاءِ هيٺيان دعائيه شعر چيا ويا آهن:

خداوندا! تو اين شاه جهان را — خديوِ ثاني صاحب قران را
مخلد دار، در شاهي، هميشه — بود تا آسمان را دور پيشه

**مثنويءَ جي تصنيف:**

انهيءَ مدح سرائيءَ بعد، جدا عنوان هيٺ خواب جو قصو لکيو ويو آهي، جنهن ۾ مصنف کي بيبي بلقيس ۽ حضرت سليمان عليه السلام جي قصي لکڻ جو اشارو ٿئي ٿو. ۽ پاڻ انهيءَ قصي کي شاھ جهان جي نالي سان منسوب ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو:

چو باز آمد، خيال، از عالمِ نور — مرا برجاي خود ديد از ره دو
بگفتم: جيست؟ گفتا:خود كجاي — بگفتم: غرق بحرِ آشناي
بگفتم: تاچه آوردي؟بيا زود — بگفتا: سوز و سازِ صوت داؤد
بگفتم: از معافي؟هفت هر چيز! — بگفتم: از سخن گو! گفت: آن نيز!
بخود گفتم: كه اين دُرهاي شهوار — كشم در گوش يک شاهي جهاندار
نداي داد، در گوشم، سروشي — ولي سوئي سروشم دار گوشي
گهر گاي، كه داري در گريبان — بكش! در عقد بلقيس و سليمان

اگر دُرهائي تو، بس شاهوار است      سليمان نيز شاهِ نامدارت است
نكو زيبد، چنين دُر، باچنان شاه      كزين خلعت قد غير است كوتاه
قبولم، پرده از روي زبان، چيد      بگيسوي سخن چون شانہ پيچد
سخن را چون گل آب و رنگ دادم      گره از غنچهٔ معني كشادم
صبا را، صحن اين گلزار كردم      هوا مغزِ سرِ عطار كردم
بلوح باد، رنگين نقش بستم      كہ بازارِ گلستان را شكستم
دريں گلزار، از مہ تا بماهي      گلِ صد رنگ، چنداني كہ خواهي
سخن را، تا زباني من، بيان كرد      دهانم قبلهٔ قدوسيان كرد

—

ستانم از سخن امداد سامان      نويسم عهد بلقيس و سليمان
كنم تسخير، گروحشي است ورطير      كہ در ملك سليمان ميكنم سير
چنان سازم بافسون ديو منقاد      كہ بنشانم پري در شيشۂ باد
فرستم هد هدِ مضمون، بخامہ      كنم موران گويا نقش نامہ

حضرت دائود جي احوال جي ابتدا هن طرح تئي تي:

چو، درياىٔ كرم، درجوش آيد      اگر گبر است بخشش كوش آيد
درين صحرا، اگر لعل است ورسنگ      بيك تاب آفتابش مي دهد رنگ
ازيں ميخانہ چہ مهرو چہ تابہ      بدستش از مئ صاف آفتابہ
غلام و خواجہ را هر سو نداىٔ      قبولِ عام ميگويد صلاىٔ
گنہ در پهلوي طاعت نشستہ      بكفر، ايمان اخوت عهد بستہ
اگر هشيار ور بيهوش ديدم      ببوي اين چمن در جوش ديدم

ٻي جاءِ تي آهي:

محبت چون شود، آشوب دلها      بخور شيدي، رساند آب گلها
محبت چون شو رسواىٔ كار      كشد گاهي بخلوت، گہ بہ بازار

—

چو دريائي محبت، جوش گيرد      دُري با گوهري آغوش گيرد
محبت گرچہ اول، دردناكست      ولي آخر، رفوي سينہ چاكست
محبت گرچہ اول، ناگوار است      ولي آخر دواىٔ درد يار است
محبت گرچہ اول، تلخ باشد      مہ عاشق ازو در سلخ باشد

ولي، آخر چو گردد، ڪامل البدر — شود در رتبہ ٴ خود، صاحب القدر
رخِ محبوب را، آئينہ گردد — حضور افزايٴ بزمِ سينہ گردد

بيبي بلقيس جي شهر، سبا جي تعريف ڪندي چوي ٿو:

صبا! از ما سلامي، با سبا، گوي — ڪہ اينڪ ميڪنم گلگشت آن ڪوي
هوايش صاف، دل تر، ازمي ناب — شبِ يلدا، برويش خال مهتاب
بهرسو موجہ ٴ جدول گره باز — روان چون زنداگاني، يڪ جلو تاز
ز شهرستان آن ملڪ ارم خيز — هوس درجانِ زاهد، موج انگيز
در و بام، از هجومِ حسن شيرين — بسي فرهاد، از خون ڪرده رنگين
سماعِ سرو، برصوتِ عنادل — چنار، از شوق، دستان زن مقابل
زابنہ خيزيٴ اشجار پُر بار — زمين و آسمان مشتاق ديدار
بگيسو، يڪ چمن خور در ڪمندان — بر آب، آئينہ ٴ زنجير بندان
بيڪ چين، صدگره در دل، زمانہ — بيڪ ابرو، ڪشا صد جان، نشانہ
بصحن آن چمن، گل گل دميده — همہ، تا سرحد خوبي، رسيده
صفي در حسن شاهِ دل خرابي — صفي در عاشقي صاحب رواجي
چو حسن و عشق، باهم تارپودند — چو اطلس، بي تفاوت يڪ نمودند
بدوش آغوش هم چون بزرگ رعنا — نياز و ناز آن باغ تماشا
قدي، افراشتہ چون شمع آهي — دلي، درڪاهش از جادو نگاهي
لبي شيرين تر از آغوش نوميد — گلوي تلخ تر از ياسِ جاويد
ڪلاهي ڪج شدن، رنگ شڪستن — سر رگريدن و از پانشستن
سر زلف مشبڪ، دستہ ٴ آه — قد آهي شڪستہ زلف ڪو تاه
ز چشم شيشہ ٴ دل عينڪ اندوز — ز آهي ناوڪ تاثير، دل دوز

**مختلف عنوانن مان چوندَ شعر:**

بلقيس جي حسن جي تعريف ۾ علحده عنوان قائم ٿيل آهي، جنهن مان ڇند شعر هت ڏجن ٿا—

ز بلقيس، آب و رنگِ نوبهارم — نگارش را بہ نيرنگي نگارم
ڪمند جعد مشڪين، تاب داده — بهرتابي، خيالِ خوب داده
ز بيمِ دست برد آن، پري چهر — سپرا نداخت، ماه و تاج، سر مهر
چو ديدي، آفتاب از بي درنگي — ڪلہ، از سرگرفتي، چون فرنگي

برو، زير كمر، از پيش و از پس — هما بالينِ نارنج نورس
قد از ديوان خوبي، بود مطلع — كمر، فضل مميز، در دو مصرع
مياني ود هاني، وهم نابي — مكرر لفظهاي انتخابي
اجل را، غنچہ اش، دلدوز پيكان — كہ عمرِ خضر، دارد در گريبان
جهان را پس كہ،چشمش كرد خون ريز — گريبانِ صد جنگش در آويز

اهڙيءَ طرح سڄيءَ سراپا جي وصفن کي بيان ڪري آخر ۾ شاعر چوي ٿو:
قدي چون همتِ شاهان، بلندي — بلندي، بي گزندي، دل پسندي

بلقيس جي حسن و جمال ۽ سراپا جو ذڪر مصنف مختلف جاين تي ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ چند باب جدا پڻ قائم ڪيا اٿائين، جن ۾ جسم جو مختلف حصن جي مابين مناظرو قائم ڪيو ويو آهي، مثلاً: مناظره قامت و گيسو، مناظره جبين و رخسار، مناظره خال و ابرو، مناظره چشم و مزگان، مناظره لب و بيني، مناظره دهان و ميان، مناظره زنخدان و غبغب. 'دهان ۽ ميان' جي مناظري جا چند شعر هن طرح آهن:

ميان از روي حسرت، با دهان گفت — كہ: اقبال تو، با فتح و ظفر جفت
من و تو، نوك ريز يك گلوئيم — نگار خامہ يك تار موئيم
چو زاديم از عدم، هر دو برادر — بدر نابود بود و نيست مادر
چو از يك اصل، ما گشتيم پيدا — تفاوت چيست، تو آنجا من اينجا؟
ترا پهلوئ شيرين جائ دادند؟ — مرا با كوهكن مجلس نهادند؟

ميان جو اهو مذكور ٻڌي دهان وراڻي ٿو ڏئي—

دهان گفتش كہ: عزت در نسب نيست — غنا و فقر موقوفِ حسب نيست
بهستي، هر بد و نيكي، كہ جا كرد — بر استعداد نقشي را بپا كرد
چو نقشِ ما، بر استعداد افتاد — يكي شيرين يكي فرهاد افتاد
چو بختم طالع انور پذيرفت — چو خاكم پاكي جوهر پذير فت
زياقوتِ درم سرمايہ دادند — ازان بر تخت لعلم پايہ دادند
توهم دركشورِ خود بادشاهي — ميان ملك تن، صاحب كلاهي
ترا تخت سُرين، اورنگ دادند — مرا چون بستہ، جائ تنگ دادند
اگر من قلعۂ دارم ز گوهر — گوهم داري دو برج از نقره تر
اگر من دارم از چاهہ زنخ لاف — تو هم مي لاف از سر چشمۂ ناف

مگر خير الامور اوسط، نخواندي ڪ چون مور، از حسد دل تنگ ماندي
ميانہ ميروي، درهمت اندام ازان برهر زبان گشتي نڪو نام
توگر راضي شوي، از پايۂ خويش تواني گشت در رتبہ، ز من بيش
نشين برڪوهہ، با اقبال اوتاد ڪہ گردد هفت اقليم از تو آباد

ميان جڏهن اهو جواب ٻڌو، تڏهن مطمئن ٿي چوڻ لڳو:

ميان گفتش: ڪہ اي! از چشم بددور روانت شادباد و خانہ معمور
ازين ورطہ من ازدست تو رُستم زبو، برجاده فطرت نشستم
براين نعمت، چہ پيش آرم مڪافات جزاڪ الله من خيرالمجازات

زنخدان ۽ غبغب جي معرڪ آرائي هينئن ريت هلي ٿي:

زنخدان گفت غبغب را ڪہ: اي يار! مشو با حسن عاريت گرفتار
چو استادان صنع، اي چاه ڪندند گل پاڪش بيڪسوي فگندند
ازان گلِ يافتہ قدرت بلندي جمال ديگران چون خود پسندي
بگفت: اَز من نمي شد گر تهي چاه نمي گشتي ز حسن يوسف آگاه
ازين چہ تا گل من سرڪشيده نمايءٔ چاه يوسف برڪشيده
بگفت: اين گفتگو هزل است داني تو خضرو من چون عين زندگاني

بگفتش:

ڪو خضرو ڪو اصل زاتم حبابي رستہ از عين الحياتم

حضرت سليمان عليہ السلام ۽ بيبي بلقيس جو عقد ٿئي ٿو، گهوٽ، ڪنوار جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو:

شدي نزديڪ هر دم شور آن طوي ڪہ آمد آن نبي در حصن مشڪوي

— — —

چو باهم گفت وگوئي عقل شد راست شهنشہ از پي آغوش برخاست
در آمد اندرون حجلہ، چون نور سواد غير، شد از ديدها دور
نبي، دستي بگردن برد، تنگش ڪہ افشارد، زخونِ غنچہ، رنگش
پري، چون بادش از آغوش سر تاب شهش در برڪشان، چون باد را آب
پري چون گل ز بادِ صبح مايل شهش چون رنگ، آغوش حمايل
همان چون آفتاب، از دست اوگم همين چون ديده اش آغوش مردم
همين نارنج افشارش پيا پي همان چون باغبان، از قحطي دي

همين از غنچہ برگي مي چڪيدي — همان از گل چو خاري ميخليدي
شهنشہ نافہ را، بشگافتن خواست — پري چون جوهر فردش، ميان ڪاست
شهنشہ چون معما، مي ڪشودي — پري، صد تعميہ، برمي فزودي
در آخر چون ز نيرو بخش قوت — بفتح سده شد، غالب طبعيت
در آمد يڪتني يڪ چشم، چون خور — چون غواصان، بخلو تخانئہ دُر
چنان دادش ز تابِ خويشتن قوت — ڪہ شد گوهر صدف ڪاني ز ياقوت
ز نيستانچون صدف، بگرفت آبي — دُري پرورد، رشڪِ آفتابي

روايت آهي، تہ بيبي بلقيس جي پِنين تي گهڻا وار هئا، حضرت سليمان عليہ السلام هڪ حمام تيار ڪرايو، جنهن ۾ وارن ڪي لاٿو ويو. حمام جي ساخت ۽ ساز و سامان جي تعريف بعد جڏهن وارن لاهڻ جو واري مائي اچي تي، ان وقت جو نظارو مصنف هن طرح بيان ٿو ڪري:

بدفع موئي ساق، اين حيلہ انگيخت — ڪہ، باز رنيخ آهڪ را، بر آميخت
سپيدو زرد چون آميزشي يافت — رواني آب و رنگي از ميان تافت
چون آن گرمابہ محڪم يافت تاسيس — اشارت ڪرد پيغمبر بلقيس
ڪہ: يڪدم جانبِ گرمابہ بخرام — تو آتش پاره، ز آتش گرم حمام
برنگ شعلہ، برجست آن پري وش — ڪہ سازد گرم تر، بازار آتش
روان اول بسوئي جامہ ڪن شد — برنگ شمع عريان، در لگن شد
پرستاران محرم گرد او جمع — بفانوسي دوسہ پروانہ باشمع
ڪشاد اول، گره از غنچۂ جيب — بهاري، خنده زد از پرده غيب
يڪي تہ بندرا برسينہ بربست — چو عڪسي، در ميان آب بنشست
بگردِ ساق ماليدند لوزه [1] — ڪہ زر ڪامل عيار آيد ز ڪوزه
دمي چون لوزه، مو، بيباڪ برداشت — پرستاري ز ساقش پاڪ برداشت

انهيءَ عمل بعد بيبي صاحبہ کي غسل ڪرايو ويو.

روانش قطره قطره آب برتن — نثارِ سيسم گوهر هائي روشن

— — —

چو شد پاڪ از خس و خاشاڪ باغش

[1] لوزه: هر ڪہ آن چرب باشد (برهان) لوزه، بادام کي بہ چئبو آهي.

لبـاب شـد ز تـر مغـزي ايـاغش
برآمـد از دل گرمابـه باتـاب
ز آغـوشِ صـدف چـون در خـوش آب
ز بـالا پيـر هـن بـگرفت بـالا
گـل از زيـر سمـن رنگيـن تماشـا
بسـر معجـر [1] خيـالي شـد مرتـب
ردائـي صبـح گفتـي هشسـته برشـب
يڪـي شـلوار خـور زاري ز زر تـار
چوگيـرد بيشـه را آتـش بيڪبـار
ز زيـور، موبمـو آراسـت خـود را
به آئيني، ڪه خود ميخواست خـود را

لٽا ڪپڙا پهري، ڳهن ڳٺن سان سينگارجي ۽ سنوارجي، بيبي صاحبه پنهنجي جمال جا جلوا آئيني ۾ ڏٺا:

چه آئينه، همـان بـي مـوج دريـا — بنقـشِ هـرچ در گيتـي پذيـرا
به بيرنگي، زمانه نيـست بيـرنگ — دري بر صلح باز و بسته برجنگ
چو چشم عاشقـان حيـران نگـاهـي — جهانگيري يگانـه، بـي سپاهي
ملاحت چون فگندش عڪس مستور — شـد آئينـه بمـوجِ چشمهٔ شـور
چـو تـاب آبـرو يـش بـر جگـر زد — رگِ ابـر از دل آئينـه سـر زد
ز شوخي سايه نقش گل، نمي بست — نگه شد خيره با آئينه سر مست
ز عڪسِ آن بهين [2] خوبان هستي — بـر هنه گشـت آئينـه ز مسـتي

آئيني ڏسڻ بعد بلقيس حسن جي نڪار ۽ ڪيل سينگار تـي مطمئن ٿي حضرت سليمان عليه السلام جي پهلوءَ ۾ ويهڻ هلي ٿي:

ڪمـالِ حسـن، چـون در آئينـه ديـد

---

[1] معجر- لٽو- رئو
عبدالجليل بلگرامي چوي ٿو:
بود بر فرق موئي او معجر — بشبنم خشڪ بو بنفشهٔ تر
معجرش گوهرِ افراوان داشت — بود ابر سفيد . باوان داشت

[2] بهين: بهترين.

ز جوش خوشدلي، بر خويش باليد
زجا، بر جست، با آرائش تام
چو ماهِ چارده خورشيد مه نام
خرامان شد چو خورشيد شرف بان
چو سروِ شست، از ابرِ بهاران
که تا آمد بحسن آرزو خواه
چو دل، جا کرد پهلوئي شهنشاه

## خطي نسخي جون ڪي خاص وصفون:

زير نظر نسخي جون هيٺينءَ ريت خصوصيتون آهن:

(1) خط نستعليق روان آهي.

(2) اهو نسخو، مصنف جي ملڪيت ڏسجي ٿو. حاشيي ۾ ڪن جاين تي نوٽ ٿيل آهن، جيڪي مصنف جي پنهنجي هٿ اکرن جا ٿي سگهن ٿا، مثلاً: ورق (23/1) جي حاشيي تي هيءُ نوٽ آهي:

"در اين داستان، از سهو کاتب در تحرير ابيات، تقديم و تاخير است. نظر بارقام بايد خواند".

انهيءَ نوٽ سان گڏ شعرن تي نمبر هڻي سلسلي جي صورت ۾ ترتيب ڪي نروار ڪيو ويو آهي. ڪن جاين تي نوان عنوان قائم ڪري حاشيي تي پوري باب جو اضافو ڪيو ويو آهي. اهي اضافا نسخي جي ڪتابت ٿيڻ بعد، مصنف جي پنهنجي هٿ اکرين، ڪيل ڏسجن ٿا. اهڙيءَ طرح نون شعرن جو پڻ جا بجا اضافو ٿيل آهي، مثلاً: ورق 53/2 + 54/1 + 54/2 + 78/1 وغيره.

(3) اهو نسخو ٺٽي جي مشهور شاعر محمد محسن سبز پوش [1] جي ملڪيت ۾ رهيو آهي، جنهن جا بجا حاشين تي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ڪن تلميحن جي تشريح لکي آهي، ڪٿي ڪٿي اعتراض بہ ڪيا اٿس. ورق (32/1 + 61/2 + 111/2) تي سندس دستخط پڻ آهن.

(4) ڏکين لفظن جي معنيٰ زياده تر مير عبدالرشيد ٺٽويءَ جي "فرهنگ رشيديءَ" تان ورتل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٺٽي جي عالمن وٽ

---

[1] محمد محسن ٺٽي جي سبز پوش خاندان جو مشهور فارسي گو شاعر هو. سندس احوال "تڪملہ مقالات الشعرا" جي 545 صفحي تي ڏسڻ گهرجي.

پنهنجن جي تصنيف ۽ تاليف مقبول ۽ مشهور هئي.

(5) بلقيس ۽ سليمان جي قصي جو بنياد. مصنف زياده تر ڪلام مجيد ۾ آيل قصي تي رکيو ويو آهي. شعر ۾ جتي جتي آيتن سڳورين جي تلميح آئي آهي، محسن سبز پوش حاشيي ۾ انهيءَ آيت ڪريمه طرف اشارو ڏئي ڇڏيو آهي، جيئن پڙهندڙن کي قصي جي اصلي ماخذ جو پتو پوندو رهي. مثلاً: ورق (99/1) تي هڪ شعر انهيءَ حالت کي ڏيکاري ٿو جڏهن حضرت سليمان عليه السلام وٽ بيبي بلقيس اچي ٿي، ۽ فرش جي چمڪ کي پاڻي سمجهي پاچا مٿي کڻي هلي ٿي ۽ حضرت سليمان عليه السلام کي معلوم ٿئي ٿو ته برابر بيبي صاحبه جي پِنين تي ضرورت کان زياده وار آهن.

چو ديد آن فرش را، پنداشت دريا
گرفت از ساق، عطفِ جامه، بالا

— — —

ولي، بر ساق او، مويءِ گران ديد
بشاخِ شمعِ، گفتي دود پيچيد

پهرئين شعر جي سامهون محسن سبز پوش نوٽ ڪيو آهي:

"اشارتست بڪريمه: فلما راته حسبته لجته و ڪشفت عن ساقيهاط قال انه صرح ممرد من قوارير[1] ...... آلايه"

اهڙيءَ طرح جتي ڪٿي قصي جي تلميح ۽ تصديق ۾ ڪلام مجيد جي قول کي ثبت ڪيو ويو آهي.

زير نظر نسخو، هٿ جي ٺهيل ميرانجهي خاڪستري پني تي آهي، هنڌان هنڌان جيتن ڪاڌل ۽ سخت زبون ٿي ويل آهي، نسخي جي ظاهري صورت ۽ حال پڻ ٻڌائي ٿو ته اهو نسخو مصنف جي ئي دور جو ٿي سگهي ٿو.

—

## مير رضي الدين "فدائي"

مير فدائي جا چند فارسي شعر ڪتاب ۾ (181 - 183) ڏنا ويا آهن، انهن مان هڪ بيت جو پهريون مصرعو نامڪمل رهجي ويو آهي، جنهن کي

[1] سيپاره 19 سوره النمل، رڪوع 2، آيت 44.

هينئنءَ ريت درست ڪري پڙهڻ گهرجي:

همان خوني ڪہ، بلبل داشت در دل، از بهار او
هم از رنگ گل در رشڪ رخسارش، چڪيدا انيجا [1]

# ابوتراب ڪامل جو ڪلام

مير ڪامل جو ريختيءَ ۾ چيل ڪلام ڪتاب ۾ (195 - 210) ڏنو ويو آهي، ليڪن غلطيءَ ڪان ان کي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪمپوز ڪيو ويو آهي، جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو ڪيترا شعر خط بدلجڻ سبب پنهنجو مطلب ۽ مفهوم وڃائي ويٺا آهن. بهرحال هاڻي پڙهندڙن جي پنهنجي وجدان ۽ ذوق تي مدار آهي تہ هو شعر کي درست ڪري پڙهن. ان هوندي بہ چند بيتن جي صحيح پڙهڻي هتي ڏيڻ ضروري آهي. مثلاً:

ڪامل هہ غني ٹيڪري پر لاکهہ لکهاويہ
کيون ٹوٹا گهڑا بهر تو گهڑاؤ تو گهڑونگا

—

درين مون تريہ خيال کي پرچائين [2] پڑي هہ
يا از تپ خورشيد، رخت جائين [3] پڑي هہ

—

زلف اکهيان پہ، آن لٹکهين
دام ............ الخ

—

تيريہ واصل هين، دو جَي تات نهين

—

بو جلا کهيل، مين بوجاتا هون
ايہ شمع رو، پتنگ اڑانا کيا

—

[1] "بياض رجا" 41/1.
[2] پرچهائين.
[3] جهائين.

پهر سجن ..... الخ. جي مصرع کان وني — پياريـ لڙڪـ .... الخ. تائين هڪ غزل آهي.

—

مير ڪامل جا ڪي نوان فارسي شعر هٿ آيا آهن. جيڪي هيٺ پيش ڪجن ٿا:

دا روم، بحيـا پـوش جامـ دلـداري
ڪـ دل گرفت زمـن، تکمـ گريبـان سـاخت [1]

—

ني و پان، بوسہ ميزند بلبش     مـن بي بـرگ و بـينوا چکنم [2]

—

مشفقي چهره آفتابم گشت     آسمان نيست، اين بـلاچکنم [3]

—

مفلسي در پيش دارد جاه را     کم شدن، بيسار سازد ماه را [4]

—

## صفۂ وفا

ڪتاب جي (صفحي 227) تي 'صفہ وفا' جو اسان ذڪر ڪري چڪا آهيون، انهيءَ کان پوءِ جيڪا معلومات ملي آهي سان هن ريت آهي:

سيوهڻ جي اسٽيشن کان لهي ريلوي بند ٽپي بارجارن واري رستي تي هلبو تہ، اڌ ميل بعد 'يڪ ٽنبيءَ' وارو غار ۽ ان سان گڏ 'صفہ ٔ وفا' ايندو. جنهن جو نظارو ريلوي اسٽيشن چڙهڻ سان ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ اسان بہ تصويرون ڏئي رهيا آهيون [5]. انهن مان خواه جناب رشدي صاحب جي بيان مان- جنهن پاڻ وجي اهو مقام ڏٺو آهي- ظاهر ٿئي ٿو تہ، يڪ ٽنبيءَ جي بلڪل لڳو لڳ ٽڪريءَ مٿان مذڪوره تلهو نهيل آهي، جنهن جي چٽني ڪندن

(1) بياض قانع، ص. 117.
(2) بياض قانع، ص. 62.
(3) بياض قانع، ص. 62.
(4) بياض، رحا ص. 1/27.
(5) اهي تصوير ، حبيب الله صاحب رشدي پاڻ وجي اتان ڪڍي آيو آهي جنهن لاءِ آءٌ سندس شڪر گذار اهيان.

تي، چار منارا— ساڳي ’صفہ وفا‘ واري نموني تي — ٺاهيا ويا آهن. اهو ٽلهو ٽڪريءَ جي بلڪل مٿاهين چوٽيءَ تي آهي، ۽ ان جو فرش چوني جي گچ سان لتل ۽ ايڏو ڪشادو آهي جو مٿس تقريباً 3-4 سئو ماڻهو ويهي سگهن ٿا. انهيءَ وسيع ٽلهي جي وچ تي هڪ فوٽ مٿانهون ہيو نشستگاهہ ٺاهيو ويو آهي، جنهن کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. ممڪن آهي تہ راڳيندڙن جي ٽوليءَ کي اتي ويهاريو ويندو هجي ۽ چوڌاري ٻڌندڙ ويهندا هجن، يا مختصر ۽ مخصوص مجلس وقت خاص احباب انهيءَ نشستگاهہ تي ويهي چانڊوڪيءَ جي سهائيءَ رات جا مزا ماڻيندا هجن. يا انهيءَ ٽلهي تي مير ابوالقاسم پنهنجي مخصوص محفلن ۾ شربت پاٽي جو بہ دور هلائيندو هجي. بهرحال اهي انهيءَ وقت جون ڳالهيون هيون، اڄ تہ وڏو ٽلهو خواهہ مرڪزي نشستگاهہ. ٻيئي ويران پيا آهن. چانڊوڪيون اڄ بہ اچن ٿيون ليڪن اهي ويران ۽ اداس اداس پيون لڳن، چنڊ اڄ بہ واجهائيندو هوندو ليڪن ان جون اکيون پڻ انهن صحبتن جي ياد ۾ سڪنديون هونديون.

وڏو ٽلهو ٽڪريءَ جي سطح کان 4-5 فوٽ بلند ٿيندو ۽ 6-7 ڏاڪا چڙهڻا چون ٿا. ديوارن کي چوني جو گچ لڳل آهي، انهيءَ ٽلهي سان بلڪل گڏ، يڪ ٿنڀيءَ وارو غار آهي، يڪ ٿنڀي معنيٰ، هڪ ٿنڀي وارو غار. انهيءَ جو ذڪر مير نمڪين جي فرزند ميرڪ يوسف ”مظهر شاهہ جهانيءَ“ ۾ ڪيو آهي، سيوهڻ جي ٽڪر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

> ”چناچہ سہ ڪروه طول دارد و نيم ڪروه عرض. و در ابتدائي اين ڪوهستان ڪو هيست ڪہ بزبان سندهہ مشهور بہ ’يڪ ٿنڀي‘ شد- و وجهہ تسميہ اينست ڪہ اين ڪہ اين ڪوه را تراشيد خانہ پريڪ ستون برپا داشتہ اند. و ميگويند ڪہ نظر گاه حضرت امير علي رضي الله تعاليٰ عنہ است.“

يعني انهيءَ يڪ ٿنڀيءَ واري غار لاءِ مشهور آهي تہ حضرت علي ڪرم الله وجہ جن جو جلوه گاهہ آهي، انهيءَ کان پوءِ اڳتي هلي ميرڪ لکي ٿو تہ:

> ”و بر بالائي اين ڪوه نيز صفہ پير غلام (يعني سندس والد مير نمڪين) مثل صفہ بکهر، صفہ ساختہ و ’صفہ وفا‘ نهاد“.

انهيءَ ڪتاب کان (1044 هہ) پوءِ انهيءَ مقام جو مذڪور ”تحفة الڪرام“

(1181 هه) ۾ آيل آهي:

"ديگر جائي يڪ ستون است ڪہ صفۂ بزرگي درڪره بيڪ ستون، با عتقاد مردم قدرتي، متڪون ست. مردم بسر و صفا آنجا روند و بر سقفش نظاره ڪنند. گويند آنجا چار يار اعني: مخدوم جلال جهانيان [1] و شيخ عثمان مروندي [2]، و شيخ فريد [3] و شيخ بهاوالدين [4]، بمڪاشفات نشستہ اند- خطۂ نامي و بقۂ گرامي است" (3- 136)

انهيءَ ڪتاب کان پوءِ ڪزنس پنهنجي ڪتاب ۾ ان جو احوال هن ريت ڏنو آهي:

"There is a small cave between the town of Sehwen and the bandar, called the "Ek Thamb" or one pillared cave which was visited by Dr. Wilson and is noticed in his "Memoir on the Cave Temples, etc, of Western India" (pp. 45) [5]

انهيءَ يڪ ٿنڀيءَ جو موجوده صورت حال هن ريت آهي تہ: هڪ گول ٽڪريءَ کي ڪوٽي ڪمرو ناهيو ويو آهي، جنهن جي وچ ۾ ساڳيءَ ٽڪريءَ مان چوڪور ٿنڀو ڇت جي ٽيڪ لاءِ گهڙيل آهي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ محراب ايترو کوٽي ناهيو اٿن، جو منجهس هڪ ماڻهو نماز پڙهي سگهي ٿو. هن وقت هر زيارتي انهيءَ محراب ۾ نماز پڙهڻ ثواب سمجهندو آهي. محراب ۾ گلم جو ٽڪرو مصلي لاءِ وڇايل آهي. ڪمري کي گهرو سائو رنگ ڏنل آهي جنهنڪري اندر انڌيرو پيو لڳي. انهيءَ وچ واري ٿنڀي سبب ئي انهيءَ غار يا غفا

[1] ولادت سن 707 هہ. وفات 785 هہ. هيءُ بزرگ پوين ٽن بزرگن جو معاصر ڪونہ هو.
[2] وفات 673.
[3] ولادت 584 هہ. وفات ۾ اختلاف آهي ميرالاوليا، اخبار الاخبار ۽ سفينة الاوليا ۾ 664 هہ فرشتہ 660 هہ. سيرالاقطاب 690 هہ. خزينة الاصفيا بحوالہ مخبرالواصلين و تذڪرة العاشقين 670. راحت القلوب جي نوشتي موجب شيخ سيوهڻ ۾ سير و سياحت گهڻي ڪئي آهي. شيخ اوحدالدين ڪرمانيءَ ۽ ٻين بزرگن سان سندس ملاقات اتي سيوهڻ ۾ ٿي. (ڏسو بزم صوفيہ).
[4] راحت القلوب (وفات 656 هہ). اخبار الاخبار (وفات 661 هہ). سفينة الاوليا (وفات 666 هہ). مراة الاسرار (وفات 665 هہ). سفينة الاوليا ۾ پيدائش جو سال 565 هہ آهي.
[5] The Antiqueties of Sind, 1929.

جو نالو يڪ ٿنيي مشهور ٿيو. ليڪن اڄ ڪلهه انهيءَ مجموعي کي، ’صفه وفا‘ جي ڪري ’يڪ ٿنييءَ‘ جي بجاءِ ’چو ٿنيي‘ پيا سڏن. سيوهڻ جي شهر کان ان جو نظارو ڇٽو ڏسڻ ۾ پيو اچي، ڇاڪاڻ ته بلنديءَ تي آهي ۽ شهر کان جنوب ۾ فقط منو ميل کن پري باجارن ڏانهن ويندڙ رستي جي ٻنهه پهلوءَ ۾ آهي.

## متفرق معلومات

**چمني خانم**: مير حبيب الله جو احوال هن ڪتاب جي 215 صفحي تي ڏنو ويو آهي، سندس والده جو نالو. مير علي شير "مقالات الشعرا" ۾ چمني خانم لکيو آهي. بيبي پاڻ فارسيءَ جي شاعره هئي. ’قانع‘ لکي ٿو:

"آن معصومه عفت سرشت. بفنون ڪمال دامن حال آراسته داشته"

هي شعر مائيءَ جو چيل آهي:

زنيڪـان نيڪـي و از ظالمـــان ظلـم

چو عڪس، از آئينه هر حال پيداست [1]

**ميرزا مشرف بيگ**: مير ابوالمڪارم ۽ ميرزا مشرف بيگ پاڻ ۾ دوست هئا. هڪ ٻئي ڏانهن منظوم خط و ڪتابت ڪندا هئا. انهيءَ قسم جو منظوم سوال جواب ۽ خط وغيره مير"قانع" پاڻ ڏنا هئا. جن جو ذڪر "مقالات" ۾ آندو اٿس. ميرزا جي وڌيڪ حال مان ڪيس واقفيت ڪانه تي سگهي. نموني طور فقط چار شعر "مقالات" ۾ ڏنا اٿائين. [2]

**مير غلام نبي امروهي**: امروهي حسيني ساداتن مان هو. ڪلهوڙن جي مشهور وزير مير لطف عرف مير متاري جي رفاقت ۾ خدا آباد ۽ سيوهڻ ۾ رهيو. مياں نور محمد ڪلهوڙي طرفان وڪيل ٿي دهليءَ جي مغل دربار ۾ ڪجهه وقت رهيو. مير لطف الله جي وفات (1161 هه) بعد جڏهن سنڌ خواهه هند جي دربارن جو رنگ ڏگرگون ٿي ويو. ان وقت مير غلام نبي نسيم به پنهنجي وطن ڏانهن راهي ٿيو. وري ميان محمد مراد ياب ڪلهوڙي جي دور ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ اچي ٺٽي ۾ رهيو. ٺٽي ۾ ان وقت مير محمد عطا امير خاني — جنهن جو ذڪر اسان هن تذڪري (ص 178) ۾ ڪري چڪا آهيون— وڏي اثر

---

(1) "مقالات" ص. 165 مطبوعه.

(2) "مقالات" مطبوع ص. 762.

رسوخ جو صاحب، ۽ اوطاقي مڙس هو، سندس مهمان خانو آئي وئي سان هر وقت ڀريو رهندو هيو. انهيءَ دور جا چڱا چڱا ۽ ناميارا ماڻهو وٽس اچي رهندا ٽڪندا ۽ مجلسون ڪندا هئا، چنانچہ شاهہ لطيف بہ جڏهن ٺٽي ۾ ايندو هو تہ وٽس ئي اچي قيام ڪندو هو، مخدوم معين وغيره سڀ هڪ سنگت هئا. مير غلام بني نسيم امروهوي جڏهن پيو دفعو ٺٽي آيو، تہ مير محمد عطا جي ئي اوطاق ۾ اچي رهيو.انهيءَ سلسلي ۾ "مقالات" ڏسڻ گهرجي. (1)

**مير محمود:** تحفة الڪرام جي مصنف لکيو آهي تہ مير محمود بن سيد مير محمد، خبر نہ آهي هيو ڪٿان جو، ٺٽي ۾ جڏهن آيو تہ قاسم خانين سان مائٽي ڪري، انهن سان گڏ رهڻ لڳو ۽ انهيءَ يڪجهتيءَ سبب پاڻ بہ قاسم خاني سڏجڻ لڳو. انهيءَ سيد جو جيڪو اولاد ٿيو تنهن ٺٽي ۾ وڏي عزت حاصل ڪئي. (2)

**علوي سادات:** ٺٽي جي علوي ساداتن جو وڏو خواجہ محمد ولد خواجہ احمد، شيخ جام زندهہ پيل جي اولاد سان هو، ۽ پنهنجي وطن (جام نينگر) مان لڏي جڏهن جهانگير جي زماني ۾ ٺٽي آيو، تہ پهريون قاسم خانين سان مٽي ڪري سندس ئي محلي ۾ ساڻن گڏ اچي رهيو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ انهيءَ محلي مان لڏي، ٻئي محلي ۾ مستقل طرح ٿي وينو. پاڻ بہ تمام وڏو بزرگ ۽ خير و برڪت، عزت ۽ فضيلت جو صاحب هو، ڪانئس پوءِ، سندس اولاد پڻ مان مرتبي واري ٿي، ٺٽي خواهہ ٻاهر جا ڪيترا وڏا ماڻهو خواجہ محمد ۽ سندس اولاد جا معتقد هئا. (3)

**شيخ عبدالعزيز:** شيخ محمد اعظم مؤلف "تذڪره تحفة طاهرين" جو پڙڏاڏو شيخ عبدالعزيز، مير ابوالبقا امير خان جو خاص ماڻهو ۽ مقرب هيو. شيخ اصل هالن جو وينل هيو، ليڪن انهيءَ تعلق سانگي اتان لڏي اچي ٺٽي رهيو. سندس اولاد پنهنجي پنهنجي دور اندر وڏيءَ عزت ۽ درجي واري ٿي: منجهانئن ڪيترا سرڪاري عهديدار ٿيا ۽ ڪيترن پنهنجو نالو دائمي طرح

(1) "مقالات" ص. 813 مطبوع.
(2) "تحفة الڪرام"، 310/3.
(3) انهيءِ گهراڻي جو وڌيڪ احوال "تحفة الڪرام" (فارسي، ص. 321/1) (سنڌي ص. 520) ۾ پڙهڻ گهرجي.

علمي دنيا ۾ ڇڏيو.

منهنجي عزيز شفيق دوست، جناب آغا بدرالدين خان دراني، "تحفة الطاهرين" جي مقدمي ۾ شيخ محمد اعظم جو مفصل احوال ڏنو آهي. ان کان وڌيڪ جيڪا حقيقت مهيا ٿي آهي، سا هن هيٺ ڏني وڃي ٿي. "تحفة الڪرام" جي لکيتيءَ موجب انهيءَ گهراڻي جو شجرو هن ريت نهي ٿو:

شيخ عبدالعزيز جو احوال "تحفة الڪرام" جي مطبوعہ فارسي نسخي جي صفحي 240 تي هجڻ کپندو هو، ليڪن جيئن تہ اهو قديم مطبوعہ نسخو ناقص ڇپيل آهي، ۽ منجهانئن ڪيتريون عبارتون غائب آهن، تنهنڪري شيخ عبدالعزيز جي گهراڻي جو احوال بہ حذف ٿي ويو آهي ۽ يقيناً اهوئي سبب آهي جو آغا صاحب موصوف "تحفة الڪرام" مان استفادو ڪري ڪونہ سگهيو آهي.

"تحفة الڪرام" جي خطي نسخي [1] ۾ انهيءَ گهراڻي جو مذڪور هن ريت آيل آهي: [2]

**شيخ عبدالسلام:** شيخ عبدالعزيز کي بہ پٽ ٿيا، جن مان هڪ شيخ عبدالسلام وڏي درجي تي پهتو. مغل دربار مان ڪيس لاهور ۾ شاهي خالصي جي ديوانيءَ جو عهدو مليو.


**شيخ عبدالرحمان:** شيخ عبدالسلام کي پنج پٽ ٿيا، جن مان شيخ عبدالرحمان جامع الڪمالات هو، دڪن ۾ وڃي نظام الملڪ جو ملازم ٿيو، ۽ انهيءَ ملازمت ۾ پنهنجي عمر ختم ڪيائين.

**شيخ عبدالعزيز ثاني:** شيخ عبدالسلام جو ٻيون پٽ شيخ عبدالعزيز جنهن تي سندس ڏاڏي جو نالو رکيو ويو هو، سو پڻ سرڪاري عهديدار ٿيو. عالمگير جي اوائلي زماني ۾ ٺٽي مان هندستان ويو ۽ ٻه صدي ذات جي منصب تي سرفراز ٿيو. بهادر شاهي دور ۾ (1119هہ- 1124 هہ) ساڳيو منصب پاڻ کان ڦيرائي پنهنجي هڪ عزيز شيخ محمد حسن کي ڏياريائين. ٻيو دفعو وري هندستان پهچي پنج صدي منصب حاصل ڪري، سيوستان جو بخشي ٿي آيو.

---

[1] سنڌي ادبي بورڊ "تحفة الڪرام" جوسنڌي ترجمو ڇاپيو آهي. ان جي مترجم جناب مخدوم امير احمد صاحب، پروفيسر مولوي محمد شفيع صاحب جي نسخي نان اها عبارت نقل ڪري داخل ڪئي آهي.

[2] خطي نسخي جي آخري صفحن ۾ عنوان "برخي و جوه از معارف" هيٺ شيخ محمد زمان ۽ مرزا شاد ڪام جي وچ ۾ شيخ عبدالعزيز جو احوال آيل آهي. (نسخو خطي حسام الدين)


شيخ عبدالعزيز هالن وارو
ملازم مير ابوالبقا امير حان
شيخ عبدالهادي
شيخ عبدالسلام
شيخ عبدالرزاق
شيخ محمد سعيد
شيخ عبدالرحمن
شيخ عبدالعزيز
شيخ محمد شفيع
(متوفي قريب 1153 هـ)
شيخ محمد رفيع
شيخ محمد اعظم
مصنف - تحفة الطاهرين وغيره

**شيخ محمد شفيع:** فرخ مير جي دور ۾ (24- 1131هـ) چهار صدي منصب تي پهتو.

**شيخ محمد اعظم:** "تحفة الطاهرين" جو مؤلف هيو. پنهنجي والد جي وفات بعد نادر شاهي دور ۾ (نادرشاهه 1152 هـ جي آخر ۾ سنڌ تي تسلط ڪيو) پيءُ واري منصب تي پهتو. محمد شفيع جا اهي ٻئي پٽ ننڍي جي ٻئي هڪ سرڪاري منصبدار شيخ ڪاظم خان [1] بن شيخ محمد زمان جا ڏوهٽا هئا. شيخ محمد ڪاظم خان شاهي ديوانيءَ جي عهدي تي سرفراز هيو، ۽ سندس سمورو خاندان پڻ سرڪاري ملازمت ۽ دنيوي عزت آبروءَ سبب ننڍي جي برک گهراڻن مان هڪ هو.

شيخ محمد اعظم [2] کان ٺورو اڳ يا ٺورو پوءِ انتقال ڪري چڪو هو، جنهنڪري ان جو منصب شيخ محمد اعظم کي مليو.

**مير امين الدين خان ۽ خانپور:** ڪتاب جي صفحي 160 تي ڏيکاريو ويو آهي تہ مير امين الدين خان، سعيد خان کان پوءِ (1114 هـ) ننڍي جي ايالت تي مقرر ٿيو ۽ سال کان پوءِ يوسف خان ترين جي اچڻ سبب اتان تبديل ٿيو.

اهو عالمگير جي حڪومت جو آخري زمانو ۽ ساڳي وقت مغل سلطنت جي پوين پساهن جو دور هو. [3] جيئن هندستان اندر مختلف قوتون اپري مغلن منجهان جند ڇڏائڻ لاءِ سوچي رهيون هيون، تيئن سنڌ اندر بہ ڏيڍ سئو ورهين جي تسلط بعد آزاد ٿيڻ جي تحريڪ پيدا ٿي چڪي هئي. هتي انهيءَ جدوجهد جا علمبردار سنڌ جا ڪلهوڙا هئا. عالمگير انهيءَ تحريڪ کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي پوٽي معزالدين بن شاهه عالم کي ملتان جو حاڪم ڪري موڪليو. انهيءَ آزاديءَ واريءَ تحريڪ جو پهريون شهيد ميان آدم شاهه ڪلهوڙو هو، ۽ ان کان پوءِ ٻيو شهيد ميان دين محمد بن ميان نصير محمد ڪلهوڙو هو، جنهن کي معزالدين دوکي سان ملتان وني وڃي قتل ڪيو. سندس ڀاءُ ميان يار محمد

---

[1] ڪاظم الدين خان جو ٻيو ڀاءُ قاسم حسن خان هو، جيڪو ابتدا ۾ روزگار جي سبب سخت تنگدست هو. شيخ محمد اعظم "تحفة الطاهرين" ۾ ڪانئس روايت بيان ڪندي لکيو آهي تہ ننڍي جي مشهور بزرگ پير ڇتي جي برڪت سبب هو نہ فقط هڪ مهلڪ حادثي کان بچي ويو. بلڪ هندستان پهچي سرڪاري منصب حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ٿيو. (ڏسو "تحفة الطاهرين"، 16)

[2] شيخ محمد اعظم جو باقي احوال "تحفة الطاهرين" جي مقدمي ۾ پڙهڻ گهرجي.

[3] عالمگير جي مرڻ بعد سندس پٽن ۾ تخت لاءِ خونريزي شروع ٿي ۽ مختلف شهزادا تخت ويهندا ۽ قتل ٿيندا ويا. معزالدين پڻ جهاندار جي لقب سان چند ڏينهن لاءِ (1124هـ) تخت تي ويهي قتل ٿيو.

ڪانئس پوءِ تحريڪ جو مهندار ٿيو. ڪجهه وقت سنڌ مان نڪري بلوچستان ۾ قلات ۾ روجهي رهيو ۽ آخرڪار وري موٽي اچي سنڌ ۾ پهتو. اهو زمانو هو 1113هه ۽ 1114 هه جو جنهن وقت مير امين الدين خان نئين جي ايالت تي مقرر هيو. معزالدين انهيءَ زماني ۾ پاڻ دوباره ملتان ڪان ڪهي سنڌ ۾ آيو. ليڪن پيو ڪو چارو نہ ڏسي مجبوراً ميان يار محمد سان صلح ڪيائين، ۽ ڪيس "خدايار خان" جو خطاب ڏئي، سندس هڪ حصي جي حڪومت ۽ سيويءَ جي سربراهي سندس سپرد ڪري پاڻ ملتان روانو ٿي ويو. انهيءَ ئي موقعي تي معزالدين سنڌ جي مختلف علاقن تي مختلف نائب مقرر ڪيا. جهڙوڪ: شڪارپور سنجر خان دائود پوٽي جي حوالي ڪئي وئي: سيوهڻ غلام محمد سڪائيءَ جي سپرد ٿيو: ۽ خانپور جي علائقي جي نيابت مير امين الدين خان کي ملي. اسان جو خيال آهي، تہ مير امين الدين خان انهيءَ موقعي تي نئين مان بدلي ڪري خانپور رکيو ويو ۽ اهو سال قريني ۽ قياس مطابق 1114 هه - 1115 هه هجڻ گهرجي.[1]

## عقائد

هن خاندان جي عقيدن اسان کي هڪبئي جي ابتڙ روايتون ملن ٿيون، جنهن مان ائين پيو سمجهڻ اچي تہ گهراڻي جا ڪي فرد سني هئا ۽ ڪي شيعا. مثلاً:

(1) ابوالقاسم نمڪين جو والد پاڻ يا سندس گهراڻو امام موسيٰ رضا روضي جو متولي هو. ظاهر آهي تہ انهيءَ درگاهہ جو متولي سني ڪونہ ٿو ٿي سگهي.[2]

(2) مير عبدالرزاق ولد ابوالبقا امير خان ڪنهن سني شيعي جهڳڙي ۽ دنگي فساد ۾ 'تيغ شجاعت' هلائيندي موت سان همڪنار ٿيو،[3] جنهن جي تصديق سندس قبر واري ڪتبي مان ٿئي ٿي ۽ ڪتبي ۾ "آل حسيني" جي جيڪا نسبت يا اشارو ڪبت آندو ويو آهي، سو پڻ انهيءَ ڳالهہ جو دليل آهي.

(3) مير حيدرالدين ابوتراب "ڪامل" جي ڪلام مان صاف تشيع جو اظهار ٿي رهيو آهي. منقبت جو انداز هي آهي:

---

(1) اهي بيان "تحفة الڪرام" ۾ ڪلهوڙن جي سلسلي ۾ ڏسڻ گهرجن.
(2) "بياض قانع". 43/3.
(3) ڏسو ڪتاب جو صفحو 17.

مين نصيري صفت هون شيعہ پاک سيس کٹنئي کا نائي رکهتا باک [1]

(4) خاندان جي قبرن مان کيترن تي اهڙا کتبا لڳل آهن، جن جي عبارت سندن شيعي هجڻ جي تصديق ڪري ٿي، پڙهندڙن ي انهيءَ قسم جا ڪيترا ڪتبا هن ڪتاب اندر ڏسڻ ۾ ايندا. ليڪن جيڪڏهن هڪ طرف انهيءَ گهراڻي جا ڪي فرد شيعا هوا تہ ڪي سني پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مثلاً ميرڪ يوسف جو هڪ قول ملي ٿو جنهن مان ظاهر آهي تہ هو ڪٽر سني هيو. [2] اهڙيءَ ابوالمڪارم، 'شهود' جي مثنوي 'پري خانہ سليمان' مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير شهود سني هيو. مثلاً:

ز عشقِ اهل بيتِ پاڪ جوهر بخوان خارجي، دامان تن، تر
چوياران گزين را، ميکنم ياد زبانِ رافضي، از من، بفرياد
ازين بيگانگم نيست بيمي کہ دارم آشنائي مستقيمي
نمي گويم علي بہ، ياڪ صديق کہ هريڪ هست امامِ اهل تحقيق
بود صديق ز اصحابِ پيمبر علي از خاندانِ پاڪ گوهر
ابوبکر از عمر بهتر بهرتاب ز عثمان بہ عمر، عثمان ز اصحاب
همہ حق جو بهرڪاري کہ بوند همہ دين پو، بهنجاري کہ بودند

انهيءَ بعد حضرت امامين زماني جي تعريف ٿيل آهي، جنهن کان پوءِ خاص عنوان حضرت پيران پير دستگير جي تعريف لاءِ قائم ڪري، هن قسم جا شعر چيا ويا آهن:

رسولِ حق ..... آخر زماني چو شد در مغرب وحدت نهاني
شدي يڪ کوکبِ او را خليفہ کزو مي تافت انوارِ لطيفہ
از ايشان اختري سرمايہ نور کزو شد چارسوئي عشق معمور
ادب آموزگارِ محفل قدس يگانہ محرم خلوت گہ انس

افسوس آهي جو هن گهراڻي جو پيدا ڪيل علمي ۽ ادبي سرمايو محفوظ نہ رهي سگهيو ۽ جيڪي ڪجهہ موجود آهي اهو پڻ سامهون ڪونہ آهي.

---

[1] ڏسو منقبت صفحو 238.
[2] ڏسو ڪتاب جو صفحو 170

تنهنڪري مذهبي اعتقادات جو پورو جائزو وٺڻ محال آهي. فراهم ٿيل مختصر معلومات جي بناء تي في الحال اهوئي قياس آهي تہ شخصي طرح هر هڪ جا اعتقاد جدا جدا هئا. خاندان جو خاندان هڪ اعتقاد جو پابند ڪونہ هو.

نئي جي موجوده امير خاني سادات پائنجي ٿو تہ سيئي شيعي عقيدي تـي ڪاربند آهن.

## رقائم ڪرائم

ڪتاب جي صفحي 152 تي اسان مٿئين ڪتاب جو جيڪو مذڪور ڪري آيا آهيون، ان جو بنياد برٽش ميوزم جي ٻن نسخن [1] تي هو. تازو پاڪستان جي قومي عجائب گهر ۾ بہ انهيءَ ڪتاب جا ٻہ نسخا خريد ڪيا ويا آهن. هيٺيون تفصيل انهن تي مدار رکي ٿو.

**نسخو "الف"**: 15 ورق - 6.8 x 9.8 سائيز - سٽون في صفحو. هر سٽ "4.1 ڊگهي - صاف نستعليق خط- عبارت جي چوڌاري ڪاريءَ مس ۽ سونهري رنگ سان جدول- ڪاتب نظام الدين- ڪتاب 'بروز سہ شنبہ يازدهم ماه پهاڳن سنبت 1917'.

**نسخو "ب"**: ورق 61، سائيز 7.7 x 2.5 - سٽون 15 - فقط صفحي A/61 تي 8 سٽون ۽ صفحي B/61 تي 12 سٽون - سٽ جي ڊيگهہ = 7.2. خط شڪستو ۽ روان بلڪ بدخط. سمورو ڪتاب زبون ۽ جيتن ٿُڪيل.

نسخي (الف) ۾ سيئي خط 'رقيمہ' جي سرخ عنوان تحت هلندا رهن ٿا. ۽ نسخي (ب) ۾ هر خط جو عنوان 'مشقہ' [2] آهي. ڪن ڪن جاين تي بہ

[1] نمبر ADD / 6430 - ADD / 8912. انهن ٻنهي نسخن جا ميڪرو فلم راقم الحروف جي ذخيري ۾ موجود آهن.

[2] مغل بادشاهن جي مڪتوب نويسيءَ جا جدا جدا عنوان هئا. مثلاً:

(1) فرمان - مشقہ يا احڪام - بادشاهہ، شهزادي، افسر يا ڪنهن ٻاهرئين حڪمران ڏانهن لکيا ويندا هئ

(2) نشان - اهو خط جيڪو شاهي خاندان جو ڪو رڪن بادشاهہ يا پنهنجي خانداني بزرگن کان علاوه ڪنهن ٻئي ڏانهن لکندو هو.

(3) عرضداشت - اهو خط جيڪو شهزادو بادشاهہ ڏانهن يا ٻيو شخص بادشاهہ يا شهزادن ڏانهن لکي.

(4) فتحنامہ - اهو خط جيڪو صوبيدارن طرفان بادشاهہ ڏي ايندو هو.

(5) حسب الحڪم - اهو خط جيڪو بادشاهہ جي هدايت تي وزير پنهنجي طرفان لکي.

(6) احڪام - رمز - اشاره - آهي جملا ۽ عبارتون جيڪي بادشاهہ ڪنهن متعلق منشين ڏانهن لکندو هو، ۽ منشي انهن مطابق پورو فرمان تيار ڪندا هئا. (هلنڊز)

’مشق‘ گڏجي هڪ ۾ خلط ملط ٿي ويا آهن. برٽش ميوزم جي ٻنهي نسخن وانگر هنن نسخن ۾ رقعي يا فرمان جو ڪوبہ عنوان ڪونہ آهي. ازان سواءِ، برٽش ميوزم ۽ هنن نسخن جي عبارتن ۾ پڻ ڪن ڪن جاين تي مطابقت نہ آهي. اهي رقيمہ يا مشق اُهي آهن، جن لاءِ مؤلف جو قول آهي تہ: عالمگير بادشاهہ مير عبدالڪريم امير خان ڏانهن لکيا آهن.

نسخي الف مان چند ضروري ۽ دلچسپ حقيقتون هيٺ ڏجن ٿيون، جن جي ذريعي خود ”رقائم ڪرائم“ جي نوعيت تي بہ هڪ حد تائين روشني پوندي.

**ابوالوفا:** مير ابوالوفا جو ذڪر - جنهن مذڪور، ڪتاب جي متن خواه هن ڪان پهرين تعليقات ۾ بہ اڳي ٿي چڪو آهي — ٻن رقيمن ۾ ڪيو ويو آهي. هڪ رقيمہ ۾ عالمگير لکي ٿو:

> ”ابوالوفا پريروز حاضر بود ڪہ: درويش ساده دل آمد، و چيزي براءِ عيال خواست. فقير را، بمدعا چہ ڪار؟ فقير دل بريده و گريبان دريده مي بايد، مردم بايد، مردم فقير! فقير!! مگويند و نميدانند فقير چيست و چہ معني دارد؟
> بيت:
> جهان آئينہءِ وهم است اين طوطي سرشتانش
> اللهم نبناعن نومہ الغافلين، آمين آمين“.

ٻئي خط ۾ ابوالوفا جي لاءِ لکي ٿو:

> ”شب ابوالوفا عرض ڪرد ڪہ: اسباب جانماز خانہ مستعمل و فرسوده شده، ديگر ڪار خانجات تيار شده باشد، و همين ڪارخانہ تيار داشتني مندرس شود از مسلماني بعيد است. بخان سامان حڪم رساند ڪہ هرچہ

---

(7) سند- ڪنهن جي تقرر جو خط - صوبيدارن جي تقرر واري خط کي فرمان چيو ويندو هو.

(8) پروانو - ڪنهن محڪمہ جو حڪم، جيڪو ماتحت افسر ڏانهن موڪليو ويندو هو. اهو عام طرح ڪنهن مقدمي جي فيصلي يا ڪنهن خاص قانون لاءِ لکيو ويندو هو.

(9) دستڪ - هڪ قسم جو پروانو يا راهداري هوندو هو، جيڪو عام طرح تجارتي شين جي ڪٽي وڃڻ لاءِ جاري ٿيندو هو، يا دربار يا چانوٺيءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو هو.

(10) رقع - عام خط کي چئبو هو.

(11) محضر - ڪنهن مقدمي يا واقعي جي تحقيقاتي رپورٽ کي چئبو هو.

درڪار باشد باظهار داروغہ نيز انجام نمايد.

حيف ! حيف! ڪہ ما، مير خبردار شديم"

مٿين خطن مان ظهار آهي تہ: (الف) مير ابوالوفا ڪي عالمگير جو ڪافي قرب حاصل هو. بادشاهہ جي پوئين زماني ۾ هو مير عبدالڪريم امير خان وانگر شاهي "جانماز خانہ" [1] سال بہ متعلق هو (ب). جانماز جو مصلو يا ٻيو سامان پراڻو ۽ ازڪار رفتہ ٿي ويندو هو، تڏهن بہ عالمگير جي ذوق ڪي ضرب ڪانہ لڳندي هئي.

**ايران لاءِ جذبات:** مغل دور ۾ غير ملڪي اميرن مان ٻہ ڌريون هميشه برسر اقتدار رهيون- هڪ ايراني جيڪي شيعا هئا ۽ ٻيو توراني ۽ ماوراء النهري، جيڪي نيٺ سني هئا. وڏن مغلن جي زماني ۾ تہ مذهبي اعتدال قائم رهندو ٿي آيو، ليڪن بعد ۾ جڏهن حڪومت جي استحڪام ۾ ڪمزوري آئي ان وقت ايرانين ۽ تورانين جي مابين زبردست مذهبي ڪشمڪش هلي جنهن خود سلطنت ڪي بہ نهوڙي ناس ڪيو. بهرحال، عالمگير پاڻ جنهن صورت ۾نيٺ سني هو، تنهنڪري ايرانين لاءِ عقيدن جي فرق سبب ڪيس ڪوبہ قرب ڪونہ هو- جنهن جو اظهار هن 'رقائم ڪرائم' جي چند خطن ۾، ڪين 'ايراني غول بياني' لکي ڪيو آهي. هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"بشاه عالم عريضہ ڪند ڪہ: از نوشتہ بي غرض بي مرض معلوم شد ڪہ: جشن نوروزيء امسال - ڪہ مردم ايراني غول بياباني ميڪنند - بتڪليف ڪرده بودند. عقايد خود بفضل الاهي درست دراند، اين بدعت بتازگي از ڪہ آموختہ ايد؟ ظاهرا آن عرب ڪہ خود سيد ميگويند، مصرعہ:

بدنام ڪننده نڪو نامي چند

تعليم ڪرده باشد. بهرحال چون اين روز از عياد مجوس است و نزد ڪفار هند روز جلوس بڪرما جيت لعين [2] و مبداء تاريخ هندي. بايد ڪہ! بعد ازين هر گز اين بدعت

---

[1] ڏسو "ماثر الامرا" 17311ع.

[2] "رقائم ڪرائم" جي هڪ ٻي خط ۾ لکيل آهي.... آن هندوئي نجس را هم چشم نمائي نمود .... ورق B/104.

بفعل درنيايد، و بر اين طور جهالت اصلا عمل كرده نشود. بيت:

گفته گفته، من شدم، بسيار گو از شما، يک تن نشد.
اسرار جو استغفرالله رب من كل ذنب واتوب اليه.

ٻئي هڪ خط ۾ بہ اهڙيءَ ريت ايرانين کي ”غول بياباني“ لکي ٿو:

”منعم خان وكيل شاه عالم بهادر خان را - كه ديواني سركار هم يافته - امروز برائي رخصت بيارد تا از داعيه نا صواب اكبر ابتر باميد امداد ايراني غول بياباني، درفراه - قريب قندهار - مستقيم شده باشاره والئي آنجا طرفي نيمرود، و انتظار قضيه مرضيه ما ميكشد، فرموده آيد. قطعه:

نرفت از دلم قول آن كاسه گر | كه ميگفت با كاسه پر خطر
ندانم كه سنگ سپهر جفا | مرا پيشتر بشكند، يا ترا

و تدبيرش غير از پسر خود گذاشتن در كابل با فواج بزرگ و فرزند زاده محمد معزالدين بهادر را در ملتان باسامان سترگ تا انفصال مقدمه، يعني بعد رفتن اين فاني و صلح نمودن و راضي بودن بر تقيسم ملک نيست“.

اهي ٻيئي خط - علاوه هن جي تہ ايرانين کي منجهن غول بيّاباني [1] چيو ويو آهي - ڪيتريون سياسي اشاري بازيون پڻ ڪن ٿا. مثلاً: عالمگير جي پڇاڙي، شهزادن جي ڪيفيت، هندن لاءِ سندس جذبات، ملڪ جي تقسيم، حڪومت جي معاملن ۾ ڏقير ۽ انتشار جا آثار وغيره وغيره.

هڪ خط ۾ بدخشان، بلخ، بخارا، خراسان، ۽ هرات جي هٿان نڪري وڃڻ جو مثال ڏيندي، پنهنجي هڪ پٽ کي، شهزادي مراد بخش لاءِ لکي ٿو:

”ليكن بسبب مراد بخش ..... از دست رفت و محنت و زر ضايع گشت، ازينجاست كه گفته اند: از پسر نا خلف

---

[1] اڪبر خواهہ جهانگير جي دور ۾ ايرانين لاءِ اهو جذبو ڪونہ هو، جهانگير جي امير ۽ سپہ سالار مهابت خان، خان خانان، لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو ايرانين جي صحبت جو ڏاڍو دلدادو هو سندس چوڻ هو تہ: ايراني ”خلاصہ آفرينش“ آهن. (ماثر الامرا ص. 3/408).

دختر بهتر ..... الخ".

**داراشڪوه:** ٻن خطن ۾ شهزادي داراشڪوه جو ذڪر مِلي ٿو. هڪ خط ۾ آهي تہ:

"بطريق و صايا گفتہ شود ڪہ بسا نامداران صاحب داعيہ با فروختن نيران قتال دولت بحسرت گذاشتہ و عمر بتلخي داده اند. يڪي ازان جملہ داراشڪوه بود. اگر نصايح اعليٰ حضرت ميشنيد چرا روز بد مي ديد؟ حق بطرف او هم بود. حرص آدمي را نمي گذارد ڪہ دمي چند بآسايش برآرد".

ٻئي خط ۾ هڪ شهزادي [1] ڏانهن - جنهن هڪ امير فتح الله خان سان بدسلوڪي ڪئي هئي — عالمگير پنهنجو مثال ڏيندي لکي ٿو:

"بباد شاهزاده عرضداشت ڪند ڪہ: بر زبان اقدس رفت ڪہ: باوجود سلامت نفس، خان مذڪور را چرا ناخوش ڪرديد. ما در ايام بادشاهزادگي بامرا همچو سلوڪ ميڪردم ڪہ همہ راضي بودند. در حضور و غيبت بخوشدلي تعريف و توصيف ميڪردند. بعضي با وصف اقتدار دارا شڪوه، ترڪ رفاقت او ڪرده، ملازمت ما اختيار ڪرده بودند. و جمعي باشاره برادر نا مهربان، حرڪات نا ملايم و حرفهاءِ بي ادبانہ نموده و گفتہ بتازيانہ تحمل و اغماض متنبہ شده، از سرِ انصاف اقرار، بصاحب حوصلگي ما ڪردند. و نقش سرداري و بهادريءِ ما، بر لوح خاطر اشرف اعليٰ حضرت، مرتسم گشتہ بود. و ڪارهائي دست بستہ بزور اين نحيف صورت بستہ ......"

**مثالي شعر:** خطن ۾ عالمگير جيڪي مثالي شعر آندا آهن، سي پنهنجي جاءِ تي تہ دلچسپ آهن، ليڪن دراصل انهن مان عالمگير جي ذهني عالم ۽ سندس طبعيت جي تيورن جو بہ پتو لڳي ٿو. لطف آميز نصيحت ڪان زيادهہ، تنبيهہ آميز اشعار آهن، ۽ منجهان هڪ قسم جي بيزاري تُندي ۽ تلخي پئي

---

[1] خط ۾ "مهين پور خلافت" لکيل آهي، خطن ۾ اُهو خطاب شاه عالم لاءِ ڪتب ايندو هو. (مقدمہ رقعات عالمگير ص. 20)

ظاهر تئي. مثلاً:

گفتہ گفتہ، شدم، بيسار گو - از شما، يک تن نشد، اسرار جو.

—

داني! کہ برنگينِ سليمان، چہ نقش بود؟
خطي، بزر توشتہ کہ: اين نيز بگذرد.

—

چون غرض آمد، هنر پوشيده شد،
صد حجاب، از دل بسويءِ ديده شد.

—

ديگر چہ معلم و کتابت بايد چشمي داري و عالمي در نظر است

—

گفتگو بسيار، خامش شدم مسلہ تسليم کردم دم زدم

—

هرچہ دلرا، فکر آن ميسوخت، هم هجرِ بود،
آخر از بيمهريءِ گردون، بآن، هم ساختيم

—

نخشبي خيز با زمانہ بساز ورنہ خود رانشانہ ساختن است

—

عاقلانِ زمانہ، ميگويند: عاقلي، با زمانہ ساختن است

—

بايد نواخت فرق خران را بچوب دست
بيرون نهند چون قدمِ پيروي، ز راه

—

نصيحتي کنمت، بشنوۇ بهانہ مگير
هر آنچہ ناصحِ مشفق بگويدت پندي

—

حقوقِ خدمت صد سالہ، لعب طفلان است

بڪشور يڪ، درو ڪودڪان خداوند نـد

—

ز دريا ميڪشد، صياد دام، آهستہ آهستہ

—

ڪلوخ انداز را پـادش، سـنگ اسـت

—

افسوس ڪہ عمر رفت و هوشياري نيست
دردا ڪہ اميدِ خويشتن داري نيست
گفتم ڪہ: چو بيدار شوم، روز بـود
هيهات ڪہ روز رفت و بيداري نيست

—

حيف بر ايـن دانـش و آئيـن او ڪور شده، ديدهٔ خردبيـن او

—

راست نـايد خواجگـي، بـا بندگـي؟

—

از اختلاط چسپان، بيگانہ ڪيءِ شود خويش
هر چند جامہ تنگ است، جزو بدن نگردد

—

چنار، تا بڪجا! عيب مفلسي پوشد

—

**عالمگير جي خطن جا مجموعا:** عالمگير جي خطن جا ڪيترا مجموعا آهن. جن جو تفصيل ڪتاب ۾ موجود [1] آهي. انهن مان جن مجموعن ڪي سندس منشين يا ڪن ٻين ماڻهن مرتب ڪيو آهي، اهي هي آهن:

(1) آداب عالمگيري - از صادق خان انبالوي
(2) احڪام عالمگيري - از عنايت خان
(3) ڪلمات طيبات - از عنايت خان

---

[1] مثلاً: [illegible] رقعات عالمگيري از سيد نجيب اشرف.

انهيءَ قسم جي مجموعن مان مختلف خط چونڊي جيڪي ڪتاب مرتب ڪيا ويا آهن، انهن مان:

(1) دستور العمل آگهي، ۽ [1] رمزون اشارات عالمگيري مشهور آهن. سيد نجيب اشرف جو خيال آهي تہ "رقائم ڪرائم" پڻ انهن پوين ڪتابن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. يعني انهيءَ ۾جيڪي مڪتوب آهن سي پهرين ٽن مجموعن ۾ پڻ اچي ويا آهن، ۽ انهن مان ئي مرتب ڪيا ويا آهن. ليڪن "قائم ڪرائم" جي ديباچي مان انهيءَ قول جي تصديق ڪانہ ٿي ٿئي. سيد نجيب اشرف "رقائم ڪرائم" جا متعدد نسخا ڏٺا آهن، ۽ سندس قول آهي تہ سيني نسخن ۾ خطن جو برابر اختلاف آهي [2]. سندس اشارو غالباً انهيءَ اختلاف ڏانهن آهي، جنهن جو ذڪر اسان شروع ۾ ڪري آيا آهيون.

## ضياءُ الدين يوسف ۽ مير ابوالمڪارم شهود عالمگير جي نظامت هيٺ

ڪتاب جي صفحي 97 تي، عالمگير جي هڪ خط جو اقتباس ڏنو آيا آهيون، جنهن ۾ ٺٽي جو بيان ڪندي، هن مير ابوالبقا امير خان جي مٿين ٻن فرزندن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ خط جي سلسلي ۾ وڌيڪ تفصيل جي ضرورت محسوس ڪندي، هتي ڪجهہ زياده حقيقتون پيش ڪريون ٿا، جيئن اهو عنوان اڌورو رهجي نہ وڃي.

**سنڌ ۽ عالمگير:** اورنگزيب عالمگير جڏهن بلخ ۽ بدخشان جي مهم تان موٽي اچي اٽڪ تي لٿو، ان وقت شاهہ جهان طرفان ڪيس 29- صفر 1058 ھ (15- مارچ 1648ع) جو، ملتان جي نظامت لاءِ پروانو پهتو ۽ وري ايندڙ سال جي پهرين تاريخ ذوالحج 1059 ھ (26 - نومبر 1649ع) جو جڏهن قنڌار جي پهرين مهم کان واپس ٿي لاهور ۾ اچي پهتو، تڏهن سنڌ جو صوبو بہ سندس اختيار ۽ اقتدار ۾ ڏنو ويو ۽ ساڳي وقت بکر ۽ سيوهڻ جو علائقو پڻ - 'در

---

(1) هن مجموعي ۾ اهي خط آهن جيڪي عالمگير جي حڪم تي قابل خان ٺٽويءَ لکيا.

(2) "رقعات عالمگيري" ج: 1 ص. 105.

تيول آن ڪامگار مرحمت گرديد'. [1]

اورنگزيب انهيءَ وقت ڪان وٺي قنڌار جي ٻيءَ مهم تان موٽي اچڻ 12 رمضان 1066 هه - 7 آگسٽ 1652ع) تائين انهن ٻنهي صوبن جو صاحب ٿي رهيو. اڳتي هلڻ ۾ عالمگير جي خطن کي پيش ڪرڻ کان پهريون ضروري آهي تہ علمگير جي نظامت واري زماني جو تاريخي جائزو ڏنو وڃي، جو هن طرح آهي:

| | |
|---|---|
| 29 صفر 1058 هه<br>15 مارچ 1648ع | بلخ کان موٽي اچي اٽڪ تي منزل انداز ٿيو ۽ ملتان جي صوبيداريءَ جو پروانو ڪيس انهيءَ تاريخ تي مليو. |
| 10- ذوالحج 1058 هه<br>26- ڊسمبر 1648ع | شاهہ عباس ثانيءَ قنڌار تي حملو ڪيو. |
| 18- محرم 1059 هه<br>22- جنوري 1649ع | قنڌار جي پهرئين مهم لاءِ ملتان کان روانو ٿيو. |
| 12- صفر 1059 هه<br>25- فيبروري 1649ع | مغل صوبيدار دولت خان کان ايرانين قنڌار جو شهر فتح ڪيو. |
| 12 جمادي الاول 1059 هه<br>25 مئي 1649ع | عالمگير قنڌار پهتو. |
| 8- رمضان 1059 هه<br>26- اڪٽوبر 1649ع | سامان جي پورت نہ هئڻ سبب عالمگير کي قنڌار کان موٽي اچڻو پيو. |
| 15- ذيقعده 1059 هه<br>10- نومبر 1649ع | قنڌار کان موٽي لاهور پهتو. |
| 1- ذي الحج 1059 هه<br>26- نومبر 1659ع | لاهور ۾ شاهہ جهان ڪيس سنڌ جي صوبيداريءَ جو پروانو ڏنو. عالمگير ساڳئي ڏينهن لاهور کان ملتان روانو ٿيو. |
| 14- ذي الحج 1060 هه<br>27- نومبر 1650ع | قنڌار جي سلسلي ۾ شاهہ جهان سان مشورو ڪرڻ ملتان کان دهليءَ هليو. |

[1] "مقدمہ ؟ ت" ص. 70 بحوالہ "بادشاه نامہ" محمد وارث مقتول- 1091 هه.

| | |
|---|---|
| 19- محرم 1061 ھ<br>2- جنوري 1651ع | دهليءَ پهتو. |
| 1- ربيع الاول 1061 ھ<br>12- فيبروري 1651ع | دهليءَ کان ملتان طرف روانو ٿيو. |
| 12- ربيع الثاني 1061 ھ<br>24- مارچ 1651ع | موٽي اچي ملتان پهتو. |
| 16 بيع الاول 1062 ھ<br>16- فيبروري 1652ع | قنڌار جي ٻيءَ مهم لاءِ ملتان کان روانو ٿيو. |
| 3- جمادي الثاني 1062 ھ<br>16- مئي 1652ع | قنڌار پهتو ۽ ٻن مهينن اٺن ڏينهن جي جدوجهد بعد، داراشڪوه جي اختلاف سبب، شاهه جهان جي حڪم تي ناڪاميءَ جي حالت ۾ قنڌار کان واپس روانو ٿيو. ۽ کيس حڪم ڏنو ويو ته هو ملتان نه وڃي، بلڪ لاهور رهي، ملتان مان پنهنجا ٻار گهرائي وٺي. |
| 12- رمضان 1062 ھ<br>7- آگسٽ 1652ع | شاهه جهان لاهور ۾ کيس دکن جي صوبيداريءَ جو پروانو ڏئي، حڪم ڪيو هو، ته فوراً اوڏاهين روانو ٿي وڃي. |
| 15- ربيع الاول 1063 ھ<br>3- فيبروري 1653ع | عالمگير برهانپور پهتو. |

مٿئين جائزي مان ظاهر آهي ته (1- ذي الحج 1059 ھ کان 12- رمضان 1062 ھ تائين) ٻه سال اٺ مهينا ۽ ٻارنهن ڏينهن عالمگير ٺٽي جي صوبيداري ۽ بکر ۽ سيوهڻ جو تيولدار ٿي رهيو.

سيوهڻ جي نائب متعلق معلوم ٿي نه سگهيو، ليڪن ٺٽي ۾ اهو سمورو عرصو مغل خان بن زين خان ڪوڪو- جيڪو مير ابوالبقا امير خان جي انتقال (ربيع الاول 1057 ھ) کان پوءِ ٺٽي تي مقرر ٿي آيو هو - عالمگير جي نيابت ڪندو رهيو. بکر ۾ سندس طرفان خواجه عبداللطيف فوجدار ۽ مير باقر ديوان مقرر هو. انهن ٽي ڪارندان ۽ ڪارپردازن جي حوالي، عالمگير سنڌ جا ٽي حصا ڪري، پاڻ ملتان ۾ ويٺو رهيو. ڪجهه عرصي لاءِ دهلي ويو ۽ قنڌار جي

مهمن کي بہ منهن ڏنائين. علاوه ازين، درباري سازشن ۽ برادراڻي ڪشمڪش ڪي پڻ پنهنجو وقت ڏيندو رهيو.

**سنڌ اندر انتشار:** شاهہ جهان جي اولاد ۾ تخت نشينيءَ لاءِ جيڪا ڪشمڪش ۽ عداوت هلندي تي آئي، تنهن سندس عمر جي آخري حصي ۾ جيڪا صورتحال اختيار ڪئي، تنهن نہ رڳو ڪيس نهوڙي ناس ڪيو، بلڪ ساڳي وقت مغل سلطنت جي سمورن ڪل پرزن کي بہ هڪبئي کان جدا ڪري، سڄيءَ تشڪيل ۽ استحڪام کي تتر بتر ڪري ڇڏيو. جيڪي صوبا محض قوت جي دٻاءَ تي سلطنت اندر شامل ڪيا ويا هئا، انهن ۾ رهائيءَ ۽ آزاديءَ لاءِ ازسرنو جدوجهد ۽ هڪ قسم جي امنگ ۽ آرزو پيدا تي پئي- بلخ ۽ بخارا جي ڪشمڪش، قنڌار تي صفوي سلطان جو قبضو ۽ هندي رياستن ۾ بيچيني— اها سڄي صورتحال، نتيجو، هو مغلن جي پنهنجي گهر و جنگ و جدل ۽ انتشار جي ڪري پيدا ٿيل ڪمزوريءَ جو. تخت تي ويهڻ بعد، جنهن جو سدباب ڪندي، خود عالمگير جي پنهنجي حياتي بہ رائگان ٿي وئي.

سنڌ ۾- جنهن جي طاقتور، اهم ۽ نامور قبيلن، شروع کان ئي مغلن جي تسلط سان پاڻ کي ذهني طرح سان هموار ۽ هم آهنگ ڪري نہ سگهيو هو- مرڪز جي انهيءَ ڪمزوريءَ ۽ پائرن جي باهمي جنگ و جدل ۽ هڪبئي خلاف سازش جو فائدو وٺي، ازسرنو پنهنجي هلچل جو آغاز ڪري ڏنو. جنهن جو ثبوت اشارتاً اسان کي عالمگير جي انهن خطن مان ملي ٿو، جيڪي هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شاهہ جهان ڏانهن لکيا آهن ۽ جن ۾ هن مخصوص سلطاني زبان ۽ محاوري کي ڪتب آڻيندي، انهن آزادي خواه قبيلن جي جدوجهد کي — متمردن جي شرارت ۽ راهزنن جو فساد سڏيو آهي- ليڪن ڪيس اهو معلوم نہ هو تہ شاهہ جهان جي شروع زماني اندر بہ سنڌ ۾ انهن "متمردن" ۽ "رهزنن" جي تحريڪ موجود هئي، جن جي ڪشمڪش جو تفصيلي احوال پندرنهن سورنهن سال ڪانئس اڳ (1044 هہ) 'مظهر شاهہ جهانيءَ' جو مصنف بہ قلمبند ڪري چڪو هو.

**عالمگير جو خط:** عالمگير جي جنهن خط جو اسان 97 صفحي تي اقتباس ڏئي آيا آهيون، هتي اهو سڄو نقل ڪريون ٿا، تہ جيئن خط جي روشنيءَ ۾ چٽي تصوير اسان جي سامهون اچي وڃي. عالمگير پنهنجي والد

شاهہ جهان بادشاهہ ڏانهن لکي ٿو:

"قبلۂ عالم و عالميان سلامت!

قبل ازين، اين مريد بوسيلۂ عرضداشت، بعرض اقدس رسانيده بود کہ: چون متمردان 'نهمردي' و 'جوکيہ' کہ در کوهستان ولايت تتہ ميباشند، صوبہ دارانِ سابق را اطاعت بواقعي ننموده، پيوستہ براه زني و فساد روزگار مي گذارند. ملک حسين باجمعيتي کہ همراه داشت بہ تنبيہ و تاديبِ آنها رفتہ است. درين ولا از عرضداشت او و واقعہ نويسِ آنجا ظاهر گشت کہ: مومئ اليہ باهمراهان از سرحد 'تتہ' بده منزل بہ 'کاهره و بيلہ' کہ گريز گاهِ قبائل 'نهمردي' و'جوکيہ' است، رفتہ خطبۂ دولت و اقبال بنام نامي واسم سامئي آنحضرت بلند آواز ساخت. و دران مکان 'هارون' و 'کهترتل' برادر 'کانبهودي' سرداران 'نهمردي' و 'مريد' سرگروه 'جوکيہ' بقدم انقياد و اطاعت آمده پيشکش قبول کردند. جعفر نهمردي خويش مانسنگهہ زميندار پنجور، کيچ و مکران از قبل، او و پسران علي دکاراني کہ عمده آن مرز بوم است، و حاجي رونجهہ و جام جمعہ اعيال آن سر زمين، کہ از عهد حکام ترخانيہ تا حال رجوعي نداشتند، سر انقياد بخط فرمان نهاده. 'بد' [1] نام نُهمردي متعلقہ کوهستان ولايت قندهار کہ سر حلقہ مفسدانِ آن ضلع است. و از سرحد خود گذشت بقصد دست اندازي بجانب 'کاهره و بيلہ' آمد بود، از وصول لشکر نصرت اثر بکوه نگار [2] فرار نمود. بنابران ملک حسين و جمعيتي از سپاه را براهبريۂ زميندار آن حدود، بتاديب او فرستاده. آنها شب

---

[1] بيو نهمردي يا منڌو نهمردي.

[2] شايد وٽڪار هجي. لس ٻيلي جي علائقي ۾ وٽڪار جو جبل مشهور آهي. شاهہ عبداللطيف جي شعر ۾ پڻ ان جو ذڪر آهي.

درميان، هفتاد ڪروه ايلغار ڪرده برسر بنگاه او رفت، سردار بجنگ پيش آمده باتوابعِ خويش طعمہ تيغ خون آشام گرديد، و چهل و چند ڪس بادختر او اسير ڪردند. و سپاه نصرت قرين اسيران و مواشي را گرفتہ مظفر و منصور بلشڪر گاه مراجعت نمودند، درين اثنا، مان سنگهہ مذڪور و ڪلا فرستاده نوشت ڪہ: در 'پنجور' [1] ڪيچ و مڪران نيز خطبۂ جهانباني نبام اعلحضرة خاقاني سامعہ افروز گشت. و چون باقبال بي زوال پير و مرشد جهانيان چنين فتحي دست داد، لشڪر منصور ازان نواحي بصوب تتہ مراجعت نمود.

قبلہ دين و دنيا سلامت!

'ستاهالہ' [2] ولد زميندار 'ڪڪرالہ' ڪہ برهنمونيءَ توفيق، ملڪ حسين را ديده بود. درين وقت ڪہ بجهت اصلاح حال خود روانہ ملتان شد. گاهيہ [3] مقهور برادر او، ڪہ در سرحد ڪيچ بسرميبرد، از روئي حسد و اغوائي زميندار آنجا جمعيت فراهم ڪرده بہ پرگنہ مذڪور در آمده ميخاست دست اندازي نمايد، بند هايءَ درگاه والا خصوصاً پسران امير خان، ضياءُ الدين يوسف و ابوالمڪارم و جمعي از سپاه ڪہ ملڪ حسين برايءَ احتياط شهر گذاشتہ بود. باغرابها و توپ خانہ بقصد دفع آن مخذول شتافتند، و او تاب نياورده، راه ادبار پيش گرفت. بمومي اليہ تاڪيد نموده شد ڪہ در قلعِ ماده فساد آن مقهور اهتمام تمام بڪار برد". [4]

**خط جا نقطا:** اهو خط دهليءَ ويندي، عالمگير 14 ذوالحج 1060 ھ

19- محرم 1061 ھ      28- نومبر 1650ع

---

[1] پنج گر — پنج ڪور.

[2] شايد ستو هالو.

[3] گاهي سنڌي نالو.

[4] نجيب اشرف - "مڪاتيب عالمگير" ص. 2/3.

2- جنوري 1651ع جي درميان رستي تان بادشاهه ڏانهن لکيو. انهيءَ خط مان ڪيترين تاريخي حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون. ۽ ڪم و بيش 15 سالن گذرڻ بعد به سنڌ ۾ اسان کي اضطراب ۽ انتشار جون اهي ئي ساڳيون حالتون نظر اچن ٿيون، جن سان يوسف ميرڪ جي تاليف 'مظهر شاهه جهاني' ڀري پئي آهي.

(1) سنڌ ۾ جنهن جدوجهد جو آغاز ارغونن جي دور کان شروع ٿيو هو سو ترخانن کان ٿيندو، اڪبر ۽ جهانگير جي عهد ۾ به قائم رهندو. شاهه جهان جي آخري ايامن تائين اچي پهتو هو. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جا تقريباً سمورا طاقتور قبيلا متحد طور برسر پيڪار هئا.

(2) نه فقط مغل دور ۾، بلڪ عالمگير خود قبول ڪري ٿو تہ: مغلن کان اڳ به سنڌ جي قبيلن، ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ ڪونہ نوايو هو. چنانچہ هن ان لاءِ ترخاني عهد جو مثال ڏنو آهي.

(3) خط ۾ عالمگير اهو به اشارو ڏنو آهي تہ سندس دور کان اڳ سنڌ تي جيڪي مغل صوبيدار آيا، انهن کي پڻ ناڪامي نصيب ٿي هئي.

(4) ٿي سگهي ٿو تہ شاهه جهان انهيءَ انتشار سبب ئي، ملتان سان گڏ سنڌ جي ولايت به عالمگير جي حوالي ڪئي هجي، تاڪ هو مغل تسلط خلاف جيڪا شورش هلندي آئي هئي- ۽ جنهن کي ختم ڪرڻ ۾ سابق صوبيدار ناڪام ٿي چڪا هئا- ان کي ختم ڪري.

(5) نومڙيا، ۽ جوکيا، ٻين قبيلن سان متحد ٿي ملڪ اندر منتشر لڙائي لڙي رهيا هئا. هارون ڪڙتل، ڪانيو، نومڙين مان ۽ جوکين مان مريد جوکيو پنهنجي همراهن سان انهيءَ تحريڪ جي مهنداري ڪري رهيا هئا، جن جي جدوجهد جو دائرو سنڌ مان وڌي هڪ طرف ڪيچ مڪران ۽ ٻئي پاسي ڪڇ ڀڄ تائين پهچي چڪو هو. جعفر نومڙيو، عليءَ جا پٽ: حاجي رونجهو، ڄام جمعو، ٻڍو نهمردي وغيره پڻ ساڳيءَ تحريڪ جا معاون ۽ مددگار هئا. خاص ننڌي جي علائقي ۾، ڪڪرالي جا ڄام جهڙوڪ: ستابو هالو ۽ گاهي هالو عالمگير جي قول مطابق "دست اندازي" ڪري رهيا هئا.

(6) ملڪ حسين عالمگير جي طرفان مغل فوجن جو مهندار هو، جنهن ملڪي ماڻهن جي تحريڪ کي زير و زبر ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ٿي ڪئي.

عالمگير جي ٻئي هڪ خط مان جيڪو انهيءَ ئي زماني جو لکيل آهي

معلوم ٿئي ٿو تہ اڳتي هلي ملڪ حسين جي سلسلي ۾ اختلاف ٿي پيو هو. جنهن جي حقيقت شايد واقع نويسن جي ذريعي بادشاه تائين پهتي. جنهن تي عالمگير ڪان باز پرس ٿي، ۽ پنهنجي جواب ۾ لکيو تہ:

"قبلہٴ عالميان سلامت!

آنچہ از تعديٴ ملڪ حسين بعرض اقدس رسيده، محض افترا است. درين يڪ سال ڪہ صوبہٴ مسطور تعلق باين مريد داشت، مومي الهي غير از "متردان و دزدان" معترض حال احدي از رعايا نگشتہ. و درين مدت هرگز چيزي ازين مقولہ بر اين مريد ظاهر نہ نشده. و الا مطابق آنچہ از پير و مرشد حقيقي ارشاد يافتہ او را تاديب نموده، نمي گذاشت ڪہ مرتڪب جورو تعدي گردد. غالباً اهل غرض حقيقت را بتفاوت معروض داشتہ اند"[1]

انهيءَ خط مان پڻ سنڌ ۾ پيدا ٿيل انتشار جي اهميت سختيءَ شدت ۽ سنگينيءَ جو پتو پوي ٿو. يعني جن ڪي مغل سلطنت جي اهلڪارن 'دزد ۽ متمرد' ٿي سڏيو، انهن جي تحريڪ ايترو تہ مضبوط ۽ قوي هئي جو مغلن جو 'لشڪر نصرت اثر' ملڪ حسين جي سرڪردگيءَ هيٺ سڄي سال اندر بہ ان ڪي نہ دٻائي سگهيو، ۽ نہ سر ڪري سگهيو. ۽ انهن 'دزدن ۽ متمردن' ملڪ حسين جهڙي جري جوان ڪي پنهنجو سموري ڪٽڪ سميت انهيءَ حد تائين مصروف ۽ منهمڪ رکيو، جو گهڙيءَ ڪن لاءِ بہ هو ٻئي ڪنهن طرف توجهہ ڏيڻ جي قابل نہ رهيو.

**ضياءالدين ۽ مير ابوالمڪارم:** متئين ڏيڪاريل خط مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ سال (59- 1060 هہ) ۾، ڪڪرالي جي ڇامن واريءَ بغاوت ڪي دفعي ڪرڻ لاءِ، مير ابوالبقا امير خان مرحوم جي ٻنهي پٽن، يعني مير ضياءالدين يوسف ۽ مير ابوالمڪارم "شهود" ڪي، عالمگير اُهو لشڪر وٺي، رواني ٿيڻ جو حڪم موڪليو.— جنهن ڪي ملڪ حسين ٺٽي شهر جي نگهبانيءَ لاءِ ڇڏي ويو هيو—.

عالمگير جي انهيءَ فقري مان هينيون ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون:

---

[1] "رقعات" 10/2.

(1) سمورو مغل سپاھ نومڙين ۽ جوکين جو پنيان. ملڪ حسين سان ڪري ويو ھو. باقي فقط ايترو پنتي ڇڏيو ھئائين جيڪو شھر جي نگھبانيءَ لاءِ ضروري ھو. مسئلي جي اھميت معلوم ڪرڻ لاءِ اھو ڪافي آھي.

(2) باوجود ايتري اھتمام ڪٽڪ، توبن، تفنگن، غرابن ۽ غورابن جي بہ، ملڪ حسين سنڌي قبيلن جي پنيان ناڪام ھلندو رھيو.

(3) مير ابوالمڪارم "شھود" جي وفات جي تاريخ (1073 ھہ) اسان ڏئي چڪا آھيون، ليڪن مير ضياءالدين جي تاريخ زمانہ حيات جو تعين ڪري ڪونہ سگھيا آھيون (118). عالمگير جي انھيءَ خط مان ڪم از ڪم ايترو ظاھر ٿئي ٿو تہ مير ضياءالدين يوسف، عالمگير جي صوبيداريءَ واري زماني (1062 ھہ) تائين زندھہ ھو.

**اورنگا بندر:** ڳالھہ جڏھن عالمگير جي ايام جي ھلي رھي آھي تڏھن مناسب ائين پيو لڳي تہ اورنگا بندر جو مذڪور بہ آڻي ڇڏيون، جنھن ڪي عالمگير (60- 1061 ھہ) جي مابين، سمنڊ مان نئي ڏانھن ھيٺ تي ايندڙ شاخ متان نھرايو ھو. جيڪو غلام شاھہ ڪلھوڙي جي زماني تائين آباد ھو ۽ ربيع الثاني 1172 ھہ (ڊسمبر 1758ع) جو جڏھن ھُن شاھہ ڳڙ ۽ شاھہ بندر آباد ڪيا، ان وقت اورنگا بندر جي ماڻھن ڪي وٺي اچي پنھنجي نو آباديءَ ۾ ويھاريو.

اھو بندرگاھہ درحقيقت عالمگير اندروني وڳوڙ ڪي ساموندي رستي سان منھن ڏيڻ لاءِ آباد ڪيو ھو، ۽ ساڳي وقت اھو خيال ھيس تہ تجارتي فائدو پڻ حاصل ڪجي. چنانچہ سردست نفعي ڪمائڻ لاءِ ھن پنھنجو ذاتي جھاز ھلائڻ شروع ڪيو ھو، جنھن تي سندس مخالفن بادشاھہ جا ڪن پريا ۽ ڪانئس باز پرس ٿي، جنھن جو جواب ھن ھيٺينءَ طرح پنھنجي ھڪ خط ۾ ڏنو آھي:

> "حڪم اشرف صادر شد ڪہ: آن مريد، حقيقت حال بندري ڪہ در تتہ احداث ڪرده، معروض دارد.
>
> قبلہ جھانيان سلامت حاصل بنادر منحصر در دو چيزاست. عشورِ مال تجار و نول و ڪرايۂ جھازات، ھر گاه عشور بتصدق فرق مبارک معاف شده باشد و يڪ منزل جھاز اين مريد، ڪہ در بندر سورت بود. امسال از آنجا آورده اند، و ھنوز سفري نشده. و جھاز باد آورد ڪہ. از

سرڪار خالصہ شريفہ گرفتہ. مڪمل نيست. وراه آمدرفت جهازات بنادر ديگر. و تردد سوداگران اطراف باين بندر وا نگشتہ. حاصل حقيقت چگونہ ظاهر شود.

آنچہ لازمہ آباداني ٔ بنادر نو آباد است از ساختن قلعہ و تعمير فرضہ و غير آن از قرار واقع بعمل آمده. انشاء اَللّٰه تعاليٰ عنقريب رونق خواهد گرفت. و بمرور ايام تجاهل خواهد آمد.

مطلب اصلي اين مريد از احداث بندر آنست ڪہ شايد بعض تحف و نوادر قابل پيشڪش بدست افتد. الاحاصل آن معلوم چہ خواهد بود؟"[1]

عالمگير اهو بندر قنڌار جي ٻيءَ مهم تي رواني ٿيڻ (16- ربيع الاول 1062 هه) کان اڳ ٺهرايو. ڪيس 60- 1061 هه جا ٻہ سال مليا جن مان ڪنهن ٻہ هڪ سال ۾ ورنگا بندر ٺهيو هوندو.

**ٺٽي جا تحفا:** عالمگير جي خطن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عالمگير وقتاً فوقتاً ٺٽي جا تحفا شاهہ جهان ڏانهن موڪليندو رهندو هو. جن کي بادشاهہ ڏاڍو پسند ٿي ڪيو. مثلاً: هڪ خط ۾ لکي ٿو

"حڪم اقدس پيرايہ ورود يافتہ. ڪہ: چيرهائي ڇهيت[2] تتہ ڪہ اين مريد فرستاده بود مستحسن افتاد. از همان جنس ديگر نيز مرسول دارد ........ چند تهان چيره درين والا از تتہ رسيده است. امان چون ڪار بستہ مانده بود. سعادت خود دانستہ متعاقب ارسال خواهد داشت".[3]

بادشاهہ کي ٺٽي جون اهي ڇيٽون ايتريقدر تہ پسند آيون جو هن عالمگير ڏانهن خوشنوديءَ جو خط لکي موڪليو. جنهن تي عالمگير خوشيءَ ۾ نہ ماپي. ڏانهس لکيو تہ:

"از ظهور اين عنايت ڪہ محض بنده پروري و بنده نوازي

---

[1] رقعات 2/12.
[2] ڇيٽ جو لٽو- چيرو.
[3] رقعات 2/12.

است، ڪلاه شادي برسر آسمان انداخت:

برين مژده گرجان فشانم رواست.

ٺٽي جي ٻين ميون سان گڏ- جن جي موٴرخن تعريف ڪئي آهي- انهن جا ٻي دانہ ڏاڙهون، جلال آباد جي مشهور ۽ معروف انارن کان بہ وڌيڪ سنا ۽ شيرين هئا. اهڙيءَ طرح بکر ۽ سيوهڻ جا خربوزه جن جي تعريف، مير ابوالقاسم نمڪين جي سلسلي ۾ اچي چڪي آهي، نهايت شيرين بلڪ ڪابل جي خربوزن جي بلڪل ٽڪر جا هئا. عالمگير جي هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو تہ بادشاهہ ڏانهن تحفي طور سنڌ جا خربوزه خواهہ ڏاڙهون هميشه ويندا رهندا هئا. عالمگير هڪ خط ۾ لکي ٿو:

’حڪم جهان مطاع بصد دُر پيوستہ ڪہ: انار بيدانئہ تتہ - ڪہ ڪمترين مريدان بدرگاه سلاطين پناه، ارسال مي دارد- بہ از انار جلال آباد است، از اين نويد مسرت افزا خوش وقت و مبتهج گشت.

خرپوزه بهڪر، اگرچہ امسال در زبوني، بخرپوزه ڪابل نزديڪ است. اما آنچہ بفدوي مير سد، از رويٴ عقيدت، بحضور سراسر سرور مي فرستد.[1] “

ٺٽي جي ڪپڙن جي صنعت و حرفت، گلن ۽ ميون ۽ انهن جي سبزيءَ ۽ شادابيءَ خواهہ بکر ۽ سيوهڻ جي خربوزن جي بهتريءَ ۽ افراط ۾ سنڌ جي باشندن پنهنجي پنهنجي وت ۽ وس آهر باوجود پريشان حاليءَ ۽ زبون روزگاريءَ جي بہ وڏا وس پيي ڪيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ خود خاندان اميرخانيءَ جو بہ وڏو هٿ هو. جن پنهنجي ذاتي خوش ذوقيءَ سبب انهيءَ ڏس ۾ هرڪا ڪوشش ڪئي.

ڪراچي، - حسام الدين راشدي

19 - آڪٽوبر 1961ع

8 - جمادي الاول 1371 هہ

---

[1] رقعات 2/4.

# اضافو

ڪتاب جو هيءَ آخري صفحو ڇپجي رهيو هو، جو مون کي سيد مير محمد بلگراميءَ جو تاليف ٿيل ڪتاب ”تبصره الناظرين“، پنهنجي مشفق دوست سيد وصي احمد بلگراميءَ جي ذريعي ميسر ٿيو. خوش قسمتيءَ سبب ڪتاب ۾ خاندان اميرخانيءَ متعلق ڪجهه وڌيڪ معلومات ملي، جنهن کي هيٺ پيش ڪريان ٿو:

## شيخ عبدالعزيز ۽ سيوهڻ

صفحي 278 - 279 تي شيخ موصوف جو ذڪر ڪندي اسان ڏيکاريو آهي، تہ هن پنهنجو سرڪاري منصب پنهنجي هڪ عزيز کي ڏياري. پاڻ هندستان وڃي، پنهنجي لاءِ محمد شاهي دربار مان سيوهڻ جي بخشيگريءَ ۽ وقايع نويسيءَ جي سند وٺي آيو.

دراصل سيوهڻ جي بخشيگريءَ خواهہ وقايع نويسي انهيءَ زماني ۾ بکر جي وقايع نويسيءَ سميت مير عبدالجليل بلگراميءَ جو فرزند سيد مير محمد جي سر هئي، جيڪو صاحب خانگي ڪاروبار جي سلسلي ۾ مير غلام علي ”آزاد“ کي بلگرامي مان گهرائي [1]، سيوهڻ ۾ ڪيس پنهنجو نائب مقرر ڪري، پاڻ 2 تاريخ شوال المڪرم، 1143 هہ جو پنهنجو وطن بلگرام هليو ويو هو.[2] سندس انهيءَ عارضي غير حاضريءَ جو فائدو وٺي شيخ عبدالعزيز دهليءَ پهتو ۽ دربار ۾ رسائي حاصل ڪري، پنهنجي لاءِ سيوهڻ جي بخشيگريءَ ۽ وقايع نويسيءَ جو پروانو حاصل ڪري آيو. سيد مير محمد پنهنجي روزمانچہ ”تبصرة الناظرين“ ۾ 1143 هہ جي وقايع ۾ لکي ٿو تہ:

”همدرين سال خدمت بخشيگري و وقايع نويسي سرڪار سيوستان،

---

(1) ربيع الاول جي نائين تاريخ بروز شنبہ 1143هہ. مير غلام علي سيوهڻ پهتو: ربيع الاول و شنبہ نهم بود ڪہ گرديدم بسيوستان دل آسود (تبصره الناظرين، ص. 62)

(2) ”تبصره الناظرين“ 162 - 17 جمادي الاخر جو سيوهڻ مان روانو ٿيو هو.

از تغير راقم الحروف، بہ عبدالعزيز نامي تتوي مقرر گرديد [1]"

سيد محمد بلگرامي وطن مان ڪم ڪار پورو ڪري سن 1144 هہ جي 17 تاريخ ربيع الاول جو بلگرام کان دهليءَ آيو، جتي نواب امين الدولہ جي ڪوشش سان ڪيس دوباره سيوهڻ جي وقايع نويسي ۽ بخشيگري ملي، لکي ٿو:

"درين سال (1144 هہ) هفتدم ربيع الآخر مؤلف اين رسالہ ... از وطن بر آمده ... بحضرة دهلي رسيده ملازمت نواب عالي جناب امين الدولہ بهادر دريافتہ. بوسيلہ جميلہ ايشان ... خدمت بخشيگري و وقايع نگاري سرڪار سيوستان بدستور سابق بنام خود بحال ڪرد. و بتاريخ دوم شهر رجب المرجب مجدو سند خدمت نوشتہ شد- و الحمدالله علي ذالڪ ...[2]

يعني اهو نئون آرڊر 2 تاريخ رجب، 1144 هہ جو صادر ٿيو. ۽ سال جا باقي مهينا سيد مير محمد بلگرامي، نواب امين الدولہ جي خدمت ۾ بسر ڪري، 1145 هہ ۾ 25 تاريخ رمضان جي موٽي اچي سيوهڻ پهتو ۽ شيخ عبدالعزيز کان اچي چارج ڇڏايائين:

"درين سال (1145) راقم الحروف بعد ازان ڪہ خدمت بخشگيري و وقايع نگاري سرڪار سيوستان تابع صوبہ ملتان [3]، بنام خود از حضور انور بحال و مقرر نمودو مطلب مافي الضمير ميسر پذير گشت، اهلخانہ خود را از وطن طبلداشتہ بتاريخ هفتدهم شهر جمادي الاوليٰ از دارالخافہ شاه جهان آباد، بعزم ولايت سند بر آمده، بعد

---

[1] "تبصره الناظرين" ص. 162- هي ڪتاب مير سيد محمد بلگراميءَ پنهنجي دور جي چشم ديد حالات تي لکيو آهي- هر سال جا واقعات سال جي تحت ڏنا اٿس. ڪتاب 1101 هہ کان يعني پنهنجي تولد جي سال کان شروع (ولادت 14 ربيع الاول سہ شنبہ 1101 هہ) ڪيو اٿائين. شفيق محترم سيد وصي احمد بلگراميءَ جو ذاتي نسخو منهنجي پيش نظر آهي جيڪو 1158هہ جي ابتدا تائين آهي. پيش نظر نسخو ڪاتب جي اوچتي فوت ٿي وڃڻ سبب پورو نہ ٿي سگهيو- اصل ڪتاب غالب گمان آهي تہ سيد موصوف پنهنجي انتقال واري سال تي ختم ڪيو هوندو- ڪتاب عالمگير جي آخري 17 سالن کان وٺي محمد شاهي دور تائين جي عجيب و غريب تاريخي، علمي، ادبي ۽ تمدني واقعات ۽ معلومات تي حاوي آهي.

[2] تبصره ص. 169.

[3] انهيءَ مان ظاهر آهي تہ سيوهڻ ۽ بکر جا صوبا، ملتان ۾ مغل گورنر جي نگرانيءَ ۽ ماتحتيءَ هيٺ هئا.

طي مراحل و قطع منازل، مع مردم وطن و قبايل، بخير و عافيت با حسن احوال با جان و مال بتاريخ بيست و پنجم شهر رمضان المبارڪ روز پنجشنبہ بلده سيوستان رسيده سرگرم ڪار بادشاهي گرديد".

پنهنجي رقيب لاءِ لکي ٿو تہ:-

"و مخالف ڪہ سند خدمت بنام خود حاصل ڪرده بود، حيران و سراسيمہ و پشيمان شد و دخل نيافت - و الحمدالله علي ذالڪ" [1].

## مير امين الدين خان

**عالمگير جي وفات جي تاريخ:** "تبصرة الناظرين" جي مؤلف لکيو آهي تہ: عالمگير احمد نگر مان هندستان وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو هو جو بيمار ٿي پيو. احمد نگر جي شهر جي انهيءَ وقت پاڻ ٿي "ختم السفر" نالو رکيو هئائين. بيماري وڌندي ويئي ۽ 27 ذي القعد، جمع ڏينهن 1118 هہ جو، ڏينهن جي هڪ گهڙيءَ گذرڻ بعد، پيانوي ورهين جي عمر ۾ اتي ئي انتقال ڪيائين.

مير امين الدين خان امير خانيءَ [2] بادشاهہ جي وفات تي تاريخ چئي - "دخل الجنہ" — جنهن لاءِ مير سيد محمد "تبصرة الناظرين" ۾ لکي ٿو:

"اگرچہ تاي جنت در ترڪيب عربي هاي هوز اعتبار نمايدند، و پنج عدد شمار ڪنند، و اما العزيز چهار صد گرفتہ" [3]

مير امين الدين خان جي پنهنجي وصال جي تاريخ، جيئن اسان صفحي 170 تي لکي آيا آهيون، لفظ — يد خل الجنہ — مان نڪري ٿي.

1127 هہ

**سڪر جي فوجداري:** صفحي 281 تي اسان لکي آيا آهيون، تہ مير موصوف کي ٺٽي مان تبديل ڪري، 14- 1115 هہ ڌاري، خانپور جي نيابت ڏني ويئي. "تبصرة الناظرين" مان سال 1120 هہ جي واقعات تحت معلوم ٿئي ٿو تہ: مير انهيءَ سال ۾ بکر سرڪار جو فوجدار هو، جنهن مان پائنجي ٿو تہ 14-

[1] "تبصرة الناظرين" ص. 172.
[2] ڏسو صفحو 230.
[3] "تبصرة الناظرين" ص. 53.

1115 ھ ڌاري امين الدين خان ننتي مان بدلي تي بکر جو فوجدار تي آيو. ۽ انهيءَ ئي زماني ۾ خانپور جي نيابت بہ سندس سپرد ٿي. ۽ 1120 ھ تائين بکر ۾ انهيءَ عهدي تي برقرار هو.

**سکر ۾ مسجد:** مذڪوره سال جي واقعات مان معلوم ٿئي ٿو تہ امير امين الدين، سکر شهر ۾، مٿي ذڪر ڪيل سال ۾، هڪ عاليشان مسجد نهرائي. جنهن لاءِ مير محمد بلگرامي لکي ٿو تہ:

"و همدرين سال (1120 ھ) خان ذيشان امين الدين خان فوجدار سرڪار بهکر — ڪہ از ابناءُ امير خان تتوي بود — در عهد فوجداري خود، در قصبہ سکر ڪہ آنروئي آب از قلعہ بهکر است، مسجد عالي عمارت نمود. چنانچہ مير صاحب و قبل جاودان تاريخ تعمير چنين فرموده اند".

مير عبدالجليل بلگرامي جيڪو انهيءَ وقت بکر ۾ سيوهڻ ۾ وقايع نويسيءَ ۽ بخشيگريءَ تي فائز هو. مٿي ذڪر ڪيل تاريخ هيٺينءَ ريت چئي:

| | |
|---|---|
| خان ذيشان امين الدين خان. | ذڪر فيضش بزبانها مذڪور. |
| در رخش نور نبي گشتہ عيان. | در ڪفش جود علي ڪرده ظهور. |
| سينہ اش مخزن اسرار ازل. | شمع فانوس دلش لمعہءُ طور. |
| مسجدي ڪرده بنا در سکر. | پاڪ تر از دل ارباب حضور. |
| خانہ دين خود، آباد نمود. | سعي او پيش خدا شد مشڪور. |
| سکهر از نسبت اين مسجد شد. | بلده طيبہءُ رب غفور. |
| خبذا مسجد فرخنده بنا. | در و ديوار وي آئينہ نور. |
| از دمِ صبح بر آمد پہ پہ. | بر گچِ او چو نظر ڪرد از دور. |
| سي سزد، گر پئي جارويش، چرخ. | دستہ بندد ز سر ڪاڪل حور. |
| باهم آغوش مصلاش شده است. | سجده در جبهہ ڪند رقص سرور. |

سال تاريخ چنين گفت خرد.
مهبطِ نور چو بيت المعمور [1]

1120 ھ

**امين الدين خان ۽ مير عبدالجليل بلگرامي:** جنهن دور ۾ امين الدين

[1] "تبصرة الناظرين" ص. 61 - 62.

خان بکر جو فوجدار هو، اهوئي وقت هو جڏهن بکر ۽ سيوهڻ جي بخشيگري ۽ وقايع نويسيءَ تي علامہ مير سيد عبدالجليل بلگرامي دهلي سرڪار مان مقرر ٿي آيو (بکر مان آمد 24 رجب، 1117 ھ). مير عبدالجليل ۽ مير امين الدين خان امير خانيءَ جا باهمي تعلقات تمام گهرا ٿي ويا، ۽ پاڻ ۾ يگانگت پيدا ٿي پئي. مير عبدالجليل جي فرزند، سيد مير محمد، پنهنجي والد ڏي لکيو تہ بکر مان ڏانهس ڪو مفيد سرمو وٺي موڪلي. مير صاحب ذاتي تعلقات جي بناءِ تي پٽ جو اهو جنسي خط (خان صاحب مهربان فيض رسان) مير امين الدين خان جي حوالي ڪيو، جنهن نہ فقط (از راه اخلاص) پنهنجو طرفان نفيس سرمو مير سيد محمد ڏانهن موڪلي ڏنو، بلڪ پنهنجي طرفان هڪ ڪمان (حلقہٴ ڪمان) بہ سوکڙيءَ طور ڏانهس ڏياري موڪلي. مير عبدالجليل انهن شين سان گڏ پٽ ڏانهن پنهنجي طرفان "شرح ملا" جو هڪ نفيس نسخو پڻ موڪليو. اهي سڀ سوکڙيون فريد نالي مير عبدالجليل جو ملازم کڻي بلگرام روانو ٿيو.

مير امين الدين جي سرمي جون خوبيون ۽ خصوصيتون جيڪي بيان ڪيون ويون آهن، سي هي آهن: ماتا جي بيماريءَ سبب اک ۾ پيل ڦلن کي دور ڪري ڇڏيندو هو، اکين جي نور کي اوجر ڏيندڙ هو، ۽ تقريباً اکين جي سڀني بيمارين لاءِ مفيد هو.[1]

آشيانہ ادب ڳڙهي ياسين، — **حسام الدين راشدي**

20 - ڊسمبر، 1961ع

---

[1] "مڪاتب عبدالجليل"

# ماخذ

هن تذڪري جي سلسلي ۾ منهنجي نظر مان اڪيچار ڪتاب گذريا آهن، ۽ ڪوشش ڪئي اٿم تہ هن خاندان لاءِ جتان بہ مواد ملي ان کي يڪجاءِ ڪريان. ڪيترن ڪتابن جا نالا حاشين ۾ ڏنا ويا آهن، جيڪي خاص ڪتاب هن موضوع تي ڪار آمد ثيا، انهن جي فهرست هتي ڏيان ٿو:


| | | |
|---|---|---|
| (1) تحفة الڪرام | مير علي شير قانع | مطبوعہ ۽ قلمي |
| (2) مقالات الشعراء | مير علي شير قانع | قلمي |
| (3) مظهر شاهہ جهاني | يوسف ميرڪ | قلمي |
| (4) ذخيرة الخوانين | شيخ فريدي بڪري | قلمي |
| (5) اڪبر نامہ | ابوالفضل | مطب وعہ، ڪلڪتو |
| (6) طبقات اڪبري | خواجہ نظام الدين بخشي | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (7) ماثرالامراء | شاهنواز خان | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (8) ماثر رحيمي | ملا عبدالباقي نهاوندي | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (9) منتخب التواريخ | ملا عبدالقادر بدايوني | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (10) منتخب اللباب | خافي خان | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (11) بادشاهہ نامہ | عبدالحميد لاهوري | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (12) اقبال نامہ جهانگيري | معتمد خان | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (13) آئين اڪبري (انگريزي ترجمو)- | بلاخمن | مطبوعہ، ڪلڪتو |
| (14) تزڪ جهانگيري | نولڪشور | لکنو |
| (15) رقعات عالمگيري | مرتب: نجيب اشرف | اعظم ڳڙهہ |
| (16) انٽي ڪوئيٽيز آف سنڌ مسٽر ڪزنس | | دهلي |
| (17) ڪيٽلاگ برٽش ميوزم چارلس ريو | | لندن |
| (18) ڪيٽلاگ انديا آفيس ايٿي | | لندن |
| (19) ڪيٽلاگ بانڪي پور مراة العلوم جلد - 1 | | |
| (20) اورينٽل ڪاليج ميگزن، مولوي محمد شفيع | | لاهور، آگست 1937ع |
| (21) لُب تاريخ سنڌ | خداداد خان | امرتسر |

(22) قديم سنڌ — ميرزا قليچ بيگ — حيدرآباد
(23) سنڌ جا ستارا — ميرزا قليچ بيگ — حيدرآباد
(24) فرامين جو ڪتاب — ملڪ قاضي علي محمد — قلمي
(25) مختلف بياض — سنڌي ادبي بورڊ — قلمي
(26) آرڪيولاجيڪل سروي آف ويسٽرن انديا نمبر - 8 بمبئي 1879ع
(27) Sindh as a Field for the Naturalist and Antiquarian By H. E. M. James. Karachi 1893.
(28) تبصرة الناظرين — مير محمد بلگرامي — خطي

# واڈارا

**غلام محمد لاکو**

سنڌ جي نامور محقق ۽ تاريخدان سيد حسام الدين راشدي صاحب جو ڪتاب "تذڪره امير خاني" پهريون پيرو، سنڌي ادبي بورڊ سال 1961ع ۾ شايع ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هڪ سياسي، علمي ۽ ادبي گهراڻي جي ٽن صدين جي سرگرمين جو احاطو ڪيو ويو آهي. امير خاني گهراڻو، مغل ۽ ڪلهوڙا دور ۾ سنڌ اندر متحرڪ رهيو ۽ مختلف حوالن سان پنهنجا اڻ مٽ يادگار قائم ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو. راشدي صاحب جي هن علمي پورهيي ذريعي، سنڌ جي اتهاس، علم ۽ تمدن جا ڪيئي باب نروار ٿي بيٺا. علم ۽ تحقيق جي دنيا جو ڪوبہ ڇيهہ ڪونهي. هر ايندڙ ڏينهن تي ملندڙ نئين ڄاڻ، گذريل وقت ۾ قائم ڪيل راين، نتيجن ۽ دريافتن ۾ واڌارو ڪندي رهي ٿي، يا وري ماضيءَ ۾ طئہ ڪيل ڪجهہ ڳالهين ڪي رد ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي. هي ڪتاب "تذڪره امير خاني" چاليهن سالن جي بہ ڪجهہ وڌيڪ وقت کان پوءِ بيهر ڇپجي رهيو آهي. پهرين اشاعت کان پوءِ، امير خاني ساداتن جي باري ۾ عام طرح سان ۽ خاص ڪري هن خانوادي جي علمي خدمتن بابت ڪجهہ وڌيڪ معلومات مهيا ٿي آهي. ان کان سواءِ ڪجهہ تصنيفون شايع ٿي منظر تي پڻ آيون آهن. ان پس منظر ۾ سيد حسام الدين راشديءَ جي تحقيق ۽ علمي ڪاوش (تذڪره امير خاني) جي پختگي ۽ اهميت اجا بہ وڌي وئي آهي. اسين هيٺ امير خانين جي باري ۾ ٿيل نون مطالعن، واڌارن ۽ اشاعتن کي مختصر طرح سان نروار ڪنداسين.

## مير ابوالقاسم نمڪين:

خاندان جو پهريون فرد جو بيجڪ (سبزوار) سان تعلق رکندڙ هو ۽ نندي ڪنڊ طرف لڏ پلاڻ ڪري آيو. ابتدا ۾ اڪبر جي ڀاءُ ميرزا محمد حڪيم وٽ ڪابل ۾ ملازم هو. بعد ۾ هندستان آيو ۽ اڪبر جي ملازمت اختيار ڪيائين. مختلف ماڳن تي نوڪري ڪيائين. ان ريت بکر ۽ سيوهڻ ۾ بہ ڪجھ عرصو منتظم ٿي رهيو. بکر کي اختياري وطن بنائي اتي رهيو. سن 1018هہ يا 1019هہ ۾ فوت ٿيو ۽ روهڙيءَ ۾ "ستين جو ٿان" نالي قبرستان ۾ دفن ٿيو. هيءُ قبرستان اڄ بہ سُٺي حالت ۾ موجود آهي.

1- منشئات النمڪين: مير صاحب گوناگون سياسي مصروفيات جي باوجود بہ. اهل علم ۽ اهل قلم انسان ٿي گذريو. هن ڪتاب ۾ خط (انشاء) ڏنل آهن. خطن جو هيءُ مجموعو 1006هہ / 1598ع ۾ مڪمل ٿيو ۽ اڪبر بادشاهہ جي نالي منسوب ڪيو ويو. راشدي صاحب انڊيا آفيس ۾ موجود هڪ نسخي جي آڌار تي "منشئات النمڪين" جو تعارف پيش ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب اجا نہ ڇپيو آهي. البت موجودہ دور ۾ هن ڪتاب جي هڪ ٻئي نسخي جو پتو پيو آهي، جو علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ جي لٽن ذخيري (نمبر 27-26 / 3) ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر مؤمن محي الدين ۽ ڊاڪٽر محمد سليم اختر، خطن جي هن املهہ مجموعي توڙي مصنف جي باري ۾، پنهنجا تحقيقي اپياس شايع ڪيا آهن.[1]

2- جوامع الجواهر: مير ابوالقاسم جي هي ٻي تصنيف آهي، جنهن جو محققن ويجهڙائيءَ ۾ پتو لڳايو آهي. ڪتاب متعلق گهڻي ڄاڻ نہ ٿي ملي. پاڻ ڪي صرف هيءُ خبر آهي، تہ هن تصنيف جو تعلق اسلامي فلسفي سان آهي. تحرير جو سال بہ معلوم ڪونهي. هيءُ ڪتاب مرزا غازي بيگ ترخان (وفات: 1021هہ) جي نالي منسوب ڪيو ويو آهي. مير نمڪين جي هن ڪتاب کي، مؤمن محي الدين تلاش ڪيو ۽ علمي دنيا جي ڌيان تي آندو.[2] هن ڪتاب جو واحد قلمي نسخو بوڊلين لئبريريءَ ۾ موجود آهي.

## تاريخ مظهر شاهجهاني:

هيءُ ڪتاب يوسف ميرڪ (ولد مير ابوالقاسم) سن 1044هہ / 1634ع ۾ تيار ڪيو. هن ڪتاب ذريعي ابوالقاسم نمڪين ۽ سندس پٽ مير ابوالبقا امير خان جي باري ۾ گهڻي معلومات ملي ٿي. راشدي صاحب کي "تذڪره امير خاني" جي تڪميل ۾ هن ڪتاب گهڻي مدد ڪئي. ڪتاب ٻن حصن ۾ آهي. پهريون حصو نظام الملڪ جي "سياست نامہ" جي طرز تي لکيل آهي.

---

[1] i- دي چانسيلري اينڊ پرشين ايپسٽولوگرافي انڊر دي مغلز، ص173-178، ايران سوسائٽي ڪلڪتو، 1971ع.

ii- مير ابوالقاسم نمڪين: اي ڪرائيٽڪ آف هزڪيريئر اينڊ اچيومينٽس، پاڪستان جرنل آف هسٽري اينڊ ڪلچر، اسلام آباد، جنوري - جون 1984ع.

[2] دي چانسيلري اينڊ پرشين ايپسٽولوگرافي انڊر دي مغلز، ص 173

جڏهن تہ ٻئي حصي جو تعلق سنڌ جي تاريخ سان آهي. هيءُ حصو سنڌ جي اتهاس جي حوالي سان خاص اهميت رکي ٿو. سيد حسام الدين راشدي هن ڪتاب جي ٻئي حصي کي ايڊٽ ڪري، مفيد تعليقات ۽ طويل مقدمي سان سينگاري "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي نالي سان، سنڌي ادبي بورڊ ذريعي سال 1962ع ۾ نروار ڪيو. نياز همايوني مرحوم جو سنڌي ترجمو سال 1979ع ۾، ساڳئي اداري پاران ڇپجي ظاهر ٿيو. ڊاڪٽر محمد سليم اختر ان جو انگريزي ترجمو "سنڌ انڊر دي مغلز" جي نالي سان تيار ڪيو. هيءُ ترجمو ڪراچي ۽ اسلام آباد مان سال 1990ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب کي هن علمي ڪم جي تڪميل واسطي، پير صاحب جي ڪتاب "تذڪره امير خاني" گهڻي رهنمائي ڪئي.

## رقائم ڪرائم:

راشدي صاحب "تذڪره امير خاني" ۾ اورنگزيب جي مصاحب، مير عبدالڪريم جي خطن جي هن مجموعي جو ذڪر ڪيو آهي. اهي خط مير صاحب جي پٽ سيد اشرف خان "رقائم ڪرائم" جي نالي سان مرتب ڪيا. سال 1961ع تائين هن ڪتاب جا معلوم نسخا هن ريت هئا:

- ٻہ نسخا- برٽش ميوزم.
- چار نسخا - انڊيا آفيس لئبريري.
- هڪ نسخو - بوڊين لئبريري[1]
- ٻہ نسخا - نيشنل ميوزم ڪراچي.

پوين ٻن نسخن جي آڌار تي راشدي صاحب، خطن جي هن نادر مجموعي بابت گفتگو ڪئي هئي. بعد ۾ وڌيڪ ڇهن نسخن جو پتو پيو، جي سڀ هندستان ۾ آهن. تفصيل ڪجهه هن طرح آهي:

- خدا بخش لئبريري پٽنا، هيءُ نسخو خراب حالت ۾ آهي.
- مولانا آزاد لئبريري، مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ، ڪتابت 1120هہ/1708ع.

---

[1] بوڊين ڇاپي جي غلطي آهي. درست بوڊلين آهي جيڪو، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني جو نالو آهي. هن ڪتبخاني ۾ مشرقي بولين جي ڪتابن جو ججهو قلمي ذخيرو موجود آهي (فتح الله صديقي: "سنڌي انسائيڪلوپيڊيا" جلد: 1، ص4-1053، سيوهڻ، 2005ع).

❖ انڊين نيشنل آرڪائيوز نيو دهلي، ڪتابت 1153هه/1740ع.
❖ نيشنل ميوزم دهلي، ڪتابت 1253هه/1837ع.

هنن نسخن جو ذڪر جامعه مليه دهليءَ جي شعبي تاريخ جي پروفيسر سيد محمد عزيز الدين حسين ڪيو آهي. پروفيسر عزيز الدين صاحب ٻن نسخن (ٻيو ۽ ٽيون) جي آڌار تي "رقائم ڪرائم" جو متن تيار ڪيو. ان کان علاوه خطن جو انگريزي زبان ۾ مختصر وچور بہ ڏنو اٿس. عزيز الدين حسين هن مجموعي ۾ ڪل 137 خطن کي مرتب ڪري پيش ڪيو آهي. سيد اشرف خان پاران سهيڙيل خطن جو هيءُ مجموعو "رقائم ڪرائم" اداره ادبيات دهلي پاران 1990ع ۾ ڇپيو آهي. مختصر تعارف ۾ پروفيسر صاحب نہ تہ مير عبدالڪريم بابت ڪجهہ لکيو آهي ۽ نہ وري سيد اشرف جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي سگهيو آهي. راشدي مرحوم جو خيال هو تہ "رقائم ڪرائم" سن 1154هه ۾ مرتب ڪيو ويو. جڏهن تہ علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ ۾ موجود نسخو، تصديق ڪري ٿو تہ شاهي خطن جو هيءَ مجموعو سن 1120هه ۾ يا ان کان ٿورو اڳ وجود ۾ اچي چڪو هو.

## مير ابوالمڪارم شهود:

مير ابوالبقا امير خان جو پٽ هو. جيتوڻيڪ علم ۽ حلم وارو انسان ٿي گذريو. تاهم سنڌين خلاف پنهنجي پاءُ مير ضياءُ الدين يوسف سان گڏ لشڪر ڪشي ڪيائين. مير شهود سيوهڻ ۾ سن 1073هه ۾ فوت ٿيو. هن فارسي زبان ۾ بہ مثنويون لکيون:

1- مثنوي بديع الجمال وسيف الملوڪ: هيءَ مثنوي مڪمل نہ ٿي سگهي.
2- مثنوي پري خانہ سليمان: هيءَ مثنوي 1060هه ۾ لکجي پوري ٿي.

هن مثنويءَ جو هڪ ناقص نسخو، راشدي صاحب جي مطالعي ۾ رهيو. ان جي بنياد تي پاڻ مير شهود جي شعري سرمايي تي راءِ ڏني اٿن. تازي دور ۾ ڊاڪٽر طاهره صديقي صاحبہ پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ هن مثنويءَ تي ادبي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي.[1]

---

[1] داستانسرايي فارسي در شبه قاره در دوره تيموريان، ص 70 - 73، مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان، اسلام آباد 1999ع.

## مير امين الدين خان حسين:

مير ابوالمڪارم شهود جو پٽ ۽ مير ابوالبقا امير خان جو پوٽو هو. امين الدين خان مختلف عهدن تي رهيو، جنهن ۾ ٺٽي جي گورنري بہ شامل آهي. پاڻ سن 1127ھ ۾ فوت ٿيو. سندس قبر اميرخاني گورستان مڪليءَ ۾ آهي. مير صاحب ٻہ ڪتاب لکيا:

1- رشحات الفنون: هيءَ ڪتاب 1123ھ ۾ مڪمل ٿيو. راشدي مرحوم "تذڪره امير خاني" ۾، خدا بخش لئبريري پٽنا ۾ موجود هڪ نسخي جو ذڪر ڪيو آهي. راشدي صاحب، برٽش ميوزم ۾ اليٽ جي فائيلن جي مدد سان، هن ڪتاب جي مطالب ۽ عنوانن جو هڪ خاڪو ڏنو آهي. امين الدين خان جو هيءُ ڪتاب هڪ مختصر انسائيڪلوپيڊيا آهي، جنهن ۾ سورهن علمن تي بحث ڪيو ويو آهي. تازي دور ۾ رشحات جي وڌيڪ چئن قلمي نسخن جو پتو پيو آهي.

❖ ملا فيروز لئبريري بمبئي، ڪتابت 1265ھ.

❖ ڪتابخانہ دانشڪده ادبيات وعلوم انساني، دانشگاه تهران ڪتابت سن 1258ھ.

❖ ڪتابخانہ مجلس تهران، ڪتابت جو سال لکيل ڪونهي.

❖ ڪتبخانہ عارف نوشاهي، اسلام آباد، جنهن تي 1273 ھ جي مُهر لڳل آهي.[1]

هيءُ ڪتاب اڃا نہ ڇپيو آهي. البت ڪجهہ سال اڳ هڪ ايراني خاتون نادره سليماني، ڪنهن تعليمي مقصد لاءِ ان کي مرتب ڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو خانم نادره جي ڪاوش اڃا نہ ڇپي آهي.[2] خانم سليمانيءَ جو تعلق دانشگاه تهران جي مرڪزي ڪتبخاني سان هو. ڊاڪٽر نوشاهي هن ڪتاب کي هڪ عامي تاليف سڏيو آهي.

2- معلومات الآفاق: راشدي صاحب جي خيال ۾ هي ڪتاب جاگرافيءَ تي آهي. جڏهن تہ بين لکندڙن "معلومات الافاق" کي بہ هڪ مختصر

---

[1] ڊاڪٽر عارف نوشاهي صاحب، پنهنجي هڪ مقالي ۾ "رشحات الفنون" جي قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو آهي (فڪر و نظر، جولاءِ - سيپٽمبر 2001ع، اسلام آباد).

[2] ڊاڪٽر عارف نوشاهيءَ جو مقالو (حوالو مٿي ڏنل).

انسائيڪلوپيڊيا سڏيو آهي. سيد حسام الدين راشدي مرحوم ”تذڪره امير خاني“ ۾، اليٽ جي فائيلن ۾ موجود نوٽس جي آڌار تي، هن ڪتاب جو وچور ڏنو هو. ان دور تائين امين الدين خان جي هن ڪتاب جي ڪنهن بہ نسخي جو پتو نہ پيو هو. امڪان آهي تہ مير صاحب هيءَ ڪتاب سن 1118هہ ۽ 1127هہ جي وچ واري عرصي ۾ لکيو هوندو.

تذڪره امير خاني، جي اشاعت کان ڏهہ سال پوءِ، خود راشدي صاحب ”معلومات الآفاق“ بابت نئين ڄاڻ نروار ڪئي. پنجاب يونيورسٽي لئبريريءَ ۾ ”معلومات الآفاق“ جو سن 1127هہ جو لکيل هڪ نسخو موجود آهي. هيءُ نسخو نٿي جي محمد صالح جو ڪتابت ڪيل آهي، جنهن ۾ هڪ سؤ تصويرون بہ آهن. ان کان علاوه هي ڪتاب بہ پيرا مطبع نولڪشور لکنو مان، ترتيب وار 1287هہ/1870ع ۽ 1290هہ/1873ع ۾ باتصوير ڇپجي چڪو آهي.[1]

مسجد امين الدين خان روهڙي: نٽي جي صوبيداري کان علاوه، مير امين الدين خان روهڙي، بکر، سکر ۽ خانپور ۾ بہ مختلف عهدن تي رهيو. هن سن 1120هہ ۾ سکر ۾ هڪ مسجد تعمير ڪرائي، جنهن جو ذڪر ”تذڪره امير خاني“ ۾ اچي ويو آهي. مسجد جا آثار هن وقت موجود نہ آهن. ليڪن بعد ۾ خود راشدي صاحب، روهڙي شهر ۾ مسجد امين الدين خان کي ڳولي لڌو. هيءَ مسجد سن 1102هہ ۾ تعمير ٿي. راشدي صاحب 28 مارچ 1970ع تي روهڙي ويو. پاڻ مسجد جو معائنو ڪيائين، ڪتبا نوٽ ڪري، مسجد ۽ ڪتبن جا فوٽو ڪڍيائين. تذڪره امير خاني جي اشاعت کان پوءِ، هن خانوادي جي تعميري ڪارنامن جي حوالي سان، هي هڪ اهم دريافت ٿئي سگهجي ٿي. ان ريت آخري مغل دور ۾ امين الدين خان جي وڏيڪ سرگرم ڪردار جي ڄاڻ ملي ٿي. هيٺ اسين مسجد امين الدين خان جا ڪتبا ڏئي رهيا آهيون، تہ جيئن عنوان تي ڪم ڪندڙن لاءِ مواد هڪ جاءِ تي محفوظ ٿي وڃي:

مسجد ۾ داخل ٿيڻ واري دروازي جي مٿان وارو ڪتبو:

(1)

(1) در زمان شاه عالمگير غازي ظل حق

---

[1] تحفة الڪرام، ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، حاشيو، ص 346، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1971ع.

(2) خان عاليشان امين الدين حسين حق شناس
(3) يافت توفيق بناي جامع عالي، كه هست
(4) در علو منزلت بالا تر از درک قياس
(5) سجده گاه حق پرستان معبد قدوسيان
(6) كز فضاي آن، دل مومن كند فيض اقتباس
(7) سال تاريخ بنايش را، چو جستم از خرد
(8) هاتفم گفتا: بنا شد مسجدي تقوي اساس

1102هه

ساڳئي دروازي جي اندران موجود ڪتبو:

(2)

(1) مائيم اميدوار از رحمت تو
(2) اي لطف تو بي نياز از طاعت ما

مسجد جي مهاڙيءَ تي موجود ٽي ڪتبا:

(3)

(1) شاه همه انبياء مرسل احمد فخر همه اصفياء اکمل احمد
(2) چرخ و مه و مهر و آدم و جن و ملک اينها همه آخرند و اول احمد

(4)

افضل الذكر لا اله الاالله محمد رسول الله

(5)

(1) محبوب خدا و خواجه هر دو سرا در روز جزا پادشه حمد لوا
(2) خاشاک رهش طرهٔ فرق خورشيد شد جملهٔ انبيا بطفيلش پيدا.[1]


[1] تحفة الكرام، سيد حسام الدين راشدي، حاشيا، ص 349 - 350.

# Bibliography


(1) Dr. Momin Mohiuddin :"The Chancellery and Persian Epistolography under the Mughuls, Iran Society Calcutta, 1971.
(2) Momin Mohiuddin: "Munsha'at Al-Namakin- A unique collection of historical documents", Journal of Pakistan Historical Society, Karachi, April 1960.
(3) Muhammad Saleem Akhtar: "Mir Abu -al- Qasim Namakin- A critique of his career and achievements", Pakistan Journal of History and Culture", Islamabad, January - June, 1984.
(4) Muhammad Saleem Akhter: "The contribution of Sindh in the development of historical epistolography", Pakistan Journal of History and Culture, Islamabad, January - June, 1986.
(5) Muhammad Saleem Akhter: "Sind under the Mughals" (N.I.H.C.R), Islamabad and Department of Culture, Government of Sindh, Karachi, 1990.

(6) مير علي شير قانع: "تحفة الڪرام" ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. سال 1971ع.
(7) سيد اشرف خان حسيني: "رقائم ڪرائم" مرتب: سيد محمد عزيز الدين حسين، اداره ادبيات دهلي 1990ع.
(8) ڊاڪٽر طاهره صديقي: "داستانسرايي فارسي در شبه قاره در دوره تيموريان"، مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان، اسلام آباد 1999ع.
(9) ڊاڪٽر عارف نوشاهي: "سکهر کي ايک تاريخي مسجد کي باني مير امين الدين هروي تتوي کي فارسي خدمات" مجله "فکر و نظر" جولائي - ستمبر، اسلام آباد 2001ع.
(10) ساڳيو مضمون، مترجم: محمد پنهل ڏهر، رسالو "مهراڻ" نمبر 1-2، سال 2002ع.
(11) غلام محمد لاکو: "مطالعو سنڌ جو" سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد 1992ع، ۾ شامل ڊاڪٽر محمد سليم اختر جو مقالو.


[امير خاني سادات جا جوڙايل مڪلي،
سيوهڻ ۽ بکر جا تاريخي يادگار، مقابر ۽
حڪمنامن جون تصويرون ۽ عڪس]





صفۂ صفا: (ستين جو آستان) ڪلمي جو خوبصورت ڪتبو




صفهٔ صفا جو عام نظارو (ڏسو صفحو 214- 216)




صفهٔ صفا جو ڏورانهون نظارو (ڏسو صفحو 214- 216)




صفۀ صفا جو قريبي نظارو: ڏاڪڻ ۽ داخلي دروازو (ڏسو صفحو 214- 216)




صفۀ صفا جي قبرستان جو نقشو (مسٽر ڪزنس جي ڪتاب تان ورتل)





صفهٔ صفا : قبرستان جي قبرن جي نالي وارا نشاندهي




صفہ صفا: قبرن جو نظارو اوڀر ڪان




صفہ صفا: قبرن جو نظارو اولهہ ڪان




صفءُ صفا: قبرن جو مرڪزي تلهو. جنهن تي ابوالقاسم ۽ امير خان وغيره جون قبرون آهن.



صفءُ صفا: مرڪزي تلهي جي قبرن جو قريبي نظارو




صفہ صفا: ابوالقاسم جي مزار جو ڪتبو (ڏسو صفحو 104- 219)



صفهٔ صفا: مرڪزي ٽلهي تي هڪ قبر جو ڪتبو نمبر - 1 (ڏسو صفحو 219)




صفهٔ صفا: مرڪزي ٽلهي ڪان عبدالرحيم جي مزار جو ڪتبو نمبر - 3
(ڏسو صفحو 220)




صفء صفا: مرڪزي تلهي ڪان مير عتيق الله جي مزار
(ڏسو صفحو 220 - 99 - 103)




صفء صفا: مرڪزي تلهي ڪان مير عتيق الله جي مزار جو ڪتبو: سيرانديءَ ڪان اندرين طرف نمبر - 4 (ڏسو صفحو 220 - 99 - 103)




صفء صفا: مرڪزي تلهي ڪان مير عتيق الله پيرانديءَ جو ڪتبو نمبر - 4 (ڏسو صفحو 220 - 99 - 103)



صفۂ صفا: مرڪزي ٺلهي ڪان مير ابوالقاسم نمڪين جي مزار




صفۂ صفا: مرڪزي ٺلهي ڪان مير ابوالقاسم جي مزار جو سيراندي وارو ڪتبو اندر جي طرف نمبر – 6 (ڏسو صفحو 221)




صفۂ صفا: مرڪزي ٺلهي ڪان مير ابوالقاسم جي مزار جي پيرانديءَ جو ڪتبو نمبر – 6 (ڏسو صفحو 221)




صفهٔ صفا: قبرن جي مرڪزي ٽلهي تي مير عبدالرزاق جي مزار جو ڪتبو نمبر - 7 (ڏسو صفحو 221)



صفهٔ صفا: قبرن جي مرڪزي ٽلهي تي مير ابوالبقا امير خان جي مزار جو ڪتبو: سيرانديءَ ڪان اندرئين طرف نمبر - 8 (ڏسو صفحو 222)




صفہٴ صفا: قبرن جي مرڪزي ٽلهي تي مير ابوالبقا امير خان
جي مزار (ڏسو صفحو 222)



صفہٴ صفا: قبرن جي مرڪزي ٽلهي تي مير ابوالبقا جي مزار جي پيرانديءَ
ڪان نقش و نگار (ڏسو صفحو 222)




صفہ ٔ صفا: قبرن جي مرڪزي ٿلهي ڪان هيٺينءَ قبر جو هڪ ڪتبو ...
بي بي خانم ... نمبر - 1 (ڏسو صفحو 222)



صفہ ٔ صفا: جي مرڪزي ٿلهي ڪان هيٺ اوپارين قبرن ۾ عبدالواحد جي
مزار جو ڪتبو نمبر - 4 (ڏسو صفحو 223)



صفء صفا: جي مرڪزي تلهي تي شايد عبدالفتاح جو ڪتبو نمبر - 5 (ڏسو صفحو 223)



صفء صفا: جدا چبوتري تي اولاهين ۽ اترئين ڪنڊ تي مير اسفند يار جي مزار جو ڪتبو نمبر - 1 (ڏسو صفحو 223)




صفءِ صفا: جدا ٿلهي ٽي اتر طرف ميرزا ابوالنصر جو ڪتبو نمبر - 2 (ڏسو صفحو 224 - 53)

(1)"وفات يافت مرحومي مغفوري ميرزا ابونصر بتاريخ شهر ذي الحج 1045 ه




صفءِ صفا: ميرزا محمد صلاح جي مزار جو ڪتبو- ميرزا محمد افضل سان متصل: ڪتبو نمبر - 3 (ڏسو صفحو 224)


(1) "وفات يافت مرحومي مغفوري ميرزا محمد صلاح بتاريخ شهر ذي الحج 1042 ه"




صفہٴ صفا: اوير ۾ اتر جي ڪنڌ تي قبر معدالدين؟ ڪتبو نمبر - 4 (ڏسو صفحو 225)




صفہٴ صفا: محمد افضل ڪتبو نمبر - 3 (ڏسو صفحو 224)




صفہ صفا: ابوالقاسم جي مزار تي أكر جو كم




صفهٔ صفا: قبرن جي پٿر تي اُڪر جو سهڻو ڪم




صفهٔ صفا: قبرن جي پٿر تي اُڪر جو سهڻو ڪم (آيات قرآني)




صفهٔ صفا: قبرن جي پٿر تي اُڪر جو سهٽو ڪم (آيات قرآني)




صفهٔ صفا: قبرن جي پٿر تي اُڪر جو سهٽو ڪم (آيات قرآني)




صفۂ صفا: قبرن جي پٿر تي اُڪر جو سهڻو ڪم (مسٽر ڪزنس جي ڪتاب تان ورتل)



صفہ ؐ صفا: قبرستان جي مٿين مسجد اولهہ طرف (ڏسو صفحو 226)




صفہ ؐ صفا: مجاور جنهن جو ذڪر ديباچي جي ابتدا ۾ ڪيل آهي، جيڪو ڪجهہ ورهيہ اڳ فوت ٿي ويو. (تصوير: 1958ع)




صفهٔ صفا: ٽڪريءَ هيٺان مسجد - جنهن جي ايوان ۾ چند قبرون آهن (ڏسو صفحو 227)




تصوير : مير ابوالبقا امير خان بن مير ابوالقاسم نمکين (ڏسو صفحو 59)




صفءُ صفا: مير ابوالبقا جو پروانو ۽ سندس مهر (1054 ھ) (ڏسو صفحو 105)



سيوهڻ: صفعُوفا ۾ يڪ ٿنڀي (ڏسو صفحو 227)




جامع مسجد ٺٽو: اوڀارين حصي جي مهاڙي - دروازي جو ڪتبو ۽ ٻه تاريخ وارا ڪتبا - ڪتبو نمبر - 1 (ڏسو صفحو 241 - 240)




جامع مسجد ٺٽو: اوڀارين حصي جي ڏکڻ طرف وارو ڪتبو نمبر - 3 (ڏسو صفحو 241)




جامع مسجد ٺٽو: اوڀارين حصي جي ڏکڻ طرف وارو ڪتبو نمبر - 4 (ڏسو صفحو 242 - 239)




جامع مسجد ٺٽو: مير سيد جلال رضوي جي قبر جو ڪتبو (ڏسو صفحو 241 - 240)




جامع مسجد ٺٽو: اوڀارين حصي جي اندر ڪاشيءَ جو جڙاءُ (ڏسو صفحو 240)



جامع مسجد ٺٽو: اوڀارين حصي جي ڇت واري وڏي گنبذ ۾ ڪاشيءَ جو جڙاءُ (ڏسو صفحو 240)




جامع مسجد ٺٽو: اوڀارين حصي جي داخلي دروازي جي پاسن تي ڪاشيءَ
جو ڪم (ڏسو صفحو 240)




جامع مسجد ٺٽو: اولهه واري حصي جي مهاڙيءَ ۽ ان جو ڪتبو (ڏسو صفحو 242 - 243)




جامع مسجد ٺٽو: اولهه واري حصي جي ڪتبي جي پڇاڙي ۽ ڪتبو نويس جو نالو ۽ سال (ڏسو صفحو 243 - 239)




جامع مسجد ٺٽو: اولهہ واري حصي ۾ محراب ۽ هوا جي اچڻ
لاءِ سوراخ (ڏسو صفحو 243)




جامع مسجد ٺٽو: اولهه واري حصي ۾ محراب ۽ محراب جي مٿان وارا ڪتبا ڪاشيءَ جي سرن تي جڙيل (ڏسو صفحو 243)




جامع مسجد ٺٽو: اولھ واري حصي ۾ محراب جو ڪتبو ۽ ان جي مٿان وارو ڪتبو:
ڪتبو نمبر - 6 سٽ نمبر (2) ۽ ابتدا سٽ نمبر (3) (ڏسو صفحو 243)



جامع مسجد ٺٽو: اولهه واري حصي ۾ محراب جو سڄو ڪتبو
نمبر - 7 (ڏسو صفحو 240 - 244)




جامع مسجد ٺٽو: ڏاکڻي طرف جي ونگاين ڪمرن جو سلسلو مڪتب ۽ رهائش لاءِ (ڏسو صفحو 243)



جامع مسجد ٺٽو: اترين طرف جي ڪمرن جو سلسلو (ڏسو صفحو 243)



جامع مسجد ٺٽو: ڏاڪٽي ورانڊي جي ونگ متان لڳل
ڪتبو نمبر - 8 (ڏسو صفحو 244)





جامع مسجد ٺٽو: 1894ع جي مرمت وارو ڪتبو (ڏسو صفحو 246)




جامع مسجد ٺٽو: ڏاکڻي داخلي دروازي مٿان لڳل ڪتبي جو
هڪ حصو نمبر - 9 (ڏسو صفحو 244)




جامع مسجد ٺٽو: ڏاکڻي داخلي دروازي مٿان لڳل ڇربو
ڪتبو نمبر - 9 (ڏسو صفحو 244)




جامع مسجد ٺٽو: مسجد جو فرشي نقشو (مسٽر ڪزنس جي ڪتاب تان ورتل)



مسجد امير خاني ٺٽو: دروازي جي اتر ۽ ڏکڻ جا ڪتبا (ڏسو صفحو 88)




تصوير: مير عبدالڪريم امير خان بن
مير ابوالبقا امير خان (ڏسو صفحو 107 - 141)




مڪلي: مير عبدالڪريم امير خان جي ڪتيل قبر (ڏسو صفحو 151)




مڪلي: مير عبدالڪريم امير خان جي قبر جو ڪتبو - سيرانديءَ کان (ڏسو صفحو 151)





مڪلي: امير خاني گورستان جو نقشو قبرن جي نشاندهيءَ لاءِ (ڏسو صفحو 228)




مڪلي: امير خاني مير امين الدين ۽ مير متين الدين جون قبرون (ڏسو صفحو 160 - 171 - 229)



مڪلي: امير خاني مير امين الدين ۽ مير متين الدين جي قبرن تي اڪر جو ڪم (ڏسو صفحو 160 - 171 - 229)



مڪلي: مير امين الدين جي مزار جو ڪتبو پيرانديءَ کان نمبر - 1 (ڏسو صفحو 229)



مڪلي: مير متين الدين خان جي مزار جو ڪتبو پيرانديءَ کان نمبر - 2 (ڏسو صفحو 171 - 230)



مڪلي: مير متين الدين واري ٿلهي تي مير محمد غوث جو ڪتبو
نمبر - 3 (ڏسو صفحو 175 - 230)




مڪلي: مير محمد گدا جي مزار
جو ڪتبو سيراندي ڪان نمبر - 4
(ڏسو صفحو 177 - 230)



مڪلي: ننڍي ٻار جي قبر جو لوح ۽ ان جو ڪتبو نمبر - 5 (ڏسو صفحو 231)




مڪلي: مير محمد عطا جي مزار جو ڪتبو سيرانديءَ ڪان نمبر- 6 (ڏسو صفحو 178 - 231)




مڪلي: قبرستان امير خانيءَ جي احاطي ۾ هڪ قبر جو ڪتبو نمبر - 8



مڪلي: مير متين الدين جي ٿلهي کان هيٺ اتر طرف قبر جو ڪتبو شايد
مير حافظ الدين جو ڪتبو آهي (ڏسو صفحو 211)




مڪلي: گورستان امير خانيءَ هڪ خوبصورت قبر نمبر - 7 (ڏسو صفحو 151 - 231)




مڪلي: قبر جو ڪتبو - مسٽر ڪزنس ان کي عبدالڪريم امير خان جي قبر سمجهيو آهي: قبر نمبر - 7 (ڏسو صفحو 151 - 231)




مڪلي: گورستان امير خاني جي مسجد تي ڪاشي ڪاريءَ جو ڪم ۽ آيات قرآني خوبصورت خط ۾




مڪلي: گورستان امير خاني مسجد تي ڪاشيءَ جي چٽسالي




مسجد امين الدين خان جو نظارو، روهڙي




مسجد مير امين الدين خان جي مهاڙي، روهڙي




مسجد مير امين الدين خان، داخل ٿيڻ واري دروازي جي مٿان وارو ڪتبو. روهڙي





مسجد مير امين الدين خان، داخل ٿيڻ واري دروازي جي اندران موجود ڪتبو. روهڙي




مسجد مير الدين خان، مهاڙيءَ تي موجود ڪتبو، روهڙي





مسجد مير امين الدين خان، مهاڙيءَ تي موجود ڪتبو، روهڙي




مير متين الدين خان جو حڪمنامو



مير متين الدين خان جي حڪمنامي جو پٺيون حصو




**مير متين الدين خان جو حڪمنامو خواجه محمد افضل جي ڪاتيار پرڳڻي واري جاگير جي بحاليءَ بابت (20 شوال شهزادي ڪام بخش جي مسند نشيني)**



مير متين الدين جي حڪمنامي جو پٺيون حصو

# ڏسٽي - 1

(شخصيتن، قبيلن ۽ خانوادن جي فهرست)

**(الف)**


آبرو 193

آدم 317

آدم شاهه 281

آري شينهاڻي حضرت 67

آصف خان 16، 17، 255

آصف نواب 67

آصف جاه نواب 80

آصف الدوله 256

آغا بدر الدين خان دراني 279

آگي ڏنو شاهه 236

ابراهيم "خليل" محمد مخدوم 247، 248

ابراهيم خان "فتح جنگ" 117

ابراهيم بلوچ 120

ابراهيم شاهه سيد 232، 233، 234، 236

ابراهيم قاضي 155، 169

ابن موريه عثمان 56

ابوالبقا امير خان 3، 5، 6، 7، 43، 45، 51، 59، 60، 61، 64، 65، 66، 67، 69، 70، 71، 73، 74، 75، 76، 77، 78، 80، 81، 84، 85، 87، 92، 97، 104، 105، 110، 118، 139، 141، 219، 222، 226، 229، 235، 239، 249، 255، 278، 280، 282، 291، 293، 298، 312، 314، 315

ابوالبقا مير 96، 97، 99، 100، 101، 103، 104، 108، 109، 110، 123، 125، 139، 143، 149، 229

ابوالبقا يمين الدوله 125

ابوالبقا بهرور علي مير 188

ابوالحسن يمين الدوله 255، 256

ابوالحسن تانا شاهه سلطان 257

ابوالحسن 142

ابوالخير خان 151، 254

ابوالخير 151

ابوالفاي "وفا" مير 252

ابوالفضل 10، 11، 13، 18، 20، 22، 215

ابوالقاسم نمکين مير، 1، 2، 3، 8، 9، 10، 11، 12، 13، 14، 15، 16، 17، 18، 19، 20، 21، 22، 23، 24، 25، 27، 28، 29، 31، 32، 33، 35، 36، 37، 38، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 47، 48، 52، 53، 54، 56، 57، 59، 60، 64، 65، 66، 70، 76، 80، 86، 97، 103، 104، 107، 215، 216، 217، 218، 219، 221، 222، 224، 226، 227، 236، 275، 282، 301، 311، 312

ابوالقاسم نقشبندي مخدوم 248
ابوالقاسم مير 105، 226
ابوالقاسم طباطبا 126
ابوالقاسم 104
ابوالمخافر مير 175، 177
ابوالمفاخر مير 177
ابوالمكارم شهود 3، 98، 105، 181، 213، 96، 159، 188، 257، 259، 261، 262، 277، 283، 291، 296، 298، 299، 314، 315
ابوالمكارم سيد 161، 162
ابوالنصر ميرزا 224، 226
ابوالوفا مير 99، 254، 255، 285، 286
ابوالنصر مير 53
ابو بكر سيد 41
ابو تراب كامل مير 3، 273، 274
اجب ملا 175
احمد بيگ 110، 117، 118، 119، 121، 122، 123، 124، 125، 126، 127، 134
احمد ﷺ 208
احمد خواجہ 278
احمد سيد 161
ارباب (ذات) 137
ارباب دادو 122
ارباب علي 122
ارجن گرو 32
ارغون قبيلو 297
ازراه تلطف بادشاه 144
ازين خان 97، 268، 283
اسد خان 183
اسفند يار مير 224، 225
اسماعيل قلي خان 15، 16
اسماعيل مفتي 56
اسمعي 157
اشرف خان 3، 12، 13
اشرف خان سيد مير 151، 152، 232
اعتماد الدوله 117
اعز الدين 259
اعظم شاھ 147، 175
افضل خان صدر الصدور 149
افضل محمد خواجہ 172
افغان قبيلو 30، 65
افقر رضوي ننوي 181
اكبر 139
اكبر بادشاھ 8، 9، 14، 17، 18، 27، 29، 46، 48، 56، 77، 93، 147، 224، 287، 297
اكبر شهزادو 93، 98
الطاف حسين شاھ 236
الهہ بخش شاكراڻي 246
الياس مخدوم 239
اليت سر 166، 168
امين الدين خان 3، 159، 161، 162، 174، 175، 229، 233، 235، 248، 281، 282، 304، 305، 306
امام الدين سيد 235
امام بخش شاھ 236
امام تقي 209

امام مهدي 209
امان الله نئوي خواجہ 173
امجد 245
امداد ايراني 287
امير ابوالبقا 139
امير احمد مخدوم 279
امير امين الدين خان 160، 171، 178
امير خان 82، 86، 91، 93، 95، 96، 98، 106، 144، 145، 146، 149، 150، 152، 153، 162، 251، 252، 253
امير خان حسيني الهروري سيد 161
امير خاني گهراڻو 234
امير خان سادات 105، 140، 99، 229، 231، 232، 233، 234، 284، 301، 302
امير عبدالڪريم 92، 253
امين الدوله نواب 303
انڙ قبيلو 25، 26، 40، 60، 62، 69، 70، 71، 78، 79، 99، 101، 110
اورنگ زيب 97، 99، 104، 152، 240، 261، 291، 292
اورنگ زيب شهزادي 97
اوزبڪ 7، 101، 115، 116
اوحد الدين ڪرماني شيخ 276
ايٽي ڊاڪٽر 57، 149
ايراني قوم 286، 287
ايس. ڊبليو ٽئينڊل 251

## (ب)

بابا طالب اصفهاني 27
بابر 7، 147
بادشاهہ خان 106
بادشاهہ خوابي 115
بارٽل فريئر 246
باريجا بلوچ 114، 115
باقر خان مير 4، 215
باقر خان نجم ثاني 81
باقر ديوان مير 293
باقر شاهہ سيد 101، 235
باقر محمد 239
باقي جان خواجہ 117
بايزيد 25
بايزيد بخاري سيد 101
بختيار بيگ 19، 20، 21، 42، 102
بخشي مير 255
بديع الزمان مير 104
برهمڻ قبيلو 166
بڪيا قبيلو 60، 61، 69
بڪيجا 68
بلاخمن 31
بلقيس 259، 264، 265، 266، 267، 268، 269، 270، 272
بنيو 240، 243
بندر ابن داس "خوشگو" 150
بنده نواز 106
بهادر خان اوزبڪ 101، 117
بهادر شاهہ 252
بهاءُ الدين بخاري سيد 19، 20، 21

بهاؤ الدين شيخ 276
بهاءُ الدين پنهور 122، 124

(ٻ)

ٻيو نهمردي 295، 297

(ڀ)

ڀارومل کتري 11
ڀريا 60
ڀڳوان داس 253
ڀڳوانداس راجا
ڀورو سيد 128

(ت)

تاج خان 65، 66، 73، 109
تاش بيگ ڪابلي (تاج خان) 52، 64، 65
ترخان گهراڻو 66، 297
توڊرمل راجا 10، 11، 12، 13
توراني ۽ ماوراءُ النهر قوم 286
توختہ بيگ (سردار خان) 29، 34، 35، 36

(ٿ)

ٿيبا 26، 60، 69

(ٽ)

ٽالپر قوم 175، 176

(پ)

پاينده محمد خان 12
پناهُ 20، 81
پريل سميجو (ميرزا عيسيٰ ترخان جو سهرو) 71
پسران امير خان 296
پسران علي دڪاراني 250
پنهور 60، 68

(ج)

جان بابا 288، 230
جاني بيگ مرزا 18، 19، 27، 128، 150
جعفر خان 153، 255
جعفر خان عمدة الملڪ 255، 256
جعفر علي "بي نوا" مير 193، 230، 231
جعفر قاضي 56
جعفر نومڙيو 297
جعفر نهمردي 295
جلال الدين جهانيان مخدوم 276
جلال سيد 43، 130
جلال مير 240، 241، 249
جلال ميران سيد 129
جمال الدين حسين مير 76
جمال خاتون بيبي 95
جميل بيگ 52
جندائي مير 63
جندل شاهہ سيد 232
جنيد ڪراني 10، 11، 12، 13
جوکيا 97، 295، 297، 299
جوٽيجا 60، 61، 125
جهان بخش 261
جهاندار معز الدين 147
جهان خسرو 132
جهانگير بادشاهہ 23، 29، 30، 31،

،33 ،35 ،37 ،45 ،48 ،50 ،66
،67 ،73 ،75 ،78 ،93 ،108 ،122،
،147 ،261 ،278 ،287 297
جيمس مسٽر 246

(ج)

جام جمعو شيخ ،278 297

(چ)

چاچڪ قبيلو 166
چاڪر هالو ،73 172
چانديا ،26 ،69 ،113 114
چمني خانم 277

(ڇ)

ڇتو پير 248
ڇتو امراڻي حضرت 128

(ح)

حاتم 193
حاتم بيگ ميرزا ،252 254
حافظ الدين خان مير ،159 ،194 211
حافظ علي 231
حامد بخاري سيد 14
حبيب الله رشدي 274
حبيب الله سيد ،161 ،180 188
حبيب الله مير ،4 ،215 277
حجاج بن يوسف 118
حسام الدين راشدي ،6 ،159 ،301
،306 ،311 ،313 ،316 317
حسام الدين مير 51
حسن بيگ بخشي 30
حسن سيد ،240 243
حسن قلي بيگ 14
حسن لڪياري سيد 40
حسن محمد شيخ 279
حسين خان 15
حسين دوست سنيلي مير 257
حسين سيد ،14 ،240 251
حسين شهيد ،208 243
حسين ملڪ 295
حسيني سادات 277
حسيني مرزا ،80 81
حفيظ الدين مير ،3 ،194 211
حڪيم محمد ميرزا ،13 ،14 311
حمل خان جت 77
حيات (عورت) 180
حيات خان خواجه 143
حيدر الدين ابو تراب ڪامل مير
،183 ،184 ،186 ،194 282
حميد الدين خان 148
حيدر شاهه 191
حميد شورو 74

(خ)

خان جهان 141
خان جهان لوڌي ،52 175
خان خانان عبدالرحيم ،10 ،11 ،12،
،18 ،19 ،20 ،22 31
خان دوران خواجه عاصم ،151 254
خان سردار 108
خان عالم 12
خان مير ،139 144
خان يساول مير 10

خدا بخش لائبريري 161
خداداد خان خانبهادر 89، 250
خسرو خان 27، 108
خسرو شهزادو 29، 30، 32، 33، 48، 54، 262
خضر 267
جعفر محمد مير 180
خليل نواب 92
خواجہ بادشاهہ 116
خورشيد 196، 257، 261، 263، 264، 271، 273، 317
خوشم بيگ 102
خوشم بيگ اتڪ 101، 102، 117

**(د)**

دارا شڪوه شهزادو 95، 250، 261، 288، 293
دائود حضرت 265
دائود خان 10، 11، 12، 13
دائود خان بنگالي 14
دائود شورو 68
درويش بيگ 34، 35، 37، 39
دلدار حسين شاهہ 236
دلرس بانو 104
دل قبيلو 74
دني پسا سميجو سردار 112
دوست بيگ مرزا 66، 68
دولت خان 292
دولت خان لوڌي 80
ديريجا قبيلو 112
ديندار خان 40، 41، 42، 80، 81، 126، 128، 130، 137، 138
ديوان 101
دين محمد 281

**(ڊ)**

ڊاريجا 71

**(ڏ)**

ڏاهر راجا 1
ڏاهري قبيلو 188

**(ذ)**

ذوالنون بيگ 7
ذوالفقار علي شاهہ مير 175، 183، 236

**(ر)**

راجو ملا 101
راٺو 224
راهوجا 71
راءِ بندر ابن داس خوشگو 251
رستم صفوي مير 104
رستم ميرزا 64، 66، 268
رسول بخش ميان 246
رضوي سيد 241
رضي الدين "فدا" 3
رضي الدين محمد "فدائي" مير 159، 181، 183، 184، 228، 272
رعنا 224
روشن علي شاهہ مير 175
رونجهو حاجي 295، 297
رفيع الدرجات 148
رفيع محمد شيخ 280

## (ز)

زليخا 195
زمان محمد شيخ 279، 281
زنده علي بيگ 80
زنخدان 268
زيب النساء شهزادي 252
زين خان ڪوڪلتاش 17، 91
زين خان ڪوڪو 293

## (س)

سادات 149
ساند 60
ستابو هالو 297
سجاد حسين شاه 236
سردار خان 32
سرفراز ميان 235
سعد الله سيد 235
سعد خان عرف نواب عطر خان 175
سعيد خان (خانه زاد خان) 160، 175، 281
سعيد خان چغتائي 27، 28، 54
سعيد محمد راهبر 193
سعيد محمد شيخ 280
سلطان آدم گکهر 11
سلطان علي مولانا 239
سلطنت خان 143
سليم اختر محمد ڊاڪٽر 312، 313
سليمان 259، 260
سليمان عليه السلام حضرت 264، 265، 268، 269، 270، 272، 289
سميجا قبيلو 25، 26، 34، 37، 40، 41، 42، 43، 59، 60، 61، 62، 63، 64، 68، 69، 71، 72، 73، 74، 78، 79، 80، 81، 99، 100، 101، 102، 103، 110، 111، 112، 117، 113، 129
سنجر خان دائود پوٽو 282
سوڍا 63
سيد خان گکهر 16
سيف الله نواب 193، 194
سيف الملوڪ ڪاشغيري 117
سيف خان 183

## (ش)

شاد ڪام مرزا 279
شاڪر محمد 235
شاهم خان جلاير 12، 18
شاه اسماعيل 7
شاه بيگ ارغون 7، 32
شاه بخشي ميرزا 19
شاهجهان 75، 76، 77، 78، 82، 83، 91، 93، 95، 96، 97، 103، 107، 113، 114، 125، 128، 132، 135، 147، 188، 228، 240، 241، 248، 249، 250، 251، 255، 256، 260، 261، 264، 291، 292، 293، 294، 295، 297، 300
شاه حسن ارغون 39
شاه خواجي 115، 116
شاه داور 261
شاه دين پناه 143

شاهہ رخ ميرزا 19
شاهہ شجاع 261
شاهہ صفي 81
شاهہ عالم 281
شاهہ عالم بهادر شاهہ 147، 185
شاهہ قاسم خان زمان 61، 62، 63، 64
شاهہ كريم بلڙيءَ وارو 234
شاهہ محمد مكئي 106
شاهہ نواز خان 185
شاهہ نواز خان صوفي 104
شاهہ نواز شاهہ سيد حاجي 233، 234، 236
شجاعت علي خان 175
شرفا خان 241
شريف خان دكني 143
ششمين شاهہ 208
شفيع محمد مولوي 279
شفيع محمد شيخ 280، 281
شكر الله سيد 173
شمس الدين بخاري سيد 12
شمس الدين خان 104، 117
شمشير بيگ 100، 108، 108، 111، 117
شمشير خان 40، 42، 45، 64، 66، 67، 73، 100، 101، 102، 109، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 116، 117، 137، 182، 258، 261
شهاب الدين 132، 133
شهاب الدين جهان شاه 128
شهاب الدين محمد ابوالمظفر 261
شهاب الدين محمد صاحبہ 126
شيخ 68
شيخ الاسلام محمد 234
شيرافگن مير 53
شير بيگ 62
شير خان افغان 80، 81
شير خان ترين 81
شير خان فولادي 10، 17
شيرازي سادات 234
شيرين 260، 266، 267

(ص)

صابر علي شاهہ 246، 251
صادق خان 15، 255
صالح خان انبالوي 290
صالح خان سيد 175
صالح محمد 316
صالح محمد حكيم ديوان 118، 125
صدو لانگاهہ مخدوم 175
صديق رضي الله تعاليٰ عنه 283
صمصام الدوله 78، 79
صندل خواجہ 17

(ض)

ضياءُ الدين يوسف مير 3، 80، 84، 97، 98، 139، 141، 254، 255، 291، 298، 299، 314

(ط)

طالب سردار 62
طاهر 240، 243

طاهر صديقي ڊاڪٽر 314
طاهر محمد وصلي 255
طبيب سميجو سردار 112

(ظ)

ظفر خنجر 261

(ع)

عارف نوشاهي ڊاڪٽر 315
عاقل خان 60
عالم بهادر شاهه شهزادو 142، 287، 288
عالمگير 141، 142، 143، 144، 147، 148، 153، 160، 165، 166، 174، 194، 228، 241، 250، 252، 256، 268، 279، 281، 285، 287، 288، 292، 293، 294، 296، 297، 298، 299، 300، 301، 303، 304
عباس ثاني شاهه 292
عباس صفوي شاهه 81
عباسي 234
عبدالباري آسي 252
عبدالباقي 137
عبدالجليل "بلگرامي" سيد 193، 270، 302، 305، 306
عبدالحق مولوي 253
عبدالحڪيم عطا ملا 170، 173، 210
عبدالحليم شيخ ٺٽوي 172
عبدالحي مولانا 47، 48، 223
عبدالرحمان شيخ 279، 280
عبدالرحمان مير 188
عبدالرحيم 220، 226
عبدالرزاق شيخ 280
عبدالرزاق ڪاشاني 222، 226
عبدالرزاق مير 3، 64، 82، 96، 97، 141، 282
عبدالرزاق ميرزا 97، 221
عبدالرشيد ٺٽوي مير 214، 271
عبدالشهيد ٺٽوي شيخ 173
عبدالعزيز شيخ 278، 279، 280، 302، 303
عبدالعزيز شيخ هالن وارو 280
عبدالعزيز نامي 303
عبدالعلي 219
عبدالغفور سيد 239
عبدالغفور مشق 242
عبدالفتاح 223
عبدالقادر ملا 12، 13
عبدالقدوس سيد 242
عبدالڪريم امير خان 88، 105، 141، 142، 143، 145، 149، 285، 286
عبدالڪريم "ملتفت" 3
عبدالڪريم مير 152، 153، 159، 232، 251، 254، 255، 313، 314
عبدالسبحان "فائز" ٺٽوي 194
عبدالسلام شيخ 279، 280
عبداللطيف شاهه 180، 295
عبداللطيف فوجدار خواجه 293
عبدالله بلوچ 14

عبدالله حسيني سيد 239، 240
عبدالله خواجہ 12
عبدالله سيد 12
عبدالله شاھہ اصحابي 234
عبدالله مشقہ 240
عبدالله مير 188
عبدالنبي ڪلھوڙو ميان 177، 235
عبدالواحد 223
عبدالواحد قاضي 120، 226
عبدالواسع شيخ 169
عبدالودود قاضي علامہ 253
عبدالوھاب مشھدي سيد 172
عبدالھادي شيخ 280
عبد مرزا 219
عتيــق الله 71، 99، 100، 101، 102، 103، 117، 220، 226
عثمــان رضــي الله تعــاليٰ عنـــہ 261، 283
عثمان صديقي القريشي مخدوم 86
عثمان مروندي شيخ 276
عرب خان 33، 34
عزيز الدين حسين محمد سيد 314
عزيز قنبر خواجہ 101
عطاءُ الله مشھدي مير 28، 56
عطر خان مغل 175
عظيم آبادي بيدل 257
علي اصغر ٺٽوي 222
علي اڪبر مير 159
علي سيد 239، 242
علــي شــير قــانع ميــر 44، 53، 63، 77، 90، 92، 94، 104، 150، 154، 157، 159، 160، 169، 175، 176، 177، 178، 180، 181، 183، 184، 186، 188، 193، 194، 196، 210، 251، 257، 263، 277
علي عظيم 254
علي ڪرم الله وجھــہ حضـرت 227، 245، 275، 283
علي محمد ٺٽوي قاضي 86، 235
علي محمد صاحب قاضي ٺٽوي 172
علي مراد ٽالپر مير 247
علي منصب مير 235
علي ميرزا 12
علي نهمردي 297
علوي سادات 278
عماد الملڪ نواب غـازي الدين خان فيروز جنگ 193
عمر راٺو 78
عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ 261، 283
عنايت خان 149، 290
عنايت شاھہ 175
عيسيٰ ترخان ثاني 77
عيسيٰ ترخان مرزا 71

## (غ)

غازي بيگ ميـرزا 19، 27، 28، 32، 34، 35، 36، 37، 38، 43، 44، 59، 60، 64، 66، 108، 256، 312
غازي ميرزا 104
غفور علي سيد 235

غلام حسين شاهه 232، 236
غلام حيدر شاهه 234
غلام شاهه ڪلهوڙو، ميان 174، 176، 235، 299
غلام علي "آزاد" بلگرامي، مير 193، 302
غلام علي "ملاح"، ميان 57، 58
غلام علي، مير 235، 245، 257، 302
غلام محمد چاپائي ٺٽوي 233
غلام محمد سڪائي 282
غلام مرتضيٰ "مرتضائي"، سيد 175
غلام نبي امروهي، مير 277
غلام نبي نسيم، مير 277، 278
غوث محمد، مير 230
غول بياباني 287
غياث الدين 175، 188، 255

(ف)

فاروق 261
فاضل محمد ابو 228
فتح الله خان امير 288
فتح الله خان صديقي 313
فتح علي خان مير 177
فتح علي قلعيدار 63، 64
فتحي مير 63
فدائي خان 80، 175، 181
فريد خان قراط 10
فرخ سير 147، 148
فرخ مير 281
فرزانہ بيگ 256
فروجا 71
فرهاد 266، 267
فريد 306
فريد بخاري سيد 30
فريد بخشي شيخ 15
فريد بکري شيخ 56، 80، 81
فريد سيد 129
فريد شيخ 276
فريد مرتضيٰ خان بخاري 129
فضائل علي خان 173
فضائل علي خان بيقيد سيد 193
فضل الله مخدوم 175
فوج علي ڪُرد 65
فيروز سلطان مرحوم 128
فيروز تغلق 128
فيض 244، 245
فيض محمد مير 246
فيضي متوفي 259

(ق)

قابل خان ٺٽوي 291
قاسم باريجو سردار 115
قاسم خاني 105
قاسم خاني ساداتن 105، 278
قاسم حسن خان 281
قبيٰ خان 11، 12
قتلق قدم خان 12
قتلو خان 15
قرق بيگ محمد اوزبڪ 116
قره بيگ 23، 32
قلندر لعل شهباز حضرت 159

قلي جان 26
قلي چولڪ امام 11
قنبر خواجي 117
قنبر علي خان توقيائي 12
قنبر علي سيد 177
قيصر 262

(ڪ)

ڪاظم خان شيخ 281
ڪالو خان افغان 17، 18
ڪام بخش 147
ڪامران مير 235
ڪامل مير 5، 71، 82، 186، 187، 188، 189، 193، 211
ڪامگار خان 153، 255، 256، 257، 292
ڪانپو 297
ڪبير 60
ڪبير شاهه قاسم خان زمان 60
ڪرامت تخمير مير 214
ڪرم علي 177، 235
ڪرنس 95، 149، 150، 218، 225، 229، 250، 251، 276
ڪريم الدين سيد 177
ڪريم الدين مير 176
ڪشرچند 253
ڪشميري ميرزا 51
ڪلب علي خان 177، 178
ڪلهوڙا قوم 177، 186، 193، 277، 281، 282، 311
ڪمال الدين سيد 172، 173، 232
ڪمال الدين مير 173، 236
ڪنور مانسنگ 16
ڪوريجا 60، 68
ڪيريا (ڪير) 60
ڪيهر 77، 78

(گ)

گاهي 296
گاهي هالو 297
گدا مير 3، 236
گلزار ابراهيم 253
گل شاهه 232
گل حسن شاهه 234، 236

(ل)

لاڪو (ميرزا عيسيٰ ترخان جو سالو) 7
لاڪا قبيلو 25، 26، 37، 60، 63، 64، 70
لشڪر خان 12
لطف الله مير 51، 52، 187، 277
لطف الله نيشاپوري مولانا 156، 157
لطيف شاهه 278
لطف شاهه "بنده نواز" 106
لطف علي خان مغل 175
ليليٰ 182

(م)

ماثر خان 93
مانسنگهه واقع نويس 80، 126، 136، 295، 296
ماڻڪ چند 34
مبين شاهه 189

مجدد الف ثاني حضرت 183
مجنون 182، 258، 264
محب الله روهڙيائي سيد 222
محسن 175
محسن الدين شيرازي 193
محمد ﷺ 209
محمد اسلم 53
محمد اعظم شيخ 278، 279، 280، 281
محمد افضل 224، 226
محمد بخاري ميران سيد گجراتي 129
محمد بلگرامي سيد 303
محمد بن قاسم 1
محمد بيگ 121
محمد پناهہ، ميان 185، 186، 187
محمد حاجي شقہ دار 79
محمد حسين مير 152، 172، 173
محمد حڪيم، ميرزا 8، 15، 35، 46
محمد خان سيباني 7
محمد خان گگھر 11
محمد خواجہ 278
محمد ذاڪر 235
محمد رحيم، مير 53
محمد زمان ميان 5
محمد شاهي 149، 252، 303
محمد شريف 172
محمد شفيع لاهوري مولوي 45
محمد صابي 235
محمد صالح مير (مير قلندر) 54
محمد صالح حڪيم 75، 80
محمد علي بيگ 125
محمد عابد مير 53
محمد "عطا" مير 3، 231، 171، 180، 189، 236، 277، 278
محمد علي بيگ بندري 75، 80، 118
محمد غوث مير 175، 176، 177
محمد فاضل شيخ 239، 241
محمد قابل مير 54
محمد ڪريم مير 53
محمد محسن سبز پوش 271، 272
محمد مراد 14
محمد مراد ياب ڪلهوڙو 142، 174، 176، 277
محمد معصوم شيخ 183
محمد معصوم مير 19، 20، 21
محمد معين بيراڳي مخدوم 194
محمد معين ٺٺوي مخدوم 180، 278
محمد نعيم مير 54
محمود خان خواص 15
محي الدين محمد 152
مخصوص خان 14
مراد بخش 104
مراد بخش شهزادي 104، 287
مراد علي جوکيو ڄام 234
مراد علي شاهہ 232، 236
مراد علي مير 235، 245، 246
مرتضيٰ خان حسام الدين 75، 76، 78، 79، 118
مرتضيٰ سيد 173

مريد جوکيو 297
مريد نهمردي 100
مشرف بيگ ميرزا 277
مضمون "شاعر" 193
مظهر جان جانان 193
مظفر خان معمور ي64، 67، 73، 74، 75، 82، 110، 296
مظهر سيد 257
مظفر علي مغل 12، 13، 224
مظفر گجراتي 10
معاصر شيخ 239
معروف بکري شيخ (خريد بکري شيخ) 47، 48
معز الدين 281، 282، 287
معين الدين حسن خان "حسين" 159
معين الدين مير 3، 213
مغل خان 91، 103، 293، 311، 316
مغل قوم 134، 136، 147، 174، 175، 193، 286، 297، 298، 299
ملا مير سبزواري 7
ملتفت خان 143، 147، 150
ملک تن ميان 267
ملک حسين فوجدار 97، 98، 295، 296، 297، 298، 299
ممتاز محل 256، 255
مناهجا 71، 112
مناهيو دل 74
مندرا قبيلو 74
منڌو نهمردي 295
منصور 296
منظور ملازم 70
منعم خان خانان 148، 185، 287
منگواٽا 71
موسيٰ خان افغان 78
موسيٰ رضا امام 282
موسيٰ ڪاظم 208
موسيٰ گيلاني شيخ 23
موهن محي الدين ڊاڪٽر 312
مولينڊنو شاهه 232، 233، 236
مهابت خان خانان 117، 184، 185، 215، 287
مهابت خان 'ڪاظم' مير 193
مهدي قاسم سيد 14
ميرزا بيگ 109
ميرزا محمد 224، 226
مير ابوالبقا 96، 97، 99، 100، 101، 103، 106، 154،
مير ابوالبق "پسر ڪلان" 99
مير ابوالمڪارم "شهود" 96، 154، 160
مير ابوالوفا 99
مير امين الدين خان حسين 160، 168، 177
مير خان 93
مير سيد خان 152
مير سيد علي خوش نويس 169
مير غياث 117
مير عبدالرزاق 95، 96
ميان علي 252
مير "مائل" ننوي 245، 246، 251

مير متارو 277
مير متين الدين خان اسماعيل 171، 172، 173، 174، 177، 229، 230، 235، 236، 248
مير محمد اڪرم 173، 235
مير محمد بلگرامي 302، 303، 305
مير محمد سيد 278، 304، 306
مير محمد گدا 171، 177، 178، 230، 236
مير محمد صادق 235
مير محمود 278
مير محي الدين خان 173، 235
مير معدالدين 225، 226
مير ميان حضرت 95
مير ميران 253

(ن)

ناجي 193
نادر سليماني 315
نادر شاھ 189، 281
نام مير 245
نام نهمردي 295
نبي بخش خان، ڊاڪٽر 6، 57
ناصر علي سرهندي 182، 183، 252، 254
نجيب اشرف سيد 291، 296
نصرت قرين 296
نصير محمد ڪلهوڙو 281
نظام الدين خواجہ 11، 22
نظام الدين قدس سره العزيز شيخ
سلطان الاولياء 183
نظام الدين ڪاتب 284
نظام الملڪ 312
نظام شيخ حيدرآبادي 142
نظام معمائي متوفي 259
نظامي گنجوي 145
نظر بهادر 11
نعمت الله 137، 253
نعمت خان عالي 153، 257
نڪامڙا 77، 78
نمردي قبيلو 26، 101، 115، 117، 129، 295
نمڪين مير 102، 107، 108
نواب خان ڪاظم 175
نواب خليل 92
نوحاڻي بروچ 102
نوح بکري مخدوم 49
نور الله مير 74
نوروز بيگ 117
نور جهان 255، 256
نور محمد ڪلهوڙو 174، 176، 187، 193، 235، 277
نومڙيا 72، 97، 297، 299
نهمردين 72، 116، 129
نياز خان محمد 148
نياز همايوني 313

(و)

وارث مقتول محمد 292
واسن ڊاڪٽر 276
وڏن شاھ پير 177

ورو شيخ 194
وزير خان شاهجهاني 143
وصي احمد بلگرامي سيد 303
ولي اعظم مير 3، 214
ولي دكني 194
ولي گجراتی 193، 194

## (هـ)

هارون 295
هارون كړتل 297
هاشم مير 125
هشمين شاه 209
هلال خان 31، 54
همايون بادشاه 8، 34
همشيراده خان 252
هنري اليټ 161
هوسړا قبيلو 68
هوسړا ملاح قبيلو 112
هوالكريم 150
هينري كزنس 92، 91

## (ي)

يار محمد ارغون 12، 13
يار محمد كوكي 117
يار محمد كلهوړو، ميان 174، 193، 281، 282
ياقوت مستعصمي 144
يدالله مير 51، 52
يزداني مسټر 225
يعقوب محمد كشميري 175
يمين الدوله 75، 103
يوسف 195
يوسف بكري رضوي 175
يوسف خان ترين 281
يوسف خان ترک 160
يوسف زئي قبيلو 16
يوسف سميجو 79
يوسف سيد 40، 268
يوسف محمد 118
يوسف محمد تاشكندي 82
يوسف مخدوم 239
يوسف ملا 175
يوسف مير 126، 227
يوسف ميرزا 118، 119، 121، 122، 123، 140
يوسف ميرک 19، 21، 22، 23، 24، 25، 27، 28، 29، 34، 35، 36، 37، 38، 39، 40، 41، 42، 44، 45، 46، 50، 51، 52، 55، 64، 65، 67، 68، 69، 70، 71، 72، 73، 74، 75، 76، 77، 78، 81، 82، 83، 85، 100، 101، 102، 103، 107، 108، 109، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 116، 117، 118، 121، 123، 124، 125، 126، 127، 128، 129، 130، 134، 137، 139، 140، 217، 275، 283، 298، 312

# ڏسٽي - 2

(ماڳ ۽ مڪان)


(الف)

آگروشهر 18، 29، 30، 31، 45، 54، 148، 259
آمري 39، 40، 41
اٽڪ 96، 291، 292
اُچ 19، 20
احمد آباد 10، 105
احمد نگر 147، 304
اروڙ 1، 50، 227
اسلام آباد 313، 315
افغانستان 256
اقصيٰ مسجد 242
اڪبر آباد 69، 113، 122، 148، 252، 253
اگر محلو 234
الور 217
امير آباد، 4، 89، 90
امير خاني قبرستان (مڪلي) 228، 315
امير خاني محلو 105، 233، 234، 247، 248
امين الدين خان مسجد 316
انڊيا 149، 312
انڙپور (لڪي) 173
اوباڙو 64، 65، 66
اورنگ آباد علائقو 141
اورنگا بندر 299
اوڙيسا 13
ايران 7، 256

(ب)

باجور 33، 34، 36، 108
بارجارن (رسو) 274
باغ جهاندار 262
باغبان 26، 63، 68، 113
بحرين 168
بخارا 287، 294
بدخشان 287، 291
بدره جو ڳوٺ 50
بدين 9، 73، 74، 85
برٽش ميوزم 5، 284، 285
برسرڪولاب نيلوفري ڳوٺ 166
برهانپور 293
بکر: 1، 4، 16، 18، 19، 20 21، 22، 23، 27، 28، 29، 32، 33، 38، 46، 48، 55، 61، 64، 65، 70، 75، 81، 87، 101، 102، 105، 110، 118، 124، 125، 126، 127، 136، 137، 216، 217، 222، 227، 275، 291، 293، 301، 302، 303، 304، 305، 306، 311، 316، 311، 316
بلخ 287، 291، 292، 294
بلوچستان 15، 16، 24، 282
بمبئي 87، 246، 251، 253

بنگال 10، 12، 13، 120، 225
بوبک 100، 102، 114
بهار 22
بیاس (ندي) 30
بیجاپور علائقو 151
بیجک 7، 311

(پ)

پائي خان محلو 88
پیج 297

(ت)

تلنگانہ صوبو 142
تورنا قلعو 144

(ٺ)

ٺٽو 5، 19، 27، 40، 60، 64، 65، 66، 67، 73، 74، 75، 76، 77، 78، 79، 81، 82، 83، 84، 85، 86، 87، 88، 89، 91، 92، 95، 96، 97، 104، 105، 110، 111، 117، 118، 125، 126، 138، 139، 150، 154، 160، 169، 172، 173، 174، 175، 180، 185، 187، 188، 189، 193، 210، 215، 227، 228، 233، 234، 248، 249، 251، 256، 277، 278، 279، 281، 282، 284، 291، 293، 297، 298، 299، 300، 301، 304، 305، 314، 316
ٺٽو ولي محمد 40، 41
ٺٽي جي جامع مسجد 239
ٺٽي ڳوٺ 78، 100

(پ)

پاکستان 218، 247، 284
پٽنا صوبو 161، 253
پدره پٽہ 50
پسني 20
پشاور 14
پشنگ 81
پنجاب 9، 29، 109
پنجاب يونيورسٽي 4
پنج ڪور 296
پنجور 295، 296

(ج)

جامع خسرو (دبگران واري مسجد) 249
جامع فرخ مسجد 249
جامع مسجد امير خاني 4، 5، 88
جامع مسجد بکر 4، 49
جامع مسجد ٺٽو 4، 87
جامع مسجد روهڙي 4
جامع مسجد عالي 48، 49
جامع مسجد علي 33، 34
جکرا ڳوٺ 62
جلال آباد 29، 32، 33، 34، 36، 301
جمال ملاڙم 70
جوناڳڙه 82، 83، 84
جونانہ ڳوٺ 10
جوڻ پرڳڻو 172
جوڻيجا پرڳڻو 23، 61، 68، 73، 75، 124
جهانگير آباد 4، 63، 70، 71، 72، 99، 100

جيسلمير 62

(ڄ)

ڄامر ننگر 278

(جهہ)

جهرڪ 175، 251

(چ)

چاچڪان پرڳڻو 73، 74، 172
چاڪر هالي پرڳڻي 106
چانڊڪو 20
چترال 34
چناب ندي 30، 31
چين 166

(ح)

حجاز 16
حبش 166
حويلي پرڳڻو 26
حيدرآباد 106، 142، 143، 257

(خ)

خانپور 282، 304، 305
خراسان 287
خداآباد 277
خسائي شورو ڳوٺ 67، 68، 82
خطي پرڳڻو 23، 25، 63، 68، 73
خيرپور 246، 247

(د)

دادو 39
دارو بند جبل 74
دائود شوري جو ڳوٺ 67، 68
داديجي واهہ 115
دبگران محلو 234
درپيلو 20، 28، 80
درگاهہ امام موسيٰ رضا 7
دره خيبر 33
دکن 10، 279، 293
دمدمہ بند 151
دمدمہ قلعو 151
دوآبو 30
دهلـــي 150، 175، 193، 194، 251، 277، 292، 293، 296، 302، 303، 306، 314
ديوار پور (جڳهہ) 145
ديهہ ڳوٺ 26

(ڏ)

ڏاراڄ 77

(ر)

رانئڪ امير خاني 4
رنگت ڳوٺ 54
روس 197
رومر 166
روهڙي: 1، 48، 91، 92، 216، 311، 316
رفيعان ڳوٺ 73

(س)

سابہ ڏنڍ 71
ساڏيپلو 216
سامتاڻي شهر 120
سامتاڻي ڳوٺ 124
سانڪره درياء 62

سبزوار (علائقو) 311
سبي 22
ستوهالو 296
ستين وارو ٿـان: 1، 5، 6، 44، 91، 96، 99، 103، 104، 216، 227، 311
سکر: 1، 125، 126، 304، 305، 316
سلطان پور 30
سماواتي پرڳڻو 79، 166
سمنڊ 299
سميجا قلعو 102
سن 25، 40، 41، 82
سنڌ: 2، 4، 7، 9، 18، 19، 24، 25، 27، 37، 39، 46، 49، 59، 60، 66، 68، 69، 103، 106، 107، 134، 136، 138، 141، 151، 166، 174، 175، 180، 186، 193، 194، 217، 228، 246، 247، 249، 256، 257، 275، 277، 281، 282، 291، 292، 294، 297، 298، 301، 311، 312
سوڌرن (سوڌرهه) وارو گهيڙ 30
سوڌرهه جو پتڻ 31
سورت 34
سيد ڳڙهه 62
سيوستان: 20، 86، 279، 302، 303، 304
سيوهڻ 22، 23، 24، 25، 26، 28، 29، 34، 35، 36، 38، 40، 41، 42، 43، 45، 47، 48، 55، 59، 60، 61، 62، 63، 64، 66، 67، 68، 69، 70، 71، 72، 73، 75، 76، 80، 81، 84، 86، 97، 99، 101، 102، 108، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 116، 117، 118، 119، 120، 121، 122، 123، 124، 125، 126، 127، 129، 130، 136، 137، 159، 227، 274، 275، 276، 277، 282، 291، 293، 301، 302، 303، 305، 306، 311، 313
سيوهڻ قلعو 137
سيوي 19، 20، 21، 27، 29، 65، 66، 80، 81، 282

(ش)

شال 73، 74
شاهه بندر آباد 299
شاهجهان آباد 303
شاهه ڳڙهه 299
شاهجهاني مسجد 229، 233، 248، 249، 250
شڪارپور 282
شورا ڳوٺ 68

(ص)

صد گرم قلعو 62، 63
صفه صفا (بکر) 38، 48، 53، 55، 227، 277
صفه وفا (روهڙي) 4، 91، 92، 96، 217، 227، 249، 274، 275
صفه وفا (سيوهڻ) 4، 38، 227

(ع)

عالمگير خندق 151

عبدالغني چوڪ 88
عراق 166
عرب 166
عمر ڪوٽ 166
عيدگاهه روهڙي 4، 49
عيدگاهه سکر 49
علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽي 312، 314

(ق)

قلات 24، 282
قلعه حاڪم نشين 234
قلندر درگاهه 128
قنڌار 7، 20، 21، 29، 32، 33، 34، 35، 36، 37، 43، 44، 59، 60، 61، 64، 66، 81، 101، 117، 287، 291، 292، 293، 294، 295، 300

(ڪ)

ڪـــابل 8، 14، 16، 29، 30، 33، 34، 287، 301، 311
ڪاتره 62
ڪاتيار پرڳڻو 172
ڪاڪ محل 256
ڪاڪ قلعو 101
ڪاڪ ڳوٺ 101
ڪاڪڙي 20
ڪانگڙي 74، 75
ڪاهان 23، 39، 113، 124
ڪاهره 295
ڪائي (چشمو) 102
ڪپور ٿلي 30
ڪجران ڳوٺ 25، 61، 63
ڪجي ڳوٺ 116
ڪڇ 296، 297
ڪراچي 175، 251، 301، 313
ڪشمير 17، 22، 23، 167
ڪڪرالو 77
ڪڪرالي 297، 298
ڪلان نور 53
ڪمال پور 43
ڪمال پور ڳوٺ 130
ڪناهر ڊنڍ 72
ڪوهستان 275، 295
ڪوهه مري 17
ڪيچ 21، 295، 296، 297

(ک)

کاهي ڳوٺ 42
کاهي معجوئي (مواجبي) 41
کيبر پرڳڻو 79

(گ)

گجرات 10، 12، 29، 31، 33، 108
گجرانوالا 30
گنجابو 64، 65، 81
گنداواه 8، 81
گواليار 147، 193
گولڪنڊي علائقو 143

(ڳ)

ڳڙهي ياسين 306

(ل)

لاڪاٽ پرڳڻو 68

لاڪاڻ ڳوٺ 112
لاهري بندر 80
لاهــور 22، 30، 31، 32، 33، 35، 64، 279، 291، 292، 293
لس بيلو 295
لڪيءَ جو جبل 42
لڪي ڳوٺ 39، 40، 41
لکنو "شهر" 212
لئنسڊائون پل 216

(م)

مالا ڪنڊ 16
ماتلي شهر 233
محلو امير خاني 4
مسابہ 62
مسطور صوبو 298
مڪران 21، 24، 295، 296، 297
مڪلـــي 91، 92، 139، 149، 150، 171، 175، 176، 177، 179، 228، 241، 249
ملتـــان 19، 20، 27، 29، 32، 66، 75، 76، 89، 97، 98، 103، 118، 124، 125، 127، 281، 282، 287، 291، 292، 293، 296، 297، 303
ملڪ امان چوڪ 88
منديجيءَ جو گهيڙ 62
مهراڻ ڳوٺ 26
مهراڻو 72
مهره من 63
ميرانپور (جهوڪ شريف) 175
مينهن وارو واهه 116

(ن)

نار ڳوٺ 115
نارلر ڳوٺ 67، 227
نصرپور 28، 61، 62، 64، 82
نئنگ (چشمو) 102
نيرون ڪوٽ 73
نين بدره ڳوٺ 227

(و)

واڪن ڪيري علائقو 145
وزير آباد 31
وڙڪار جو جبل 295
وهٽي جبل 69
ويراون ڳوٺ 34، 62، 63، 112
ويسردان انڊيا 276
وينجهڙي ڳوٺ 26، 72، 79، 81
وينجهڙي قلعو 82، 112

(هہ)

هلال آباد 54
هالا 62، 78، 97، 110، 215، 278
هالا ڪندي 80، 82
هرات 7، 287
هنـد (هندســتان) 2، 60، 101، 102، 107، 126، 127، 138، 166، 183، 193، 194، 215، 252، 256، 277، 279، 281، 302، 304، 311، 313

(ي)

يڪ ٿنيي (غـار) 274، 275، 276، 277

# ڏسٽي - 3

(ڪتاب، مخزن، مقالا)

(الف)

آداب عالمگيري 290
آئين اڪبري 7، 8، 31
احڪام عالمگيري 290
اخبار لاخبار 276
اداره ابيات دهلي 314
ازروئي تواريخ 251
اقبال نامہ جهانگيري 31
اڪبر نامہ 10، 11، 13، 14، 15، 16، 17، 18، 19، 20، 22، 27، 28، 216
اڪيچار ديوان 3
انڊيا آفيس ڪئٽلاگ 56
انڊيا آفيس لائبرري 313
انڊين نيشنل آر ڪائيوزنيو دهلي 314
اورينٽل ڪاليج مئگزين 45
ائنٽي ڪوئٽيز آف سنڌ 92، 276
اي ڪرائينڪ آف هزڪيريئر اينڊ اچيومينٽس پاڪستان هسٽري اينڊ ڪلچر، اسلام آباد 312

(ب)

بادشاھ نامو 75، 76، 77، 82، 86، 91، 93، 95، 96، 292
برٽش ميوزم 313، 315
بروز سہ شنبہ يا زدهم ماهہ پهاگن نسبت 284
برخہ وجوه نسخہ 279
بزم صوفيہ 276
بني اسرائيل سورت 243
بوڊلين آڪسفورڊ يونيورسٽي جو ڪتبخانو 313
بوڊين لائبرري 312، 313
بياض ديوان خليل 247
بياض ثناءُ الله خان 157
بياض خطي 258، 259
بياض رحا 181، 182، 183، 193، 273، 274
بياض صديقہ غالبا 257
بياض فرامينن 159
بياض قانع 193، 196، 197، 198، 274، 282
بياض قلمي مملوڪ 158
بياض مرتضائي نثوي 159، 188، 191

(ت)

تاريخ چراغ هدايت المعروف بہ بهرور شاهي 188
تاريخ معصومي 80
تاريخ هند 161
تبصره الناظرين 302، 303، 304، 305
تحفة الطاهرين 248، 278، 279، 280، 281
تحفة الڪرام 2، 7، 8، 9، 44،

53، 54، 65، 77، 82، 88، 89، 91، 92، 94، 96، 97، 143، 154، 155، 159، 160، 161، 166، 169، 171، 176، 177، 178، 179، 180، 181، 184، 186، 187، 188، 189، 211، 212، 224، 239، 275، 278، 279، 282، 316، 317

تحقيق بناء امصار سنڌ 222

تذڪره امير خاني 254، 311، 312، 313، 315، 316

تذڪره الخوانين 252

تذڪره حسيني 256، 257

تذڪره سفينہ هندي 253

تذڪره هميشہ بهار 253

تڪملہ مقالات الشعراء 247، 248، 271

تزوڪ جهانگيري 31، 32، 33، 35، 50

**(پ)**

پنجاب يونيورسٽي لائبرري 316

**(ج)**

جوامع الجواهر 312

**(چ)**

چنيسر نامہ 60، 64

**(خ)**

خانم سليماني (تهران جو مرڪزي ڪتبخانو) 315

خدا بخش لائبرري پٽنا 313، 315

خزانہ عامره 257

خزينة الاصفيه 276

خسرو شيرين 259

خطي حسام الدين نسخہ 279

**(د)**

دخل الجنه 304

"دي چانسيلري اينڊ پرشين ايپسٽولوگرافي انڊر دي مغلز" ايران سوسائٽي ڪلڪتو 312

**(ذ)**

ذخيرة الخوانين 7، 8، 14، 20، 31، 46، 47، 48، 49، 50، 51، 52، 56، 64، 65، 66، 80، 81، 91، 129

ذڪر نساء عارفان 164

ذڪر مشائخ هند 164

ذڪر حڪماء اسلامئين 164

ذڪر ملوڪ نبي اميہ 164

ذڪر بني عباسي 164

ذڪر فرقہ صاريان 164

ذڪر فرقہ سامانيان 164

ذڪر فرقہ غزنويان 164

ذڪر فرقہ غوريان 164

ذڪر فرقہ آل بويہ ڪہ ديما مي گويند 164

ذڪر فرقہ سلجوقيان 164

ذڪر فرقہ خوارزم شاهيان 164

ذڪر فرقہ اتابڪان 164

ذڪر فرقہ اسماعيليه 164

ذڪر فرقہ قراختائي 164

ذکر فرقہ دکن، شش طائفہ 165
ذکر فرقہ ملوک گجرات 165
ذکر فرقہ حکام سند 165
ذکر فرقہ حکام ملتان 165
ذکر فرقہ ملوک بنگالہ 165
ذکر فرقہ ملوک مالوہ 165
ذکر فرقہ مرزایان خاندیش 165
ذکر فرقہ فرمانروایان جونپور 165
ذکر فرقہ ملوک کشمیر 165
ذکر فرقہ خاقان نمکین مکان خسرو صاحب قرآن، امیر تیمور گورگان و اولاد شان، بابر همایون، اکبر، جهانگیر، شاهجهان، اورنگزیب عالمگیر، ذکر برخي از کرائم صفات و شرایف اخلاق آن بادشاه دین نوراله مرقده 165
ذکر فرقہ ملوک روم، سلاجقہ روم، دانشمندیہ، ملوک سلیقیہ، ملوک منکوچکیہ، ملوک قرامان، ملوم عثمانیہ 164
ذکر فرقہ شرفاء مدینه 165
ذکر فرقہ خاقان ترکستان 165
ذکر فرقہ چنگیز خان 165
ذکر فرقہ طوائف الملوک 165
ذکر فرقہ خاکان شیبانیہ 165
ذکر فرقہ ملوک شیبانیہ 165
ذکر فرقہ ملوک شیبانیہ 165
ذکر فرقہ خاقان کاشغر 165
ذکر فرقہ ملوک الطوائف کہ بعد از ابو سعید در ایران حکومت کرده اند، چوبانیان الکانیان، آل مظفر ملوک کرت، ملوک سر بداران 165
ذکر فرقہ ملوک ترک قراقو نیلو 165
ذکر فرقہ ملوک آق قرنیلو 165
ذکر فرقہ شاهان صفویہ 165
ذکر فرقہ ملوک هند، از عرب سال 44 تا ابراهیم 165

## (ر)

راحت القلوب 276
رسالہ اردو مضمون "سندھ میں اردو" 194
رسالہ "نوائي ادب" 253
رشحات الفنون 3، 162، 166، 315
رشحه در بیان عقائد و کلام 163
رشحه در اصول فقه 163
رشحه در حکمت علمیه 163
رشحه در شعب ایمان 163
رشحه در علم تفسیر 163
رشحه در علم حدیث 163
رشحه در علم فروع فقه 163
رشحه در علم و تصوف 163
رشحه در علم تعریف حکمت و منطق و اقسام آن 163
رشحه در علم طب 163
رشحه در علم نحو 163
رشحه در علم صرف 163
رشحه در علم معاني 163
رشحه در علم بیان 163
رشحه ر علم بدیع 163

رشحه در علم تاريخ 163
رقائم ڪرائم 3، 5، 151، 152، 284، 286، 313، 314
رقعات عالمگيري 98، 291، 298، 300، 301
رقيم مشڪ نسخ 284، 285
ريوايتي 152

(ز)

زمانہ حيات 299

(س)

سادات لڪعلوي سيار صحيح النسب اند 39
سفينة الاولياء 95، 276
سفينہ خوشگو 149، 150، 253، 254، 255
سڪينة الاولياء 95
سنڌ انبر دي مغلز 313
سنڌ ايز فيلڊ فار دي نيچرلسٽ اينڊ انيٽيڪئارين 251
سنڌي انسائيڪلوپيڊيا 313
سياست نامہ 135، 312
سير الاقطاب 276

(ش)

شاهجهان نامہ 86، 113
شرح ملا 306
شمشير خان جو ديوان 101

(ط)

طبع امرتسر 250
طبقات اڪبري 11، 12، 13، 20، 22

(ع)

عطا جو ديوان 171

(غ)

غم عمده 253

(ف)

فتح سورة 242
فرشتہ 276
"فڪر و نظر" مقالو 315

(ق)

قابوس نامہ 137

(ڪ)

ڪلام پاڪ 144
ڪتابخانہ دانشڪده ادبيات و علوم انساني دانستگاه ايران 315
ڪتبخانہ عارف نوشاهي اسلام آباد 315
ڪلمات طيبات 290

(گ)

گلزار ابراهيم 253
گلزار هند 253

(ل)

لُب تاريخ سنڌ 20، 65، 81، 89، 129، 170، 175، 246، 250، 251
لطائف الطوائف 157

(م)

ماثر الامراء 7، 8، 9، 10، 14، 20، 23، 27، 30، 31، 32، 35، 46، 47، 48، 49، 50، 51، 52، 54،

اميرخاني گهراڻي لاڳيتو ٽي سؤ ورهيه هند ۽ سنڌ جي سياست ۾ چٽنو ڀرو ورتو. سنڌ جي ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ هن خاندان جو ڇڏيل اثاثو فخر ڀريو آهي. امير خاني خاندان جو وڏو مير ابوالقاسم نمڪين نه رڳو اڪبر دور جو امير هو پر سنڌ جو حاڪم هئڻ سان گڏ بهترين ليکڪ پڻ هو.

هن ڪتاب ۾ سياسي پس منظر سان گڏ، امير خاني گهراڻي جو علمي خدمتن جو تذڪرو به شامل آهي. ميرابوالقاسم نمڪين ۽ سندس خاندان جي هر فرد علمي خدمتن ۾ پاڻ موکيو آهي.

اميرخاني خاندان جا جوڙايل يادگار سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هن ريت آهن:

ٺٽو: اميرآباد، جامع مسجد، مسجد اميرخاني رائنڪ اميرخاني، محلو اميرخاني.

دادو: جهانگيرآباد.

بکر: بازار عظيم شاهه، جامع مسجد.

روهڙيءَ ۾: عيدگاهه، صفهء وفا

سيوهڻ: صفهء صفا، هن خاندان جا امر يادگار آهن.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.